# فهرست

**حرف حسن** ..... 6

باب پهريون ..... 8
**خدا تعاليٰ جي معرفت** ..... 8
ڪائنات ڇا آهي؟ ..... 11
هڪڙو ضروري سوال: ..... 14
**پوري ڪائنات زنده وحدت آهي:** ..... 19

باب ٻيون ..... 30
**ڪائنات ڪيئن تخليق ٿي** ..... 30

باب ٽيون ..... 40
**پاڻ سڃاڻ** ..... 40
انسان جي تخليق ۽ مقام احسن تقويم: ..... 46
انسان جي تخليق ۽ مقام اسفل سافلين: ..... 48
زندگيءَ جو مقصد: ..... 50
جبر ۽ اختيار: ..... 69
عبادت جي حقيقت: ..... 71
پٽ ڏٽي ۽ عبادت: ..... 73
اصلي موت: ..... 78

باب چوٿون ..... 84
**فڪر منجهه فنا** ..... 84
پيغمبرن جي اچڻ جو مقصد: ..... 93
قرآن حڪيم علم آهي: ..... 96
سائنس جي مجبوري: ..... 102
غور و فڪر ڪرڻ عظيم عبادت آهي: ..... 109
پٽ ڏٽيءَ جي ڏنل هدايت: ..... 115

باب پنجون ..... 118
**دنيا تنهن دوست تان** ..... 118
پٽائي گهوٽ وٽ دولت جو مقام: ..... 120
تزڪيہ نفس ۽ سرمايہ داري نظام: ..... 123
موحد جي نشاني آهي: ..... 130

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



قرآن حڪيم ۽ سيڪيولرازم: ..... 146
”غريبن ڪي ڏيڻ“ ..... 158

باب ڇهون ..... 162
**دنيا ڪارڻ دين** ..... 162
دين (آسماني بادشاهت) جو ضروري آهي؟ ..... 165
تاريخ تي نظر ڪريو: ..... 167
مرڪز بقا جو ذريعو آهي: ..... 168
خدا جي مرضي تي هلڻ عظيم ڪامراني آهي: ..... 169
انسان پوري جو پورو صرف الله تعاليٰ لاءِ ٿي وڃي: ..... 171
شرڪ ناقابل معافي گناهه آهي: ..... 176
الله تعاليٰ سان محبت: ..... 181
اڪثريت ۽ اقليت جي فطرت: ..... 190
رياست مقصد نہ بلڪ ذريعو آهي: ..... 207
آزادي جي حقيقت ..... 208
اجتماعيت ۽ انفراديت ..... 213
السماءُ الحسنيٰ: ..... 215

باب ستون ..... 225
**اخلاق جي اهميت** ..... 225
قانون ۽ اخلاق ..... 231
صبر جي عظمت ..... 232
جنهن هڪ انسان کي قتل ڪيو ان پوري انسانيت کي قتل ڪيو: ..... 234
اخلاق ۽ مقصد جو تعلق ..... 235
زنا فنا آهي ..... 239

باب اٺون ..... 245
**محبت جي ميدان ۾** ..... 245

باب نائون ..... 260
**ايمان ڇو ضروري آهي؟** ..... 260
تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي آهي ..... 270
بقا صرف نافع لاءِ آهي ..... 273
بقا جي صلاحيت نيڪي ۾ آهي ..... 275
واقعي ۽ نتيجي جو ظهور ..... 275
تقليد پرستي ..... 278
وقت زندگي آهي ..... 281

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻ پائيوار

## حرف حسن

سيّد جو ڪلام عالمي سچائي آهي. ان ڪلام جو ڪنهن خاص زمان يا مڪان سان تعلق ڪونهي. اهو علم آهي، سچ آهي. ان آسماني خوبيءَ ڪري، سيّد جو پيغام دنيا جي سيني انسانن کي، زندگيءَ جي هڪڙي مقصد تي متحد ڪري سگهي ٿو.

انسان بي شمار منصوبن تي ڪم ڪيو آهي. هن گهڻن ئي فلسفن ۽ نظرين کي آزمايو آهي، ليڪن هن وقت هن جا ٻئي هٿ خالي آهن. انسان روحاني طور بنجر ۽ جسماني طور مفلوج آهي. ان جو ذهن ۽ پيٽ ٻئي ناآسوده آهن. ماڻهن جي وڏي اڪثريت صداقت تان هٿ ڪڍي ڇڏيو آهي. سٺي شيءِ مرجهايل ۽ بري شيءِ سرسبز آهي. محبّت متروڪ ۽ نفرت مقبول ٿيندي ٿي وڃي. انسان، هڪ ٿڪيل پياسي وانگر، ريگستان ۾ ڊوڙي رهيو آهي، ليڪن هن کي پاڻي ڪٿان بہ ڪونہ ٿو ملي. هو ٿڪل ۽ مايوس آهي.

پراڻي زماني ۾، رات جي وقت،جهاز سمنڊ ۾ هلندو هو تہ مسافرن کي ظاهري طور ڪوبہ ڪنارو نظر ڪونہ ايندو هو، ليڪن انهن جي نظر قطبي ستاري تي هوندي هئي، جيڪو انهن جي رهنمائي ڪندو هو. اسان جنهن دنيا ۾ رهون ٿا، ان تي نظر ڪريو، اوندهہ جي پڪڙ ڏينهون ڏينهن سخت ٿيندي پئي وڃي. گمان غالب آهي تہ آتشي نيزا ٿيون پيرو بہ ٽڪرائجن ۽ عالم انسانيت کي ائٽمي باهہ جو غسل ڪرايو وڃي. لڪشمي ديويءَ جي پوڄا ڪندي، انسان پنهنجي حقيقت کان غافل ٿي ويو آهي. شيطان انسان تي پوري طرح حاوي ٿي چڪو آهي. هن گهگهہ اوندهہ ۾، سيّد لطيف، قطبي ستاري وانگر چمڪي رهيو آهي. سيّد لطيف، جو آسماني آواز اسان کي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سڌي رهيو آهي.جيڪڏهن اسان سيّد جي پويان هلئون تہ هو اسان کي ظلمت جي جهنگل مان ڪڍي، عشق جي ان واديءَ تائين پهچائي سگهي ٿو جتي لازوال جواني ۽ ابدي عيش انسان جو انتظار ڪري رهيا آهن.

سنڌي زبان ڳالهائيندڙن تي اهو قدرتي فرض آهي تہ اهي سيّد لطيف جي ڪلام کي سمجهن ۽ ان کي دنيا تائين پهچائن تہ جيئن تاريڪيءَ جي زنجيرن کان آزادي ملي ۽ نور جو لشڪر ابدي فتح حاصل ڪري.

2008_1_15 دعاگو

نزديڪ پراڻي واپڊا آفيس **خ.ق.سومرو**

محله مراد واهڻ لاڙڪاڻو





باب پهريون

# خدا تعاليٰ جي معرفت

خدا تعاليٰ جي معرفت انسان لاءِ بي حد ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ معرفت ئي ظلمت جي پردن کي چيري، انسان کي روشنيءَ جي دنيا ۾ آڻي ٿي. معرفت هڪڙي قسم جو عارفانہ شعور آهي، جنهن ۾ تجربو وحدت جو آسماني جام ڇلڪي ٿو. "معرفت ۾ زوال" جي معنيٰ آهي – حق کان منقطع ٿيڻ. معرفت اجتماعي قوتن کي نئين راهہ ڏيکاري ٿي ۽ انهن قوتن کي هڪ نئين شڪل ڏيڻ جا موقعا تلاش ڪندي آهي. ڪوبہ شخص ان وقت تائين صاحب فضيلت ٿي ڪونہ سگهندو جيستائين هو خدا تعاليٰ کي نہ سڃاڻي.

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ نَسُوا اللَّهَ فَأَنسَاهُمْ أَنفُسَهُمْ ۚ أُولَٰئِكَ هُمُ الْفَاسِقُونَ ﴿١٩﴾. *(الحشر:19)*

(ترجمو: توهان انهن ماڻهن جهڙا نہ ٿجو جن خدا کي وساري ڇڏيو آهي ۽ خود پنهنجو پاڻ کي وساري ويٺا آهن. اهي ئي تہ ماڻهو فاسق آهن

فاسق نڪتل آهي فسق مان. يعني اهو ماڻهو جيڪو حق جي دائري مان نڪري وڃي. پڪل انب تي غور ڪريو. انجي مٿان هڪڙي کل ٿيندي آهي، جنهن جي اندر اهونشو و نما پائي پختگي تائين پهچي ٿو. اها کل، ميوي جو قالب آهي جنهن جي اندر ان جي صلاحيتن جي تڪميل ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح خدا تعاليٰ جي معرفت هڪ اهڙو قالب آهي، جنهن جي اندر رهڻ کان پوءِ انسان ڪمال کي حاصل ڪري سگهي ٿو. قرآن حڪيم جي مٿين آيت جا هي لفظ غور چاهن ٿا:

"جن خدا کي وساري ڇڏيو آهي ۽ خود پنهنجو پاڻ کي وساري ويٺا آهن"

خدا جي حقيقت نہ سمجهڻ ڪري، انسان کي پنهنجي حقيقت بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي. ظاهر آهي تہ جيڪڏهن انسان پاڻ کي ڪونہ سڃاتو تہ پوءِ هو ڪمال تائين پهچي ڪونہ سگهندو. پنهنجي حقيقت کان غافل انسان پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪوبہ صحيح فيصلو ڪري ڪونہ



Gul Hayat Institute

سگهندو. خدا تعاليٰ جي سڃاڻپ اهڙي روشني آهي جنهن ۾ انسان سڌي راهه تي هلي سگهي ٿو:

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار
تڙهو تنين بار، عشق جنين کي آکرو.

*

اندر جنين اڄ، پاڻي اجيوان کي،
تو تنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي.

خدا شناسيءَ لاءِ خود شناسي ۽ خود شناسيءَ لاءِ خدا شناسي لازمي آهن. انسان پنهنجي فطرت کي سمجهڻ سان ئي خدا جي فطرت کي سمجهي سگهي ٿو.

پنهون ٿيس پاڻ، ويو سسئي جو سينگار
من عرف نسفه فقد عرف ربه اهوئي آچار
جو ونڊر ۾ واپار، سو سودو سرئس هٿهين

انجيل پاڪ آسماني ڪتاب آهي. ان ۾ به خدا تعاليٰ جي حقيقت کي ڄاڻڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي.

”۽ هميشه جي زندگي اها آهي ته اهي تو خدائي واحد ۽ برحق...... کي ڄاڻن.“ *(يوحنا 17:30)*

خدا تعاليٰ جي معرفت بابت ٻن آسماني ڪتابن جي تعليم کان پوءِ اچو ته سيّد لطيف جي مئيخاني تي ٿا هلئون. پاڻ به ساڳيو ئي آسماني جام پيش ڪن ٿا:

معرفت جي ماٺ سين، ڏساندڙ ڏورين،
سڪ نه ستا ڪڏهن، ويهي نه ووڙين،
ڪلهون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

*

ڪنڌين ۾ ڪوهه ڪرئين، گسن ۾ م گذار،
وڃي وحدت ويءُ م، گهتون ڇڏي گهار،
شريعت جو سولهي، تن تئائين تار،





حقيقت هنجن سين، طريقت تنوار،
منجهان ئي معرفت سين، اندر تون اجار،
هدايت جي هوءَ ۾ چٽيو تون چنگار.

*

ان عبد، معبود تون، ات نڪو شرڪ نه شڪ،
پچارون پرين جون، مصيبتن مرڪ،
سو سيوئي حق، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ ڪي.

*

راهه شريعت هليا، تفڪّر طريقون،
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳئون.
ساري سڪ سبق شريعت سندو سوهٽي،
طريقا تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مَرَڪُ، اصل عاشقن کي.

*

جي پائين جوڳي ٿيان، ته پر ڪلمي جي پار،
پنجن سان پورو رهه، آيا ٿيهه م ٿار،
تڏهن ڏاڳا ڏار، جڏهن راهه سڃاڻي ربّ جي.

*

جيئن ٿا پڇن اَنَ کي، تيئن جي پڇن الله،
ته رڙهي لڏائون راهه، لڪين لڪ لطيف چئي.

*

اڪر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا؟

*

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وڪر وڏائون،
موتي معرفت جا سچا سوڏيائون.

*

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حــق حقيقــي هيڪـــڙو ٻـــولي ٻـــي م پـــل
هـــو هلاچـــو هـــل، بـــالله ســـندو ســـڄڻين

*

ڪائنات ۾ جيترا بہ فلڪياتي جسم آهن، انهن کي برف جاگولا تصور ڪريو. برف جي گولن کي ڳاريو تہ پاڻي ملندو. اهيءَ طرح ڪائنات ۾ موجود سڀني جسمن کي فنا ڪيو تہ آخر ۾ نور جو جيڪو لامحدود خزانو ملندو اهوئي خدا (الله) آهي: اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ *(النور 35:24)* سيّد لطيف جي آسماني عظمت تي وري غور ڪريو:

لهـــرين لـــک لبـــاس، پـــاڻي پســـڻ هيڪـــڙو.

خدا ڪنهن انسان جي ذهني تخليق ڪونهي بلڪ اهو موجود آهي. خدا جي هجڻ مان محض "هجڻ" مراد ڪونهي، بلڪ مراد اُها آهي جنهن بنياد تي اسان ڪنهن شئي کي موجود چوندا آهيون. اها حقيقت پنهنجي جاءِ تي بغير ڪنهن موجود ڪرڻ واري جي موجود آهي. چو تہ اهو نور (الله) ئي ذريعہ وجود آهي تنهنڪري ان کي خود پهريان موجود هجڻ گهرجي. اهو نور سڀني صورتن جو اصل آهي. خدا هڪڙو آهي ۽ اهو ئي ڪل آهي. ڪل جزن کان اڳ ٿيندو آهي ۽ جزا صرف ڪل جي واسطي سان ٿيندا آهن.

انسان جي ذهني ارتقا تي غور ڪريو. يونانين جي دور کان وٺي موجوده ائٽمي دور تائين دنيا جي فلاسافرن، سائنسدانن ۽ مفڪرن مادي جي متعلق پنهنجا پنهنجا نظريا پيش ڪيا. دنيا جي وڏين وڏين تجربيگاهن ۾ "مادي جي حقيقت" ڄاڻڻ متعلق ڪم ٿيندو رهيو. آخرڪار ذهني ارتقا جو ايڏو وڏو سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ سائنس، مادي جي متعلق هن وقت اهو ڪجهہ چئي رهي آهي جنهن کي بغير خورد بيني ڏسندي، آسماني تعليم ان وقت دنيا جي سامهون پيش ڪيو جڏهن دنيا تي ظلمت جو سخت پهرو هيو.

خدا تعاليٰ جي متعلق هي تصور تہ اهو ڪائنات کان علحده ۽ ان جي پس پشت ڪا ذات آهي، اهو تصور آسماني تعليم سان مطابقت ڪونہ ٿو رکي. اڪثر اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ خدا تعاليٰ گهڻو پري آسمانن تي آهي. اها درحقيقت خدا تعاليٰ جي "جاءِ قيام" جي باري ۾ غلط فهمي آهي.





خدا تعاليٰ جي وجود جو انڪار ڪندڙن ۽ خدا تعاليٰ کي مڃڻ وارن، ٻنهي جي سڀ کان وڏي غلطي اها آهي تہ ماڻهو خدا تعاليٰ جو غلط ادراڪ ڪن ٿا. خدا جي ذات نور مطلق آهي. اهوئي ظاهر مطلق ۽ ظاهر بالذات آهي. ان جو نور هميشہ قائم رهڻ وارو آهي ۽ ان کي زوال ڪونهي. اهو لافاني، لامحدود، قديم ۽ زنده آهي. سيد لطيف، الله تعاليٰ جون چند ٻ صفتون ٻڌائيندي چوي ٿو:

اول الله علـــيم، اعلـــيٰ عـــالم جـــو ڌڻـــي،
قـادر پنهنجـي قـدرت سـين قـائم آهـي قـديم،
والـــي، واحـــد، وحـــده، رازق رب رحـــيم،
سـو سـاراهہ سـچو ڌڻـي، چئـي حمـد حڪـيم.

## هڪڙو ضروري سوال:

سوال هي آهي تہ جيڪڏهن ڪائنات ۾ سواءِ الله (نور) جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي تہ پوءِ اوندهہ ڪٿان آئي؟

آسمان، قرآن حڪيم جي ذريعي جواب ڏئي ٿو تہ جڏهن وحدت، ڪثرت طرف سفر شروع ڪيو يعني آسمانن ۽ زمين جي تخليق ٿي تہ نور ۽ ظلمت ٿيا.

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ جَعَلَ الظُّلُمٰتِ وَ النُّوْرَ ۙ۬

ترجمو: سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو اونداهين ۽ نور کي بنايو. *(الفاطر:2)*

نظام شمسي تي غور ڪريو: سج اڀرندو تہ زمين تي روشني ڦهلجي ويندي. سج جي لهڻ ٿيڻ سان ماحول تي انڌيرو ڇائنجي ويندو. يعني اهو نظام ئي آهي (جيڪو وحدت مان ڪثرت جي نڪرڻ ڪري ٿيو) جنهن ڪري "نور" ۽ "اوندهہ" ٿي پيا آهن. باقي وجود ۾ ذري جيتري بہ اونداهي ڪونهي، انجيل پاڪ جي هنن لفظن تي وري غور ڪندا هلو:

"ان کان ٻڌي ڪري جيڪو پيغام اسان توهان کي ڏيڻ چاهيون ٿا تہ خدا نور آهي ۽ ان ۾ ذري جيتري بہ تاريڪي ڪونهي." *(يوحنا جو پهريون خط 1:5)*

لهرين لڪ لباس، ڀاڙي پسڻ هيڪڙو

*

ڪيو مطالعومون، هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نه لحظي جيتري

جيڪڏهن حقيقت هستيءَ ۾ هڪ ذري جيتري به ڪمي هوندي ته ذات ناقص ٿي ويندي. حق مطلق لاءِ ڪمال مطلق ۽ جمال مطلق هجڻ لازمي آهي. جلال به اتي ئي هوندو جتي ڪمال هوندو. سيئي ڪمال، وجود جا آهن. خدا تعاليٰ هر لحاظ کان ڪامل آهي.

ڀاڙهين جل جلاله، ڀاڙهين جان جمال،
ڀاڙهين صورت پرين جي ڀاڙهين حسن ڪمال.

ڪارخانه عالم ۾ به غير محدود ۽ ڪامل هستيون تصور ۾ اچي ڪونه سگهنديون. جيڪڏهن ڪائنات ۾ به غير محدود ۽ ڪامل وجود پيدا ٿي پون ته پوءِ اهو ضروري آهي ته ٻهرين ۾ ٻئي جا ۽ ٻئي ۾ ٻهرين جا ڪمالات ڪونه هوندا، ان بنياد تي ٻئي محدود ٿي پوندا. جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ هستيون هونديون ته پوءِ پنهنجي پنهنجي حڪم هلائڻ جي مجاز هجڻ جي صورت ۾، ڪائنات جو هڪجهڙو ڪردار ادا ڪندو رهڻ ۽ هڪ نظم و ضبط جو پابند هجڻ ڪيئن ٿيندو؟ ان صورت ۾ ڪائنات ۾ تمام گهڻو فساد پيدا ٿي پوندو. قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

لَوْ كَانَ فِيهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿٢٢﴾

ترجمو: ”جيڪڏهن آسمانن ۽ زمين ۾ خدا کان علاوه ٻيا خدا به هجن ها ته ڪارخانه آفرينش فساد ۽ تباهيءَ سان دوچار ٿئي ها...“ *(الانبياء:22)*

جڏهن ڪوريئڙو پنهنجو ڄارو تيار ڪندو آهي ته اهو خود ئي ان جو صانع ٿيندو آهي. ان ڪري صنعت جي اعتبار کان اهو پاڻ ئي ڄاري جي وجود جو سبب آهي. پر جنهن تار مان ڄارو تيار ٿيندو آهي اهو به ڪٿان ٻاهران ڪونه ايندو آهي بلڪ ڪوريئڙي جي وجود مان ئي نڪرندو آهي. تمام عالم ان جو ئي مئي خانو آهي. ان ۾ شراب هستي حق آهي. خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ *(العنڪبوت:44)*

خدا تعاليٰ جون صفتون مثلاً علم، قدرت، ارادو، حيات وغيره مفهوم جي لحاظ کان جدا جدا آهن. جيڪڏهن انهن کي الڳ الڳ عين ذات چيو وڃي ته ذات تقسيم ٿي ويندي. جيڪڏهن ذات کان علحده تصور ڪريون ته ذات علم، قدرت، حيات، ارادي کان محروم ٿي ويندي. ان ڪري اهي صفتون، مفهوم جي لحاظ کان غير ذات آهن پر حقيقت جي نظر سان ڏٺو وڃي ته عين ذات آهن. هستيءَ جو وجود سڀني ڪمالات جي صفتن سان نسبتاً مساوي آهي. حقيقت هستي عين علم، قدرت ۽ حيات آهي. ان ڪري جيڪي صفتون ڪمالات کي ظاهر ڪن ٿيون انهن جي اصليت حقيقت هستي ئي آهي. خدا تعاليٰ سڀني صفتن جو حامل آهي ۽ سيئي صفتون عين ذات آهن.

هر بلنديءَ جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن شان ڪمال سان آهي. وري هر شان ڪمال، ڪنهن نه ڪنهن الاهي صفت سان مربوط آهي. اهي ڪمالات جون صفتون ذات بابرڪت سان مربوط آهن ۽ ڪمالات جي وجود جو ذريعو پاڻ ئي آهن. سيد لطيف جي هن بيت تي وري غور ڪريو:

ڀاڙهين جل جلاله، ڀاڙهين جان جمال
ڀاڙهين صورت پرين جي ڀاڙهين حسن ڪمال

هن حقيقت کي غور سان سمجهو ته حق تعاليٰ جا حسين نالا انهن نالن جهڙا ڪونه آهن، جيڪي نالا اسان مختلف شين جا مختلف لحاظ کان رکون ٿا. حق، نور، ظهور خدا تعاليٰ جون صفتون آهن. ان جي ”نور“ ۽ ان جي ”ظهور“ جي اها شڪل ڪونهي ته هڪڙي لحاظ کان نور هجي ۽ هڪڙي لحاظ کان ظهور، بلڪ قرآن حڪيم جي وحدانيت مطابق نور، عين ظهور ۽ ظهور عين نور آهي. ان جا سيئي صفاتي نالا، ان کان جدا نه آهن. ان ڪري ان جا صفاتي نالا به ان جا ذاتي نالا آهن.

غور جو مقام آهي ته جيڪڏهن خدا تعاليٰ جي صفتن مان، هر هڪ صفت، خدا تعاليٰ جي ذات جي هڪ حصي کي تشڪيل ڏئي ها ته پوءِ ان صورت ۾، خدا تعاليٰ جي ذات جي مرڪب هجڻ جي گنجائش آهي. جيڪڏهن انهن صفتن مان هرهڪ صفت ان جي پوري وجود کي تشڪيل ڏيندي ته پوءِ ان صورت ۾، مرڪب هئڻ جي خيال جي ڪابه علت باقي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڪونهي بلڪ هڪ اهڙي شيءِ جي وسيلي روشن آهي جيڪا نور کان به وڌيڪ روشن آهي:

اهو نتيجو فضول آهي. گويا نور (خدا) ئي واحد قوت آهي جنهن مان پوري ڪائنات وجود ورتو آهي. مومن مسلمان غور جو مقام آهي، قرآن حڪيم جي هنن لفظن تي وري غور ڪريو:

اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ (النور24:35)

سڀئي صفتون هڪ ئي ذات ۾ موجود آهن ان ڪري لازمي طور حسن يا جمال جو اصطلاح صرف ان ذات برتر لاءِ ئي ٿي سگهي ٿو. ان جي ذات حسن جو سرچشمو ۽ منتها آهي ان جي ذات ئي جمال حقيقي آهي. خدا خير ڪامل آهي ۽ خير ڪامل جو ٻيو نالو حسن ڪامل آهي. خدا ڇئو يا ڪمال ڇئو. اهو ئي حسن ڪامل آهي.

پاڻهين جل جلاله ، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي پاڻهين حسن ڪمال.

**پوري ڪائنات زنده وحدت آهي:**

هستيءَ ۾ قدرت، حيات، علم وغيره جون صفتون آهن. ذات کان صفت جدا ڪونهي. اهي تمام صفتون عين ذات آهن. هيءُ پوري ڪائنات صرف هڪ اڪائي مان نڪتل ڪثرت آهي. اها اڪائي آهي نور (روح) مطلق. جڏهن اساس اول ئي نور، حيات (زندگي) آهي ته پوءِ مادي جزن مان حيات (زندگي) جي پيدا هجڻ تي ڇو تعجب ٿيڻ گهرجي. جڏهن مادي جي آخري حد ۽ اصليت خود حيات (زندگي) ئي آهي. ياد رکو ته حي ۽ قيوم الله تعاليٰ جون صفتون آهن. ذات، صفت کان جدا ڪونهي ۽ پوري ڪائنات هڪ زنده وحدت آهي؛ آسماني ڪتاب (انجيل پاڪ) جي شهادت آهي ته نور زنده قوت آهي:

”سڀئي شيون ان جي وسيلي سان پيدا ٿيون ۽ جيڪي ڪجهه پيدا ٿيو آهي انهن مان ڪابه شي، ان کان بغير پيدا ڪونه ٿي آهي. ان ۾ زندگي هئي ۽ اها زندگي ماڻهن جو نور هئي.“

(يوحنا 1:2_4)

هن آية پاڪ ۾ ”زندگي“ ۽ ”نور“ هڪ ئي حق لاءِ ڇيو ويو آهي.





ڪائنات جون سڀ شيون هڪ ئي وحدت مان اڀريون آهن. حقيقت مطلق، ڪابي جان وحدت ڪونهي بلڪ روح (حيات) آهي. روح، نور، زندگي هڪ ئي قوت جون صفتون آهن. انجيل پاڪ جي مٿين آية پاڪ ۾ هي لفظ (ان ۾ زندگي هئي) غور طلب آهن. اهي لفظ صاف ظاهر ڪن ٿا ته ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ جنهن قوت مان وجود ورتو آهي اها قوت ”زنده“ آهي. زندگي زمين تائين محدود ڪونهي بلڪ ڪائنات (السمٰوٰت والارض) جا سڀئي جسم زنده مخلوقات آهن: صرف جبر و اختيار جو تفاوت آهي: قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ؕ

ترجمو: ان جي نشانين مان پيدا ڪرڻ آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ انهن جاندارن جو جيڪي ان ٻنهي جڳهن تي ڦهلائي ڇڏيا آهن.

(الشوري:29)

قرآن حڪيم جي تعليم مطابق آسمانن ۾ ۽ زمين جي سيني تي جاندار ئي جاندار آهن. زمين جي سيني تي جاندار، نباتات، حيوانات ۽ انسانن جي روپ ۾ موجود آهن. آسمانن ۾ موجود فلڪياتي جسم به زنده مخلوقات آهن. هستي مطلق (حي و قيوم) ڪا بي جان وحدت ڪونهي بلڪ زندگي ئي زندگي، روح ئي روح، نور ئي نور آهي.

حقيقت جون ٻه اساسي صورتون آهن جي پاڻ کي عقل جي سامهون جسماني ۽ ذهني عالمن جي روپ ۾ آڻن ٿيون. اهي ذات جي ٻنهي پهلوئن طرف پاڻ کي ظاهر ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح اسان کي گهرجي ته ڪل ذهني زندگيءَ کي حيات خدا (ڪل) جي محيط ڪل ترڪيب ۾ سمجهئون. صرف ڪامل ذهني زندگي ئي اصل قدر آهي يعني تصوّر حقيقت خود خدا جي اصل ۽ حيات کي بيان ڪري ٿو. حيات ۽ ڪائنات ۾ روحي ۽ مادي عناصر جدا جدا وجود ڪونه ٿا رکن بلڪ اهي هڪ ئي وحدت جون ٻه حالتون آهن. اسان ان جون صورتون آهيون، هو اسان جو روح آهي. جنهن مظهر تي فڪر ٿي رهيو آهي اهو به ان (روح، نور) جي ئي صورت آهي ۽ جيڪا قوت فڪر ڪري رهي آهي اها به ”پاڻ“ آهي.

سيّد لطيف جي شهادت آهي، (غور جو مقام آهي):

پاڻ پسي پاڻ کي، سٽي ڪر سنڀال
وچان جو وصال، سو تان هئڻ هن جو

علامہ اقبال (شاعر مشرق) فرمائي ٿو:
”قرآن حکیم کے نزدیک حقیقت مطلق محض روح ہے اس روح کی زندگی عبادت ہے ان فلکیات سے، جسے ہم زمان میں جلوہ گر دیکھتے ہیں لہٰذا طبعی دنیا ہی ہے جس میں روح کو اپنے اظہار کا موقع ملتا ہے۔ وہ شے جسے ہم مادہ کہتے ہیں وہ اصل میں روحانی ہے۔ مادے کی پوری کثرت روح کے اظہار ذات کا میدان ہے۔“ (خطبہ٦)

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پرياڻ؟
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَیۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِیۡدِ
تنهنجو توهي ساڻ
پنهنجو آهي پاڻ آڏو عجيبن کي.

*

پاڻ ئي پسي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب
پاڻ ئي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو

*

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي
سوئي سو پسي، تنهن سندي سوجهري

*

زندگيءَ جا جيترا بہ پهلو آهن مثلاً رشد و هدايت، زيبائش ۽ دلڪشي، حسن ترتيب ۽ نظم، احساس ۽ ادراڪ، عقل ۽ هوش، محبّت ۽ الفت، فطري رهنمائي، اهي سڀ ذات احديت جا جلوا ۽ آئينا آهن. دلچسپي، عمل ۽ تخليق بہ انهيءَ هڪ جا پهلو آهن:

سو ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي
آهي نجوئي ڳجهہ ڳجهاندڙ ڳالهڙي

پاڻ ئي ٻج آهي ۽ پاڻ ئي وڻ، پاڻئي گل آهي ۽ پاڻ ئي ميوو. عاشق، معشوق ۽ عشق هڪ ئي نور جون ادائون آهن. پاڻي، پياسو ۽ پياس هڪ ئي حقيقت جون حالتون آهن:





سو هي، سو هو سو اجل، سو الله
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو

هيءُ سائنٽفڪ حقيقت آهي تہ ڪائنات ۾ سواءِ خدا (نور) جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي تہ پوءِ صاف ظاهر آهي تہ انسان جي هستيءَ ۾ خدا تعاليٰ ئي مشاهده جمال ڪري رهيو آهي:

هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪوهہ پئي،
وَفِیۡۤ اَنۡفُسِکُمۡ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ. سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانہ وئي، هوت ڳولهڻ هٿ تي.

*

جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئہ، لطيف چئي، منجهي ٿي معذور!
منجهان پئس پروڙ، تو منجهہ آهيس تڪيو.

*

هو پڻ ڪونهي هُن ريءَ، هي نہ هُنهان ڌار،
الانسان سري وانا سره، پروڙج پچار،
ڪندا ويا ويچار، عالم عارف اهڙي.

*

چو ويڃين وڻڪار، هت نہ ڳولهين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻيءَ پار،
نائي نيڻ نهار، تہ تو ۾ ديرو دوست جو.

قرآن حڪيم جي سورة الاخلاص وحدت جو آسماني اظهار آهي:
قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمۡ یَلِدۡ ۙ۬ وَ لَمۡ یُوۡلَدۡ ۙ﴿۳﴾ وَ لَمۡ یَکُنۡ لَّهٗ کُفُوًا اَحَدٌ ٪﴿۴﴾
سيّد لطيف چوي ٿو:

اسين سڪون جن کي، اسين پڻ سيئي،
”لَمۡ یَلِدۡ ۙ۬ وَ لَمۡ یُوۡلَدۡ“ اوڏانهن وڃ پيهي
تهان منجهيئي، پارک! پرکج حق کي

پنهنجي سرمدي سرور جو مشاهدو ڪرڻ لاءِ حق تعاليٰ پنهنجي مشيت سان پنهنجي مظاهر کي خلقيو. دراصل ذات الاهي ئي انسان ۾ جلوه گر آهي. حق، خلق جي پردي ۾ پوشيده آهي. انسان اهڙي نظر نه ڏاري جو صرف خلق کي ته ڏسي پر خالق تائين ان جي نظر وڃي ئي نه. بلڪ انسان اهڙو ڪمال حاصل ڪري جو خالق کي خلق ۾ ڏسي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي: خَلَقَ اللهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ (الجاثيه:٢٢) حق، خدا تعاليٰ جي صفت آهي ۽ ذات کان صفت کي جدا ڪري ڪونه ٿو سگهجي چو ته ذات کي ان جي صفتن مان ئي سڃاتو ويندو آهي. عربي زبان ۾ حق جي معنيٰ آهي ڪنهن شئي جو اهڙيءَ طرح موجود، واقع ۽ ثابت ٿيڻ، جو ان جي واقع ٿيڻ يا ثابت هجڻ کان انڪار نه ڪري سگهجي. يعني ڪنهن شيءِ جو نوس شڪل ۾ سامهون اچڻ يا ثابت ٿيڻ. ان ۾ استحڪام ۽ ثبات به شامل آهي. تخليق جي ان سلسلي جو خالق ۽ محرّڪ پنهنجي تخليق کان الڳ ڪونهي يعني هو پنهنجي تخليق جي ابتدا، ان جي انتها، ان جي ظاهر ۽ باطن سان ذاتي طور وابسته آهي. قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي وري غور ڪريو:

هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَبِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (الحديد:٣)

پٽ ڌڻي فرمائي ٿو:

راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاريءَ محل،
انا احمد بلاميم، سين هنئي سائل،
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، ته هر دوئي هڪ ٿيا.

✻

پيهي جا پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

✻

وحدت جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَهُوَالسَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ (الشوریٰ:2)





قدرت جو قانون آهي ته تمثيل ڏيڻ لاءِ ٻن شين جو هجڻ ضروري آهي. مثلاً چئبو آهي ته "احمد شينهن جهڙو طاقتور آهي." هتي احمد ۽ شينهن جي وچ ۾ تمثيل ڏني وئي آهي.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن ڪائنات سواءِ خدا جي، ٻي ڪنهن شيءِ جو وجود ڪونهي ته پوءِ تمثيل ڇا سان ڏني وڃي؟ خدا تعاليٰ بغير ابتدا ۽ بغير انتها جي موجود آهي. هڪ لافاني ۽ ابدي قوت.

حقيقت، فڪر جو هڪڙو نظام آهي، جيڪو شعور ذات جي اندر ڦهلجي ٿو. غور و فڪر جو حاصل هي آهي ته منهنجو شعور ۽ خارجي دنيا هڪ آهي. تعلقات جا اهي ٻئي رخ هڪ ئي ماخذ سان تعلق رکن ٿا. خداءِ مطلق جو علم، فڪر ۽ عمل اسان جي لاءِ وڏي ۾ وڏي ابدي ضرورت آهي. مطلق جو هڪڙو جزو هجڻ جي حيثيت سان ذات جي شعور جون سڀ رڪاوٽون دور ٿي وڃن ٿيون ۽ ان حقيقت جو انڪشاف ٿئي ٿو ته خارجي ڪائنات يعني قوانين قدرت جي اطاعت ۽ شعور جي آزاديءَ کي هڪٻئي کان علحده ڪري ڪونه ٿو سگهجي. اسان جي اندر وحدت جي حقيقت، ڪائنات جي سيني شين سان وحدت آهي. محدود (انسان) ۽ لامحدود اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ جڙيل آهن جو انهن کي الڳ ڪرڻ خطري کان خالي ناهي. اهو صرف ڪل جي فطرت سان مطابقت ۾ ٿي سگهي ٿو اهوئي سبب آهي جو سيد لطيف معرفت تي وڌ ۾ وڌ زور ڏنو آهي.

منجهان ئي معرفت سين، اندر ٿون اجار
هدايت جي هوءَ ۾، ڇٽيو ٿون چنگار.

✻

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾، وکر وڏائون،
موتي معرفت جا سچا سوڏيائون.

✻

ڪائنات ۾ موجود شين جي پنهنجي جاءِ تي ڪا به معنيٰ ڪونهي. معنويت ۽ ارفعيت ان وقت پيدا ٿئي ٿي جڏهن ڪائنات جي شين کي انسان سان جوڙيو وڃي. ڪائنات انسان جي لاءِ آهي.

ڪائنات هڪ نامياتي وحدت آهي. مادو، ڪشش ثقل، زمان، مڪان

Gul Hayat Institute

وغيره ملي ڪري هڪ اڪائي ٺاهن ٿا. انهن سڀني جزن مان هر هڪ جزي کي الڳ ڪري سمجهبو تہ جواب غلط ملندو. اسان زمين کي، نظام شمسي ۾ رکي، چڱيءَ طرح سمجهي سگهنداسين، پر جيڪڏهن زمين کي نظام شمسيءَ کان ٻاهر ڪڍي سمجهبو تہ جواب غلط ايندو. انسان کي بہ جيڪڏهن ڪائنات کان الڳ ڪري سمجهبو تہ جواب غلط ملندو يعني انسان جي ڪامل حقيقت تائين ڪونہ پهچبو. انسان کي سمجهڻ لاءِ انسان کي ڪائنات ۾ رکي، ان سان لاڳاپيل سڀني اضافتن کي سمجهڻو پوندو.

معرفت جي نور سان مليل منزل کي قربت ۽ مشاهدي سان اخذ ڪري سگهجي ٿو تہ انسان، مڪان، زمان ۽ ڪائنات ۾ موجود سڀ جسم ملي ڪري هڪ وحدت جوڙين ٿا ۽ انهن کي قاعدن ۽ ضابطن ۾ رکڻ واري هستي ئي انهن جو ماخذ آهي. ان ڪري اسان جي دل ۽ دماغ جو رخ، خداءِ واحد جي معرفت حاصل ڪرڻ جي غرض سان، ڪائنات جي ان نظام جي قاعدن کي سمجهڻ آهي جيڪي عالم جسمانيءَ جو وحدتي اصول آهن.

غور جو مقام آهي تہ هستي، هستيءَ مان ئي پيدا ٿي سگهي ٿي. انسان جي ذهن ۾ اها قوت ڪونهي تہ هو نيستي محض مان هستيءَ جي نڪرڻ جو تصور ڪري سگهي.

ڪائنات ۾ جيتريون بہ شيون آهن، سي خارجي طور تي مخلوق آهن ليڪن داخلي طور تي ”تصور“ يا ”معلوم“ آهن. دماغ جو خيال، دماغ کان ٻاهر، ڪنهن وجود رکڻ واري شيءَ جو نقل آهي. ڪائنات ۾ موجود خارجي شيون، پنهنجي وجود جي مڪمل ڄاڻ، شناخت ۽ وضاحت لاءِ انهن تصورات جون محتاج آهن. انهن عمومي خيالن جو انحصار ڪنهن ٻاهرين مادي شي تي ڪونهي بلڪ ٻاهرين مادي شين جو انحصار انهن آفاقي تصورات يا خيالن تي آهي. انسان کان بغير ڪائنات جي ڪابہ حقيقت ڪونهي ۽ خيالن کان سواءِ انسان جي ڪابہ سڃاڻپ ڪونهي. سڀيئي تصورات ملي ڪري هڪ سڀني کان وڏي (ڪامل) تصور هيٺ اچن ٿا، ۽ سڀ کان وڏو ڪامل تصور حتمي ۽ مڪمل حقيقت آهي ۽ اهو ئي جواز جي حيثيت رکي ٿو.

هڪ خيال يا تصور، پنهنجي ذات ۾ مڪمل ۽ خود ڪفيل آهي. ان کي پنهنجي ذات جي وضاحت لاءِ ڪنهن ٻاهرئين مدد جي ضرورت ڪونهي بلڪ هڪ خيال يا تصور خود ئي پنهنجي وضاحت آهي. ان





ڪري اسان ڪائنات کي، جيڪا غير معمولي وسعتن ۽ لامحدود قدرن جو مجموعو آهي؛ ان جي حقيقت کي، بغير ڪنهن ڪامل (خيال يا تصور) جي صرف جزوي تجربن ۽ مشاهدي جي ذريعي معلوم ڪري ڪونہ ٿا سگهون.

حقيقي خيالات جوجهان ”نُورٌ عليٰ نُورٌ“ جو جهان آهي. زندگي معنوي حسن جي نظم ۽ ترتيب سان وابستہ آهي، ٻيو تہ ڪائنات ۾ موجود شين جي خيال جو ڪامل ربط ابدي آهي. ڪامل خيال جي حسن جو ديدار دراصل خدا تعاليٰ جو ديدار آهي. تصورات آفاقي آهن ۽ خيال هڪ اڪائي آهي. ڪائنات جي اصل نقشي کي سمجهڻ جو ذريعو نظم ۽ ضبط جا تصورات ئي آهن.

ڪامل خيال يا تصور، حق جو ڪامل اظهار آهي. (خيال ڪامل) حق و جدان ۾ جڳهہ پائي، قلب جي گهراين ۾ موج مچائي ٿو. انسان جي نظر ڪائنات جيتري وسيع ٿي وڃي ٿي. ان ڪري لامتناهي (اڻ کٽ) ڪل ۾ محو ٿي وڃو ۽ ڪل جا، هڪڙي خود آگاهہ ميمبر طور اڀري اچو. خدا تعاليٰ پنهنجو ديدار ارفع ترين دانش ۽ درخشان ترين حسن ۾ هر وقت ڪرائي ٿو. خدا تعاليٰ جي معرفت هڪڙي دري آهي، جتان انسان کي ڪائنات جي اصلي روپ ۾، خدا جو چهرو صاف نظر ايندو آهي. اسان ان دريءَ مان هر وقت وسندڙ رحمت جو نظاره جمال ڪري سگهون ٿا. خدا جي معرفت انسان کي خالص نوراني وجود بنائيندي آهي. ياد رکو تہ خدا تعاليٰ جي معرفت اها روشني آهي، جنهن ۾ صداقت کي وسيع معنيٰ ۾ ڏٺو وڃي ٿو.

ڪائنات ۾ نور ئي نور آهي. ان نور جا متنوع مظهر، ان جي هستيءَ جوئي ظهور آهن. خدا تعاليٰ جي عظيم تخليق ۽ ڪڏهن نہ غلطي ڪرڻ وارو نظم و ضبط هن ڪائنات تي حڪمراني ڪري ٿو. صانع، پنهنجي صنعت سان اسان جي سامهون آهي. ان جي تخليق کي ڏسو. خالق جي ارادي جي خبر پئجي ويندي. حقيقت همہ گير آهي يعني اها هڪڙو اهڙو ڪل آهي جو سڀني تي محيط آهي تنهنڪري حقيقت جو اهو عرفان سچو ٿيندو جيڪو ڪل جو ڪلي طور ڪيو وڃي.

ذهن ۽ مادي جي اتحاد جو علم حاصل ڪرڻ انسان جو پهريون قدرتي فرض ۽ ضرورت آهي. داخلي حقيقت ۽ خارجي مظاهر، خدا تعاليٰ کان جدا ڪوبہ وجود نٿا رکن. سيّد لطيف جي عظمت تي وري غور ڪريو:

پــاڻ پــردو پــاڻ کــي ســٽي کــر ســنيال،
وچــان جــو وصــال، ســو تــان هــئڻ هــن جــو.

❊

پــاڻ ئــي پسـي پــاڻ کــي، پــاڻ ئــي محبــوب،
پاڻ ئي خلقي خوب، پـاڻ ئـي طالـب تـن جو.

کائنات قوانين قدرت جي وحدت آهي. اها حقيقت (علم حقائق) جو ذخيرو آهي جتان انسان کي حق جي معرفت تفصيلاً حاصل ٿيندي آهي، ڇو ته ان جو موضوع حق تعاليٰ جو وجود آهي.

انسان جو اصل وطن توحيد آهي ۽ توحيد ۾ ڪامل علم موجود آهي. خدا جي معرفت سان انسان کي اخلاق الاهي سان متخلق ٿيڻ گهرجي. دنيا جي مٿان آسماني قانون نافذ ڪرڻ اخلاق جو اعليٰ ترين مظاهرو آهي. ياد رکو ته معرفت خدا (جيڪا، تخليق عالم جي سلسلي جي محرڪ آهي) جو مطلب آهي ڪامل سچائي، سڀني علمن جو موضوع ان (نور الله، حق) جو موضوع آهي ڇو ته موجود صرف خدا آهي. خدا جي معرفت ئي حڪمت آهي. داعيءَ لاءِ حڪمت لازمي آهي.

اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ وَجَادِلۡهُمۡ بِالَّتِیۡ هِیَ اَحۡسَنُ ؕ (النحل:125)

”توهان انهن کي پروردگار جي راهه طرف سڏيو حڪمت
سان ۽ ڀليءَ نصيحت سان....“

ڪابه شيءِ وجود ۾ حيثيت الاهي کان ٻاهر واقع ڪونهي ۽ نه ئي وري ڪو وجود کان بغير مشيت ڪئي وڃي ٿي. جيڪڏهن اسان وجود جي هر حصي کي هڪٻئي کان الڳ ڪري سمجهنداسين ته پوءِ (حق، علم ڪلي) تائين ڪڏهن به پهچي ڪونه سگهبو. سڀ کان وڏي عبادت آهي حق کي ڄاڻڻ ۽ ان جي گواهي ڏيڻ. انسان ذات لاءِ رهنمائي جا قاعدا ۽ ضابطا صرف عمل تخليق جي فطري ذريعن سان ئي مهيا ٿي سگهن ٿا. ياد رکو ته جيتري قدر انساني شعور علم ۽ عقل ۾ بلند هوندو، انهيءَ حد تائين ۽ ان جي نسبت سان، خالق جي حسن ڪمال جو ديدار ۽ مشاهدي جي قوت جو سرور ملندو. خدا تعاليٰ حرڪت ۽ حيات جو سرچشمو سڀني آثارن ۽ مظهرن جو اصل آهي ۽ سڀني شاهدن لاءِ مشهود آهي. عرفان جهان بيني يعني معرفت خدا ۾ شين جو صرف تصور نه بلڪ حق (خدا) جو ديدار ٿيندو آهي. قرآن

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com



حڪيم ۾ آيو آهي:

خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ (لجاثيه:22)

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

فَذٰلِکُمُ اللّٰهُ رَبُّکُمُ الۡحَقُّ ۚ (يونس:32)

بس اهو تنهنجو پروردگار ”الحق“ آهي.

يعني آسمانن ۽ زمين جي خلقت ”حق“ جي همراهه آهي. ”بالحق“ فعل، خدا تعاليٰ جو حق سان هجڻ طرف اشارو آهي. ڪائنات نور (خدا) جو ڪم آهي. خلقت جي اندر صانع جون سڀئي صفتون جلوه گر آهن. خدا تعاليٰ سڀني مادي ۽ روحاني شين ۾ ذاتي طور موجود آهي. ان جون صفتون عين ذات آهن. خدا تعاليٰ ڪائنات ۾ موجود سڀني شين جي وجود ۽ اصل جو باعث آهي.

ذات باري تعاليٰ سان ڪامل اتحاد ۾ ئي انسان جي ڪامليت آهي. آسماني علم معرفت تي ان ڪري زور ڏنو ٿو ته جيئن انسان جو روحاني حال قائم رهي ۽ اهڙيءَ طرح انسان محفوظ رهي. هر اها شيءَ جا معرفت تي مرڪوز ٿئي ته اها معرفت ئي آهي. معرفت فرد جي روحاني زبان آهي. ياد رکو ته عقل به تخليقي قوت بجاءِ حقيقت ڪل (خدا تعاليٰ) سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ واري مقتدر قوت آهي. جنهن شخص کي معرفت حاصل ٿئي ۽ پوءِ به اهو غير حق جي معرفت کي باقي رکي ته اهڙو شخص منڪر خدا آهي، ڇو ته غير حق سان جيتري قدر معارف لاڳاپيل آهن اهي سڀ عدم علم آهن يعني اهي حق ڪل تي مبني نه آهن. ڪاميابي صرف ان وقت حاصل ٿيندي جڏهن عالم، عارف ٿي وڃي. علم انسان جي ٿين اک آهي پر جي علم ڪلي ڪونهي ته پوءِ انسان ٻن اکين کان به انڌو آهي.

اڄوڪي ترقي يافته دور جو انسان ان دنيا ۾ رهي ٿو جتي علم ته گهڻو آهي پر معرفت (ڪامليت) ڪونهي. علم کي شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. هر شعبي جو ماهر ته ملي ٿو پر ڪامل انسان ڪونه ٿو ملي. اهو آهي جديد انسان جو اصل الميو. معرفت خدا تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ عارف جي سند ان جو ڪلام آهي. قرآن حڪيم حقيقت ڪل (ڪامليت) تائين پهچڻ جي اميد ڏياري ٿو:

سَیُرِیۡکُمۡ اٰیٰتِهٖ فَتَعۡرِفُوۡنَهَا ؕ (النمل:93)

”اهو عنقريب توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

تڏهن توهان ان کي سڃاڻيندؤ.“

انسان کي خدا تعاليٰ اها قوت ڏني آهي ته هو الله تعاليٰ جي فطرت کي سمجهڻ جي اهليت رکي ٿو. انسان صرف هن سوال جو جواب معلوم ڪري ڪونه ٿو سگهي ته خدا ڪٿان آيو؟ بصارت جي اک ان سوال جي جواب تائين پهچي ڪونه سگهندي، حيرت جو هڪڙو اڻ ڪٿ ساگر سامهون اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو قرآن شريف چوي ٿو:

لَاتُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ (الانعام:103)

سيّد لطيف جو به ساڳيوئي آواز آهي پاڻ فرمائن ٿا:

حوصلو حيرت ۾ ڪري ڪين درڪ،
جو حسن سندو حق، سو ڪور پروڙي ڪين ڪي

*

ڪائنات جي تخليق کان پهريان جمال مطلق پنهنجي وحدانيت ۾ مستغرق هڪڙو لڪل خزانو هو. هر طرف دخاني (دونهين جهڙي) ڪيفيت ڇانيل هئي يعني ڪابه شيءِ واضح ڪونه هئي، صرف نور ئي نور يعني روح ئي روح جون لامحدود موجون هيون. خدا چاهيو ته اڪيلائپ ختم ٿئي ۽ اهڙي مخلوق جو ظهور ٿئي جيڪا ان جي قدرت ۽ حڪمت کي سمجهي سگهي. هن حقيقت کي سمجهو ته ڪل، جزن کان پهريان موجود هيو. جز صرف ڪل جي ڪري آهن. نور (روح) مادي لباس پائي هڪ اڪائي جي صورت اختيار ڪئي چو ته آفاقي روح ان وقت پنهنجي سيني امڪانات کي پائي سگهي پيو جڏهن هو پاڻ کي زمان ۽ مڪان جي محدود صورتحال ۾ سموئي ڇڏي. مشهور مفڪر J.W.T.MASON نور (روح) ۽ مادي جي تعلق تي ڳالهائيندي لکي ٿو:

”هستي جي ابتدا لاءِ روح خالص کي پنهنجي آزادي مطلق کي قيد ڪرڻو پيو ۽ اهڙيءَ طرح ان پنهنجو پاڻ کي هڪ نئين طرف وڌايو. اسان صاف چئي سگهون ٿا ته هستيءَ جي مادي آغاز جو بنيادي پهلو اضافو نه بلڪ دٻاءُ آهي يعني روح خالص پنهنجي آزاديءَ کي دٻايو ۽ اهڙيءَ طرح، پنهنجو پاڻ تي قيد لاڳو ڪري مادي جو محسوس پيڪر اختيار ڪيو.“

(Creative Freedom. P.17)



سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۽ ڀاڳي پائيوار

باب ٻيون

# ڪائنات ڪيئن تخليق ٿي

قرآن حڪيم هر لحاظ کان ڪامل ڪتاب آهي. ان پاڪ ڪتاب ۾ علم جون اهي بلنديون بيان ڪيون ويون آهن. جن تائين پهچڻ لاءِ سائنسي قوت بيقرار آهن. انسانذات جي ڀلائي لاءِ ان وقت تائين ڪوبه نظام زندگي، حقيقي طور ڪارائتو ٿي ڪونه سگهندو جيستائين انسان، ڪائنات جي نظام کي نه سمجهيو آهي. انسان، ڪائنات جو جزو آهي ۽ عقل جي تقاضا هيءَ آهي ته جز جي فطرت، ڪل جي فطرت کان مختلف ٿي ڪونه سگهندي. ڪائنات ڪيئن تخليق ٿي؟ اچو ته اهو سوال سائنس کان ٿا پڇئون. مشهور سائنسدان G.G.Simpson چوي ٿو:

”ڪائنات جي آغاز ۽ سلسلہ علت ومعلول جي اولين ڪڙيءَ جو مسئلو سائنس کان مٿي آهي ۽ سائنس ان تائين پهچي نٿي سگهي.... اها اولين ڪڙي راز آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته انساني ذهن ان راز کي ڪڏهن به ڄاڻي ڪونه سگهندو. اسان جيڪڏهن چاهيون ته پنهنجي طور تي ان علت اوليٰ جي حضور ۾ پنهنجو سر جهڪائي سگهون ٿا پر ان کي پنهنجي ادراڪ جي دائري ۾ آڻي نٿا سگهئون.“

(The Meaning of Evolution p.13)

ڪائنات جي تخليق بابت هڪ سائنسدان جا خيالات توهان پڙهيا پر ڪجھ ماهرين فلڪيات هڪ نظريو Big Bang Theory جي نالي سان پيش ڪن ٿا. ان نظريي کي ٿورن لفظن ۾ هيئن سمجهو ته اربين سال پهريان، ڪائنات ۾ موجود سڀيئي جسم هڪڙي وحدت (هيڪڙائي) ۾ بند هئا. پوءِ هڪڙو زوردار ڌماڪو ٿيو. مادي جا وڏا وڏا ٽڪر ٿيا، خلا جي وسعتن ۾ اڏامڻ لڳا. ان ڌماڪي جي نتيجي ۾ اسان جو نظام شمسي ۽ ڪهڪشائون

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پانيوار



وجود ۾ آيون. قرآن حڪيم کي ماهرين فلڪيات جي ان نظريي سان اختلاف آهي. خدا تعاليٰ ڪائنات جي تخليق بابت، هڪ اهڙي سچائي انسان جي سامهون آڻي ٿو جيڪا عقل کي راضي ڪري ٿي. قرآن حڪيم ان حد تائين سائنسدانن سان متفق آهي ته ڪائنات ۾ موجود سڀيئي فلڪياتي جسم هڪ وحدت (اڪائي) ۾ بند هئا. هن آية پاڪ تي غور ڪريو:

أَوَلَمْ يَرَ الَّذِينَ كَفَرُوٓا أَنَّ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ كَانَتَا رَتْقًا فَفَتَقْنٰهُمَا (الانبياء:30)

ترجمو: (اي پيغمبر! ڇا حقيقت جي منڪرن، انڪار ڪرڻ وقت، ان عظيم الشان سچائي تي نظر ڪونه ڪئي ته آسمان جا جسم، بشموليت زمين، پيدائش جي ابتدائي مرحلن ۾ پاڻ ۾ مليل هئا. انهن جي مواد جو باهمي اتصال هو. انهن جو جوهر هڪ هئو. پوءِ اسان ان جا ٽڪر ڪيا ۽ ان حيرت انگيز سليقي، ترتيب ۽ نظم و نسق سان آسمانن ۽ زمين کي ناهيوسين."

مٿين آيت پاڪ ۾ "پوءِ اسان ان جا ٽڪر ڪيا" لفظن جو مقصد اهو ڪونهي ته ڪا خارجي قوت هئي جنهن جُدا ڪرڻ جو عمل ڪيو. بلڪ اها الله تعاليٰ جي پنهنجي فطرت هئي. الله تعاليٰ جي صفت آهي ۽ ذات کان صفت جدا ڪونهي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ (الانعام:14)

فاطر معنيٰ آهي شق ڪرڻ، ڦاڙڻ، پهرين دفعي ڦاڙڻ. فَطَرٌ جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي پهرين دفعي پيدا ڪرڻ. ان کي بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ به چيو ويو آهي *(الانعام_101)* خدا تعاليٰ جو قانون تخليق، اهو قانون يا طريقو جنهن جي مطابق ان ڪائنات کي پهرين دفعي پيدا ڪيو ڪائنات جي تخليق جي ابتدا ڪئي.

قرآن حڪيم جي تعليم مطابق، ڪائنات جا سڀيئي فلڪياتي جسم جنهن وحدت (اڪائي) ۾ بند هئا. ان اڪائي جا به ٽڪر ٿيا. يعني جوڙو ٺهيو. پهريان هڪ هئو پوءِ به ٿيا.

وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا (النساء:1)

ترجمو: ان جان مان ان جو جوڙو ناهيائين.



زَوْجٌ جي اصلي معنيٰ جوڙ آهي فَرْدٌ (اڪيلو) جي خلاف. تنهنڪري زوجُ ان فرد کي چئبو آهي جنهن جو ڪو جوڙ (يا ساٿي) هجي.

سيد لطيف به ڪائنات جي تخليق جي ابتدا لاءِ آسماني آواز پيش ڪيو آهي. پاڻ فرمائن ٿا:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

ڪائنات ۾ جيترا به فلڪياتي جسم آهن اهي سڀ هڪ وحدت (اڪائي) ۾ بند هئا ان وحدت مان هڪڙو ننڍو حصو علحده ٿيو يعني پهريان هڪ هو پوءِ جوڙو ٿيو وڏو حصو ٿيو مذڪر ۽ ننڍو حصو ٿيو مونث. ننڍو حصو (مونث) الڳ ٿيڻ کان پوءِ وڏي حصي (مذڪر) جي ڪشش مان نه نڪري سگهيو نتيجي ۾ مونث جسم، مذڪر جسم جي چوڌاري اهڙيءَ طرح گردش ڪرڻ لڳو جيئن هائڊروجن جي ايٽم ۾ هڪڙو اليڪٽران نيوڪلس جي چوڌاري چڪر لڳائيندو رهندو آهي. اها هئي پهرين حرڪت. ان حرڪت جي نتيجي ۾اڄ تائين ڪائنات جا جسم گردش ۾ آهن . مطلب ته ڪائنات جي تخليق هڪ جوڙي (مذڪر ۽ مونث) مان ٿي.

سيّد جي هن بلنديءَ تي وري غور ڪريو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

انجيل پاڪ آسماني ڪتاب آهي. هڪ خدا کان (هر دور ۾) هڪ ئي پيغام ايندو رهيو آهي. هڪ نور، هڪ حق، هڪ آواز. انجيل پاڪ "ڪائنات جي ابتدا" مٿين طريقي سان ٻڌائي آهي. هيٺين آيتن تي غور ڪريو:

"ليڪن خلقت جي شروعات کان، ان انهن کي مرد ۽ عورت بڻايو. ان ڪري مرد، پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي ڇڏي ڪري پنهنجي زال سان گڏ رهندو ۽ اهو ۽ سندس زال ٻئي هڪ جسم ٿيندا، اهي به جسم نه بلڪ هڪ جسم آهن." *(مرقس_1:6_8)*

ٻئي هنڌ آيو آهي:

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

”ان جواب ۾ چيو ڇا تو ڪونہ پڙهيو آهي تہ جنهن انهن کي
ٺاهيو ان ابتدا کان ئي انهن کي مرد ۽ عورت بنائي چيو تہ ان
سبب ڪري مرد، پيءُ کان ۽ ماءُ کان جدا ٿي ڪري پنهنجي زال
سان رهندو ۽ اهي ٻئي هڪ جسم ٿيندا، اهي ٻہ نہ بلڪ هڪ
جسم آهن.“ (متي 19: 6_4)

انهن ٻنهي آيتن جا هي لفظ غور طلب آهن: ”ليڪن خلقت جي شروعات کان“ ۽ ”جنهن انهن کي ٺاهيو ان ابتدا کان ئي“ — ”شروعات“ ۽ ”ابتدا“ لفظن مان ظاهر آهي تہ ڪائنات کي تخليق ڪرڻ جي ڳالهہ ٿي رهي آهي ڇو تہ ابتدا يا شروعات تہ اتان ئي ٿي، ٻيو تہ مٿين آيتن ۾ ”مرد“ ۽ ”عورت“ لفظن مان مراد آهي مذڪر ۽ مونث، ڇاڪاڻ تہ اڃان زمين نهي ئي ڪونهي تہ مرد ۽ عورت ڪٿان آيا؟ سيّد لطيف جي هن شعر تي غور ڪريو. هتي بہ پاڻ جهان (ڪائنات) جي جوڙ کي جوڙي جو نتيجو ٻڌائي ٿو:

جوڙئـون جـوڙ جهـان جـي جـڏهن جوڙيـائين،
خاونـد خـاص خلقــي محمـّـد مڪـائين.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اسان، ڪائنات جي تخليق متعلق، سائنسدانن جي نظرين کي پاسيرو ڪري آسماني تعليم کي ڇو قبول ڪيون؟ آخر ڪهڙو قطعي ثبوت آهي تہ ڪائنات جي تخليق جي ابتدا هڪ جوڙي (مذڪر ۽ مونث) مان ٿي. ان جو صاف جواب ڪتاب فطرت جي صفحن تي لکيو پيو آهي. زمين تي مرد ۽ عورت جو هجڻ، ڪائنات جي تخليق جي ابتدائي حالت جو نتيجو آهي. ڪائنات جي تخليق جي ابتدا کان وٺي زمين تائين هڪڙو سلسلو آهي ان سلسلي ۾ ڪٿي بہ خلا ڪونهي. قرآن حڪيم جي هن شهادت تي غور ڪريو:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ خَلَقَ الۡاَزۡوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنۡۢبِتُ الۡاَرۡضُ وَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ وَ مِمَّا لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۶﴾ (يٰس:36)

ترجمو: پاڪ آهي اها ذات، جنهن زمين مان ڦٽڻ وارن ٻوٽن
مان هر هڪ جو جوڙو بنايو ۽ خود نوع انساني ۾ بہ (۽ انهن شين
۾ بہ) جن کي اهي نٿا ڄاڻن.

زمين مان نڪرندڙ ٻناتات ۾ مذڪر ۽ مونث جو سلسلو موجود آهي. ان کان پوءِ حيوانات آهن ۽ آخر ۾ اچي ٿو انسان. زندگيءَ جي انهن سڀني سطحن تي مذڪر ۽ مونث هيٺون موجود آهن. مٿين آيت پاڪ (26:36) جا هي لفظ ”(۽ انهن شين ۾ بہ) جن کي اهي ڪونہ ٿا ڄاڻن.“ مان ظاهر ٿي رهيو آهي تہ مذڪر ۽ مونث جو سلسلو، زمين تي موجود زندگيءَ تائين محدود ڪونهي بلڪ اهو سلسلو اجرام فلڪي ۾ بہ موجود آهي. اها حقيقت اڄ تائين، دنيا جي سائنسدانن کان لڪل آهي. حالانڪ آسماني ڪتابن اها سچائي ان وقت پيش ڪئي جڏهن دنيا تي ظلمت جو سخت گهيرو هو. هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:



قُلۡ اِنَّ رَبِّیۡ يَقۡذِفُ بِالۡحَقِّ ۚ عَلَّامُ الۡغُيُوۡبِ ﴿۴۸﴾ قُلۡ جَآءَ الۡحَقُّ وَمَا يُبۡدِئُ الۡبَاطِلُ وَمَا يُعِيۡدُ ﴿۴۹﴾
(سبا:48_49)

ترجمو: چئو تہ منهنجو پروردگار سچي لڪل ڳالهين کي
ڄاڻي ٿو. حق کي نازل فرمائيندو آهي، چئو تہ حق اچي ويو ۽
باطل نہ تہ ٻهرين دفعي پيدا ڪندو آهي ۽ نہ پيدائش کي
دهرائيندو آهي.

”ٻهرين دفعي پيدا ڪندو آهي“ مٿين آيت جا اهي لفظ ڌيان طلب آهن. خدا تعاليٰ جيڪي سڀ کان ٻهريان پيدا ڪيو، ظاهر آهي تہ اها ڪائنات جي تخليق جي ابتدا هوندي، ان کي ئي بنياد بنائي دهرايو ويو آهي. تخليق ڪائنات جي شروعات هڪ مذڪر ۽ هڪ مونث سان ٿي. ان سلسلي کي زمين تي پاڻي واري زندگي يعني نباتات، حيوانات ۽ انسان تائين دهرايو ويو. فلڪياتي جسمن ۾ بہ مذڪر ۽ مونث جسم آهن:

وَ مَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَ الۡاُنۡثٰۤى ۙ ﴿۳﴾ (اليل:3)

ترجمو: ۽ قسم آهي ان جو جنهن نر ۽ مادي پيدا ڪيو.

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

وَالَّذِیۡ خَلَقَ الۡاَزۡوَاجَ كُلَّهَا وَ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡفُلۡكِ وَ الۡاَنۡعَامِ مَا تَرۡكَبُوۡنَ ۙ ﴿۱۲﴾ (زخرف:12)

ترجمو: ان هر شئي جا جوڙا بنايا ۽ ان توهان جي لاءِ ٻيڙيون
۽ چوپاين کي خلقيو جن تي توهان سواري ڪريو ٿا.

جيستائين انسان جو تعلق آهي تہ مذڪر ۽ مونث جي ميلاپ لاءِ ڪوبہ وقت مقرر ڪونهي، اهي ڪهڙي بہ وقت ميلاپ ڪري جنسي عمل ڪن ٿا. ان کان هيٺ حيوانات آهن، انهن ۾ مذڪر ۽ مونث جو ميلاپ هڪ خاص وقت تي ٿيندو آهي. ان کان هيٺ نباتات جو نمبر آهي انهن ۾ مذڪر

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

۽ مونث جو ميلاپ هوا يا قدرت جي ٻين ذريعن سان ٿئي ٿو.

خدا جي قدرت جون نشانيون صاف ٻڌائي رهيون آهن تہ انسان کان هيٺ وچبو تہ نر ۽ مادي جو ميلاپ اختيار جي حدن مان نڪري جبر طرف وڃي ٿو. ڪائنات ۾ موجود نر ۽ ماده جسمن جو ميلاپ رياضيءَ جي قانونن تحت ٿئي ٿو. مذڪر ۽ مونث جسمن مان نڪرندڙ نور جون نديون جتي سنگم ڪن ٿيون اتي (مدارتي) نئون آسماني وجود جنم وٺي ٿو. ڄمڻ ۽ مرڻ جو سلسلو خارجي ڪائنات يعني فلڪياتي جسمن ۾ بہ موجود آهي. فلڪياتي جسم بہ ننڍي مان وڏا ٿين ٿا. جدا جدا مدارن تي نوان فلڪياتي جسم تخليق ٿيندا رهن ٿا ۽ موت اچڻ تي مختلف مدارن تي فلڪياتي جسمن جا لاش ترندا رهن ٿا. هن حقيقت کي ياد رکو تہ خارجي ڪائنات (يعني فطرت الله) ۽ زمين جي سيني تي انسانن جي فطرت هڪ ئي آهي صرف جبر و اختيار جو تعلق آهي. جبر پنهنجو جامو لاهي اختيار جو جامو پاتو آهي: قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِیْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیْهَا ؕ (الروم:30)

ترجمو: اها الله تعاليٰ جي ئي فطرت آهي، جنهن تي انسانن جي فطرت کي ٺاهيو ويو آهي.

اڇو تہ هاڻي قرآن حڪيم جي هن آيت تي غور ڪريون. هن آيت مان توهان کي صاف معلوم ٿيندو تہ زمين جي تخليق بہ مذڪر ۽ مونث مان ٿي آهي:

قُلْ اَئِنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِیْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِیْ یَوْمَیْنِ وَ تَجْعَلُوْنَ لَهٗۤ اَنْدَادًا ؕ (حم سجده:9)

ترجمو: توهان چئي ڏيون تہ ڇا ان رحيم جا منڪر ٿيا آهيو جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ تخليق ڪيو؟

هن آيت مطابق زمين جي گولي جي تخليق "ٻن ڏينهن" ۾ ٿي. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آخر بہ ڏينهن ڇو؟ ان جو صاف جواب آهي تہ زمين بہ هڪڙو زنده وجود آهي. اها بہ هڪ مذڪر ۽ هڪ مونث (ٻن ڏينهن) جي رياضياتي ميلاپ جونتيجو آهي. ان جو بہ هڪڙو پيءُ ۽ ماءُ آهي. اها بہ ننڍي مان وڏي ٿي آهي. قرآن شريف جي هيءَ آيت:

اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّ مِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ؕ (الطلاق:12)

ترجمو: الله اهو آهي جنهن ست آسمان پيدا ڪيا ۽ ان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ، شعوري ترقي ۾ پاڻ پيدا پانيوار



وانگر زمين بہ.

مٿين آية پاڪ ۾ قدرت جي ان قانون کي پيش ڪيو ويو آهي تہ جهڙيءَ طرح زمين "ٻن ڏينهن ۾" تخليق ٿي آهي اهڙيءَ طرح ڪائنات جي سيني جسمن يعني ستن آسمانن کي بہ ٻن "ڏينهن" ۾ خلقيو ويو آهي. هيءُ آيت پاڪ صاف شهادت ڏئي رهي آهي:

فَقَضٰهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ فِیْ یَوْمَیْنِ وَ اَوْحٰی فِیْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا ؕ (حم سجده:12)

ترجمو: ۽ پوءِ ٻن ڏينهن ۾ ستن آسمانن کي بنايو ۽ هر آسمان جي طرف ان جي (مناسبت) سان حڪم موڪليو.

هن حقيقت کي ياد رکو تہ قرآن حڪيم جتي لفظ "يوم" ڪم آندو آهي تہ ان مان مراد "چوويهن ڪلاڪن وارو ڏينهن ڪونهي بلڪ ان جو مطلب هڪ "دؤر" يا "تدريجي مرحلو" بہ آهي. فلڪياتي جسمن جي تخليق وڏن وڏن دؤرن ۾ ڪمال تائين پهچندي آهي. هن آيت پاڪ تي بہ غور ڪريو:

وَ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَیْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿۴۹﴾ (الذاريات:49)

ترجمو: اسان هر شيءِ مان جوڙا جوڙا پيدا ڪيا تہ جيئن اوهان ڌيان ڪريو.

ارتقا جي نظريي تي ڪم ڪندڙ هڪڙو عظيم سائنسدان G.G.Simpson اڄ اهائي ڳالهہ ڪري رهيو آهي جنهن کي آسماني ڪتابن اڳ ۾ ئي پيش ڪيو آهي:

"نظريہ ارتقا مان اسان کي سڀ کان پهريون ۽ عظيم سبق هي مليو ٿو تہ حيات هڪ آهي يعني وحدت حيات جو سبق. اهو عقيدو عيسائيت ۽ ٻين مذهبن ۾ بہ موجود آهي تہ دنيا جا سڀ انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن بلڪ ڪائنات جي سيني شعبن ۾ اهو رشتہءِ اخوت ڪار فرما آهي. اهڙيءَ طرح جو انهن سيني جو اولين سرچشمو هڪ آهي ۽ اهي سيئي هڪ ئي طريقي سان مختلف گوشن ۾ نشوونما پائي پنهنجي موجوده حالت تائين پهتيون آهن. (The Meaning of Evolution P.13)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

پـڙاڏو سـو سـڏ، ور وائـيءَ جـو جـي لهـين،
هـئـا اڳهـين گـڏ، ٻـڏڻ ۾ ٻـه ٿـيا.

❊

جوڙئـون جـوڙ جهـان جـي جـڏهن جوڙيـائين،
خاونـد خـاص خلقـي محمّـد مڪـائين.

مشهور روسي مفڪر P.A.Guspensky پنهنجي استاد Gurdjiff جي لفظن ۾ چوي ٿو:

”اهو ناممڪن آهي تہ اسان انسان جي مطالعي ڪرڻ کان سواءِ ڪائنات جو مطالعو ڪري سگهؤن ۽ ان سان گڏ اهو بہ ناممڪن آهي تہ اسان انسان جو مطالعو ڪائنات جي مطالعي ڪرڻ کان سواءِ ڪري سگهؤن. اسان جي تخليق انهن ئي قانونن سان عمل ۾ آئي آهي، جن قانونن تي ڪائنات جي جسمن جي تخليق عمل ۾ آندي وئي آهي. انسان پنهنجي ذات جي مطالعي سان ڪائنات جو مطالعو ڪري سگهي ٿو. يعني انهن سيني ضابطن ۽ قانونن جو مطالعو جن جي تحت هن ڪارخانہ عالم جو سلسلو هلي رهيو آهي. انهيءَ ڪري ڪائنات ۽ ذات جو مطالعو گڏوگڏ ٿيڻ گهرجي تہ جيئن هڪٻئي کان مدد ملي سگهي.“

*(In Search of Miracles p.17)*

آسمانن کان وٺي زمين تائين، قانونن جي وحدت آهي، ڇو تہ ڪائنات قانونن جو مجموعو آهي. ڪائنات هڪ زنده عقلي نظام آهي، ڇو تہ جيڪو حقيقي آهي اهو عقلي بہ آهي. ڪائنات بتدريج عقلي نظامن ۾ تخليق ٿي آهي. جيڪڏهن ڪائنات جي مختلف جسمن تي مختلف قسمن جا طبعي قانون هجن تہ پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ ڪائنات جا تخليقي مرحلا عقلي ڪونہ آهن. ڪائنات حقيقي آهي. ڪائنات قابل فهم آهي ۽ مخصوص قانونن تحت هلي رهي آهي. ان ڪري قابل پيشنگوئي آهي. ياد رکو تہ مشيت ايزدي ۽ حڪم الاهي اهوئي آهي جنهن کي ”قدرت جو قانون“ چئجي ٿو ۽ جنهن جي فيض سان ڪائنات قائم آهي. اهي قانون نهايت محڪم آهن. ڪائنات بتدريج مختلف ۽ متنوع عقلي نظامن ۾ تخليق ٿيڻ جي باوجود

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار


هڪ متحد نظام وانگر وحدت ۾ رهي ٿي. سيد لطيف جي ڏنل هن آسماني ذائقي کي وري چڪو سيد ڪائنات جي ابتدا جي ڳالهہ ڪري ٿو:

پـڙاڏو سـو سـڏ، ور وائـي جـو جـي لهـين،
هـئـا اڳهـين گـڏ، ٻـڏڻ ۾ ٻـه ٿـيا.

❊

Sindhica سنڌيڪا
Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



باب ٽيون

## پاڻ سڃاڻ

پنهون ٽيس پاڻ، ويو سسئيءَ جو سينگار،
من عرف نفسه فقد عرف ربه اهوئي آچار.

ان حقيقت ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته انسان جي زندگيءَ لاءِ، جيڪو نظام حيات ٺاهيو ويندو ته ان جي ابتدا، الاهياتي ۽ مابعد الطبعياتي مسئلن سان ٿيندي. زندگيءَ جي ڪابه اسڪيم ٺهي ڪونه سگهندي جيستائين انسان ۽ ڪائنات جي متعلق هڪ واضح ۽ متعين تصور نه قائم ڪيو وڃي. انسان ڪي هن دنيا ۾ ڪيئن رهڻ گهرجي؟ ان سوال جو صحيح جواب ان وقت ملندو جڏهن انسان جي پوري حقيقت معلوم ڪئي وڃي. انسان آهي ڇا؟ اهو آهي اجوڪي انسان جو بنيادي مسئلو. انسان جي بقا ۽ وجود جو دارومدار ان ئي مسئلي تي آهي.انسان جا باقي جيڪي به مسئلا آهن اهي سڀ ان جي تقاضائن مان نڪرن ٿا ۽ انهن سڀني مسئلن جي حيثيت ان جي جزئيات ۽ تفصيلات کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. مشهور مفڪر Professor Caird ان باري ۾ لکي ٿو:

”صورت اها آهي ته اڄ جي دور جو انسان پنهنجي حقيقت کان جيتريقدر ويڳاڻو آهي اوترو هن کان اڳ هي ڪنهن به دور ۾ ڪونه هيو. 21 صديءَ جي هن دور تائين، جنهن ۾ اسان گفتگو ڪري رهيا آهيون، گهڻن ئي فلاسافرن ۽ مفڪرن انسان جي مسئلي تي گهڻو زور ڏنو آهي پر هر هڪ، انسان جي باري ۾ پنهنجو الڳ الڳ نظريو ۽ ٻين کان مختلف تصور پيش ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو انسان جي حقيقت اڄوڪي دور تائين وڌ ۾ وڌ متنازع ٿي وئي آهي.“

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



(The Crisis of Civilization. Page.77)

جيڪڏهن اسان ڪونہ ٿا سمجهئون تہ انسان ڇا آهي ۽ ان کي ڇا ٿيڻ گهرجي؟ ٻين لفظن ۾ هيئن سمجهو تہ جيڪڏهن انسان جي حقيقت جي باري ۾ اسان جو فڪر واضح ۽ متعين ٿيل ڪونهي تہ پوءِ تمدن ۽ ثقافت، تعليم و تربيت، اخلاق ۽ معاشرت جي رابطن جي اصلاح جي نالي تي اسان جون سڀئي ڪوششون محض بيڪار ۽ بي نتيجہ آهن. اهي ماڻهو جي انسان جي حقيقت کي سمجهڻ بدران انفرادي ۽ اجتماعي اصلاح جي ڪوشش ڪن ٿا انهن جو مثال هڪ اهڙي ماليءَ جهڙو آهي جيڪو باغبانيءَ جو فن تہ ڄاڻي ٿو مگر جن وڻن جي هو نگهداشت ۽ سنڀال ڪري رهيو آهي ان جي قسمن کان ناواقف آهي ۽ اها ڳالهہ بہ ڪونہ ٿو سمجهي تہ سندس معاشري ۾ ماڻهن کي ڪهڙي قسم جي ميون جي ضرورت آهي.

هي ڪو اتفاقي حادثو ڪونهي بلڪ حقيقت اها آهي تہ اڄوڪي دور ۾ انسان جو سڀ کان وڏو مسئلو خود انسان ئي آهي. جيتري قدر زندگيءَ ۾ چمڪ دمڪ وڌي رهي آهي، جيتري قدر سائنس جو ذريعہ فطرت تي اقتدار حاصل ٿيندو ٿو وڃي، جيترين زياده آسانيون، آسائشون ۽ سهولتون انسان کي حاصل ٿينديون ٿيون وڃن، انهيءَ نسبت سان اهو هڪ انتهائي وڏو مسئلو ٿي ويو آهي. انسان پنهنجي علم جي ذريعي ڪائنات جي رازن کي بي نقاب ڪندو ٿو وڃي، پرايڏي وڏي علمي ترقيءَ باوجود هي سوال تہ خود انسان ڇا آهي؟ هڪڙو وڏو سواليہ نشان آهي ۽ اهو سواليہ نشان هر روز اڃان بہ وڏو ٿيندو ٿو وڃي. جيستائين توهان ان بنيادي سوال جو ڪو صحيح، معقول ۽ جامع جواب تلاش نہ ڪندؤ تيستائين ڪنهن بہ انساني مسئلي جي حل جو ڪوبہ امڪان ڪونهي. ڊاڪٽر شريعتي چوي ٿو:

"دنيا جو ڪوبہ اجتماعي نظام انسانيت جي ڪابہ بامعنيٰ خدمت نٿو ڪري سگهي جيستائين پهريان اها ڳالهہ نہ طئي ڪئي وڃي تہ انسان ڇا آهي؟ ان جي زندگيءَ جي اصل چاهت ڪهڙي آهي؟ ۽ ڪهڙو هدف آهي، جنهن جي ڳولا ۾ انسان سرگردان رهي ٿو. سندس فطرت ڪانئس ڪهڙي هدف تائين پهچڻ جي گهرج ڪري ٿي. گويا اصول اهو ٿيو تہ پهريان اهو طئي ڪيو وڃي تہ هن دور ۾ اعليٰ معاشرت، عظيم تمدن ۽ بظاهر



انتهائي ترقي يافتہ سياسي ۽ اجتماعي مڪاتب فڪر، انسان کي ڪهڙي رنگ ۾ رڱڻ گهرن ٿا. ان لحاظ کان اسان چئي سگهون ٿا تہ هر ڳالهہ کان پهريان جيڪا ڳالهہ حل طلب آهي سا هيءَ آهي تہ انسان آهي ڇا؟ ان جي ڪامل حقيقت ڇا آهي؟ ۽ ان حق کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ يا ٻين لفظن ۾ انسان کي انسان بنائڻ لاءِ ڪهڙن محاذن تي ڪم ڪرڻ گهرجي.

سائنسي ترقيات ۽ فني پيش رفت جي باوجود انسان ۽ انسانيت جي باري ۾ اسان جو علم بي حد محدود آهي. هڪ طرف زراعت، صنعت ۽ تجارت کي بي حد فروغ مليو آهي تہ وري ٻئي طرف بي روزگاري، فقر وفاقہ، بي چيني، بدامني ۽ اضطراب ۾ بہ انهيءَ کان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. بي شمار مسئلا پيدا ٿيا آهن. ان صورتحال جو واحد سبب اهو آهي تہ اسان کي پنهنجي حقيقت جي ڄاڻ ڪونهي. اهو سڀ کان وڏو ڪم آهي جيڪو انسان کي ڪرڻو آهي. لاعلمي ۽ جهالت پوري دنيا تي مسلط ٿي انسانيت کي گمراهہ ڪري رهي آهي. اسان جي دنيا کي خطرو ايٽم بمن کان ڪونهي، پر انسان جي حقيقت جي باري ۾ لاعلمي ئي درحقيقت اسان جي لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي. هن وقت ستارن جي پيمائش کان زياده انسان جي فطرت ۽ راهہ سعادت ڄاڻڻ جي ضرورت آهي. اسان انسان پاڻ ئي پنهنجي لاءِ خطرو بڻيل آهيون.

انسانذات جي ان ايڏي وڏي مسئلي جي حل لاءِ، اسان جڏهن سيد لطيف ڏانهن رجوع ڪريون ٿا تہ سيد ڏس ٿو ڏئي:

پنهون ٿيس پاڻ ويو سسئي جو سينگار،
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ اهوئي آچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سرئس هٿهين.

انسان ڪل جو جز آهي. جز جي فطرت، ڪل جي فطرت کان مختلف ٿي ڪونہ سگهندي.

خدا تعاليٰ انسانن کي پنهنجي فطرت تي ناهيو آهي. پنهنجي فطرت کي سمجهبو تہ الله جي فطرت سمجهہ ۾ ايندي، الله جي فطرت کي سمجهبو تہ انسان جي فطرت جي خبر پوندي. قرآن حڪيم شاهد آهي:

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا ؕ (الروم:30)

ترجمو: اها الله تعاليٰ جي ئي فطرت آهي جنهن تي انسانن جي فطرت کي ٺاهيو ويو آهي.

ٻئي هنڌ قرآن شريف ۾ اچي ٿو:

وَفِى الۡاَرۡضِ اٰيٰتٌ لِّلۡمُوۡقِنِيۡنَۙ ۝ وَفِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ ۝ (ذاريات: 20-21)

۽ زمين ۾ يقين ڪرڻ وارن لاءِ ڪيترين ئي نشانيون آهن، بلڪ خود توهان جي اندر به، پوءِ ڇا توهان ڪونه ٿا ڏسو؟

سيد لطيف ٿو چئي:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهه پئي،
وفي انفسڪم افلا تبصرون، سوجهي ڪر سهي
ڪڏهن ڪونه وئي، هوت ڳولهڻ هٿ تي.

مٿي ڏنل آية پاڪ (30:30) ۾ ”فطرت الله“ مان مراد آهي الله تعاليٰ جو اهو قانونِ تخليق، جنهن تي ان ڪائنات جي وسعتن ۾ ڦهليل اجرام فلڪي کي تخليق ڪيو آهي. ڇو ته ڪائنات الله تعاليٰ جي فطرت جو نتيجو آهي ۽ فطر الناس مان مراد آهي الله جو اهو قانون تخليق، جنهن مطابق ان زمين تي انسانن کي پيدا ڪيو. آيت پاڪ تي وري غور ڪريو:

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا ؕ (الروم:30)

اها الله تعاليٰ جي ئي فطرت آهي جنهن تي انسانن جي فطرت کي ٺاهيو ويو آهي.

قرآن حڪيم جي مٿين آية پاڪ (30:30) کي گهرائي ۾ سمجهڻ لاءِ هيٺين لفظن کي غور سان سمجهو.

رياضيدان PD. Ouspensky جي استاد gurdjeff جي هنن لفظن تي وري غور ڪريو:

”اهو ناممڪن آهي ته اسان انسان جي مطالعي ڪرڻ کان سواءِ ڪائنات جو مطالعو ڪري سگهون ۽ ان سان گڏ اهو به ناممڪن آهي ته اسان، انسان جو مطالعو ڪائنات جي مطالعي ڪرڻ کانسواءِ ڪري سگهون. انسان جي تخليق انهن ئي قانونن سان ئي عمل ۾ آئي آهي ، جن قانونن تي ڪائنات جي جسمن

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻي پانيوار


جي تخليق عمل ۾ آندي وئي آهي. انسان پنهنجي ذات جي مطالعي سان ڪائنات جو مطالعو ڪري سگهي ٿو. يعني انهن سڀني ضابطن جو مطالعو، جن جي تحت هن ڪارخانه عالم جو سلسلو هلي رهيو آهي. انهيءَ ڪري ڪائنات ۽ ذات جو مطالعو گڏوگڏ ٿيڻ گهرجي ته جيئن هڪٻئي کان مدد ملي سگهي.“ (In search of miracies.page.17)

مطلب ته خارجي ڪائنات، الله تعاليٰ جي فطرت جو نتيجو آهي. الله تعاليٰ انسانن کي پنهنجي فطرت تي پيدا ڪيو آهي. ياد رهي ته سيد لطيف جو پهريون سبق هي آهي ته ڪائنات ۾ سواءِ خدا جي، ڪنهن ٻي شيءِ جو ڪو به وجود ڪونهي. برٽينڊ رسل برطانيه جو مشهور فلسفي آهي. هو پنهنجي ڪتاب Problems of Philosophy ۾ لکي ٿو:

”جيڪڏهن ڪنهن شئيءَ جي فطرت مان مراد ان شيءِ جي باري ۾ ان جي سڀني حقائق جو مجموعو وٺئون ته پوءِ ظاهر آهي ته اسان ڪنهن شيءِ جي فطرت کي ان وقت تائين سمجهي ڪونه سگهنداسين جيستائين ان سان لاڳاپيل ٻين سڀني اضافتن کي نه سمجهؤن.“ صفحه 30)

انسان جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ماهرينِ حياتيات، فلسفين ۽ مفڪرن ڪم ڪيو آهي پر پوءِ به اهي انسان جي ڪامل حقيقت تائين ڪونه پهچي سگهيا ڇو ته انهن جي نظر، قدرت جي هڪ اهڙي قانون تائين ڪونه پهتي آهي، جنهن کي آسماني ڪتاب پيش ڪن ٿا. اها سچائي آهي ”قانون گناهه فطرت“، ان کي ”حد ڪمال، آغاز زوال“ جو قانون به چيو ويندو آهي. اچو ته انسان جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ قدرت جي هنن مظهرن تي غور ڪريون.

هي آهي گلاب جي ٻوٽي ۾ لڳل هڪڙي مکڙي، وقت سان قدرت ان مکڙي ۾ روح ڦوڪيندي ويندي. آخر اهڙو دور ايندو جڏهن اها مکڙي هڪڙي حسين و جميل گل ۾ تبديل ٿي ويندي. گلاب جي گل جي ان انتهائي حسين دور کي گل جو مقام ”احسن تقويم“ چونداسين. ٿورو وقت گذرڻ بعد، گلاب جو گل، پنهنجي گلابي مسڪراهٽ سان ماحول کي مهڪائي پتين ۾ لهڻ شروع ڪندو. گل جون پنکڙيون آهسته آهسته سڪي، ڪري پونديون ۽ گل تي دور اسفل سافلين ڇائنجي ويندو. فطرت جي ان

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

مظهر مان ظاهر ٿيو ته خير (خدا) جون قوتون، تخليق کي ڪمال تائين پهچائڻ کان پوءِ روح ڦوڪڻ جو ڪم پورو ڪن ٿيون. ان کان بعد چارج شر جي قوتن کي ملي ٿي جيڪي تخليق کي مقام احسن تان ڪيرائي مقام اسفل سافلين ۾ لاهي اچن ٿيون. قدرت جو ”حد ڪمال، آغاز و زوال“ وارو قانون ڪم ڪري ٿو. انجيل پاڪ آسماني ڪتاب آهي. ان ڪتاب ۾ به ان قانون کي پيش ڪيو ويو آهي:

”هر بشرگاهه وانگر آهي ۽ ان جو سارو شان شوڪت گاهه جي گل وانگر آهي. گاهه ته سڪي ويندو آهي ۽ گل ڪري پوندو آهي.“ (1۔پطرس 1:24)

اڳتي وڌڻ کان اڳ، اچو ته قرآن حڪيم جي هنن لفظن تي غور ڪريون ته جيئن انسان جي نظر، انهن قدرتي قانونن تائين پهچي، جيڪي قانون، انسان جي تخليق تي اثر انداز ٿيا آهن.

قرآن ۾ آيو آهي:

اُنْظُرُوْٓا اِلٰى ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ ؕ (الانعام: 99)

ترجمو: انهن وڻن سان گڏ ميوي لڳڻ ۽ پچڻ جي مرحلن جو مطالعو ڪريو.

هي آهي انب جو وڻ. ان ۾ ڦريان ڪچو ميوو لڳندو. قدرت ان ۾ روح ڦوڪيندي ويندي. ميوو پچي ڪمال (مقام احسن تقويم) تائين پهچندو يعني خير جون قوتون پنهنجو ڪم پورو ڪنديون. پڪل ميوو ٽاريءَ کان جدا ٿي هيٺ ڪرندو، چو ته اها ان جي تقدير آهي. هاڻي هيٺ ڪريل ميوي تي شر جو قبضو ٿيندو. وقت گذرڻ سان ميوي جي حالت خراب ٿيندي ويندي يعني ان تي دوراسفل سافلين چاڙهجي ويندو. اهو آهي گناهه فطرت، جيڪو نباتات جي دنيا ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ڪتاب فطرت جي حقائق مان صاف ظاهر آهي ته ”گناهه“ اهڙي عمل کي ڪوٺبو جيڪو جسم جي حسن کي (سونهن) برباد ڪري ڇڏي، ان جي ڪمال کي مٽائي، ان ۾ نقص پيدا ڪري ۽ ان کي بلندي کان ڪٽي پستي ۾ وٺي اچي.

قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:

وَ اللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًاۙ ﴿۱۷﴾ (نوح: 17)

ترجمو: خدا تعاليٰ انسانن کي زمين مان هڪڙي وڻ وانگر



پيدا ڪيو.

هن آيت پاڪ تي غور ڪرڻ سان صاف معلوم ٿو ٿئي ته انسان زمين جي پيداوار آهي. ان کي آسمان تي ناهي، زمين تي ڪونه آندو ويو. انسان ڪائنات جي بدن مان نڪتو آهي يو ته انسان جي تخليق تي نباتاتي قانون اثر انداز ٿيا آهن.

**انسان جي تخليق ۽ مقام احسن تقويم:**

انسان جي تخليق جو آغاز ڪائنات جي ابتدا کان ئي شروع ٿيو چو ته مذڪر ۽ مونث جسمن جو سلسلو ڪائنات جي شروعات کان وٺي، زمين تي موجود زندگيءَ تائين ڳنڍيل آهي. ان سلسلي ۾ ڪٿي به خلا ڪونهي. مثان کان آيل ارتقائي سلسلي کي مٽي، پاڻي، هوا ۽ حرارت جي موجودگي ۾ زمين تي ڦهلايو ويو. وَبَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ (السجده: 7)

مٽيءَ جي نئين شڪل انسان هئي. انسان جي نشوونما زمان ۾ ٿي آهي. سادو، پيچيده صورت کان ڦريان آهي ۽ هر بعد جي نوبت ڦرين نوبت کان ڪم ورتو آهي. مختلف الاجناس انواع هڪ ئي وحدت مان نڪتا آهن. جمادات کان نباتات تائين ۽ نباتات کان حيوانات ۽ انسان جي وچ ۾ هڪڙو رابطو ملي ٿو. اها ڳالهه ڪائنات جي سڀني شين جي باطني رابطي مان ملي ٿي.

انسان ته موجوده ڪونه هئو پر مٽيءَ ۾ هڪ حقيقت ممڪنه موجود هئي جيڪا ارتقا جي ذريعي نباتات مان ٿيندي، حيوانات مان گذرندي، ان وقت ڪمال تائين پهتي جڏهن ڦرين انساني نوع جو بدن سج جي بدن وانگر نورسان پرجي ويو ۽ چهرو به سج وانگر چمڪڻ لڳو يعني انسان آسماني صحت جو مالڪ ٿيو. اتي ارتقا جو سفر پورو ٿيو چو ته اُن کان وڌيڪ حسين چهري جو وجود ڪائنات ۾ آهي ئي ڪونه. ارتقا جي ان مقام تي آگر رڪي اسان چئي سگهون ٿا ته اتي جانور پورو ٿيو ۽ انسان شروع ٿيو. اهو آهي وجود ڪامل (خدا) جو چهرو.

خدا تعاليٰ انسان کي پنهنجي شڪل تي ناهيو: هڪ مشهور حديث پاڪ آهي:

الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي ناهيو.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

توريت پاڪ جي شهادت آهي:
خدا انسان کي پنهنجي شڪل تي ٺاهيو. (پيدائش 1:27)
سيد لطيف چوي ٿو:

هـو پـڻ ڪـونهي هـن ريءَ هـي نـہ هنهـان ڏار،
الانسـان سـري وانـا سـره، پـڙوڙج پـچـار،
ڪنـدا ويـا ويچـار، عـالم عـارف اهـڙي.

زمين تي جاندارن جي وجود ۾ اچڻ کان پهريان، مادي ڪائنات سڀ ارتقائي مرحلا طئي ڪري هڪ اهڙي شڪل ۾ موجود هئي، جنهن کان بغير اهي جاندار وجود ۾ اچي ڪونہ ٿي سگهيا تنهنڪري مادي ڪائنات جي ارتقا انهن جاندارن کي آڻڻ جي تياري هئي ۽ ان ارتقا جو سبب بہ اهوئي مقصد هو.

جهڙيءَ طرح مقصود ابتدا ۾ ٻج جي اندر لڪل ٿيندو آهي ۽ آخرڪار ثمر ۾ ظاهر ٿيندو آهي، اهڙيءَ طرح اهو چوڻ بلڪل درست آهي تہ فلڪياتي جسمن جي تڪوين کان، انسان ڪامل جي خلقت تائين، قدرت جيڪو سفر اظهار ڪيو ان جو مقصد انسان ڪامل هو. ڪامل الخلقت ان مخلوق کي چئبو آهي، جنهن ۾ حسن ۽ خوبي انتها تائين پهچي وڃن. ڪامل شيءَ ۾ نقص ڪونہ ٿيندو آهي. مقام احسن تقويم جي انتها تي، انسان کي پوري جمال ۽ ڪمال سان آندو ويو. هن آيت پاڪ تي وري غور ڪريو انسان جي تخليق تي نباتاتي قانون اثر انداز ٿيا آهن:

وَاللّٰهُ اَنۡۢبَتَكُمۡ مِّنَ الۡاَرۡضِ نَبَاتًاۙ ﴿۱۷﴾ (نوح: 17)

زمين تي ارتقا جو سلسلو هڪڙي وڻ وانگر ڦهليو آهي. شاخون ڪيڻ ۽ شاخ در شاخ ٿيڻ نباتات جي فطرت آهي. اهڙيءَ طرح سلسلو گل کان ٿيندو ميوي تائين وڃي پهچندو آهي. شاخ جي ٽاريءَ ۾ لڳل ثمر گودي ۽ رنگ جي تبديلين مان گذرندو آهي. اهڙيءَ طرح ميوي کي ڪمال تائين پهچڻ جي لاءِ مٿيان ٻڌايل مرحلا طئي ڪرڻا پوندا آهن. شاخن تي نوان پن نڪرندا ۽ سڪل پن ڪرندا رهيا. مختلف شاخن تي مختلف گل ڪليا. ان سلسلي جي بلند ترين هستي انسان آهي. "حد ڪمال آغاز زوال" جي قانون تحت انسان وڌ ۾ وڌ حسين مقام تي پهچڻ کان پوءِ زوال ڏانهن لهي آيو. بلڪل اهڙيءَ طرح

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڪي پانيوار


جيئن ٽاريءَ ۾ لڳل ڦل پچڻ (ڪامل ٿيڻ) کان پوءِ هيٺ ڪري پوندو آهي. وقت گذرڻ سان ڪريل ميوي جي حالت خراب کان خراب تر ٿيندي ويندي آهي. انسان بہ تخليق جي اهڙن مرحلن مان گذريو آهي.

لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ فِىۡۤ اَحۡسَنِ تَقۡوِيۡمٍ ۡ ﴿۴﴾ ثُمَّ رَدَدۡنٰهُ اَسۡفَلَ سٰفِلِيۡنَ ۙ ﴿۵﴾ (التين: 4-5)

## انسان جي تخليق ۽ مقام اسفل سافلين:

پڪل ميوو ٽاريءَ مان ڪرندو تہ ان جي حالت وقت (گذرڻ سان) خراب کان خراب تر ٿيندي ويندي. پهريون ڪامل انسان (آسماني صحت جو مالڪ) مقام احسن تقويم تان مقام اسفل سافلين ۾ ڪريو تہ ان جو پهريون اثر اهو ٿيو جو نور جي چادر لهڻ شروع ڪيو.

قرآن شريف ۾ آيو آهي:

لِيُبۡدِىَ لَهُمَا مَاوٗرِىَ عَنۡهُمَا مِنۡ سَوۡاٰتِهِمَا (الاعراف: 207)

مولانا عبدالماجد دريا آبادي پنهنجي "تفسير ماجدي" ۾ ان آيت متعلق لکيو آهي:

"آدم ۽ حوا جا جسم لباس نور سان ڍڪيل هئا ۽ اهڙي طرح انهن جي جسمن جا قابل ستر حصا خود انهن جي نظرن کان لڪل هئا. گناهن جي ڪري اهو نور جلي ويو ۽ جيڪي ڪجهہ انهن جي جسمن ۾ نور جي پردن ذريعي لڪايو ويو هو اهو انهن ٻنهي جي روبرو بي پرده ٿي پيو. اهوئي سبب هئو جو انهن پنهنجي جسمن جي خاص عضون کي وڻ جي پنن سان ڍڪيو."

توريت پاڪ جي شهادت آهي:

"۽ آدم ۽ ان جي زال ننگا هئا ۽ شرمائن نہ پيا." (پيدائش 2:52)

اهي ننگا ضرور هئا ليڪن نور جي جيڪا پوشاڪ، انهن جي جسمن تي چڙهيل هئي ان سبب ڪري اهي ڪونہ پيا شرمائن چو تہ انهن جا خاص عضوا نور جي پردي سان ڍڪيل هئا.

توريت پاڪ جي شهادت آهي:

"تڏهن ٻنهي جون اکيون کلي پيون ۽ انهن کي معلوم ٿيو تہ اهي ننگا آهن ۽ انهن انجير جي پنن کي پاڻ ۾ سبي ڪري پنهنجي لاءِ لنگيون ٺاهيون." (پيدائش: 3:7)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وري غور ڪريو. پهرين انساني نوع، جڏهن ارتقاجا مرحلا طئي ڪري مقام احسن تقويم تائين پهتي تہ اها آسماني صحت جي مالڪ هئي. پهرين ڪامل انساني نوع جو چهرو سج وانگر پئي چمڪيو ۽ ان جو سڄو بدن سج جي بدن وانگر نور سان ڀريل هو. انسان کي وڌ ۾ وڌ حسين مقام (حسن ڪمال) تائين پهچايو ويو. ظاهر آهي تہ ان مقام کان وڌيڪ حسين مقام ٻيو ٿي نٿو سگهي. سيد لطيف جو هي شعر:

پــاڻهين جـل جلالــه، پــاڻهين جــان جمــال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي پــاڻهين حسن ڪمــال.

هن تمثيل کي سامهون رکو. مقام احسن تقويم تي پهريون ڪامل انسان ان شمع وانگر هيو جنهن جو شيشو بلڪل صاف هجي. جڏهن شمع کي ٻاريو وڃي تہ اها روشنيءَ سان ڀرجي وڃي. حد ڪمال آغاز زوال قانون تحت يعني مقام اسفل سافلين ۾ ڪرڻ کان پوءِ انسان جي حالت ان شمع وانگر ٿي وئي جيڪا ٻرندي تہ هجي پر ان جو شيشو دونهين جي ڪري ايترو تہ ڪارو ٿي وڃي جو روشني شيشي کان ٻاهر نڪري نہ سگهي. انسان جي بدن جي مڪينزم ۾ لڳل ان ڪاراڻ جو نالو "نفس" آهي. ناري ٻاڙون اتان ڦهلجن ٿيون. اهو نفس شر جو اصلي سرچشمو آهي. وري ياد ڪيو تہ مقام احسن تقويم وقت انسان وجود ڪامل هيو. وجود ڪامل ان ڪامل الخلقت کي چئبو آهي، جنهن ۾ حسن و خوبي پنهنجي انتهائي حد تائين پهتل هجي ۽ ڪمال ان انتهائي حد کي چوندا آهن، جنهن تائين اها پنهنجي پوري نشوونما کان بعد پهچي سگهي. جيڪا شيءَ ڪمال تان ڪرندي آهي تہ ان ۾ ڪمي يعني نقص اچي وڃن ٿا.نقص يا ڪمي بذات خود شر آهي. اها ڪمي يا نقص، خير جوگويا فقدان آهي. انسان ۾ فنا جا عناصر داخل ٿي ويا.

مقام احسن تقويم (ڪمال) تان ڪرڻ ڪري انسان ۾ "نفس" جاءِ ٺاهي. نفس نسل درنسل، قانون وراثت تحت منتقل ٿيندو آيو آهي. اهوئي سبب آهي جو هن وقت تائين "ڪل نفسٌ ذائقة الموت" جو قدرتي قانون ڪم ڪندو ٿو رهي. نسل در نسل گناهہ ٿيندا رهيا انهن جا منفي اثرات بہ انسانن ۾ جمع ٿيندا آيا. انسان ۾ ماضي موجود آهي. هن مساوات تي غور ڪريو:



قانون"حد ڪمال آغاز زوال" جا نقصان x نسل درنسل ٿيل گناهہ= نفس

اهو نفس ئي آهي جنهن جي ڪري انسان ڪراڙو ٿئي ٿو ۽ آخرڪار موت جي غار ۾ غائب ٿي وڃي ٿو. نفس جي غلاظتن سبب انسان سڄو ڏينهن موت کي ڳولهيندو ٿو وتي. آخرڪار 60_70 سالن جي عمر ۾ انسان "موت" کي ڳولهڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. گناهہ انسان جي جسم کي مجروح ڪن ٿا ۽ ان جي روح ۽ ماحول کي آلوده ڪن ٿا. شراب جا خراب اثر شرابيءَ جي اولاد تي پون ٿا. اهڙيءَ طرح ٻيا لاتعداد گناهہ آهن جن جا اثر وراثت ۾ ملن ٿا. نفس قدرت جي قاعدن جو نتيجو آهي. اهو ڏنو آهي قدرت واري. ان جي فريب کان بچڻ جي هر وقت تلقين ڪئي وئي آهي: حضور اڪرم ﷺ جو ارشاد پاڪ آهي:

ادعٰی عدوت نفسك التی بین فیك

ترجمو: توهان جو بدترين دشمن اهو نفس آهي جيڪو توهان جي پنهنجي پهلوءَ ۾ آهي.

سيّد لطيف ان ڏس ۾ چوي ٿو:

مــون کـي مــون پــرين، ٻــڌي وڌو تــار ۾،
ايــا ايــئن چــون، مچــڻ پانــد پســائين.

هڪڙي دفعي ڪنهن اصحابي، حضور اڪرم ﷺ کان پڇيو تہ ڇا توهان ۾ بہ "نفس" آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ مون ۾ بہ نفس آهي پر مان ان کي "مسلمان" ڪيو آهي.

## زندگيءَ جو مقصد:

زندگيءَ جي مقصد جو تعين ڪيو وڃي تہ اهو آئينده حاصل ٿيڻ واري حالت جو ڪو بهتر تصور آهي. قرآن حڪيم جي نظر ۾ زندگيءَ جو مقصد آهي نفس جي غلاظتن کي صاف ڪري ڪامل ٿيڻ. يعني اها آسماني صحت حاصل ڪرڻ جيڪا قدرت طرفان پهرين انساني نوع کي ملي هئي:

وَلِيُمَحِّصَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَيَمْحَقَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٤١﴾ (آل عمران:141)

ترجمو: تہ جيئن الله تعاليٰ ايمان وارن کي ميراڻ کان صاف ڪري ۽ ڪافرن کي مٽائي.

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻ پائيندڙ



انجيل پاڪ ۾ آيو آهي:

”اي رياڪارو! فقيهو فريسيو توهان تي افسوس! جو پيالي ۽ رڪابيءَ کي مٿان صاف ٿا ڪريو مگر اندر ناپاڪائيءَ سان پريل آهن. اي انڌا فريسي! پهريان پياليءَ ۽ رڪابيءَ کي اندران صاف ڪيو تہ جيئن مٿان بہ صاف ٿي وڃن.“ *(متي: 25:23)*

سيّد لطيف چئي ٿو:

جاڳڻ منجهان جس، آهي ادا تنهن کي،
لاهي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪس،
ورنہ! ڪجاڻ وس، صبح ساڻ سيّد چئي.

قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

يَآيُّهَا الۡاِنۡسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدۡحًا فَمُلٰقِيۡهِ ۚ ﴿۶﴾ (الانشقاق:6)

ترجمو: اي انسان تون ڪوشش ڪري پنهنجي پروردگار جي طرف سفر ڪري رهيو آهين بالآخر ان تائين پهچي ويندين.

انسان جي زندگيءَ جو مقصد خدا (ڪمال) تائين پهچڻ آهي. آسماني ڪتاب انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”ان ڪري مسيح بہ يعني راستباز ناراستن جي لاءِ، گناهن جي باعث هڪ دفعي ڏک ڪنيو تہ جيئن اسان کي خدا تائين پهچائي.“ *(پطرس جو پهريون خط (18:4))*

سيد لطيف چوي ٿو:

اول آخر آهہ، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
پورهيو سندو پورهيتن، والي ڪيم وڃاءِ،
سو مون ٿورو لاءِ، جيئن جيئري ملان جت کي.

انسان حسن تلاش ڪندڙ جاندار آهي. حسين کان حسين تر ۽ خوب کان خوب تر مقام تائين وڃڻ چاهي ٿو. انسان جنهن مقام احسن تقويم (مقام حسن ڪامل) تان ڪريو آهي، حسن جي ان چوٽيءَ تائين وري پهچڻ گهري ٿو. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

سَاُرۡهِقُهٗ صَعُوۡدًا ﴿ؕ۱۷﴾ (مدثر:17)



ترجمو: عنقريب ان کي مجبور ڪنداسين تہ هو زندگيءَ جي چوٽيءَ تائين وڃي.

انسان جي اندر بلند کان بلند ٿيڻ جي طلب هميشہ اڀرندي رهي ٿي. ان جون نگاهون هميشہ مٿي ڏسن ٿيون. انسان جنهن ڪمال (خدا) کان جدا ٿيو آهي اهو وري حاصل ڪرڻ گهري ٿو. اها انسان جي اصل پياس آهي. جيڪڏهن خالق، خلقت اندر پياس پيدا ڪئي آهي تہ اهو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ پاڻي موجود آهي. ڪنهن شيءِ جي عدم موجودگيءَ ۾، ان جي خواهش جو هجڻ حڪمت آفرينش سان هم آهنگ ٿي نٿو سگهي. هتي هڪ ارتقائي تقاضا موجود آهي جيڪا انسان کي هيٺين حالتن مان ڪڍي بلنديءَ ڏانهن وٺي وڃڻ چاهي ٿي. زندگي تخليق ڪري ٿي، اها هڪ فعال ۽ متحرڪ قوت آهي. انسان جي روحاني قوت، مسلسل تغيرات ۽ انقلابن جي ذريعي اڳتي ئي اڳتي وڌڻ چاهي ٿي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

فَلَآ اُقۡسِمُ بِالشَّفَقِ ۙ﴿۱۶﴾ وَ الَّيۡلِ وَ مَا وَسَقَ ۙ﴿۱۷﴾ وَ الۡقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ۙ﴿۱۸﴾ لَتَرۡكَبُنَّ طَبَقًا عَنۡ طَبَقٍ ؕ﴿۱۹﴾

(انشقاق:4)

ترجمو: ”مان ان سرخيءَ جي شهادت ڏئي چوان ٿو جيڪا ڏينهن جي پوري ٿيڻ وقت شفق جي صورت ۾ نمودار ٿيندي آهي. ان شفق جي سرخيءَ بعد ان رات جي شهادت ڏيان ٿو ۽ انهن سيني جي، جن تي اها ڇانئجي وڃي ٿي، ۽ چنڊ جي شهادت ڏيان ٿو جڏهن اهو آهستہ آهستہ هلال مان پورو چنڊ ٿي وڃي ٿو تہ توهان انسانو! ضرور هڪ درجہ پيدائش مان ٻئي درجہ پيدائش تائين اهڙيءَ طرح چڙهندا ويندؤ جهڙيءَ طرح زوال آفتاب کان بعد شفق ۽ شفق کان بعد رات ۽ پوءِ چوڏهين رات جو پورو چنڊ نمودار ٿيندو آهي ۽ روشني ڪمال تائين پهچي ويندي آهي.“

يَآيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوۡا بِرَسُوۡلِهٖ يُؤۡتِكُمۡ كِفۡلَيۡنِ مِنۡ رَّحۡمَتِهٖ وَيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ نُوۡرًا تَمۡشُوۡنَ بِهٖ وَيَغۡفِرۡ لَكُمۡ ؕ (الحديد:28)

ترجمو: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي پيغمبر تي ايمان آڻيو. الله تعاليٰ توهان کي پنهنجي رحمت مان ٻٽا حصا ڏيندو ۽ توهان جي لاءِ نور پيدا ڪندو. جنهن کي توهان ڪنيون گهمندا وتندؤ. هو توهان کي بخشي ڇڏيندو.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



مٿين آيت پاڪ جا هي لفظ غور طلب آهن: ”توهان جي لاءِ نور پيدا ڪندو جنهن کي توهان ڪنيون گهمندا وتندؤ“. قرآن شريف جي هيءَ آيت صاف ٻڌائي ٿي تہ انسان جي زندگيءَ جو مقصد نور جي اها پوشاڪ وري پائڻ آهي جيڪا قانون ”حد ڪمال آغاز زوال“ جي تحت لهي وئي آهي. انجيل پاڪ آسماني ڪتاب آهي. ان جي شهادت تي غور ڪريو.

”ان وقت راستباز پنهنجي پيءُ جي بادشاهي ۾ سج جي وانگر چمڪندا. جنهن کي ڪن آهن سو ٻڌي. (متي 43:13)

ٻئي هنڌ قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾ (المومنون: 115)

ترجمو: ڇا توهان سمجهو ٿا تہ توهان کي بنا مقصد جي پيدا ڪيو ويو آهي ۽ توهان جي زندگيءَ جي گردش جو رُخ اسان جي طرف ڪونهي؟

قرآن حڪيم جي مٿين آيت صاف ٻڌائي رهي آهي تہ زندگيءَ جي گردش جو رخ (خدا) ڪمال ڏانهن آهي. انسان دولت کي زندگيءَ جي مقصد جي جاءِ تي رکيو آهي. جيتوڻيڪ زندگيءَ جو مقصد آهي خدا (ڪمال) کي حاصل ڪرڻ. ان ڪري انجيل پاڪ جي آيت (متي 24:6) ۾ آيو آهي:

”ڪوبہ ماڻهو ٻن مالڪن جي خدمت ڪري ڪونہ سگهندو يا تہ هڪ سان عداوت رکندو ۽ ٻئي سان محبت....
توهان خدا ۽ دولت ٻنهي جي خدمت ڪري نٿا سگهو.“

سيّد لطيف ڇا ٿو چوي:

اڪ الـتـــي ڏار، ونءُ ابتـــو عـــامر ســين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوپار،
منجهـــان نـــوح نهـــار، پرپنيـــرو پـــرينءَ ڏي.

سيّد لطيف جا هي لفظ غور ۽ فڪر جي دعوت ڏين ٿا:

”پر پنيرو پرينءَ ڏي“ ڪمال (خدا) ڏانهن واپس موٽڻو آهي. عربي زبان ۾ رجوع جي معنيٰ آهي پوئتي موٽڻ، واپس ٿيڻ. هي لفظ پهرين حالت جي طرف رجوع ڪرڻ کي چوندا آهن.

الرجعۃُ ڪنهن عورت کي طلاق ڏيڻ کان بعد وري ازدواجي تعلق (زال ۽



مڙس) قائم ڪرڻ آهي. يعني پهرين حالت جي طرف موٽي وڃڻ. لفظ رجع جي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ڪائنات جي مظاهر تي غور ڪريو. رَجَعٌ جي معنيٰ آهي پوئتي موٽڻ. جيڪا شيءِ گردش ڪندي آهي اها موٽي ان مقام تي ايندي آهي جتان هلي هئي. ان لحاظ کان هر گردش ڪندڙ شين ۾ رجع ملي ٿو. سورة الطارق ۾ آيو آهي: وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ﴿۱۱﴾ (الطارق: 11) ان جي معنيٰ اها آهي تہ ڪائنات جي بلند فضا يا ان جي اندر جيڪي گولا آهن اهي گردش ڪندا رهن ٿا ۽ جتان هلن ٿا گردش ڪري اتي موٽي اچن ٿا. قرآن حڪيم جي هيءَ شهادت: وَكُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿۴۰﴾ (يٰس: 40) يعني ڪائنات جا جسم پنهنجي پنهنجي مدارن ۾ تري رهيا آهن. زندگيءَ جو مقصد قبر نہ بلڪ خدا (ڪمال) آهي. اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ (البقره: 156) جو مقصد هي آهي تہ اسان جو هر قدم ان بلنديءَ ۽ ان آسماني منزل طرف اٿندو جيڪا قدرت مقرر ڪئي آهي. قرآن حڪيم جي هيءَ آيت پاڪ صاف شهادت ڏئي رهي آهي:

اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ﴿۸﴾ (علق: 8)

تحقيق پروردگار جي طرف ڦيهر موٽڻو آهي.

اچو تہ هاڻي هن آيت پاڪ تي غور ڪريون:

نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ بِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا وَ اغْفِرْ لَنَا (التحريم: 8)

ترجمو: انهن جي پيشاني جو نور انهن جي اڳيان ۽ ساڄي ڪابي انهن جي رستي کي روشن ڪندو ويندو ۽ انهن جي اها آرزو هوندي تہ انهن جو نور تڪميل تائين وڃي پهچي.

هن آيت پاڪ ۾ ”نور جي تڪميل“ جي آرزو ڪئي وئي آهي. هن جمليي ”انهن جي اها آرزو هوندي تہ انهن جو نور تڪميل تائين پهچي وڃي.“ مان هتي هڪڙو ضروري سوال ٿو پيدا ٿئي تہ نور هڪ ڪامل قوت آهي پوءِ انکي تڪميل جي ڪهڙي ضرورت؟!

قرآن حڪيم ڪامل ڪتاب آهي ان ڪري ان کي ”نور“ چيو ويو آهي

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰٓىٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ (الاعراف: 157)

ترجمو: سو جن ماڻهن ان نبيءَ تي ايمان آندو ۽ ان جو ساٿ ڏنو ۽ ان جي مدد ڪئي ۽ نور جي پيروي ڪئي جو ان سان گڏ لاٿو ويو آهي سو اهي ئي تہ ماڻهو آهن فلاح پائڻ وارا).

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

صاف ظاهر آهي تہ متي ڏنل آيت پاڪ (8:44) ۾ نور جي تڪميل مان مراد آهي انسان جي بدن تي نور جي اها چادر چڙهڻ جيڪا مقام احسن تقويم تي انسان کي پاتل هئي، جيڪا ”حد ڪمال آغاز زوال“ جي قانون جي اثرن ڪري سڙي وئي. هن آيت پاڪ تي وري غور ڪريو:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ (الحديد: 28)

(ترجمو: اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ان جي پيغمبر تي ايمان آڻيو. الله توهان کي پنهنجي رحمت مان ٻيڻا حصا ڏيندو ۽ توهان جي لاءِ نور پيدا ڪندو جنهن کي توهان کنيون گهمندا وتندءُ. هو توهان کي بخشي ڇڏيندو.)

خدا تعاليٰ (نور) ڪامل آهي اهو انسان کي بہ ڪامل ڏسڻ چاهي ٿو. ظاهر آهي تہ انسان ڪامل ان وقت ٿيندو جڏهن ان ۾ خدا تعاليٰ جو صفتون پوري تناسب سان آباد ٿين. آسمان جو حڪم آهي:

”بس گهرجي تہ توهان ڪامل ٿيو جيئن توهان جو آسماني پيءُ ڪامل آهي.“ *(متي 5:43)*

جيئن جيئن انسان ۾ خدا جون صفتون اينديون تہ روحاني غلاظتون نڪرنديون. حق پنهنجي محفل مچائيندو. انسان مقصد ڏانهن ايرندو ويندو ڪمال جي قريب ٿيندو ويندو. انجيل پاڪ خدا جي صفتن لاءِ هيئن ٿو فرمائي، (ياد رکو تہ رحيم خدا جي صفت آهي):

”ڇوتہ هو ناشڪرن ۽ بدماڻهن تي مهربان آهي جهڙو توهان جو پيءُ رحيم آهي توهان بہ رحمدل ٿيو.“ *(لوقا 6:28)*

غور جو مقام آهي تہ انسان ڪامل ان وقت ٿيندو جڏهن خدا (ڪامل) جون صفتون زندگيءَ کي مهڪائن. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَلِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۠ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اَسْمَآئِهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸۰﴾ (الاعراف 80)

(ترجمو: تمام صفتون الله تعاليٰ جي لاءِ آهن. الله تعاليٰ جي ذات سيني صفتن جي حامل آهي. اهي صفتون انتهائي اعتدال ۽ تناسب سان خود پنهنجي ذات ۾ جلوه گر ڪندا وڃو ملحد اهو

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڪي پانيوار



آهي جيڪو ڪنهن هڪ صفت ۾ افراط کان ڪم وٺي تناسب کي بگاڙي ڇڏي ٿو.

*

اچو تہ هاڻي سيد لطيف جي مئيخاني تي ٿا هلئون، آسماني ساقي آسماني جام پيش ڪندي فرمائي ٿو:

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي تن لهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا مئي پي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي.

انسان کي گهرجي تہ ڪيفيت ڪمالي پيدا ڪري ڪامل ٿين ڇو تہ گناهن جي باهہ ۾ سڙيل نور کي واپس آڻڻ جو اهوئي قدرتي ذريعو آهي. بدن تي نور جي چادر پائڻ جي ٻي ڪابہ واهہ ڪونهي؛ اهائي تقدير آهي. تقدير تبديل ڪونہ ٿيندي ڇو تہ اها فڪر جي آخري حد آهي.

رب ۽ خالق وغيره خدا تعاليٰ جو صفتون آهن. خدا تعاليٰ جون سيئي صفتون هڪ ئي وقت ڪم ڪن ٿيون. ان جي ڪابہ صفت معطل ڪونہ ٿي ٿئي. اهي سيئي صفتون، جڏهن انسان ۾ اچن ٿيون تہ اهي مقصد ڏانهن وڌنڙ حرڪت ٿي پون ٿيون. ڪمال، خدا تعاليٰ جي صفت آهي ۽ ذات کان صفت جدا ڪونهي. انسان کي گهرجي تہ ڪامل ٿيندو (ڪمال، خدا، مقصد ڏانهن) وڌندو وڃي. ان جو هر ايندڙ پل ويندڙ پل کان حسين ٿئي.

لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ﴿۱۹﴾ (علق: 19)

(ترجمو: تون ان شخص جي ڳالهہ کي نہ مڃ جيڪو انڪار جون راهون ڳولهي رهيو آهي بلڪ خدا جي قانون جي اطاعت ڪر ۽ اهڙيءَ طرح خدا (ڪمال) جي ويجهو ٿيندو وڃ.)

*

انسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي بلندين ڏانهن وڌڻ. هڪ آسمان تان پرواز ڪري ٻئي آسمان تي وڃڻ. ڪمال ان وقت هلندو جڏهن ڪمال جي بندگي ڪبي. انسان کي بقا جي لاءِ خدا (عقل ڪل، حقيقت ڪل) جي اهڙي ضرورت آهي جيئن پاڻي، هوا ۽ خوراڪ زندگيءَ لاءِ ضروري آهن. جيڪڏهن انسان اها روش اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ پوءِ ان جي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com
Gul Hayat Institute

نظام ۾ اختلال پيدا ٿيندو. انسانذات جو مطلوب، مقصود ۽ محبوب خدا آهي. خدا تعاليٰ انسان کان جيڪڏهن اهو مطالبو ڪيو به آهي ته در حقيقت اهو انسان جي ڀلائي لاءِ ئي آهي. جيڪڏهن انسان، اصل مالڪ کي نه سڃاڻي ۽ نه ئي وري ان جي سامهون سر جهڪائي ۽ ان جي جاءِ تي ڪي ٻيا خدا بنائي ته پوءِ خود انسان جي زندگي برباد ٿي ويندي. انسان جي ان کان وڌيڪ بدنصيبي ڪهڙي ٿيندي جو جنهن مالڪ، ان کي تخليق ڪيو آهي، ان جي راضپي کي بنياد بنائڻ بدران ٻئي رستي تي وڃي مثلاً دولت سان تعلق خاطر پيدا ڪري.

”ڪوبه ماڻهو ٻن مالڪن جي خدمت ڪري ڪونه سگهندو. يا ته هڪ سان عداوت رکندو ۽ ٻئي سان محبت. يا ته هڪ سان ميل رهندو ۽ ٻئي کي ناچيز سمجهندو. توهان خدا ۽ دولت ٻنهي جي خدمت ڪري نٿا سگهو.“ *(متي6:24)*

ٻن متضاد شين جي محبت ڪنهنجي دل ۾ هڪئي وقت جمع ٿي ڪونه سگهندي. انسان يا ته خدا جو ٿي سگهي ٿو يا دولت جو. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ۚ (الاحزاب: 4)

(ترجمو: خدا تعاليٰ ڪنهن انسان ۾ ٻه دليون نه رکيون آهن.)

هڪڙو اهڙو غلام آهي جنهن جا مالڪ گهڻا آهن. انهن مان هر هڪ کو ڪم ڪرڻ لاءِ چئي ٿو. هڪڙو چويس ٿو فلاڻو ڪم ڪر. ٻيو مالڪ چويس ٿو ته هن مالڪ جو نه بلڪ منهنجو هي ڪم ڪر. اهو انهن جي وچ ۾ حيران بيٺو آهي. وري هڪ شخص اهڙو آهي جنهن جو صرف هڪ ئي آقا آهي. اهو صرف ان جي سامهون ئي سر جهڪايون بيٺو آهي. ڪوبه تضاد ڪونهي بلڪ اهو سڪون قلب سان قدم کڻي پوري دل جمعي سان اڳتي وڌي ٿو. هو هڪ خدا جي سرپرستي ۾ آهي جيڪو هر شيءِ ۾، هر حال ۾ ۽ هر جڳهه تي ان جي هدايت ڪري ٿو. ڇا اُهي ٻئي ماڻهو برابر آهن. مشرڪ ۽ موحد جو اهو ئي حال آهي.

اعليٰ مقصد کي تقويت ڏيڻ دراصل اغراض الاهيءَ جي تڪميل ڪرڻ آهي ۽ ادنيٰ مقصدن جي لاءِ پيچ ٻڪ ڪرڻ خدا تعاليٰ جي مرضيءَ جي خلاف ورزي آهي: آدم جي اولاد ٻن مالڪن جي محڪوم ٿي ڪونه



سگهندي. اها هڪ سان مليل رهندي ته ٻئي کي ڇڏي ڏيندي. هڪ سان جڙندي ته ٻئي کي ڪٽيندي. هڪڙو مومن ڪنهن کي ڇڏيندو ۽ ڪنهن سان ملندو؟ خدا سان يا دولت سان؟ وري غور ڪريو:

”ڪوبه ماڻهو ٻن مالڪن جي خدمت ڪري ڪونه سگهندو. يا ته هڪ سان عداوت رکندو ۽ ٻئي سان محبت يا ته هڪ سان مليل رهندو ۽ ٻئي کي ناچيز سمجهندو. توهان خدا ۽ دولت ٻنهي جي خدمت نٿا ڪري سگهو.“ *(متي: 6:24)*

هڪ ملڪ جا ٻه بادشاهه ٿي ڪونه سگهندا. مومن جي دل ڪنهن جي بادشاهي قبول ڪندي؟ جن ماڻهن مفادات کي پنهنجو مقصود بنائي ڇڏيو آهي. آخر اهي مفادن جي بندگي ڇڏي ڪري سچي خدا جي بندگيءَ جو حق ڪهڙيءَ طرح ادا ڪري سگهن ٿا؟ جيڪڏهن ڪو شخص وحدانيت جو اقرار به ڪري ۽ ظاهري طور تي معمولي قرباني ڏيڻ لاءِ به تيار نه هجي ته پوءِ صاف ظاهر آهي ته اهڙي انسان اندر خدا جي محبت ڪونهي.

خارجي ڪائنات الله تعاليٰ جي فطرت آهي. الله تعاليٰ انسانن کي پنهنجي فطرت تي ناهيو آهي.

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ (الروم: 30)

اها الله جي فطرت آهي جنهن تي انسان کي پيدا ڪيو اٿس.

خارجي ڪائنات ستارن سان ڀريل آهي ته زمين تي به انسانن جي روپ ۾ ستارا هئڻ گهرجن، جو ته هڪ ئي فطرت آهي. جيڪڏهن انسان آسماني صحت جو مالڪ ٿئي يعني ان جو چهرو ائين چمڪي جيئن سج جو چهرو چمڪي ٿو ۽ انسان جو سڄو بدن ائين روشنيءَ سان ڀرجي وڃي جيئن سج جو بدن روشنيءَ سان ڀريل آهي ته ڇا اهڙي آسماني صحت جي مالڪ انسان تائين جسماني موت جا چنبا پهچي سگهندا؟ ۽ جيڪڏهن انسان آسماني صحت جو مالڪ ٿي وڃي ته ان جي جنسي لذت جو معيار ڪهڙو ٿيندو؟ (انهن ٻنهي سوالن جا جواب هن ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ ڏنا ويندا) حقيقت اها آهي ته خدا تعاليٰ انسان کي لازوال جواني ۽ لازوال صحت جو مالڪ ڪرڻ ٿو چاهي. مرد ۽ عورت هڪٻئي سان ملي هڪ جسم ٿين. ائين لڳندو ته جڻ ٻه ستارا (مرد عورت) ڀاڪر پائي هڪ ستارو ٿي ويا آهن. سيد لطيف ٿو چوئي:

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جيڪـــي ڏنـــائون ســـو ســـيوئي صـــحت،
مر چٺـــو آزاران کـــي، نڪـــي مصـــيبت.

❋

خدا تعاليٰ انسان جي تعمير جو بنياد ”عشق“ تي رکيو آهي. سيد لطيف چوي ٿو:

پڇـن جـي ميهـار کـي، پڇـي سـي ميهـار،
ترهـو تنـين بـار، عشـق جنـين کـي آکـرو.

❋

پـاڻ مر کـٺج پـاڻ سـين، وسـيلا وڃـاءِ،
عشـق سـان اٿـاءِ، پيـر پريـان جـي پـار ڏي.

❋

پـاڻ رکـڻ پـاڻ سـين، ريءَ وسـيلي وڃ،
لالـن تنـي لـه، عشـق جنـين جـي اڱ ۾.

عقل، غلاظتن کان صاف ٿئي تہ ’عشق‘ آهي. عشق، عقل جي چوڏاري نور جو گهيرو آهي. عشق ۽ عقل جي اجتماع تي ئي انسان ڪامل جو معراج آهي. عشق جي زندگيءَ ۾ افڪار، عمل ۽ جبلتون هڪ ٿي وڃن ٿيون. تڪوين عالم ۽ ارتقاءِ حيات جو سرچشمو عشق آهي. عشق صرف حيات شعوري جي پيداوار ڪونهي بلڪ هيءَ مادي ڪائنات بہ عشق جو ظهور آهي. عشق، خدائي، جسماني يا جنسي ڪونهي بلڪ اهو پوريءَ زندگيءَ جو جوش آهي. ڪماليت ڏانهن وڌڻ جو. عشق جي تقاضا مڪمل پختگي ۽ ترقي چاهي ٿي. اها هڪ بنيادي نوراني قوت آهي، جا زنده رهڻ، وجود جي سيني وسيلن ۽ مخفي خزانن جي حسن کي شهود ۾ آڻڻ جي تقاضا ڪري ٿي.

عشق، عقل جي چوڏاري نوراني ڪوٽ آهي. جڏهن عقل جون پاڙون، عشق جي رس چوسين ٿيون تہ تخليق جا گونچ ڦولارجن ٿا. جن مان انسان ذات کي ايجادات جي صورت ۾ زندگيءَ جو ڦل ملي ٿو. عشق، انسان جي لاءِ، ڪائنات جي جلال، موت جي ڊپ، فنا ڪندڙ اثرن ۽ نفساني مرضن جو حقيقي علاج آهي. عقل جڏهن ڪائنات جو مطالعو ڪري ٿو تہ ان جي

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



حلال کان مرعوب ٿي انسان کي پريشان ڪري ٿو. ان جي نظر ڪائنات جي جمال کي سهي نٿو سگهي. اهو لطف حقيقي کان خالي رهي ٿو. پر جڏهن، عقل، عشق جي نگاهہ سان ڪائنات کي ڏسي ٿو تہ ان وقت آسماني سرور سان ڀرجي آسمانن جي سير تي نڪري پوي ٿو. عقل، جڏهن، نفس جي ناري خواهشن کان پاڪ ٿئي ٿو تہ پوءِ اهو سراسر عشق آهي پر جيڪڏهن عقل سان گڏ نفس جون منفي خواهشون بہ گڏ آهن تہ پوءِ ان کان وڏيڪ تخريبي قوت ٻي ٿي ڪونہ سگهندي. جنهن دنيا ۾ اسان ساهہ کڻي رهيا آهيون ان تي نفساني خواهشن جو مڪمل قبضو آهي. ٻہ عالمي جنگيون بہ انهن خواهشن جي ٽڪرائجڻ جو نتيجو هيون.

جڏهن روح، نفس جي ڪدورتن کان پاڪ ٿي، عمل جي لاءِ انسان کي اڀاري ٿو تہ ان وقت انسان حسن ۽ حرڪت جهڙيون لطيف معنائون قبول ڪري ٿو. پر جڏهن، نفس جي غلاظتن جي شراڪت سان، انساني روح جي معتدل مزاجي باقي نٿي رهي، تڏهن انسان جو بدن، روح جي لطيف اثرن کي قبول ڪرڻ جي لائق نٿو رهي. عضوا روح (لوز) جي فيض کان محروم رهن ٿا جنهن ڪري بي حسي ۽ جمود جي جلائيندڙ باهہ ماحول کي وڪوڙي وڃي ٿي. نتيجي ۾ انسان، ارتقا جي آسمان تان ڪري پوي ٿو. پر جڏهن، انسان پنهنجي غليظ نفس تي نور کي غالب ڪري ٿو تہ ان وقت نور انسان کي آباد ڪرڻ لاءِ اڀاريندو آهي. اهڙي حالت ۾ انسان جي بدن جي هر حصي کي روحاني (نوراني) خوراڪ ملي ٿي ۽ حسن نور جا نيسارا هر طرف وهڻ لڳن ٿا. روح جو حسن، تخليق جي گلابي بوندن جي صورت ۾ وسڻ لڳندو آهي. انسان جو عقل سلامتي ۽ امن جو عقل ٿي پوي ٿو. نور جا نذرانا اهڙي فرد لاءِ هر طرف کان بهشتي صدائون بلند ڪندا آهن. حسن ازلي زندگي جي راهن تان ڪنڊا هٽائيندو آهي، نتيجي ۾ هر طرف گل ئي گل ۽ خوشبو ئي خوشبو مهڪي پوي ٿي.

روح جو مقصد خيالن جي دنيا ۾ رهڻ نہ آهي بلڪ اهو انسان کي ڪمال تائين پهچائڻ چاهي ٿو. روح جي اندر ڪجھ ٿيڻ ۽ بنجڻ جي تمنا ۽ تڙپ ئي آهي جيڪا زندگي ۾ موجوده اسباب کي بدلائي، بهتر اسباب مهيا ڪرڻ چاهي ٿي. منهنجا دوست! آخري مرحلو ذهني ڪونهي بلڪ حياتياتي آهي. حسين کان حسين تر بلندين ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ روح هر

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وقت بيقرار رهندو آهي. ليڪن شيطاني قوتون شروع کان روح آڏو ڪونه ٿيون جهڪن, اهو ئي سبب آهي جو زمين تي حسن سان گڏ قباحت به موجود آهي.

ماحول ۾ موجود برائي غالب اچڻ ملڪوتي قوتن کي اپارڻ ۽ پنهنجي تمنائن کي پورو ڪرڻ روح جو ڪم آهي. روح, ترقي ۽ تڪميل جي لاءِ هر قسم جي ڪشمڪش کي قبول ڪندو آهي. قدرت جي مقصد کي پورو ڪرڻ روح جو ئي ڪم آهي. جسم روح جي غرضن لاءِ آهي. روح جي اندر جيڪو ذوق نماءُ آهي اهو ان کي بيقرار ۽ مصروف عمل رکي ٿو. انهيءَ عمل سان زندگي اڳتي وڌي ٿي. حيات جو اصل روح (نور) آهي.

زندگي هڪ اهڙي حرڪت آهي, جنهن جو رخ هميشه اڳتي هوندو آهي. زندگي پنهنجي بقا ۽ توسيع لاءِ پنهنجو پاڻ مان ئي حواس, شعور, جبلتون, عقل ۽ ٻيون روحاني قوتون تخليق ڪيون آهن. انسان جي ان بناوٽ تي نظر ٿي ڪجي ته پوءِ اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو ته انسان جي ناهڻ ۽ سنوارڻ ۾ فطرت جنهن سانچي جو انتخاب ڪيو آهي, تنهن کان بهتر سانچي جو تصور به ڪري نه ٿو سگهجي. ان ۾ اهي سڀئي خواهشون ۽ جذبا ملن ٿا, جنهن مان بقا يعني تڪميل انسانيت جو سامان ٺهي سگهي ٿو. ان سان گڏ ان کي فڪري ۽ ملڪوتي قوتون ڏنيون ويون آهن جن جي ڪري هو ڪائنات ۾ ان جي موجودات کان الڳ هڪڙي خاص مقام جو مالڪ نظر اچي ٿو انسان جو ڪم آهي ته جسم ۽ روح جي وچ ۾تناقص کي ختم ڪري, گوشت پوست ۾ سانچيل ان شصيت کي نکارڻ جي ڪوشش ڪري, جنهن مان هن جي حياتياتي ارتقا ۾ پيل رنڊڪون دور ٿي سگهن. زندگي ۾ تلخيقي ارتقا پائي وڃي ٿي. حيات جي تلخيقي قوت آزاد ۽ با اختيار آهي. روح هر وقت پنهنجي منزل مقصود کي حاصل ڪرڻ لاءِ تخليق ڪندو ٿو رهي. هر تخليق نور جو اظهار آهي. نور جو ڦل آهي. خدا جي طرف کان تخليق جي ذريعه ملندڙ حسن جو سلسلو ابدي آهي. قدرت کان مليل ان صفت جي سبب انسان پنهنجي تقدير جو معمار پاڻ آهي.

انسان زمين تي ذهني ارتقا سان, مظاهر فطرت تي غور ڪيو. هو هر شيءِ کي ڏسڻ بعد اهو سوچيندو هو ته هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ غور و فڪر, مشاهدي, تجربي ان کي نه صرف نظام فطرت جي قوتن سان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ جو پاڳي پانيوار


وڙهڻ سيکاريو بلڪ هن کي زمين تي هڪڙي قسم جو اطمينان به ملڻ لڳو ڇو ته علم به رڙهي رڙهي هن جي مدد لاءِ پهتو هو.

انسان جو روح, جڏهن نفس جي غلاظتن کان پاڪ ٿيندو آهي ته سج وانگر نور جون لاٽون, علم جي صورت ۾ ڪيڏندو آهي. اهو پاڻ لافاني آهي ۽ جسم کي به لافاني ڪرڻ چاهي ٿو. هي علم و ادب , فن و هنر ۽ سائنس وغيره انهي نوراني اظهار جو ڦل آهن.اسان جو فرض آهي ته گهڻو علم هٿ ڪيون ته جيئن زندگي عروج ڏانهن پرڙا هٽي, ڪائنات جي تسخير ڪندي وڃي. ٻي حالت ۾ ڪائنات انسان جي تسخير ڪندي. صاحب نظر نو ر جي جهان ۾ نظر کولي ٿو. هو عظمت جو مينار, عشق خداونديءَ سان لبريز ٿيندو آهي هو پنهنجي هنر سان تسخيرافلاڪ ڪري ٿو.

حقيقت ۾ انسان جيڪي به شيون ٺاهيون آهن. تن مان هو پنهنجي بقا جو سامان حاصل ڪري ٿو. هي اسان جي چوڌاري (جيڪي ڪجهه اسان جو ٺهيل) نظر اچي ٿو اهو سڀ ڇا آهي؟ هي علمي درسگاهون, هي صنعت و حرفت, هي فني تخليق, هي زراعت ۽ باغباني, مطلب ته اهو سڀ ڪجهه در حقيقت موت کان بچڻ جو ئي سامان آهي. خدا تعاليٰ انسان کي عقل وارا پيدا ڪيو آهي, هاڻي اهو انسان جو حصو آهي ته هو پنهنجي قوت تخليق سان حوادث عالم کي مجبور ڪري ته ان جي پروگرام مطابق هلن. هن کي زماني جو انتظار نه ڪرڻ گهرجي بلڪ هن کي گهرجي ته خود زمانو ٿي وڃي. وقت زندگي آهي وقت پنهنجو اظهار تخليق جي روپ ۾ ڪري ٿو. ڇو ته خدا تعاليٰ انسان ۾ جيڪو پنهنجو روح ڦوڪيو آهي سو خود انسان جون راهون ٿو ڏسي. اهو اسان جي اندر ۾ سوچيندڙ يعني فڪر جي چنگاري دکائيندڙ خود خدا آهي جيڪو اسان جي بقا لاءِ انسان کي اپاري ٿو ته جيئن انسان کي ڪامل ڪري ڪمال تائين پهچائي. سيد لطيف چئي ٿو:

پاڻ ئي پسي پاڻ کي, پاڻ ئي محبوب
پاڻ ئي خلقي خوب, پاڻ ئي طالب تن جو

خدا تعاليٰ ۽ اسان جي وچ ۾ نفساني خواهشن سبب هڪڙي قسم جي جدائيءَ ۽ علحدگي آهي. انسان جو وجود, انهيءَ مصدر حيات جي مرهون منت آهي. اسان حقيقي طور زنده چوائڻ جا مستحق تڏهن آهيون, جڏهن

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

پنهنجي خيال کي، مستقل طور، انهيءَ مرڪز سان وابسته رکون جنهن کي خدا ڪونيو وڃي ٿو. ان ۾ اسان کي شيطاني شور کان اطمينان ۽ حفاظت ملندي ۽ هڪ اهڙي علائقي جا وارث ٿينداسين، جنهن ۾ بدي، جي ڪابه رنڊڪ ڪونهي. اسان جي محبت ۽ الفت جي مرڪز جو صحيح حقدار اها ئي ذات آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ اسان جو مقصد آهي، ڇو ته اها ئي غير فاني آهي. اسان کي گهرجي ته ان عالم ۾ جلدي پهچڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ پنهنجي پوري قوت سان حق سان واڳيل رهون.

جڏهن دل مان تمام منفي خواهشات کي ترڪ ڪيو وڃي ته فاني، غير فاني ٿي پوي ٿو. فنا ۾ جيڪو جيترو ڪامل آهي ته معرفت ۾ به ايترو ئي ڪامل رهي سگهي ٿو. فنا ۾ جيترو ناقص رهي ٿو ته معرفت ۾ به ايترو ئي ناقص رهندو. ان ڪري ئي خدا تعاليٰ چيو آهي ته پنهنجي غلط خواهشن کي فنا ڪر ته پوءِ حقيقت سان ملي حقيقت ٿي ويندين. ان کان پوءِ ئي پنهنجي نقص، حق جي ڪمال، پنهنجي فنا حق جي بقا کي ڏسي سگهندين.

اها توقع نه رکو ته توهان روحانيت جي زمري ۾ داخل ٿي سگهندءُ. جيستائين سڀني عضون جي مخالفت نه ڪيو. جيڪي توهان کي حق جي راهه ۾ داخل ٿيڻ ڪونه ٿا ڏين. بس فنا ئي آرزو آهي ۽ فنا ئي مطلوب. حق ۾ فنا ٿيڻ جو مطلب هاڻي صاف آهي ته فنا مان مراد، قبر ۾ داخل ٿيڻ ڪونهي. بلڪ فنا مان مراد، انهن خواهشن کي ختم ڪرڻ آهي جي حقيقي راهه ۾ رڪاوٽ آهن ۽ جي بلندي ڏانهن پرواز کي مرجهائي ڇڏين ٿيون. سيد لطيف چوي ٿو:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات
هنداسي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.

❋

جيڻان اڳي جي جيا، جڳ جڳ سي جين
اوءِ موٽي ڪين مرن، مرڻا اڳي جي مئا

❋



مري جيءُ ته ماڻين، جانب جو جمال
ٿيين هُند حلال، جي پندا هائي پاريين

❋

مرته موچاري ٿيئن، جيئن آڏو جت،
هاري ڪرهمت، ته ڏئي دم درست لهين

❋

جن وڃايو وجود، فاني ٿيا في الله ۾،
نه تن قيام نه قيود، نڪو ڪن سجود،
جيلان ٿيا نابود، تيلان گڏيا بود کي.

❋

نابوديءَ نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو
جفا ڏئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهه فنا.

جڏهن بادشاهه ڪنهن ملڪ کي فتح ڪندو آهي، تڏهن اتي جي سرڪشن کي نيڪالي ڏيندو آهي. ساڳيءَ طرح جڏهن دل تي شيطان، غلط خواهشن ۽ نفس پليت جي بادشاهي هجي، عضوا ان جي حڪم تي طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا هجن ته نورِ زندگي ڪيئن پيدا ٿيندو؟ اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن نفس مٿان روح (نور) جي حڪومت هجي. انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”بس جيڪڏهن تنهنجي سڄي اک توکي ٺوڪر ٿي ڏياري ته ان کي پاڻ مان ڪڍي ڦٽي ڪر ڇو ته تنهن جي لاءِ اهو بهتر آهي ته تنهنجي عضون مان هڪڙو عضوو هليو وڃي ۽ تنهنجو سڄو بدن جهنم ۾ وڃو وڃي. جيڪڏهن تنهنجو سڄو هٿ توکي ٺوڪر کارائي ته ان کي ڪٽي پاڻ وٽان ڦٽي ڪر. ڇو ته تنهنجي لاءِ اهوئي بهتر آهي ته تنهنجي عضون مان هڪڙو ختم ٿي وڃي ۽ تنهنجو سڄو بدن جهنم ۾ نه وڃي.“ (متي 5:29_30)

انسان کي گهرجي ته پاڻ کي شرڪ کان پاڪ رکي. حق ۽ باطل جي

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آميزش ٿيڻ نہ ڏئي. اسان جو فرض آهي تہ هر وقت نوراني خيالات جو غلبو رکئون. جيڪو انسان نور کان رشتو ڪٽي ٿو، ان جي فرمانن ۽ حڪمن کان منهن موڙي ٿو تہ ان جا عمل نور الاهي کان خالي ٿين ٿا.

جڏهن انسان جي روح تي شيطاني خواهشن جي حڪمراني هجي، انسان جا عضوا شيطان جو چيو مڃي ڪري طرح طرح جي گناهن ۽ براين ۾ مبتلا ٿي ڪري گمراهہ ٿي وڃن تہ پوءِ تباهي يقيني آهي. زندگيءَ جي ويجهو اهو آهي جيڪو نور (حقيقت ڪل ) جي ويجهو آهي ۽ زندگيءَ کان پري اهو آهي جيڪو نور کان پري آهي. جيستائين انسان ظلماني حجابن ۾ قيد آهي تہ هو قدم اڳتي وڌائي ئي نٿو سگهي. نور (حقيقت ڪل) جو چيو مڃڻ لاءِ انسان مجبور آهي.

اي انسان! تون پنهنجي پروردگار جي نور سان پرجي اڳتي وڌندو وڃ. توکي گهرجي تہ نور کان سواءِ، ڪنهن ٻئي کي اندر داخل ٿيندي ڏسين تہ ان جو سر، ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏ. اهڙي حالت ۾ نفساني خواهشون، دنيوي آرزو ۽ ادنيٰ ارادا تنهنجي اڳيان پنهنجو ڪنڌ کڻي نہ سگهندا ۽ صرف قرآن حڪيم جي پيروي ئي تنهنجي لاءِ رهجي ويندي. جڏهن تون اهڙي حالت ۾ وقت گذارڻ جو عادي ٿيندين تہ آسمان جا فرشتا تنهنجي چئني طرفن کان نور جا ٽنيا بيهاري تنهنجي نگهباني ڪندا تہ جيئن تنهنجي طرف ڪوبہ شيطان اک کڻي نہ ڏسي. انسان کي گهرجي تہ نور جي حڪمن ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي، يعني ان جو هر فعل نوراني ٿي وڃي. اها ئي اها فنا آهي جنهن جو نتيجو بقا هجي ٿو. فنا جو مقصد اهو آهي تہ جهالت، خواهشن جي بي راه روي ۽ غفلت کي مٽائي علم، فڪر ۽ خدا جي ذڪر کي پنهنجو ڪيو وڃي. روحانيت اها آهي تہ هر شخص نور جو غلام ٿي وڃي. فنا جو مطلب اهو آهي تہ انسان جي باطن تي نور جي هستي ڇانئجي وڃي. ياد رکو تہ الله ۾ خود کي فنا ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ الاهي اخلاق جو مظاهرو ڪيو وڃي.

حيواني نفس انسان کي سفلي مدارج جي طرف هر وقت ڇڪيندو رهي ٿو ۽ ان کي حيواني زندگي گذارڻ جي طور طريقن تي ئي رکڻ چاهيندو آهي. پر نور (خدا) انسان کي هر وقت عالم بالا جي ياد ڏياريندو رهي ٿو. انسان جو عقل جڏهن خدا (عقل ڪامل) سان متحد هوندو تہ پوءِ اڪمل کان اڪمل تر جي طرف ترقي ڪندو. نور، جڏهن انسان جي دل تي تجلي وجهي

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڳي پانيوار



ٿو تہ پهريان ان کي فنا ڪندو آهي. يعني شيطانيت کي ساڙي ڇڏيندو آهي نتيجي ۾ روح القدس پنهنجي آسماني نور سان اندر ۽ ٻاهر کي روشن ڪندو آهي. جڏهن انسان پنهنجي نفس کي (حقيقت ڪل، خدا) جي تابع ڪري ٿو تہ پوءِ اهو ڪدورتن کان الڳ ۽ عالم قدس جي قريب ترين وڃي، صفات ادنيٰ کان بالاتر ٿي، صفات اعليٰ جو مالڪ ٿي پوي ٿو ۽ نفس انساني جون سيئي خواهشون آسماني هدايت ۾ سموئجي وڃن ٿيون. اها پوري ڪيفيت دراصل روح، (نور الله) جي طبيعت ۽ فطرت آهي.

جيڪي انسان نفس کي خدا ۾ فنا ڪندا آهن تہ اهي حيات خدا حاصل ڪندا آهن جيڪا حيات جاودان جو سرچشمو آهي. گويا خدا ۾ فنا مقصود بالذات ڪونهي بلڪ ذريعہ حصول زندگي آهي. خدا زندگي آهي ۽ زندگي خدا آهي. ذات کان صفت جدا ڪونهي. زندگي خدا جي صفت آهي. محبت، مسرت ۽ نوراني قوتن سان مسلح ڀرپور زندگي. سيد لطيف جي عظمت تي وري غور ڪريو:

مـري جـيءُ تـہ مـاڻين جانـب جـو جمـال،
ٿيـين هنـڌ حـلال، جـي پنـد اهـائي پـارهيين.

*

مرڻـا اڳـي جـي مئـا، سـي مـري ٿيـا نـہ مـات،
هنداســي حيــات، جيئڻــا اڳــي جــي جيــا.

سچو مسلمان پنهنجي حيواني وجود کي (جيڪو انڌي جبلتن تحت آهي) هر لحاظ کان ترڪ ڪري ٿو چو تہ اتان برائي ڦهلجي ٿي. ان جي برعڪس هو روحاني وجود سان اڳتي وڌندو آهي. هو خدا جي هٿ ۾ هڪ اوزار جي حيثيت رکي ٿو جنهن سان خدا جيڪو ڪم ڪرائڻ چاهي سو ڪرائي ٿو. ان خود فراموشيءَ جي عالم ۾ پهچڻ ڪري انسان موت کان اڳ مري وڃي ٿو. ليڪن اها فنا حيات دوام ٿي وڃي ٿي. هن شعر تي وري غور ڪريو:

مرڻـا اڳـي جـي مئـا، سـي مـري ٿيـا نـہ مـات،
هنداســي حيــات، جيئڻــا اڳــي جــي جيــا.

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سچي روحاني ارتقا جو رستو هي آهي تہ اسان جي جان، الله تعاليٰ جي صفتن سان ڀريل اعليٰ ترين جان ۾ جذب ٿئي (يعني انسان پاڻ ۾ خدائي صفتون آڻي، ڪامل ٿئي). هر قدم تي فنا جي ذريعي بقا حاصل ڪندو وڃي. سون تي جڏهن ميراڻ چڙهي ويندي آهي تہ سون کي باھہ تي گرم ڪندا آهن نتيجي ۾ غلاظت دور ٿي وڃي ٿي ۽ سون پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ويندو آهي يعني ميراڻ چڙهيل سون جي جان، باھہ ۾ پوڻ سان اعليٰ ترين ٿي وڃي ٿي. باھہ ۾ جلڻ، سون جي ڀرين وجود جي فنا آهي ۽ اصلي سون جو ملڻ ان جي بقا آهي. دنيا جي سيني انسانن کي گهرجي تہ هو پنهنجي دل تي چڙهيل گناهن جي ڪاراڻ کي صاف ڪن يعني الله تعاليٰ (نور) جي حڪمن تي هلن. نتيجي ۾ انهن کي بقا، هڪ اعليٰ وجود جي صورت ۾ ملندي. نور ۾ جذب ٿيڻ سان انسان پاڻ بہ 'نور' ٿي وڃي ٿو. اهو دراصل ان جو نئون جنم آهي. اهڙيءَ طرح انسان کي هڪ نئين روحاني زندگي ملي ٿي، گناهن جي داغن کان پاڪ. انجيل پاڪ جي هن شهادت تي غور ڪريو:

"يسوع جواب ۾ ان کي چيو مان توکي سچ پچ چوان ٿو تہ جيستائين ڪوئي نئين سر پيدا نٿو ٿئي تہ اهو خدا جي بادشاهيءَ کي ڏسي ڪونہ سگهندو. نيڪديمس ان کي چيو تہ ماڻهو جيڪڏهن ڪراڙو ٿي وڃي تہ ڪيئن وري نيئن سر پيدا ٿي سگهي ٿو؟ ڇا هو ٻيهر پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ داخل ٿي پيدا ٿيندو؟ يسوع ان کي جواب ۾ چيو تہ توکي سچ سچ چوان ٿو تہ جيستائين ڪو ماڻهو پاڻي ۽ روح سان پيدا نہ ٿئي تہ اهو خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿي ڪونہ سگهندو. جيڪو جسم مان پيدا ٿيو آهي اهو جسم آهي ۽ جيڪو روح مان پيدا ٿيو آهي اهو روح آهي. تعجب نہ ڪر جو مان توکي چيو تہ توکي نئين سر پيدا ٿيڻ ضروري آهي. *(يوحنا 3:2 _7)*

سيد لطيف چوي ٿو:

جاڳڻ منجهان جس، آهي ادا تنهن کي،
لاهي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪُس،



ورنہ! ڪجانءِ وس، صبح ساڻ سيد چئي.

خدا تعاليٰ جي قانون جي پڪڙ کان ڪوبہ آزاد ڪونهي، ڇو تہ ان قانون جو نفاذ ٻاهر کان نہ ٿيندو آهي بلڪہ اهو اسان جي پنهنجي روح ۽ اسان جي فطرت ۾ ڪوڙيل آهي ۽ اسان جي اندر ئي مصروف عمل آهي. ان ڪري گناھ (حق جي نافرماني) ايترو خدا جي نافرماني جو نالو ڪونهي، جيترو اسان جي پنهنجي روح جي تقاضائن کان روگرداني آهي. گناھ کي ايتري قانون شڪني جي حيثيت ڪونهي جيتري اها انسان جي ذات سان دغابازي آهي. ابديت جي حقيقت، دنياوي ڪمن ڪارين ۽ عملي زندگي جي تجربن سان جڙيل آهي. نفس جي ظلمت مان جان ڇڏائي، ٻاهر نڪري اچڻ جو ڪم مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ڪونهي. جيڪو روح، مادي آرائش ۾ ڦاٿل هجي، ان جو حسي ۽ تصوراتي وجود ڪنهن ٻئي ۾ اٽڪيل هجي تہ اهو مقصد ڪيئن ماڻيندو؟

محبت، ٿڌو مزاج ۽ سوچ سمجھہ وغيره روح جا سٺا ساٿي آهن جن جي قوت جي ڪري ان کي شڪست ڪونہ ٿي ملي. جڏهن جسم ۾ خون تازه يعني روح پاڪ هجي تہ اها حالت صرف بقائي حيات جي لاءِ ئي نہ، پر ذهني صلاحيتن لاءِ بہ مفيد آهي. نفس پرست (بيوقوف ماڻهو) هر دور ۾ مالڪ جي انمول موتين کي ڇڏي ڪري، زميني دولت جمع ڪرڻ ۾ مصروف رهيا آهن. اهي انڌا ماڻهو خدا تعاليٰ جي انمول هيري کي ڪوڙين جي بدلي فروخت ڪن ٿا. جيڪڏهن اسان جسماني خواهشن (ناري ۽ ناجائز) جي تڪميل تي ئي پورو توجھہ ڏيئون تہ پوءِ اهو ضرور ٿيندو تہ اسان مادي زندگي جي دلدل ۾ ڦاسي پئون.

جڏهن انسان بي سمجھہ گهوڙي تي چڙهي ٿو يعني هو غلط رستي تي هلي ٿو، سمجهو تہ اهو مالڪ جو نالو ۽ پنهنجو مقام وساري ويٺو. صراط مستقيم تي هلڻ کان سواءِ انسان انڌي کوهہ ۾ ڪري پوندو. جڏهن نفس، دنيا جي ڦندن ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو تہ پوءِ هو مختلف قسمن جا دنياوي مزا چکي ٿو. دنيا جي عيش و عشرت ۾ پئجي ان جي سمجھہ ۽ سوچ ختم ٿي وڃي ٿي. هو روز بروز مريض ٿيندو وڃي ٿو. ان جو باطن چور ۽ آدم خور ٿي پوي ٿو. ان جو مرض وڌندو رهي ٿو:

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ (البقره: 10)

ترجمو: انهن جي دلين ۾ مرض آهي پر الله تعاليٰ (گناهن جي سبب) انهن جي مرض کي وڌائي ڇڏيو.

انسان جي دل، هڪ اهڙي بادشاهه وانگر ٿي وڃي ٿي جنهن جا وزير ڪاوڙ، آڪڙ، لالچ ۽ وڏائي ٿين ٿا. فتنه، دشمني ۽ حسد جي اندروني ٻاهه ٻاهر نڪرندي آهي. ٻاهه مان وحشت ۽ نفرت جو پهلو صاف نظر ايندو. اي انسان! تنهنجا سڀ دک ۽ درد ان حالت ۾ دور ٿي سگهن ٿا جڏهن صرف سچ، حق، نور يعني الله کي پڪڙيندين، جيڪي سچ کي سڃاڻن ٿا انهن جي پويان هلين. اها ئي تقدير آهي.

جي نه سڃاڻن سچ کي، ويهه م تنين وٽ،
املهه کي اڏ ڪري، پاڻان هڻندا پٽ،
مهر تنين وٽ، مٽ جي پارکو پارس جا.

*

**جبر ۽ اختيار:**

مادي دنيا جي تخليق انسان جي تخليق جو مقدمو آهي. انسان کي هڪ ٻه واٽي تي بيهارڻ ضروري ٿيو ته جيئن اهو خود راهه جو انتخاب ڪري. انسان پنهنجي اختيار سان ئي ڪمال (خدا) تائين پهچي سگهي. خدا تعاليٰ اسان کي نيڪي ۽ بديءَ جو رستو ڏيکاريو آهي. انهن مان هڪ خدا تائين وڃي ٿو ۽ ٻيو رستو انسان کي خدا (ڪمال) کان پري ڪندو تباهي ڏانهن وٺي وڃي ٿو. انسان کي اختيار آهي ته انهن ٻنهي رستن مان جنهن رستي جي چاهي چونڊ ڪري. ان لحاظ کان انسان مختيار آهي پر اها قدرت انسان جي هٿ ۾ ڪونهي ته اهو برائي کي، ڀلائي ۾ تبديل ڪري سگهي. نيڪي، نيڪي ئي رهندي ۽ بدي، بدي رهندي. ان لحاظ کان انسان مجبور آهي.

جبر جي ڪري ڪائنات جو نظام قائم آهي. اها جبر جي ئي خصوصيت آهي جو ڏينهن ۽ رات ٿي رهيا آهن. اهو جبر جو ئي نتيجو آهي جو زمين تي زندگي موجود آهي. ڪائنات ۾ نوان جسم به جبر ڪري ئي جنم وٺن ٿا. جبر ڪري ئي اجرام فلڪي، ننڍي مان وڏا ٿين ٿا. آسماني



جسمن جو موت به ان جبر جوئي نتيجو آهي. عناصرن جي تنظيم به جبري قوت جو نتيجو آهي. هوا جو گل جي قيد ۾ بند ٿي خوشبوءِ ڏيڻ ۽ آسمان ۾ ستارن جو چمڪڻ به جبر آهي. سڀني هڪ آئين تحت پنهنجو سرجهڪايو آهي. هوائون پنهنجي مرضي سان رخ ڪونه ٿيون بدلائن، پر قانونن جو جبر ئي اهو سڀ ڪجهه ڪرائي رهيو آهي.

زمين جي سيني تي انسان جي ذهني ارتقا، مظاهر فطرت تي غور و فڪر سان ٿي. انسان سوچيندو رهيو ته هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ ۽ ڇو آهي؟ غور و فڪر، مشاهدي ۽ تجربي انسان کي فطرت سان وڙهڻ سيکاريو ۽ اهڙِيءَ طرح ترقي شروع ٿي. انسان جي اصل حيثيت اها ناهي، جيڪا کيس هن وقت حاصل آهي بلڪ اصل حيثيت اها آهي جيڪا انسان کي هجڻ گهرجي.

قرآن حڪيم جي تعليم مطابق انسان هڪ ئي وقت ٻن عالمن ۾ گذاري ٿو. هڪڙو فطري ۽ مادي عالم ۽ ٻيو عالم روحاني يعني عالم مقصد. فطري مادي ۽ عالم ۾ علت ۽ معلول جي سلسلي اندر اختيار جي گنجائش ڪونهي. جيڪڏهن انسان چاهي ته هوا ۾ اڏامي ته اٿين ٿي نه سگهندو. روح کي، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ عمل جو واحد ذريعو مليل آهي. مقصد جي تقاضا ئي اها آهي ته "ائين ڪرڻ گهرجي" ۽ "هيئن نه ڪرڻ گهرجي." جيڪڏهن اختيار ڪونهي ته پوءِ "ائين ڪرڻ گهرجي" وارو جملو بيڪار ٿي وڃي ٿو. اخلاق جي حسن ۾ جبر بي معنيٰ آهي. جيڪڏهن انسان پنهنجي اختيار سان نيڪ ۽ بد ۾ چونڊ ڪري نه ٿو سگهي ته پوءِ اخلاق بي معنيٰ آهي. جهڙيءَ طرح فطرت جو جبري نظام حقيقي آهي اهڙيءَ طرح انسان جو اخلاقي يعني روحاني عالم به حقيقي آهي. جيستائين انسان جي جسماني بناوٽ جو تعلق آهي ته انسان جي جسماني بناوت ئي ٻڌائي ٿي ته کيس اختيار جي سوغات سان نوازيو ويو آهي. قدرت اسان کي "نور وڃائڻ" ۽ "نور کي حاصل ڪرڻ" ۾ با اختيار ڪيو آهي. نباتات ان قابل ڪونهن جو سم ۽ ڪلر واري زمين کي ڇڏي مٺي زمين ۾ وڃي پنهنجون پاڙون هڻن. جانور پنهنجي لاءِ ڪڏهن سرن جو گهر ڪونه ٺاهيو آهي ليڪن انسان جي اها حالت ڪونهي. ڦيٿي جي ايجاد کان وٺي راڪيٽ سازيءَ تائين، ڇا اهو سڀ جبر آهي؟ انسان جي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اندر الله تعاليٰ جي نوراني دنيا آباد آهي. اهو نور هر وقت تخليق جون بوندون وسائيندو رهي ٿو ته جيئن انسان کي ڪامل ڪري.

مغربي تعليم کان متاثر ماڻهو زندگيءَ کي هڪڙي پَرَ وانگر سمجهي ٿو جيڪو هوا جي رحم و ڪرم تي آهي. هو سمجهي ٿو ته انسان مجبور آهي بلڪل اجرام فلڪي وانگر. ڪوبه شخص، ڪنهن به حالت ۾ جيڪي ڪجهه ڪري ٿو اهو ان لاءِ لازمي آهي. جيڪو نيڪ آهي اهو نيڪ هجڻ تي مجبور آهي ۽ جيڪو بد آهي سو بد هجڻ تي مجبور. جڏهن ڪنهن قوم جي دل ۾ اهو اعتقاد پختو ٿي وڃي ته ان کي فعل ۾ ڪنهن به قسم جو اختيار ڪونهي ۽ اهو ته سڀ شيون هڪ جابرانه قوت ۽ قاهرانه اقتدار جي حسب خواهش وجود ۾ اچن ٿيون، ته انهن جون قوتون معطل ٿي وڃن ٿيون. الله تعاليٰ انسان کي سوچڻ جا جيڪي آلات ڏنا آهن ۽ عمل ڪرڻ لاءِ جيڪي جسماني عضوا ڏنا آهن انهن جي ثمرات کان محروم ٿي وڃن ٿا.

## عبادت جي حقيقت:

ان عبد، معبود تون، ات نه ڪو شرڪ نه شڪ،
پڇارون پرينءَ جون، مصيبتن مرڪ،
سو سپوئي حق، جنهن ۾ پسڻ پرين کي

*(سيد لطيف)*

عربي زبان ۾ ”عبد“ اهڙي غلام کي ڪوٺبو آهي؛ جنهن جي پنهنجي ڪابه مرضي نه هجي بلڪ ان کي چوويهه ڪلاڪ مالڪ جي مرضيءَ تي هلڻو آهي. غور جو مقام آهي ته انسان روح ۽ جسم جو مالڪ آهي. هر وقت روحاني ۽ جسماني طور خدا تعاليٰ (حقيقت ڪل) جي غلامي ۾ رهڻ، ان جي اطاعت ڪرڻ ”عبادت“ آهي. خدا (حقيقت ڪل) اسان جو آقا آهي ۽ اسان ان جا غلام آهيون.

قرآن حڪيم جي نظر ۾ عبادت ان عمل جو نالو ڪونهي ته توهان ڪنهن مخصوص وقت ۾ ڪجهه مخصوص رسمون ادا ڪريو ۽ پوءِ اهو سمجهو ته مون زندگيءَ جو حق ادا ڪيو ۽ هاڻي آزاد آهيان جيئن چاهيان زندگي گذاريان. چوويهه ڪلاڪ ئي خدا جي اطاعت ۾ گذارڻ ’بندگي‘ آهي.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ، شعوري ترقي ۽ پاڻ پي پانيوار



هڪڙو مسلمان آهي جيڪو روزا رکي ۽ نمازون پڙهي ٿو پر باقي وقت خدا جي مرضي نه بلڪ پنهنجي نفس جي حڪمن تي هلي ٿو. ان جو مثال ائين آهي جيئن ڪو غلام هجي جنهن کي توهان ڏينهن رات خدمت لاءِ رکيو هجي ۽ اهو صرف صبح ۽ شام (نمازن جي وقت) جهڪي سلام ڪري، ۽ ان کان پوءِ آزادي سان گهمندو ڦرندو پين جا ڪم ڪندو وتي، ڇا اهڙي نوڪر کي مالڪ پسند ڪندو؟

”توهان ڪو مالهي، باغ جي سنڀالڻ لاءِ رکيو هجي. اهو باغ جي حسن وڌائڻ ۾ دلچسپي نه وٺي، گند ڪچري سان باغ پرجي وڃي. ميويدار وڻ برباد ٿيندا رهن، پاڻي فضول وهندو رهي. ڇا مالڪ باغ جي بربادي چاهيندو ۽ ڇا اهڙي مالهيءَ کي برداشت ڪندو؟ قدرت جي هن قانون تي غور ڪريو: ”ڪوبه ماڻهو ٻن مالڪن جي خدمت ڪري ڪونه سگهندو...“ *(متي 6:24)*

خدا تعاليٰ اسان جو آقا آهي. اسان جو فرض آهي ته سچي غلام وانگر هر وقت ان جي حاڪميت قبول ڪيون. قرآن حڪيم، عبادت جو مفهوم وسيع ڪري ان کي پوري زندگيءَ تي ڦهلائي ڇڏيو آهي. عبادت جو مقصد آهي هر وقت نور جو چيو مڃي نور کي آڻڻ. عبادت باطني سچائي کي اجارڻ جو ڪم ڪري ٿي. ياد رکو خدا (نور) ئي مقصود، مطلوب ۽ محبوب آهي.

روزا ۽ نمازون زندگيءَ جو مقصد ڪونهن بلڪ اهي عبادت جون شڪليون ڪمال (خدا) تائين پهچڻ جا ڪامل ذريعا آهن. قرآن جي هيءَ شهادت:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۲﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۱۶۳﴾ (الانعام: 162–163)

(ترجمو: توهان اعلان ڪريو ته منهنجي نماز ۽ منهنجي هر قسم جي عبادت ۽ قرباني ۽ منهنجو جيئڻ ۽ مرڻ سڀ ڪجهه الله رب العالمين جي لاءِ آهي جنهن جو ڪوبه شريڪ ڪونهي، مونکي اهو ئي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان سڀني کان پهريان سر اطاعت خم ڪرڻ وارو آهيان.)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

**پٽ ڏٺي ۽ عبادت:**

جي ٿيا حل حبيب سين، سمهڻ تن ثواب،
نيڻ هيرائي ننڊ سين، خوش ڪيائون خواب،
اوسيئڙو عذاب، دليان تن دور ٿيو.

❊

تن تسبيح من مٽيو دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سروڄن،
وحده لاشريڪ له، اهوئي راڳ رڳن،
سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت جن جي.

❊

عبادت ۽ اطاعت مان مراد آهي پنهنجي مرضي يا اختيار کي خدا (حقيقت ڪل، عقل ڪل) جي مرضيءَ حوالي ڪرڻ. جيڪڏهن اسان جو نصب العين سيني آسماني قدرن جو حاصل جمع آهي ته پوءِ يقيناً ڪوبه ماڻهو ڪنهن ٻئي جي اطاعت ڪري نه ٿو سگهي. جڏهن اسان سچي نصب العين بدران، ڪنهن ٻئي جي اطاعت ڪندا آهيون ته اسان جي حقيقي راهه گم ٿي ويندي آهي. اسان پنهنجي رنگينين کي خطري جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهيون. جيڪڏهن اسان حقيقت ڪل (خدا) يعني مرڪز کان ڪٽجي وڃئون ۽ نور کي مرڪزي حيثيت نه ڏيئون يا اسان دولت ۽ قوت جي چاڪري ڪيون ته پوءِ اسان پنهنجي آسماني يعني اعليٰ زندگي جا وفادار ڪونه ٿا رهون. حقيقي روحانيت مقصد (خدا، ڪمال) جي غلامي ۾ موجود آهي. مطلب ته هر اهو عمل جنهن سان نورانيت ۾ اضافو ٿئي، عبادت آهي. ياد رکو ته انسان کي زمين تي ان ڪري ڪونه آندو ويو آهي ته هو سڄو ڏينهن ۽ رات پنهنجي نفس جي مرضي پوري ڪرڻ ۾ گذاري بلڪ انسان کي ، خدا تعاليٰ جي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ خلقيو ويو آهي.

قرآن حڪيم جي نظر ۾ عبادت جو مفهوم پوڄاپاٺ ڪونهي. جهالت جي دور ۾، چند مخصوص گهڙين ۾ ڪجهه مذهبي رسمون ادا ڪرڻ کي عبادت چئبو هو. ان کان بعد زندگي کي کهڙي به رستي تي هلائجي، ڪوبه

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻيءَ پانيوار


فرق ڪونه ٿو پئي، ان جي بدلي ۾ قرآن حڪيم زندگيءَ جي هرپل کي خدا (حقيقت ڪل) جي فرمانبرداريءَ ۾ گذارڻ چاهي ٿو. انسان جي پوري زندگي (ان جو هر شعبو) سچائي جي سانچي ۾ وجهڻ چاهي ٿو.

اسلام ۾ عبادت جو اهو مفهوم به ڪونهي ته انسان، دنيا جي زندگيءَ کان الڳ ٿي وڃي، الله سان دل لڳائي ۽ زندگيءَ جي گهماگهمي کان ڪناره ڪش ٿي وڃي.

خدا جي عبادت مان مراد اها پرستش ڪونهي جنهن کي زمانه قديم جي انسان، فطرت جي قوتن کان ڊڄي پنهنجي ذهن سان وديعت ڪيو ويو هو. درحقيقت اها فرقت شده انسان جي پنهنجي منزل سان ملاقات آهي. عبادت دراصل روحاني غسل آهي. خدا تعاليٰ جي ڪلي حقيقت کي شعوري طور بجا آڻڻ عبادت آهي.

ڪائنات جي هرشئي ديندار آهي. مثلاً ستارن جي سندن مرڪز جي چوڌاري گردش، انهن جي عبادت آهي. دنيا جي هر انسان جو مرڪز قرآن حڪيم (حقيقت ڪل) آهي. هر وقت ۽ هر حالت ۾ ان جي ٻڌايل راهه تي هلڻ عبادت آهي. انسان جي پوري زندگي عبادت آهي. ’جو دم غافل سو دم ڪافر.

خدا تعاليٰ اسان جو آقا آهي. اهو اهڙو آقا آهي جيڪو رحمدل آهي ۽ پنهنجي غلام کي هميشه بلند کان بلند ڏسڻ چاهي ٿو. عبادت، اها حرڪت آهي جيڪا ڪمال (خدا) ڏانهن اپاري ٿي. خدا تعاليٰ سان اسان جو تعلق، انسان کي اعليٰ بنائي ٿو ۽ سيني خامين کان پاڪ ڪري ٿو ڇو ته اهو نور جو سرچشمو آهي. عبادت، اصل ۾ خدا جي ياد آهي، جنهن جو مقصد هي آهي ته اسان زندگيءَ جي نصب العين ۽ اعليٰ قدرن کي پنهنجو مطمع نظر بنايون ته جيئن آسماني صحت حاصل ڪري ابديت جي زندگي حاصل ڪيون.

اها عبادت جنهن جون پاڙون انساني روح ۾ ناهن ته اها مجرد عبادت آهي. عبادت جون برڪتون نمائش سان حاصل ڪونه ٿينديون. انجيل پاڪ ۾ آيو آهي:

”خدا روح آهي ۽ جو ڪوئي ان جي پرستش ڪري ان لاءِ
ضروري آهي ته روح ۽ سچائي سان ان جي پرستش ڪري.“

*(يوحنا 4: 24)*

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻ پاڻ



انهيءَ مطابق هلي رهي آهي. ڪائنات جا سڀ جسم مسلم (اطاعت ڪندڙ) آهن ڇو ته اهي هر وقت، مرڪز جي عبادت ۾ مخمور آهن يعني سچا عابد آهن. ڪمال (خدا) کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمال جي هر حڪم جي بجا آوري ڪرڻ "عبادت" آهي.

جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي طلب واقعي ئي آهي ته پوءِ ان جي خواهش ڪڏهن به ٿڌي ڪونه ٿيندي. انسان جي فطرت ۾ هڪ اهڙي محبوب جي تلاش آهي جيڪو ڪامل آهي. ان ڪري ڪمال اهو آهي ته اڻ کٽ ڪمال سان اتصال ٿئي. انسان کي ڪامليت گهرجي.

هن حقيقت تي وري غور ڪريو ته قرآن حڪيم جي نظر ۾ عبادت مان مراد اها ڪونهي ته ماڻهو سماجي زندگي ڇڏي وڃي جبل وسائي ۽ نفس ڪشي ۽ مراقبن سان روحانيت کي وڌائي ۽ صرف پنهنجي نجات جي فڪر ۾ رهي.

عبادت ڪو ساحرانه فعل ڪونهي، جيڪو فوق الفطرت طريقي تي عالم اسباب ۾ دخل رکي ٿو. انسان کي نيڪيءَ جي استعمال جوموقعو صرف معاشرتي يعني مدني جماعت اندر ئي ملي سگهي ٿو نيڪي انسان جي تڪميل جو واحد ذريعو آهي. اڪيلائپ ۽ رهبانيت جي زندگي گذارڻ وارو، نيڪين کي حقيقي مقصد جو روپ ڏئي نٿو سگهي. انسان جي تڪميل معاشري ۾ ئي ٿي سگهي ٿي، ان ڪري سڀني نيڪين جو بنياد انسان سان محبت ڪرڻ آهي. مشهور مغربي مفڪر Rorert Braiffault پنهنجي ڪتاب The Making of Humanity ۾ لکي ٿو:

> اهي تصوف پسند حضرات چاهن ٿا ته هن مصيبتن سان پريل دنيا مان پڇي وڃن ۽ خلوت جي تجرد گاهن ۾ پناه حاصل ڪن جتي صرف فطرت ئي فطرت هجي، انسان نه هجي. انهن جبلن جي چوٽين تي، جن کي انسان جي ناپاڪ قدمن نه ڇهيو هجي، اتي وڃي پنهنجي روح کي خلوت جي ڪيف اندوز نظارن سان سرشار ڪن ۽ انهن سرور انگيز ڪيفيتن، جن ۾ ڪوبه دخل اندازي نه ڪري سگهي ۽ انهن جي جهان ۾ انساني دنيا جي لذت ۽ عيش جو ڪوبه گذر نه هجي. ليڪن اهي نٿا چاهن يا چاهڻ ئي نٿا چاهن ته انهن جا اهي تمام حسين آرزو، بلند



> تخيلات، هي جذبات ۽ انساني فطرت جي لرزشن جو هي لطيف احساس ۽ فطرت جي متعلق اهو حسن خيال اهي سڀ انساني دنيا جون تخليقات آهن. جن کي اهي ايتريقدر قابل نفرت سمجهي ڇڏڻ جي فڪر ۾ آهن." (صفحه 25)

## اصلي موت:

جيستائين دل ڪم ڪري ٿي، بدن جي عضون ۾ خون جي گردش جاري آهي ته چيو وڃي ٿو ته انسان زنده آهي، پر جڏهن اهو سلسلو رڪجي وڃي ته ان جي موت جو قطعي دليل ٿي وڃي ٿو. جيڪو شخص ظاهري طور تي زنده آهي پر اهو نفساني خواهشن ۾ ايترو ته وڪوڙيل آهي جو نه حق جي طرف ڌيان ڏئي ٿو ۽ نه ئي عالم وجود ۾ پروردگار جي عظمت جي نشانين (آيتن) تي غور ڪري ٿو ته قرآن جي حڪمت مطابق اهڙو شخص "مرده" آهي. ليڪن اهي وجود، جيڪي خدا جي صفتن سان متصف هئا، انهن دنيا کي علمي ايجادات، فني خوبين ۽ تخليقي قوتن سان نوازيو اهي قبرن ۾ هوندي به زنده آهن. اهي پنهنجي تخليقات سان اڄ به دنيا کي زندگي ڏئي رهيا آهن. انهن جي مقابلي ۾ اهي انسان جيڪي روحانيت تي نفس جي ظلمتن کي غالب ڪن ٿا (اهي ماڻهو) قبر تائين پهچڻ جي جستجو ۾ سڄو ڏينهن مشغول آهن. ڇو ته انهن جو مجموعي عمل، کين بقا کان پري ڪندو، منزل مقصود کان هٽائيندو تباهيءَ جي طرف ڇڪيندو رهي ٿو. ڇا اهڙن ماڻهن جي حياتيءَ کي حقيقي حياتي چئي سگهون ٿا؟ اهڙي بي معنيٰ زندگيءَ جا مالڪ اهي ماڻهو آهن جن جا روح منجمد، قلب شيطاني باه ۾ وڪوڙيل ۽ نيڪي بدي جي شعور کان محروم آهن. اهڙي بي ذوق زندگي، جنهن ۾ ذوق جمال ۽ شوق ڪمال نه هجي ته اها 'موت' جي برابر آهي. انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

> "هڪ ٻئي شاگرد ان کي چيو اي خداوند مونکي اجازت ڏئي ته پهريان وڃي پنهنجي پيءُ کي دفن ڪريان. يسوع انهن کي چيو تون منهنجي پويان هل ۽ مُردن کي پنهنجا مُردا دفن ڪرڻ ڏيو." (متي 8:21-22)

اهڙا انسان، جن ۾ حق لاءِ نه ڪوئي احساس آهي ۽ نه حرڪت، اهي

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

زنده ڪيئن چئبا؟ اهي زنده هجن ها ته بلندين ڏانهن اڀرن ها ڇو ته زندگي مٿي اڀرڻ جو نالو آهي. جديد تهذيب جو انسان پاڻ کي روشن خيال ظاهر ڪري ٿو. پنهنجي مادي ترقيءَ کي فخر سان پيش ڪري ٿو ليڪن حقيقت ۾ ان کان وڌيڪ نفس جو غلام ڪٿ نه ملندو. اهي ڪوتاهه نظر صرف مادي ڪشش ۾ ئي الجهي پيا ۽ پاڻ کي نفساني خواهشن جي پڃري ۾ بند ڪري ڇڏيائون. اهي پاڻ کي آزاد ۽ ترقي يافته سمجهن ٿا. حالانڪ اهي پنهنجي حقيقي آزاديءَ کان ڪوهين پري آهن. انهن جون اکيون انڌيون ۽ دل مرده آهن، راه حق کان هٽيل- ياد رکو شعور جو زوال موت آهي. مردا آهن اهي انسان جي عقل ۽ شعور کان ڪم نٿا وٺن.

انسان جي زندگيءَ جو مقصد خداتعاليٰ جي صفتن کي پنهنجي دل ۾ آباد ڪرڻ آهي. پر اسان جو توجه ڪجهه خارجي شين جي طرف اهڙو ته ورهايل آهي جو زندگيءَ جي سرچشمي، وجود جي مصدر، خير جي علت ۽ روح جي بنياد جو مشاهدو ئي نٿا ڪري سگهون. جنهن به انسان ۾ خدا جون صفتون ديبل آهن ته حقيقت جي لحاظ کان اُهو 'مرده' آهي.

جيڪي زنده هوندا زندگيءَ جو پيغام به اهي ئي ٻڌندا، جن جون دليون بيدار ۽ هوشمند آهن باقي جن جي دلين تي پردا پيل آهن تن کي قرآن حڪيم جي حڪمت "اهل قبور" ٿي ڪوٺي. اهي زنده ئي دفن ٿيل آهن. اونده جي اوڙاهه ۾ قيد ٿيل، اونده جا فرزند. انهن جي خوراڪ 'جُهل' آهي.

وَمَآ اَنۡتَ بِمُسۡمِعٍ مَّنۡ فِى الۡقُبُوۡرِ ﴿۲۲﴾ اِنۡ اَنۡتَ اِلَّا نَذِيۡرٌ ﴿۲۳﴾

ترجمو: يعني توهان ته انهن کي ڪجهه به ٻڌائي نٿا سگهو جي قبرن ۾ آهن. بس، توهان جو ڪم ته ڊيڄارڻ ۽ تنبيهه ڪرڻ آهي.

اهڙن فردن ۽ اهڙي معاشري کي خدا تعاليٰ پنهنجي رحمت جي ڇانو کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انهن کي مڪافات عمل مطابق سزا ڏيندو ٿو رهي. اهي وقت مقرر تائين هلي فنا جي شعلن ۾ غائب ٿي وڃن ٿا. جنهن قوم ۾ خدائي صفتن جا ماڻهو هوندا، انهيءَ قوم کي ئي زنده قوم چئي سگهبو.

پيٽ پرڻ ۽ سڄو ڏينهن حيوانيت وانگر زندگي بسر ڪرڻ "مرده" ذهنن جو ڪم آهي. صحيح ذهن، اهو انسان ٿو رکي جيڪو پنهنجي نفس جي نه بلڪه خدا يعني حقيقت ڪل جي حاڪميت قبولي. اهڙو ماڻهو هر حالت ۾ اهو ٿو ڏسي ته خدا تعاليٰ جو حڪم ڪهڙو آهي. وري غور ڪريو ته



انسان هتي پنهنجي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ نه بلڪه خدا جي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ آيو آهي. حقيقت جي روشنيءَ ۾، ڏٺو وڃي ته دنيا جي وڏي ۾ وڏي اڪثريت زنده آهي ئي ڪونه. ڇو ته انسانذات جو اجتماعي عمل، اسان کي موت ڏانهن گهلي رهيو آهي. جيڪڏهن انسان زنده هجي ها ته هو يقيناً بلنديءَ ڏانهن وڌي ها. اها زندگي، جنهن ۾ ذوق جمال ۽ شوق ڪمال نه هجي ته اها زندگي موت جي برابر آهي. (وري غور ڪريو)

"حق کان غافل فرد، جنهن معاشري ۾ جيترا گهڻا هوندا اهو معاشرو اوترو ئي 'مرده' ٿيندو. زندگي ذميداري جو نالو آهي. مادي دنيا مان ملڻ وارو، مادي عناصرن کان خوراڪ حاصل ڪرڻ وارو وجود، پنهنجي مادي مصدر جي طرف مسلسل لڳاءُ رکي ٿو. جيڪڏهن انهن تي خدائي صفتن جو غلبو نه هوندو ته پوءِ اهڙو وجود، بحيثيت انسان رحلت ڪري وڃي ٿو ۽ ان جي جاءِ تي ٻن پيرن وارو جانور رهجي وڃي ٿو جيڪو پنهنجي جزوي عقل کي استعمال ڪندو، خدائي هدايت کي ڇڏيندو سڄو ڏينهن فنا جون برباديون جمع ڪرڻ ۾ مشغول رهي ٿو. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ وَّقُرۡاٰنٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۶۹﴾ لِّيُنۡذِرَ مَنۡ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الۡقَوۡلُ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۷۰﴾ (يٰس: 69-70)

ترجمو: قرآن حڪيم ته ياد ڏيارڻ وارو ۽ پڙهڻ وارو واضح ڪتاب آهي. ته جيئن اهو ڊيڄاري انهن کي جي زنده آهن ۽ انهن ماڻهن جي حق ۾ حجت کي پورو ڪري جي مفڪر آهن.

قرآن حڪيم جو خطاب مُردن سان ڪونهي بلڪه اهو 'زنده' ماڻهن کي پڪاري ٿو. هتي 'زنده' مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي خدائي آواز تي ڌيان ڏين ٿا ۽ انهن جي مقابلي ۾ 'مرده' اهي آهن جيڪي حقيقت جا منڪر آهن. جيڪي هوش و حواس ته رکن ٿا پر پنهنجي حيوانيت ۽ هوس کي ترڪ ڪرڻ تي آماده ڪونه آهن. ياد رهي ته ڪفر، اسان جي سيني نيڪين کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. ڪافر 'مرده' وجود آهي. جيڪو رات کي ڏينهن چوي اهو ڪافر آهي.

انسان زندگيءَ جي رنگينين ۾ ايتريقدر غرق ٿي وڃي جو پنهنجي شعور جي سموري قوت دنياوي ڀڄ ڊڪ تائين محروم رکي ۽ الله تعاليٰ جي طرف ان جو ڌيان ئي نه وڃي ته پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو ته اهو غافل ٿي ويو. حقيقت جي پابندي ماديت جي براين کان روڪي ٿي. ماديت پرست، مادي ۽

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

محسوس ڪرڻ وارين شين سان لڳاءَ سبب اعليٰ سوچ ويچار جي اهليت نٿو رکي. پوءِ ڇا اهڙو شخص جيڪو زندگيءَ جو آواز ئي نہ ٻڌي ۽ ڪائنات ۾ پکڙيل الله جي آيتن کي نہ ڏسي تہ ڇا اهڙي انسان کي زنده انسان چئي سگهبو؟ اهي درحقيقت مرده وجود آهن، زمين تي هڪڙو ٻوجهہ.

زندگيءَ ۾ موت جو مقام اتان شروع ٿئي ٿو جتان اسان جون صلاحيتون مرده ٿين. يعني انسان جنهن نسبت سان بي حس ٿئي ٿو انهيءَ نسبت سان ان جي زندگي مرده ٿي وڃي ٿي. جنهن انسان جي چوڌاري ننڍ ويڙهيل هجي، جنهن جي پوري زندگي نفرت ۽ حقارت سان ڀريل هجي، جنهن شخص جو مرڻ، جيئڻ کان بهتر هجي ۽ جيڪو زندگيءَ هٿان مري رهيو هجي. ڇا اهڙو انسان زنده چوائڻ جو مستحق آهي؟ زندگي تہ مٿي اپرڻ جو نالو آهي. سيئي زندگيءَ جي فڪرات ۾ غرق ۽ گرفتار. پوري ملڪ ۾ هڪ بہ الله جو بندو ڪونهي جنهن کي پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي رضامنديءَ جو فڪر هجي يا سچ جي تلاش جي آرزو هجي. اها نالي ماتر زندگي آهي باقي حقيقت ۾ اها آهي وسيع ۽ طويل خودڪشي. اهو تہ زندگيءَ ۾ ئي موت آهي. دنيا جي هر دور ۾ ۽ هاڻي، زمين تي رهندڙ اڪثر انسان انسانيت جي حافظي ۾ انهن لاشن وانگر زندگي بسر ڪري رهيا آهن، جيڪي مٽيءَ تي پيا هجن ۽ جن کي فتني ۽ فراموشيءَ جي تاريڪين ۾ دفن ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ هجي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

وَمَآ اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِى الْقُبُوْرِ ﴿۲۲﴾ (سورة الروم 35: 24)

ترجمو: ”اي نبي! جيڪي قبرن ۾ سمهيا پيا آهن توهان انهن کي نٿا ٻڌائي سگهو. اِهي اُهي ماڻهو آهن جي حق کان بي خبر ۽ جن جون دليون عشق الاهيءَ کان خالي آهن. جن جو لباس جهل جون بوسيده قبرون آهن. انهن جي مادي ڪثافتن ۽ آلودگين انهن کي نورانيت ۽ معنويت کان پري ڪري ڇڏيو آهي.“

قرآن حڪيم جي هن فيصلي تي بہ غور ڪريو:

وَمَا يَسْتَوِى الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ ؕ (فاطر: 22)

ترجمو: جيڪي مرده ۽ جيڪي زنده آهن ٻئي برابر ناهن.

دنيا ۾ هن وقت جيترا بہ انسان موجود آهن انهن کي ٻن قسمن ۾ آڻي سگهجي ٿو هڪڙا اهي جيڪي نوري آهن يعني پنهنجي نوراني عملن سان



هر وقت معاشري ۾ حسن ڦهلائن ٿا. ٻيا آهن ناري وجود، باهہ جا فرزند. اهڙا وجود شيطاني عملن ذريعي باهہ جا الا ٻاريندا هر طرف ڇٽيندا رهن ٿا. ناري وجودن جو تعداد هر دور ۾ وڏي اڪثريت ۾ رهيو آهي. سيد لطيف ٿو چئي تہ زنده اهي آهن جن پاڻ کي ٻاري روشني ڦهلائي:

نوري ۽ ناري جو وِيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آءُ نہ جيئندي ان ريءَ.

الله تعاليٰ جي انسان مٿان وڏي رحمت اها آهي تہ جيڪي ماڻهو حلقہ اسلام (حقيقت ڪل) ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃن ٿا اهي معنوي لحاظ کان جيئرا آهن. ڪافر مرده وجود آهي. بامقصد زندگي گذارڻ وارو زنده ۽ بي مقصد زندگي گذارڻ وارو 'مرده' وجود آهي (ڪافر) سچائي جو انڪاري آهي. اهو پنهنجي ناري عملن ڪري پاڻ تہ تباہ ٿئي ٿو پر ٻين جي تباهيءَ جو بہ بندوبست ڪندو ٿو رهي. مسلم، حق جي اطاعت ڪندڙ روشنيءَ جو فرزند آهي. اڄ اونده جون قوتون جنگ وجدل ۾ مصروف آهن. تاريڪي شر ۽ فساد جي شيطانن کي ساڻ ڪري، نور جي دنيا تي زبردست حملو ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح پوري دنيا مصيبتن سان ڀرجي وئي آهي. انسان ڪامليت (خدا) کان پري ٿيندو ٿو وڃي. انهيءَ صورتحال کان نجات جي ضرورت آهي.

نجات ان حالت ۾ ملندي، جڏهن نور (خدا ، حقيقت ڪل) کان علحدگي کي ترڪ ڪري ڪائناتي وجود سان اتحاد پيدا ڪيو وڃي، ڇو تہ علحدگيءَ جي اها حالت روحاني موت جي برابر آهي. خدا تعاليٰ سان اتحاد جي معنيٰ آهي ابديت ڏانهن وڌڻ. جڏهن انسان روحانيت ۾ انقلاب آڻي، الله تعاليٰ ڏانهن رجوع ڪري ٿو تہ ان وقت اهو آسماني وجود ٿئي ٿو.

جهڙيءَ طرح جانور کي حق ۽ باطل جي ڪابہ خبر ڪونهي تهڙيءَ طرح اڄوڪو انسان بہ حق ۽ باطل جي سڃاڻ کان سواءِ پنهنجي نفساني خواهشن کي پورو ڪندو ٿو رهي. اڄ اسان جي زمين انسانن لاءِ نوراني ارتقا جو گهر (دعا جو گهر) نہ رهي آهي بلڪ جانورن جو واڙو ٿي پئي آهي. انسان ان راه تي گامزن آهي تہ حق قوت ڪونهي، اهائي جانورن واري فطرت ”جيڪو ڏاڍو سوگابو“. اڄ آدم جو ٻچڙو زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻ پرڀرو پائيوار



حيوانيت جو برتاءُ ڪري رهيو آهي. انسان پنهنجي زندگيءَ جي قانونن ۽ اصولن کي حيواني قوت تي جوڙي رهيو آهي. اڄ انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ڪشمڪش جاري آهي؛ ڇو تہ نزاع، جنگ ۽ ڇڪتاڻ حيواني فطرت جي تقاضا آهي. ان ڪشمڪش ۾ جيڪو قوت وارو آهي اهوئي ڪامياب ۽ صالح آهي، جيڪو ڪمزور آهي اهو غير صالح ۽ مٽجڻ ان جو مقدر آهي. اها آهي اڄوڪي غالب تهذيب، جنهن جي وات مان ڇتي حيوانيت جا ٽيپا ڪري رهيا آهن.

انسان جسم ۽ روح جو مالڪ آهي. ماده پرستن انسان جي جسماني خواهشن کي تہ ڏٺو ليڪن انهن کي روح جون خواهشون نظر ڪونہ آيون. انهن انسان جي فطرت ۽ ان جي ترڪيب ڄاڻڻ ۾ غلطي ڪئي آهي. انهن کي اندروني روحاني انسان جي خبر ڪونهي. حقيقت جي نگاه سان ڏٺو وڃي تہ انسان جي زندگيءَ جو مقصد ئي اهو آهي تہ انسان ۾ موجود جانور تي روح کي غالب ڪيو وڃي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄوڪو انسان، پاڻ واري جانور جي تقاضائن پوري ڪرڻ ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو آهي جو پنهنجي آسماني حقيقت ئي وساري ويٺو. هو نفس جي غلاميءَ کي ئي زندگي سمجهي ٿو.

باب چوٿون

# فڪر منجهہ فنا

فڪر ڦرهي هٿ ۾ ماڻ مطالعو ڪن،
پنو اهو پڙهن، جنهن سان پسين پرين کي.

*(سيد لطيف)*

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

اَوَلَمۡ يَنۡظُرُوۡا فِىۡ مَلَكُوۡتِ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ ۙ وَّاَنۡ عَسٰۤى اَنۡ يَّكُوۡنَ قَدِ اقۡتَرَبَ اَجَلُهُمۡ‌ ۚ (الاعراف: 185)

ترجمو: ڇا انهن زمين ۽ آسمانن جي بادشاهت ۽ خدا جي تخليق تي ڪڏهن غور نہ ڪيو ۽ ان ڳالهہ تي تہ شايد انهن جو موت قريب اچي ويو آهي.

مٿين آيت پاڪ مان ظاهر آهي تہ غور و فڪر ’زندگي‘ جي علامت آهي ۽ غور و فڪر جو فقدان ’موت‘ وانگر آهي. سيد لطيف چوي ٿو:

جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهہ فنا

❊

فنا وجهي قم ۾، ڪارڻ تي ڪباب

❊

نڪي ڪٿن پاڻ سين، نڪو ساٿن ’پاڻ‘

❊

اندر آئينو ڪري، پر ۾ سو پسيج

❊

راهہ شريعت هليا، تفڪر طريقون،
حال حقيقت رهيا، معرفت ماڳون.

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



❊

ظـــاهر ۾ زانـــي، فڪـــر منجهـــه فنـــا ٿيـــا،
تنـين ڪـي تعلـيم جـي، ڪـڙه انـدر ڪـاني،
حـــــرف حقـــاني، دور ڪيـــــائون دل ۾.

❊

نـــابوديءَ نيئـــي عبـــد ڪـــي اعلـــيٰ ڪيـــو،
جفـا ڏئـي جـيءَ ڪـي، ٿـي فڪـر منجهـه فنـا.

❊

جســي ۾ جبــار جــو، خفــي خيمــون ڪــوڙ،
جلـي تـون زبـان سـين، چـار ئـي پهـر چـور،
فڪرســين فرقـــان ۾، اســـم اعظـــم ڏور،
ٻيــا در وجــي م ووڙ ايءُ امــل اتــائين پســجي.

ڪائنات ۾ نور ئي نور يعني خدا ئي خدا آهي. ڪائنات جي هرشيءِ نور وحدت جو مظهر آهي، ان ڪري ان کي آيات الاهي چيو وڃي ٿو. ڪائنات ۾ موجود الله تعاليٰ جي نشانين کي نه مڃڻ وارن لاءِ قرآن حڪيم جو فيصلو هي آهي:

اِنَّمَا يَفْتَرِى الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ (النحل: 105)

ترجمو: اهي ئي ماڻهو آهن، جي الله جي آيتن تي ايمان نٿا آڻن ۽ اهي ئي ماڻهو ڪوڙا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا ؕ (النساء: 56)

ترجمو: بيشڪ جن ماڻهن اسان جي نشانين سان ڪفر ڪيو اسان انهن کي عنقريب باهه ۾ وجهنداسين.

وَكَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ (يوسف: 105)

ترجمو: ۽ گهڻيون نشانيون آهن آسمانن ۽ زمين ۾، جتان اهي لنگهندا رهيا آهن ۽ انهن ڏانهن اصل توجه ڪونه ٿا ڪن.

قرآن حڪيم جو هي فيصلو ٿورو غور سان ٻڌو:

بَلْ هُوَ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ فِىْ صُدُوْرِ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۹﴾ (العنڪبوت: 49)



ترجمو: حقيقت اها آهي ته جن ماڻهن کي (علم ۽ سمجهه) ڏني وئي آهي تن جي دلين کي اهي چٽيون ۽ روشن آيتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ اسان جي چٽين آيتن کان فقط انهن کي انڪار آهي جيڪي اوندهه تي ئي سندرو ٻڌيون بيٺا آهن.

هاڻي وري سيد لطيف جي هنن لفظن کي سامهون رکي اڳتي وڌو:

ووڙيــم ســڀ وٿــاڻ، يــار ڪــارڻ جــت جــي،
وهو عليٰ ڪل شي محيط، اي آرياڻي اهڃاڻ،
ســڀ ۾ پنهــون پــاڻ، ڪينهــي ٻيــو ٻــروچ ريءَ.

حقيقت اها آهي ته زمين ۽ آسمان تي غور و فڪر ڪرڻ سان، انهن عالمگير قانونن جي تصديق ٿيندي آهي، جي قرآن شريف، ان وقت دنيا جي سامهون پيش ڪيا، جڏهن دنيا تي ظلمات جو گهيرو هيو. اسان قرآن شريف کي ڪيترو به سچو چئون، ان جي عظمت کي ڪيڏي به عقيدت سان پيش ڪيئون پر جيستائين ان جي ٻڌايل سچائين کي ڪتاب فطرت ۾ ثابت ڪونه ٿا ڪيئون ته دنيا، ان جي حڪمن کي تسليم ڪرڻ لاءِ راضي ڪونه ٿيندي. قرآن حڪيم غور و فڪر لاءِ ڪيترو حڪم ڪيو آهي، تنهن جي اهميت کان ڪوبه انڪار ڪري ڪونه سگهندو. دنيا جو ڪوبه ڪتاب کڻي ڏسو غور و فڪر لاءِ ايترا حڪم ڪونه ملندا، جيترا قرآن شريف ۾ موجود آهن. غور و فڪر سان علمي قوت هٿ ايندي آهي، جيڪا دنيا ۾ اتحاد جون برڪتون آڻي ٿي.

غور فڪر ڪرڻ وارن لاءِ هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته فڪر ڪلي طور تي هجڻ گهرجي، ڇو ته ڪائنات جي سچائين جو جزوي فڪر فساد پيدا ڪندو آهي. دنيا تي جيڪي مصيبتون ڪڙڪيون آهن، سي انهيءَ جزوي فڪر جو نتيجو آهن. حقيقت ڪلي فڪر جونالو آهي. جڏهن دنيا تي حقيقت ڪلي ظاهر ٿي ته دنيا هڪ مقصد تي متحد ٿيندي. دنيا جا سڀئي باشعور انسان انهيءَ حقيقت جي جستجو ۾ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. قرآن شريف به حقيقت ڪليءَ کي سمجهڻ لاءِ ڪيترائي حڪم ڏنا آهن،جن مان چند هيٺ پيش ڪجن ٿا:

اِنَّ فِىْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِىْ تَجْرِىْ فِى الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

النَّاسَ وَمَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ مَّآءٍ فَاَحۡيَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا وَبَثَّ فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ دَآبَّةٍ
وَّتَصۡرِيۡفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ الۡمُسَخَّرِ بَيۡنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶۴﴾ (البقره: 164)

ترجمو: آسمان ۽ زمين جي پيدائش ۾ بيشڪ ايمان وارن لاءِ ضرور گهڻائي اشارا ۽ حڪم آهن ۽ توهان جي پنهنجي پيدائش ۾، ۽ ان ۾ جو ڪجهه خدا حيوانات مان زمين تي ڦهلائيندو آهي. يقين ڪرڻ واري قوم لاءِ گهڻائي حڪم آهن. ۽ ڏينهن رات جي اختلاف ۾، گڏوگڏ جيڪو رزق خدا آسمان مان لاٿو ۽ پوءِ انهيءَ پاڻيءَ مان مرڻ کان بعد زمين کي زنده ڪيو ۽ هوائن جي هلڻ ۾ عقلمند قوم لاءِ گهڻائي اشارا موجود آهن.

❊

وَفِى الۡاَرۡضِ اٰيٰتٌ لِّلۡمُوۡقِنِيۡنَۙ ﴿۲۰﴾ وَفِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ‌ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۱﴾ وَفِى السَّمَآءِ رِزۡقُكُمۡ وَمَا تُوۡعَدُوۡنَ ﴿۲۲﴾
فَوَرَبِّ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ مِّثۡلَ مَاۤ اَنَّكُمۡ تَنۡطِقُوۡنَ ﴿۲۳﴾

ترجمو: زمين ۾ يقين ڪرڻ وارن لاءِ ڪيتريون ئي نشانيون آهن. بلڪ خود توهان جي اندر (به). ڇا توهان ڪونه ٿا ڏسو؟ ۽ آسمان ۾ توهان جي روزي آهي ۽ جنهن جو توهان کي وعدو ڏنو وڃي ٿو ته زمين ۽ آسمان جو (پروردگار) قسم ته اهو ايترو ئي حقيقي آهي جيترو توهان (بالتحقيق) ڳالهائي رهيا آهيو.

❊

وَمِنۡ اٰيٰتِهٖ خَلۡقُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَاخۡتِلَافُ اَلۡسِنَتِكُمۡ وَاَلۡوَانِكُمۡ‌ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلۡعٰلِمِيۡنَ ﴿۲۲﴾

ترجمو: ۽ آسمانن ۽ زمين جي پيدائش خدا جي اشارن مان هڪڙو اشارو آهي ۽ توهان جي زبانن جو پاڻ ۾ مختلف ٿيڻ، توهان جي (جسم جي) رنگن جو مختلف ٿيڻ. بيشڪ انهن واقعن ۾ ضرور علم وارن ماڻهن لاءِ ڪيترائي اشارا ۽ هدايتون موجود آهن.

❊

وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيۡلَ وَالنَّهَارَۙ وَالشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ‌ؕ وَالنُّجُوۡمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمۡرِهٖ‌ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ
يَّعۡقِلُوۡنَۙ ﴿۱۲﴾ (النحل: 12)

ترجمو: توهان جي فائدي لاءِ خدا تعاليٰ ڏينهن ۽ رات کي تسخير ڪري رکيو آهي. سج، چنڊ ۽ ستارا ان جي حڪم سان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻيءَ پانيوار



پکڙيل آهن. بيشڪ انهي (پوري منظر ۾) انهيءَ قوم لاءِ، جا عقل واري آهي، گهڻائي اشارا ۽ هدايتون موجود آهن.

انسان هڪ شاندار مخلوق آهي جنهن کي "پاڻ سڃاڻڻ" جي قوت مليل آهي. سڄي دنيا جا عالم، ذهني ارتقا جي شروعات کان وٺي هن وقت تائين انهيءَ پاڻ سڃاڻڻ واري ڪم ۾ رڌل آهن. اهي زندگيءَ جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. درحقيقت اهڙا انسان ئي زنده آهن. انهن جي مقابلي ۾ جي غور و فڪر جي تڪليف نٿا ڪن، سي زنده ئي مئل آهن. گهمندڙ ڦرندڙ زنده لاش!.

حقيقي مذهب اهو آهي جيڪو زمان ۽ مڪان کي سمجهڻ جو حڪم ڏئي. انسانذات تي، ان وقت تائين مصيبت جا ڪڪر ڇانيل رهندا، جيستائين زمان ۽ مڪان جي حقيقت دنيا جي سيني انسانن کي هڪ مقصد تي متحد نه ڪري. دنيا جي مصيبتن جو علاج وڏيڪ غور و فڪر ئي آهي. غور و فڪر ئي انسان لاءِ مصيبتون پيدا ڪيون آهن ته انهن مصيبتن جو ازالو به وڌيڪ غور و فڪر ئي ڪندو. اهائي تقدير آهي جنهن کي ڪوبه بدلائي نٿو سگهي.

خدا تعاليٰ جي نگاهن ۾ اهو انسان مجرم آهي جيڪو غور و فڪر کان ڪم نٿو وٺي. خدا تعاليٰ چاهي ٿو ته انسان صحيفه فطرت تان قانون اخذ ڪري، ڪائنات جي تسخير ڪري ۽ پنهنجي قوت ۾ اضافو آڻي. انسان پنهنجي وصفن ۾ ذهني، سمعي ۽ بصري قوتن کان ڪم وٺي بلند ٿيندو وڃي. انهيءَ آسماني خزاني ۾ واڌارو ئي انسان جو اولين ڪم آهي. اهو غور فڪر ئي آهي جيڪو انسانذات کي صحيح آزاديءَ سان نوازي سگهي ٿو.

قرآن شريف فطرت جي مشاهدي کي خدا شناسي قرار ڏئي ٿو. ڇو ته ڪائنات خدا تعاليٰ جو اظهار آهي، الله تعاليٰ جي فطرت آهي.

قرآن حڪيم جو ڪافرن تي الزام آهي ته اهي ڪائنات جي وسعتن ۾ ڦهليل خدا جي آيتن تي غور نٿا ڪن. جنهن سان مشيت الاهي جي قانونن جو وجود ثابت ٿئي ٿو. جڏهن ڪنهن گروهه ۾ ان قانون کي سمجهڻ جي اهليت نٿي رهي، جن جي مطابق عالم طبعي جون تبديليون ۽ اجتماعي زندگي جا انقلابا پيش اچن ٿا ته پوءِ اها قوم سعادتن کان محروم ٿي وڃي ٿي. انساني فلاح ۽ سعادت جو دارومدار ان قانون کي نيڪ طرح سمجهڻ ۽

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ان تي عمل ڪرڻ تي آهي. قرآن حڪيم جتي به انسانن کان اطاعت الاهي جي گهرج ڪئي آهي ته اتي ان جي مراد اها آهي ته ان جي انهن قانونن جي اطاعت ڪئي وڃي جيڪي قانون، ڪائنات ۽ حيات ۾ موجود آهن.

الٓرٰ ۚ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ۙ ﴿۱﴾ (هود: 1)

ترجمو: هي هڪ ڪتاب، جنهن جو آيتون مضبوط ڪيون ويون آهن، پوءِ کولي بيان ڪيون ويون آهن، هڪ حڪيم باخبر جي طرف کان.

عضب الاهي مان مراد قانونن سان بغاوت آهي. جيڪي ماڻهو برا عمل ڪن ٿا ۽ ڪائنات ۾ موجود قدرت جي قانونن جي حقيقت نٿا سمجهن، ته حقيقت سان انهن جو رشتو ٽٽي وڃي ٿو. قدرت، رحمت جي دامن کي ڇڪي وٺي ٿي ۽ پنهنجي لطف کي روڪي ڇڏي ٿي. ان عدم تفڪر ۽ فقدان عقل جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو مشرڪ قومون هر انفرادي مظهر جي سامهون سر جهڪائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿيون. اهي تسخير فطرت کان عاجز ۽ قدرتي حادثن ۽ واقعن جي رحم و ڪرم تي جيئن ٿيون، فطرت جون غلام ٿي رهن ٿيون:

وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ۭ ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ۭ﴿۲۷﴾ (ص: 27)

ترجمو: اسان آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجهه انهن جي درميان آهي ڪوڙ ڪري پيدا ڪونه ڪيو آهي اهو انهن ماڻهن جو گمان آهي جي ڪافر آهن. حقيقت اها آهي ته انهن ڪافرن کي باهه ۾ وڌو ويندو.

انگلستان جو فلسفي برٽرينڊ رسل ڪتاب ”فلسفي جا مسئلا“ ۾ لکي ٿو:

”عقيدي جو برحق هجڻ اهو آهي ته ان جي مقابل واقعيت موجود هجي ۽ باطل اهو آهي جو ان جي مقابل ڪابه واقعيت نه هجي.“ (ص130)

غلط عقيدن واري مذهب ۾ عالمگير ٿيڻ جي صلاحيت ڪونه هوندي آهي. فطرت ۾ ڪُليت ٿيندي آهي. تنهن ڪري مذهب کي علم و حڪمت وانگر عالمگير ٿيڻ گهرجي. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن ان جو بنياد ڪُليات تي هجي، جي سموري موجودات تي حاوي هجن، ۽ سيني



انسانن تي اُها مساوي طور لاڳو ٿئي. قرآن حڪيم جي اهڙي تشريح، جيڪا قرآن حڪيم جي اندروني صداقتن ۽ انهن صداقتن جي وچ ۾، جي ظاهري طور، قرآن حڪيم کان ٻاهر آهن، ڪوبه تضاد باقي نه رهي، بلڪ اهي ٻئي هڪٻئي سان پوريءَ طرح هم آهنگ ٿي وڃن ته پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيندو ته اسان ڪائنات جي ڪامل سچائي پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

اڄوڪي انسان، علم جي قوت سان، ڪائنات جي ڪيترن ئي رازن جي نقاب ڪشائي ڪئي آهي. اهڙي عقلي ۽ علمي دور ۾، قرآن حڪيم کي هر لحاظ کان ڪامل ڪتاب جي حيثيت ۾ پيش ڪنداسين ته عقل، هر وقت، ثبوت جي تقاضا ڪندو. اهو اسان جي زباني ۽ اعتقادي دعوائن آڏو ڪونه جهڪندو. چو ته ائين ڪرڻ عقل جي فطرت جي خلاف آهي. ثبوت جي اڳيان جهڪڻ ئي عقل جي تقدير آهي. قرآن حڪيم خود ”سچائي“ جو معيار ”دليل“ کي قرار ڏنو آهي:

قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۱۱﴾ (البقره: 111)

ترجمو: انهن کي چئو ته جيڪڏهن پاڻ کي صداقت وارو سمجهو ٿا ته دليل آڻيو.

اڄوڪو انسان ايتم جو سينو چيري روحانيت ۾ داخل ٿيو آهي. اهو ڪهڙي قسم جي مذهب لاءِ تڙپي ٿو؟ ان لاءِ هينين لفظن تي غور ڪريو:

”حقيقت اها آهي ته جيڪو امتحان هن وقت مذهب کي درپيش آهي ان مان اهو ان صورت ۾، ڪاميابيءَ سان، نڪري سگهي ٿو جڏهن نئون نسل ان جي اندروني نظام جي جاچ پڙتال ڪري، ان ڳالهه جو پورو يقين ۽ اطمينان ڪري ته زندگي جي جن عملي مسئلن ۽ جن پريشانين ۽ پيچيدگين سان ڪيس واسطو پئجي رهيو آهي، ان جو بهترين عمل ان مذهب ۾ موجود آهي. شخصي مذهب جو دور هاڻي گذري چڪو آهي، محض جذباتي مذهب جي به هاڻي ضرورت ڪونهي. انهيءَ قسم جو زمانو به هاڻي ڪونه رهيو آهي جيڪو فرد کي صرف، ان حد تائين تسلي ۽ سهارو ڏئي سگهي جو ان جي اخلاقي طرز عمل لاءِ ڪجهه هدايتون ڏئي ۽ هڪ اهڙي نجات جي اميد ڏياري، جنهن

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۽ پاڪي پانيوار



جو حل مرڻ کان بعد ئي ڪلي سگهي. موجوده زماني جو سائنٽيفڪ ماڻهو هر شيءِ کي، ايستائين خود صداقت کي به، نتيجن جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏسڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن اڄوڪي دور جي انسان کي مذهب جي پيروي ڪرڻي آهي ته پوءِ اهو مطالبو ٿو ڪري ته مذهب ڪيس اهو ٻڌائي ته اهو مذهب ان جي عملي مسئلن جو پاڻ وٽ ڪهڙو حل رکي ٿو؟ گهڻن جنمن کان بعد آخرڪار نروان حاصل ٿيڻ جي اميد، اهڙي شي ڪونهي، جو صرف ان جي بنياد تي هو مذهب کي قبولي. ان جي فلسفيانه جستجوءَ لاءِ مذهب کي سڀ کان پهريان اها چاهي فراهم ڪرڻ گهرجي، جنهن سان هو ڪائنات جي معمي جو ڪو قابل اطمينان حل ماڻي سگهي. پوءِ ان کي ٺيڪ ٺيڪ سائنسي طريقي سان علت ۽ معلول، سبب ۽ نتيجي جو بين تعلق ثابت ڪندي اهو ڏيکارڻ گهرجي ته انسان، انهن قوتن کي ڪهڙيءَ طرح قابو ڪري، جيڪي هن وقت بي قابو ٿي، نوع انساني کي، فائدو پهچائڻ بدران، تباه ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيون آهن ۽ ڪهڙيءَ طرح بي روزگاري، غير معقول عدم مساوات، ظلم و ستم، معاشي ڦرلٽ، جنگ، عصمت فروشي ۽ ٻين براين جو خاتمو ٿئي جو ته انهن شيطاني ڪمن انسان جو امن و سڪون برباد ڪري ڇڏيو آهي."

*(لارڊ لوٿين جي علي ڳڙه يونيورسٽي ۾ ڪيل هڪ تقرير)*

قرآن شريف چوي ٿو ته پنهنجي دائره تحقيق کي محسوسات تائين محدود نه ڪريو. جو ته زندگيءَ جو هڪڙو باطني پهلو به آهي، جنهن تائين فطرت تي مسلسل غور و فڪر کان پوءِ ئي پهچي سگهجي ٿو.

وڏي افسوس جو مقام آهي جو اسان جي عالمن جي اڪثريت اسان تي غور و فڪر حرام ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪابه حقيقت، ڪتاب فطرت تان هٽ ڪري، ان مطابق قرآن حڪيم جو مقصد ڪيئون ٿا ته بي دين، ملحد ۽ ڪافر جو لقب ملي ٿو. انهن عالمن، ان ڳالهه تي مهر هڻي ڇڏي آهي ته قرآن حڪيم تي غور و فڪر پورو ٿيل آهي، هاڻي صرف انهن کان پڇڻو آهي ته ڪلام پاڪ ڇا ٿو چوي، توهان کي پنهنجي غور و فڪر سان



هٿ آيل حقيقت ٻڌائڻي ڪونهي صرف انڌي تقليد ڪرڻي آهي. پاڻ نه سوچيو ۽ نه سمجهو.

قرآن شريف ۾ عالمگير قانون آهن. اتي عالمگير فطرت ڪم ڪري رهي آهي. قرآن شريف تي هرڪو سوچي سگهي ٿو صداقت ڪنهن خاص قوم جي ميراث ڪونهي، اها عالمي ملڪيت آهي جنهن مان هرڪو فائدو وٺي سگهي ٿو. علم، اها حقيقي قوت آهي جنهن کي زمان و مڪان جي حدبندين ۾ قيد ڪري نٿو سگهجي.

سچي ڳالهه اها آهي ته جا قوم غور و فڪر کان محروم ٿي وڃي ٿي ته پوءِ انڌي تقليد ئي انهن جو مقدر هوندو آهي. جنهن قوم جي فردن ۾ غور و فڪر جي قوت ڪونهي ته پوءِ اها انسانن جي وسندي نه، پر جانورن جو واڙو آهي. اسان پنهنجي اسلاف جي فڪر کان مستفيض ٿي سگهئون ٿا ليڪن انهن جو فيصلو اسان لاءِ حرف آخر ڪونهي. سيد لطيف چئي ٿو:

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون ابوجهن جون، سپر جام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن چڪي تان نه ٿئي.

نبين جو عقل ڪامل ٿيندو آهي. اهي پنهنجي روحاني تجربيگاه ۾ ڪائنات جي پوري حقيقت تائين پهچندا آهن. انهن تي الله تعاليٰ طرفان وحي ڪئي ويندي آهي، يعني نور (الله) انهن ۾ پنهنجو ڪلي اظهار ڪندو آهي. عقل جي چوڌاري نور جو گهيرو هوندو آهي. انهن جو فڪر ڪائنات وانگر وسيع ٿيندو آهي. ڪائنات جون حقيقتون انهن وٽ ٽڪرن جي صورت ۾ ڪونه ٿيون اچن بلڪ اهي مربوط ۽ ڪلي صورت ۾ اچن ٿيون. ان ڪري نبين جي اچڻ جو مقصد ئي عقل جي تڪميل ڪرڻ آهي.

اسلام کان پهريان مذهب جو بنياد معجزن ۽ خرق عادتن تي قائم هيو. ۽ انسانن ۾ هيءَ عادت هئي ته هر نبيءَ کان اها گُهرج ڪئي ويندي هئي ته هو پنهنجي صداقت جي ثبوت ۾ ڪجهه معجزا ڏيکاري. خرق عادتن جي مطالبي جي جواب ۾ قرآن حڪيم بار بار فطرت جي منظرن کي پيش ڪيو آهي. يعني قرآن حڪيم حقيقت کي قدرت جي قانونن ۾ تلاش ڪري ٿو. هن آيت پاڪ تي هڪ دفعو وري غور ڪريو:

إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِي تَجْرِي فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

النَّاسَ وَمَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنۡ مَّآءٍ فَاَحۡيَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا وَبَثَّ فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ دَآبَّةٍ ۖ وَّتَصۡرِيۡفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ الۡمُسَخَّرِ بَيۡنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۱۶۴﴾ (البقرہ: 164)

ترجمو: بيشڪ زمين ۽ آسمانن جي جوڙجڪ ۾ ڏينهن ۽ رات جي اختلاف ۾، ٻيڙين ۾ جي سمنڊن ۾ نفع رساني لاءِ روان دوان آهن ۽ پاڻي ۾ جو ان کي الله تعاليٰ آسمان مان زمين تي وسايو تہ زمين مرڻ کان بعد وري زنده ٿئي ۽ ان ۾ هر قسم جا جانور پيدا ڪيائين جيڪي حرڪت ڪن ٿا ۽ هوائون جي گهلن ٿيون ۽ ڪڪر آهن جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ (خدا جي حڪم سان) هلي رهيا آهن، انهن ۾ گهڻيون نشانيون آهن اسان جي ربوبيت جون. انهن لاءِ جي عقل کان ڪم وٺن ٿا.

## پيغمبرن جي اچڻ جو مقصد:

پيغمبرن جي اچڻ جو اصلي مقصد اهو آهي تہ اهي عالم انسانيت کي جهالت جي تباهين ۽ بربادين مان ڪڍي نور (علم) جي دائمي فرحتن ۾ وٺي اچن. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

هُوَ الَّذِيۡ يُنَزِّلُ عَلٰى عَبۡدِهٖۤ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخۡرِجَكُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ؕ (الحديد: 9)

ترجمو: اهو اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي بندي تي صاف آيتون لاهي ٿو تہ جيئن توهان کي (جهالت) جي اونداهين مان ڪڍي نور طرف وٺي وڃي.

حضرت موسيٰ عليه السلام لاءِ قرآن حڪيم ۾ فرمايو ويو:

وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اَنۡ اَخۡرِجۡ قَوۡمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ۙ (البراهيم: 5)

ترجمو: ۽ يقيناً سان اسان موسيٰ کي نشانين سان موڪليو تہ جيئن پنهنجي قوم کي ڪڍي اچي، اونداهين مان نور (علم) جي طرف

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

هُوَ الَّذِيۡ يُصَلِّيۡ عَلَيۡكُمۡ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخۡرِجَكُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِ ؕ (الاحزاب: 43)

ترجمو: اهو ايئن آهي تہ هو خود ۽ ان جا فرشتا توهان مٿان رحمتون موڪليندا رهن ٿا. تہ جيئن اهي توهان کي ظلمات مان ڪڍي نور (علم) طرف وٺي اچن.

دين فطرت جو پيغام، سيني حقيقت وارن (پيغمبرن) جو پيغام هو. اهي هڪ ئي حقيقت جي ترجماني لاءِ موڪليا ويا هئا. انهن پنهنجي

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ماحول ۾ حق، حسن، نور، خير جي تبليغ ڪئي. اهي هڪ ئي گلدان جا گل هئا. انهن گلن ۾ هڪ ئي آسماني خوشبوءِ مهڪي رهي هئي. خوشبوءِ کي خوشبوءِ کان نفرت ڪونہ ٿيندي آهي.

قرآن شريف چوي ٿو تہ اي اهل نظر! عقل سان نتيجا ڪڍو. قدرت جنهن کي چاهي ٿي تہ حڪمت سان نوازي ٿي ۽ جنهن کي حڪمت ڏني وئي ان کي "خير ڪثير" ڏنو ويو. قرآن حڪيم چئي ٿو تہ سڄو ۽ انڌو، نور ۽ اونداهي برابر نہ آهن:

اَمۡ هَلۡ تَسۡتَوِى الظُّلُمٰتُ وَالنُّوۡرُ ۚ (الرعد: 16)

ترجمو: ياهي تہ ڪڏهن نور ۽ اونداهي برابر ٿيون آهن؟

حضور اڪرم ﷺ تي نازل ٿيڻ واري ڪتاب ۾ 'عقل' جي اهميت جو اندازو توهان هن طرح لڳائي سگهو ٿا تہ قرآن حڪيم جي 48 آيتن ۾ عقل جي متعلق جيڪي لفظ آيا آهن. انهن مان "تعقلون" جو لفظ 24 دفعا ۽ "يعقلون" جو لفظ 22 دفعا آيو آهي. عقل تي ايترو زور ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ نٿو ملي. ڪڏهن چوي ٿو:

اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۳﴾ (الرعد: 3)

ترجمو: بيشڪ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن.

۽ ڪڏهن بيان ڪري ٿو:

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۲۱۹﴾ (البقرہ: 219)

ترجمو: اهڙي طرح سان الله تعاليٰ توهان لاءِ پنهنجي آيتن کي بيان ڪري ٿو شايد توهان غور و فڪر ڪيو.

عقل جو منصب اهو آهي تہ خدا تعاليٰ جي آيتن تي غور ڪري. قرآن حڪيم ۾ ڪٿي بہ نہ چيو ويو آهي تہ ڪشف ۽ ڪرامت جي ذريعي شين جي حقيقت جي جستجو ڪريو بلڪ فڪر ۽ تدبر جي وري وري هدايت ڪئي وئي آهي. عبادت جي اعليٰ شڪل بہ غور و فڪر ئي آهي، ڇو تہ غور و فڪر جو نتيجو نيڪي تي عمل جي دعوت ڏئي ٿو. عقل ۾ "قبول ڪرڻ" جي صلاحيت موجود آهي ان ڪري انسان نيڪي ڏانهن جلدي اچي سگهي ٿو. ڪائنات تي غور و فڪر ۽ مشاهدي ڪرڻ سان نتيجن تائين پهچڻ جي فرمائش مان مقصود اهو آهي تہ تلاش ۽ جستجوءَ سان جيڪي حقيقتون منڪشف ٿينديون، اهي پاڻ ئي تخليق ڪائنات جي مقصد تي روشني

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وجهنديون. حقيقت اها آهي تہ غور و فڪر ۽ مشاهدو ڪرڻ وارو قدرت جي خاموش گفتگو ٻڌندو آهي. علم ۽ عقل جي روشنيءَ کي ڇڏي، انساني نفس جي خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارن لاءِ قرآن حڪيم چوي ٿو تہ اهي ظالم آهن ۽ ظالمن کي خدا تعاليٰ هدايت ڪونہ ڏيندو آهي.

علم ۽ عقل هڪٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. علم، عقل سان آهي ۽ عقل علم کان قوت وٺي ٿو. عقل جو ڪم اهو آهي تہ اهو علت کي معلول سان وابستہ ڪري ۽ رابطي جي خبر رکي. عقل جو ڪم اهو آهي تہ هر، جز کي ڪل سان وابستہ ڪري جزئيات کان ڪليات تائين پهچي ۽ پوءِ ڪليات مان جزئيات اخذ ڪري. عقل جو ڪم ان وقت تائين مڪمل نہ ٿيندو، جيستائين سڀئي جزئيات ، ڪليات سان منسلڪ نہ ٿي وڃن ۽ سڀئي ڪليات هڪ ڪل ۾ سمائجي نہ وڃن.

ظاهر ۽ باطن جي لحاظ کان ڪجهہ ڪليات 'آفاق' کان حاصل ٿيندا آهن ۽ ڪجهہ 'انفس' مان. قرآن حڪيم جي تعليم اها آهي تہ آفاق ۽ انفس جي ٻنهي ڪليات کي ملائي اڳتي وڌجي. قرآن حڪيم چوي ٿو:

سَنُرِيهِمْ آيَاتِنَا فِي الْآفَاقِ وَفِي أَنْفُسِهِمْ حَتَّىٰ يَتَبَيَّنَ لَهُمْ أَنَّهُ الْحَقُّ ۗ أَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ أَنَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿٥٣﴾ (حم سجدہ: 53)

ترجمو: جلد ئي اسان انهن کي آفاق ۽ انفس ۾ حقيقت جا نشان ڏيکاريندا سين تہ جيئن ظاهر ٿئي تہ قرآن حق آهي.

علم جي ترقيءَ سان ڪليات جو تعداد مٿي چڙهندي چڙهندي، گهٽ ٿي ويندو آهي. ڪائنات جي رنگارنگي قانونن جي وحدت ۾ موجود آهي ۽ اهي سڀ وحدتون محيط ڪل وحدت تي انتها کي پهچن ٿيون. ڪثرت ۽ تغيرات جي ڪائنات هڪ وحدت مان نڪتي آهي. سيد لطيف جي هن شعر تي نظر ڪريو:

وحدت تان ڪثرت ٿي ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو ٻولي ٻي م ڀل،
هو هلاچو هل، باالله سندو سڄڻين.

انسان ڪٿي بہ ڪثرت محض کي ڪثرت نہ سمجهي بلڪ هر قدم تي ان جي ننڍين ۽ وڏين وحدتن طرف موٽي، اهڙيءَ طرح هڪ وحدت

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪلي تائين پهچي. قدرت جي قانونن جو علم درحقيقت ڪثرت ۾ وحدت جي تلاش آهي. ياد رکو قانونن جي وحدت جو نالو ڪائنات آهي.

جيڪڏهن ڪنهن مذهب ۾ معقوليت بلڪل ئي نہ رهي ۽ اهو مذهب، عقل کي پوئتي ڇڏي ڏئي ۽ صرف جذبات پرست ۽ جذبات انگيز ٿي وڃي تہ پوءِ اهو بي عقلن جو مذهب ٿيندو ۽ ان کي اعصاب زده ماڻهو ئي پنهنجو ڪندا. حق اهو آهي تہ اسان قدرت جي قانونن ۾ موجود دائمي اصولن جي ذريعي ئي تبديلين جي دنيا ۾ قدم رکي سگهؤن ٿا. جيڪڏهن انهن اصولن کي نظر انداز ڪنداسين تہ منزل طرف حرڪت پذيري غير متحرڪ ۽ جامد ٿي ويندي. ياد رهي تہ روح جو غور و فڪر ڪرڻ ۽ مشاهدي سان واقعات کي ياد ڪرڻ ئي ذڪر الاهي آهي. تسبيح تي داڻا ڦيرڻ وارو ذڪر، ان جو نعم البدل ٿي ڪونہ سگهندو.

**قرآن حڪيم علم آهي.**

وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ أَهْوَاءَهُمْ مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ إِنَّكَ إِذًا لَمِنَ الظَّالِمِينَ ﴿١٤٥﴾ (البقرہ: 145)

ترجمو: جيڪڏهن توهان انهن جي خواهشن جي پيروي ڪرڻ لڳو بعد ان جي جو توهان وٽ علم اچي چڪو آهي تہ يقيناً توهان بہ ظالمن ۾ شمار ٿيندؤ.

انهيءَ آيت پاڪ ۾ حضور اڪرم ﷺ کي چيو ويو آهي تہ ان کي صرف علم جي راهہ تي هلڻو آهي ڇو تہ علم جي راهہ تي نہ هلڻ 'ظلم' آهي.

قرآن حڪيم جي گهرج آهي تہ انسان زندگيءَ جي مختلف مرحلن تي جذبات ۽ روايات جي پيدا ٿيندڙ مشڪلات تي قابو پائي. انسان ڪيترو بہ عالم، تجربہ ڪار هجي پر خانداني روايتون، قومي خيال ۽ اوسي پاسي جا حالات، اهڙا اثر ڇڏين ٿيون جو انسان گهڻو ڪري انهن ئي قوتن جي قالب ۾ سمائجي وڃي ٿو. برٽرينڊ رسل پنهنجي ڪتاب "فلسفي جا مسئلا" ۾ چوي ٿو:

"تفڪر ۾ هر اها ڳالهہ جيڪا ذاتي ۽ نجي ٿيندي آهي ۽ هر اها ڳالهہ جا عادت، خود غرضي يا هوا ۽ هوس تي مبني ٿيندي آهي، مقصود اعليٰ کي مسخ ڪندي آهي ۽ ان اتحاد کي نقصان پهچائيندي آهي جنهن کي عقل ڳولي لهڻ چاهي ٿو. صاحب فڪر ۽ موضوع فڪر جي درميان ايئن هڪڙي رڪاوٽ بيهارڻ جي ڪري ذاتي ۽ نجي معاملات عقل کي قيدخانو بنائي ڇڏيندا

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آهن. عقل جيڪڏهن آزاد هجي تہ ان کي بصيرت حق حاصل ٿيندي آهي.“ (ص 157)

جيڪڏهن انسان جو عقل ڪامل ۽ بيدار ٿي وڃي تہ اهو وهم، وسوسن، حس ۽ تخيل جي ڪارفرمائين کان آزاد ٿي وڃي ٿو. رواجي عقل کي گهرجي تہ اهو حقيقت ڪل جي محبت کان سواءِ ٻئي ڪنهن جذبي کان متاثر نہ ٿئي. جيڪڏهن انسان کي زندگيءَ جي خدمت ڪرڻي آهي ۽ ڪيس ڪامل ٿيڻو آهي تہ ان لاءِ ’علم ڪلي‘ ئي واحد ذريعو آهي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ۝۱۰ (الملك: 10)

ترجمو: دوزخي چوندا تہ جيڪڏهن اسان ٻڌڻ وارا ڪن ۽ بيدار عقل رکندا هجئون ها تہ دوزخين ۾ نہ هجئون ها چو تہ دوزخ عقل وارن جي جڳهہ ناهي.

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ۝۲۲ (الانفال: 23)

ترجمو: بدترين حيوان الله تعاليٰ جي نظر ۾ اهي ٻوڙا گونگا آهن جيڪي عقل کان ڪم نٿا وٺن.

جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو رهي تہ زماني جي علمي ۽ فڪري سطح بلند ٿيندي ٿي وڃي. ان ڪري هر ايندڙ نسل، پنهنجي پوئين نسل کان علم ۽ فڪر ۾ اڳتي ٿيندو آهي. اسان پنهنجي اسلام جي غور و فڪر کان مستفيض ٿي سگهون ٿا، پر انهن جو غور و فڪر اسان لاءِ حرف آخر ڪونهي. هتي هڪ ضروري سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آخر پيغمبرن جي تعليم بہ تہ گذريل زماني جي آهي، پوءِ اسان انهن جي ڏيکاريل راهہ تي ڇو هلئون؟

انهيءَ سوال جو جواب هي آهي تہ پيغمبر اهي ڪامل انسان آهن جن ۾ حقيقت پنهنجو ڪلي اظهار ڪندي آهي. اهي ظاهر باطن ۾ ٺپيون هٽي، اهي موتي هٿ ڪن ٿا، جي اسان کي ذاتي مشاهدي سان هٿ ڪونہ ٿا اچن. اهي پنهنجي ذهن جي روحاني تجربيگاهہ ۾ ايترو تہ يقيني علم حاصل ڪندا آهن، جنهن کي علم جو آخري مقام چئي سگهجي ٿو. انهن ۾ ڪائناتي شعور پنهنجي تڪميل تي پهتل ٿيندو آهي. انهن آسماني انسانن جي سامهون، ڪائنات جون سچايون ٽڪرن ۽ حصن جي صورت ۾ ڪونہ ٿيون اچن بلڪ اهي ڪامل سچائي جي وحدت ٿي پون ٿيون. اهڙا



انسان، عام رواجي انسانن کان ايئن افضل ٿيندا آهن جيئن جانورن کان عام سطحي انسان افضل ٿيندو آهي. چشمن ۽ چراگاهن جي ڄاڻ انهن کي آهي. انسانن جا اهي ئي ڏنار آهن.

اسلام ڪائنات جي ارتقائي تصور جو حامي آهي. حرڪت، تبديلي، ارتقا فطرت جي گهرج آهي. قدرت انسان کي هر وقت تبديلي جي حالت ۾ ڏسڻ چاهي ٿي. قرآن حڪيم حرڪت، تغير ۽ ارتقا جي وجود کي خلقي قدر قرار ڏئي ٿو. اسلام جي نظر ۾ هڪ فرد ۽ جماعت، ٻئي روحاني ۽ نفسياتي طور تي ترقي پذير آهن. اسلام فرد ۽ جماعت کي روحاني ترقيءَ جي انتهائي (آسماني) مقام تي پهچائڻ چاهي ٿو. جيڪڏهن اسلام کي ارتقائي نقطہ نظر سان نہ ڏسنداسون ۽ سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪنداسون تہ اسان اسلام جو هڪڙو اهڙو تصور قائم ڪنداسين جيڪو اسلام جي مرضيءَ خلاف، صحيح رخ ڏانهن انسان جي ترقي روڪي ڇڏيندو. گويا اسلام جو نالو وٺڻ سان، اسلام جي مزاحمت ڪنداسون.

قرآن شريف جي تعبيرات ۾ مسلڪن جي پوئواري جي طريقي، روحاني ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. هدايت کي انهيءَ طريقي جاچڻ ڪري اسان ڪو نٿا ڄاڻئون تہ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اسلام، اسان کان ڪهڙي عمل جو مطالبو ڪري رهيو آهي. ان ڪتاب جي مطلبن ۽ معنائن ۾ هڪ عقلي رابطي جو مڃڻ ضروري آهي. سيني صداقتن ۾ هڪ منطقي يا عقلي نسبت هوندي آهي ۽ اهي عقلي طور هڪٻئي جي تائيد ڪنديون آهن. جيڪڏهن اسان هڪ صداقت کان ٻيءَ صداقت جو سهارو ڇنون. (ياد رکو ڪائنات صداقتن جو مجموعو آهي خلق السموات والارض بالحق) تہ پوءِ اها صداقت ئي نہ رهندي. جيڪڏهن بعض صداقتون اهڙيون هجن، جو اهي لفظ بہ لفظ قرآن شريف ۾ موجود نہ هجن ۽ اسان قرآن شريف جي اندروني صداقتن کي انهن کان الڳ ڪري ڏسئون تہ پوءِ اسان، قرآن شريف جي هڪ حصي جي تشريح اهڙيءَ طرح ڪنداسين جو اها قرآن شريف جي ٻي آيت سان ٽڪرائجي پوندي يعني اختلاف پيدا ٿيندا.

ڪوبہ نظريو سراسر غلط ڪونہ هوندو آهي. ان ۾ حق جو ٿورو عنصر هوندو آهي مثلاً چارلس ڊارون جي نظريہ ارتقا کي ڏسو. اهو سمورو سچ ڪونهي. پر ان جي اها ڳالهہ تہ ”انسان ارتقا جي دورن مان گذريو آهي.“

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پانيوار



بلڪل سچ آهي: قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ۝ وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ۝ (نوح: 13-14)

ترجمو: توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو توهان الله تعاليٰ کان عزت جي اميد نٿا رکو جيتوڻيڪ ان توهان کي پيدائش جي ڪيترن ئي مرحلن مان گذاري پيدا ڪيو آهي.

ارتقا جي قوت کي غلط ڇوڙ حق سان بغاوت آهي. اسان قرآن شريف جي ڪامل حقيقت سان چارلس ڊارون جي غلطين کي درست ڪري سگهون ٿا. چارلس ڊارون جو نظريو اهو تہ ٻڌائي ٿو تہ مختلف انواع مطابقت جي عمل سان گهٽ سڃاپجندڙ ابن ڏاڏن مان جنم ورتو پر اهو نظريو ان ڳالهہ کي بيان ڪرڻ کان قاصر آهي تہ ارتقا جي آئنده منزل ڪهڙي ٿيندي. پيو تہ ڊارون ڪائنات جي انجام جو نہ تہ ڪو حل پيش ڪري ٿو ۽ نہ ئي وري ان جي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن نظريہ مان اها بہ خبر ڪونہ ٿي پئي تہ ارتقا جي سفر ۾ جانور ڪٿي پورو ٿيو ۽ انسان ڪٿان شروع ٿيو. اسان ڪائنات ۽ انسان جي حقيقت کي ان وقت تائين ڪونہ سمجهي سگهنداسين جيستائين تبديلي ۽ تسلسل جي پوري زنجير کي نہ سمجهون. انهن سڀني مشڪلاتن جو حل آسماني تعليم وٽ موجود آهي. حرڪت ۽ تبديلي فطرت جو قانون آهي. تبديلي واحد ثبات آهي. تبديلي ئي مستقل آهي. تبديلي واحد ابدي مظهر آهي.

هن وقت تائين، انساني زندگيءَ جيڪو غور و فڪر ڪيو آهي سو لازمي طور قرآن حڪيم جي ڪنهن آيت جو ڪليل روپ آهي. تنهنڪري قرآن حڪيم کي هر وقت تازو ڇپيو وڃي ٿو. زماني جي فڪري سطح ڪيترو بہ بلند ٿئي، پر قرآن شريف جو قدم هميشہ ان تي مقدم ٿيندو. تنهنڪري ان غلطيءَ کي وري نہ دهرايو تہ قرآن شريف تي غور فڪر پورو ٿي چڪو آهي.

مسلمانن ۾ غور و فڪر ڪرڻ جي قوت گهٽجي وئي آهي. قرآن شريف کي سڄي دنيا مٿان غالب ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان انهن فڪري دعوائن کي غلط ثابت ڪريون جي مغرب کان اسان تائين پهتيون آهن. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسان قرآن حڪيم ۽ ڪائنات تي غور ڪنداسين. يقين ڄاڻو تہ قرآن حڪيم وٽ فڪر جون اهي بلنديون موجود



آهن، جي توهان کي دنيا تي غالب ڪنديون، جو تہ غلبو حاصل ڪرڻ سچائي جي فطرت آهي ۽ الله تعاليٰ جي وعدو آهي. ياد رکو تہ الله تعاليٰ جو وعدو ڪڏهن بہ ڪوڙو ٿي نہ سگهندو.

قرآن شريف انسانيت کي هڪ ئي سچ جي واٽ تي وٺي اچي ٿو. ان ڪري هو سڀني اڳين مذهبن کي مڃڻ جي تلقين ڪري ٿو. انهيءَ صورت ۾ اختلاف ختم ٿيندا ۽ انسان هڪ مقصد تي متحد ٿيندا.

J.W.T.Mason لکي ٿو:

"سو اڄ زندگي ۾ روحاني اثرن جي ڪمي آهي پر اها غلط روحانيت نہ. جيڪا مادي کي محض مادي هجڻ ڪري ان کي شر خيال ڪري ٿي ۽ انسان کي ان کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. دور حاضر ۾ ماديت جي روحاني مفهوم کي سامهون آڻڻ جي ضرورت آهي يعني اسان ان حقيقت کي فراموش ڪري ڇڏيو تہ خود اسان جو ۽ روح جو پهريون سرچشمو مادي کان مٿانهون هڪ روح خالص آهي. اسان اهو نٿا ڄاڻون تہ افادي تخليق سان، روح جي آميزش ڪيئن ڪئي وڃي. ان ڪري اسان خيال ڪيون وينا آهيون تہ اسان جي زندگي جو سرچشمو مادو آهي ۽ مادي جو سرچشمو ڪٿي بہ ڪونهي. ايئن سمجهو تہ اسان اهو ڪونہ ٿا ڄاڻون تہ ماديت ۽ روحانيت ۾ ڪهڙي طرح باهمي هڪجهڙائي پيدا ڪئي وڃي." *(Creative Freedom p.183)*

انسان کي جڏهن ڪا اهڙي شيءِ ملي جيڪا سندس قوت ۾ اضافو ڪري ٿي تہ اهو ان شيءِ جو قدر ڪرڻ لڳندو آهي. ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ تڪليف جو باعث ٿئي ٿي تہ پوءِ انسان ان کان پري ڀڄندو آهي. انسان جي ان فطرت کي سامهون رکي، فيصلو ڪنداسين تہ اسان لاءِ اهو ضروري ٿي پوندو تہ اسان اسلام کي، دور جديد سامهون ائين آڻيون جيئن انسان ذات جي مجموعي قوتن ۾ اضافو ٿئي ۽ انهن جون مشڪلاتون آسان ٿي وڃن. اهو عالمي امن جو ضامن ۽ عالمگير هجڻ سان گڏوگڏ علم سائنس جي روح سان هم آهنگ هجي. اهڙي قدرتي مذهب کي ئي اهو حق آهي تہ اهو نوع انساني جو مذهب ٿي سگهي.

آتش عشق کان خالي مذهب، جنهن ۾ نشوونما، ترقي ۽ زندگيءَ کي

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

مالامال ڪرڻ جي سڪ نہ هجي تہ پوءِ اهڙو مذهب بي جان رسمن جو مجموعو آهي. اهو مذهبي فڪر جنهن کي عقل آسماني نہ سينگاريو هجي ۽ جنهن جي پس پرده ترقي، تعميل ۽ تخليق ڪرڻ ۽ دنيا ئي آب و گل کي آراستہ ڪرڻ جو ارادو نہ هجي تہ پوءِ اهڙو مذهب تڪراري حالت ۾ آهي. دنيا جا مفڪر هڪ اهڙي مذهب جي تلاش ۾ آهن جيڪو زندگي کي منزل جي خبر ڏئي ۽ انساني صلاحيتن لاءِ ميدان عمل فراهم ڪري.

اک ڪن ۽ ذهن ابديت ڏانهن کلندڙ دريون آهن. اهي ئي قدرت طرفان علم ملڻ جو ذريعو آهن. علم يعني قانون قدرت جي تصديق بہ اهي ٽيئي ذريعا ڪن ٿا. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُوْلًا ﴿٣٦﴾

(بنی اسرائیل: 36)

ترجمو: ۽ ان جي پويان نہ پؤ جنهن جو توکي علم ڪونهي (چاڪاڻ تہ) بيشڪ تنهنجي ڪنن، اک ۽ ذهن (فواد) سڀني کان ان شئي جي متعلق پڇيو ويندو.

قرآن پاڪ جي هن آيت پاڪ ۾ ’علم‘ جي هڪ خصوصيت بيان ڪئي وئي آهي اها هيءَ تہ ’علم‘ اها حقيقت آهي جنهن جي تصديق اک، ڪن ۽ ذهن ڪن. ان کان سواءِ باقي ’ظن‘ آهي.

انسان کي سمع، بصر ۽ فواد عطا ٿيا آهن. چوڻ ۾ تہ اهي ٽي لفظ آهن پر غور سان ڏٺو وڃي تہ شرف انسانيت جي پوري تاريخ انهن ٽنهي لفظن جي ڪري قائم آهي. سمع ۽ بصر انساني حواسن جا نمائندا آهن جيڪي خارجي دنيا جي معلومات اسان تائين پهچائن ٿا. اها معلومات انساني قلب تائين پهچي ٿي ۽ ”فواد“ (ذهن) ان متعلق فيصلو ڪري ٿو.

توهان جا سڀ باطني احساس توهان جي پنجن ظاهري حواسن سان وابستہ آهن. جيڪڏهن توهان جا ظاهري حواس اڻپورا آهن تہ پوءِ توهان هرگز ڪنهن باطني حسن مان صحيح فائدو نٿا وٺي سگهو. توهان جو عقل بہ ڪنهن ظاهري حسن کان بغير ڪنهن شيءِ کي سمجهڻ تي قادر ڪونهي. حقيقتن جي نئين نئين دنيائن تائين پهچڻ ۽ لاعلمي جي وڏن وڏن سمنڊن کي عبور ڪرڻ جو ذريعو صرف حقير محسوسات ۽ ابتدائي معلومات هئي. حقيقت ڪل جي تحصيل ظاهري حواسن کان بعد صرف خالص ۽ بي آميز



عقل جي بنياد تي ٿيڻ ممڪن آهي.

## سائنس جي مجبوري:

انساني علم ايتري تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيا آهن جو انهن جو احاطو ڪرڻ انسان جي وس کان ٻاهر ٿيندو ٿو وڃي. اڄ رڳو علم اسان جي نجات ڪونهي. سائنسي علمن ۾ اختصاعي مهارت جي تقاضا، همہ گير جهل جو سبب ٿي رهي آهي. موجوده زماني ۾ هڪ علم جي ڪيترن ئي شعبن ۾ خصوصي مهارت جو حال هي آهي جو ان خصوصي مهارت سان ڪامليت جو ڪٿي بہ وجود ڪونهي. اهي حقيقت ڪل کان بي خبر آهن. علم، انسان جي ٽين اک آهي پر جي علم ڪلي ڪونهي تہ انسان پنهنجي ٻن اکين کان بہ انڌو آهي. حقيقت کي ٽڪرن ۾ بند ڪرڻ ۽ ورهائڻ ظلم ۽ شرڪ آهي. سيد لطيف بہ سچ (حقيقت ڪلي) جي ڳالهہ ڪري ٿو:

جن سودي سچ جو، وکر وهايو،
بخر ولهم البشريٰ جو، انين لءِ آيو،
ان کي لالن لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

جي نہ سڃاڻن سچ کي ويهہ م تنين وٿ،
املهہ کي اڏ ڪري، پاڻان هٽندا پٽ،
مهر تنين وٿ، مٿ جي پارکو پارس جا.

اڄ تڪميل ۽ فضيلت خواب خيال ٿي ويا آهن. هاڻي علم جي، ڪنهن خاص شعبي جا ماهر تہ ملندا پر صاحب حڪمت ۽ دانائي جا پيڪر ڪونہ ٿا ملن. صداقت جي متعلق جزوي علم دنيا ۾ فساد پيدا ڪندو آهي (هن وقت دنيا تي اهڙو ئي دور آهي). جيڪڏهن علم جي جدوجهد، زندگيءَ جي مقصد کي حاصل نہ ڪري سگهي تہ اهو اڌورو علم آهي، ياد رکو اڌورو علم جهالت کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي. A.N whiterhead پنهنجي ڪتاب Adventures of Ideas ۾ لکي ٿو:

”صداقت جي متعلق جزوي علم سموري ڪائنات ۾ فساد پيدا ڪندو آهي.“

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



سائنس جي لاءِ اهو اڻ ٽر آهي ته اهو حقيقت جي ڪنهن هڪ پهلوءَ کي پنهنجي مطالعي لاءِ منتخب ڪري ۽ باقي رخن کي ڇڏي ڏي. تنهنڪري جيڪڏهن سائنس ايئن چوي ته حقيقت جي جن پهلوئن جو ان انتخاب ڪيو آهي، اهي ئي پهلو حقيقت ڪل آهن ته ان جي اها دعوا باطل آهي.

پروفيسر W.N.sullivin ان بابت لکي ٿو:

”سائنس کي هاڻي پنهنجي حقيقت جو احساس ٿي ويو آهي ان ڪري هاڻي ان ۾ انڪسار به اچي ويو آهي. هاڻي اسان کي اهو نٿو پڙهايو وڃي ته حقيقت جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ سائنس ئي واحد طريقو آهي (واحد طريقو ته هڪ طرف) بلڪ هاڻي ته سائنسي دنيا جا وڏا ذهن ان ڳالهه تي وڏي شدت سان قائم آهن ته جيستائين حقيقت جي ادراڪ جو تعلق آهي ته سائنس صرف جزوي علم ئي پهچائي سگهي ٿي.“

(Limitations of science p.40)

غور ڪريو هتي مادو به آهي، حيات به آهي ۽ انساني نفس به آهي، پر جڏهن توهان اهو سوال ڪندؤ ته مادي زندگي ۽ انساني نفس ۾ ڪهڙو تعلق آهي ته سائنس توهان کي بلڪل بي وس ملندي. سائنس انهن موضوعن جي ننڍن ننڍن حصن جو انتخاب ڪري ٿي ته جيئن پوري صحت سان ان جو مطالعو ڪري سگهي. سائنس ۾ اها صلاحيت ئي ڪونهي ته اهو حقيقت حيات ۽ ڪائنات جي ڪامل سچائي پيش ڪري سگهي. عقل ڪل وجود مطلق ۽ دين مطلق آهي. قرآن شريف جي دعوا آهي ته.

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِي هَٰذَا الْقُرْآنِ مِن كُلِّ مَثَلٍ فَأَبَىٰ أَكْثَرُ النَّاسِ إِلَّا كُفُورًا ﴿٨٩﴾

(بني اسرائيل-89)

ترجمو: پڪ سان اسان ماڻهن جي لاءِ هن قرآن ۾ هر طرح جي مضمونن کي بيان ڪيو آهي پر گهڻا ماڻهو انڪار ڪرڻ کان نه رهيا.

جديد دور جي انسان کي هڪ اهڙي فطري مذهب جي سخت ضرورت آهي جيڪو حقيقت ڪل جو مالڪ هجي ۽ جنهن کي ڪائنات ۽ انسان جي فطرت تان اخذ ڪيو وڃي. Prof.Caird جي آرزو آهي:



”ڇا اهڙو ڪو قانون آهي جيڪو انساني فطرت اندر موجود هجي. دراصل مطلب اهو آهي ته ڪٿي ڪو اهڙو ضابط اخلاق موجود آهي جيڪو پوري نوع انساني جي لاءِ قابل قبول هجي ۽ جنهن کي خود انساني فطرت تان اخذ ڪري مرتب ڪيو وڃي. محض عدل و انصاف جي نظرياتي اصول طور نه، بلڪ جهڙيءَ طرح حق جي مثبت تصورات کي في الواقع محسوس ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪٿي ڪو اهڙو ضابط اخلاق موجود آهي ته پوءِ اهوئي نظام فطرت انساني ٿي سگهي ٿو.“

(The Crisis of civilization p.105)

برباد ٿيل قومن، جهالت ڪري، پنهنجي هٿن سان ئي بربادي جو سامان ناهيو. اهوئي سبب آهي جو عقل هر وقت ان جستجوءَ ۾ رهي ٿو ته ڪائنات جو صحيح تصور هٿ اچي جيئن ان تباهيءَ کان بچي سگهجي، جنهن گذريل قومن کي صفحه هستي تان متائي ڇڏيو.

انسان ان ڳالهه تي مجبور آهي ته هو صحيح تصور ڪائنات کي مڃي. ان ڪري اسان لاءِ هي وقت آهي ته قرآن حڪم جي حقيقي تصور جي مدد سان مغرب کان آيل ڪائنات جي باطل تصورات جي ترديد ڪريون. جيستائين حقيقي تصور ڪائنات نه ايندو تيستائين انسان باطل تصورات کي ڇڏڻ لاءِ راضي نه ٿيندو. قرآن حڪيم کي دنيا مٿان غالب ڪرڻ جو هيو ڪو به رستو ڪونهي.

مغربي تصورات جي پيدا ڪيل فتني خلاف اسان جو ردعمل گهٽ ئي نمونن ۾ ظاهر ٿيو آهي، مگر جيستائين نتيجن جو تعلق آهي ته اسان وٽ هن وقت تائين مڪمل بي وسي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. اسان جو پورو دارومدار انهن ماده پرست قومن تي آهي. تهذيب و تمدن تي انهن جو گهرو اثر آهي.

هن وقت اسان جو فرض آهي ته اسلام جي سچي هجڻ جي زباني ۽ اعتقادي دعوائن سان پاڻ کي مطمئن نه ڪيئون بلڪ سيني ماده پرست نظرين ۽ فلسفن جي معقول ۽ مدلل ترديد ڪريون. اسان کي جاهلانه خود اعتمادي جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي ته ڪافرن جو وجود ڪنهن معجزي سان متجي ويندو.

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

مغرب جي نظرين جي ترديد اهڙي نموني سان ڪرڻ گهرجي، جو انهن جي جاءِ تي وڌيڪ صحيح، حق تي مبني ۽ هميشہ فائدي ڏيڻ واريون حقيقتون مخالفن جي سامهون اچن. ٻي حالت ۾ مخالفن تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو. انسان جي فطرت آهي تہ اهو اوڏانهن وڌندو جتي ان کي وڌيڪ آسانيون ۽ فرحتون نظر اينديون. انسان تازگي، فرحت ۽ سرور کي اوليت ڏيندو آهي. انسان جي تمنا آهي تہ خير ڪامل حاصل ڪري. هو چاهي ٿو تہ دنيا ۾ دائمي امن ۽ سلامتي هجي تہ جيئن انسان ترقي ۽ ارتقا جي بلنديءَ تائين پهچي سگهي. قرآن حڪيم انسان جي ان قدرتي آرزو جو قدر ڪري ٿو ڇو تہ اهو انسان جي فطرت جو سچو آواز آهي. قرآن حڪيم ان حقيقت تي ڪامل يقين رکي ٿو تہ دنيا جا سڀ انسان زندگيءَ جي هڪ اعليٰ مقصد تي متحد ٿي ويندا.

دنيا جي وجود جي سينگار ۽ ترقيءَ لاءِ وحدت خيال هجڻ ضروري آهي. هر هڪ شخص جي زندگيءَ جو ڪونہ ڪو مقصد ضرور ٿيندو آهي ليڪن انسان ذات جي ڪاميابيءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سڀني انسانن جا جدا جدا مقصد، هڪ اعليٰ مقصد جي ماتحت اچي وڃن ۽ اسان سڀني جو توجہ، انهيءَ اعليٰ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ وقف ٿي وڃي.

انسانن جي اها فطرت آهي تہ اهي هڪ مقصد تي جمع ۽ متحد ٿيندا آهن. هڪ مقصد کان بغير انهن ۾ اتحاد پيدا ٿي ڪونہ سگهندو. اهوئي قانون حيات آهي. قدرت، دنيا جي سڀني انسانن کي، زندگيءَ جي هڪ مقصد تي متحد ڏسڻ جي انتظار ۾ آهي. هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:

يَّوۡمَ يَقُوۡمُ النَّاسُ لِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ ۶ (مطففين-6)

ترجمو: جنهن دور ۾ انسان ذات رب العالمين (الله تعاليٰ) جي لاءِ نڪري پوندي.

زندگيءَ جو مقصد آهي ڪمال (الله) کي حاصل ڪرڻ. اچو تہ سيد جي مئخاني تي ٿا هلئون. آسماني جام پيش ڪندي فرمائن ٿا:

عاشق الله جي سدا وائي وات،
فاذڪروني اذڪرڪم، تن ۾ اها تات،
ان ڪان ڪانهي سانت، سڄڻ ويل نہ وسري.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڪي پانيوار


*

اندر جنين اڃ، پاڻي اڃيوان ڪي

*

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
فاذڪروني اذڪرڪم، ايءُ پروڙج بات.

عربي زبان ۾ الذڪر و التذڪار جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي محفوظ ڪرڻ. ڪنهن ڳالهہ کي دل ۾ حاضر ڪرڻ. اهو لفظ نسيٰ جي مقابلي ۾ آيو آهي. نسيٰ جي معنيٰ آهي ڪنهن ڳالهہ کي وساري ڇڏڻ. تنهنڪري ذِڪرٌ جي معنيٰ ٿيندي-- ڪنهن ڳالهہ کي ياد ڪرڻ. قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ ؕ

ترجمو: پيدا ڪيائين آسمان ۽ زمين کي حق تي.

هر شيءِ حقيقي آهي. (غور جو مقام آهي) جيڪا حقيقي آهي اها وري عقلي بہ آهي. ڪائنات (السمٰوٰت والارض) علم جو ماخذ آهي يعني ڪائنات جا آفاق گير حقائق هڪ ئي خدا (عقل ڪل) ۾ سمائجي وڃن ٿا. خدائي عقل ڪل آهي. اها سموري ذهانت آهي جيڪا زمان ۽ مڪان ۾ چمڪي رهي آهي. اسان وجود جا جزا آهيون. ايتري تائين جو سيئي ملي ڪري، هڪ ئي وقت ۾ خدا تعاليٰ جو ابدي ۽ اڻ کٽ عقل ٿي وڃئون ٿا. يا هيئن سمجهو تہ خدا ۽ ان جو عقل ۽ اهي شيون، جن جو ان جي عقل سان تعلق ٿئي ٿو سو (نور، خدا، سچ) هڪ ئي آهي. ڪائنات جا سيئي پرزا هڪٻئي سان جڙيل آهن. ڪثرت ۽ تغيرات جي ڪائنات هڪ ئي وحدت مان نڪتي آهي.

انسان جو عقل، علم جي ذريعي معنيٰ ۽ ترتيب تلاش ڪري، موجودات جي نوعيت ۽ انهن جي حقيقت کي انهن تي ظاهر ڪري ٿو. هر دليل جي پويان عقل ٿيندو آهي. ان ڪري 'عقل' ئي سچائيءَ کي پرکي سگهي ٿو. قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي غور ڪريو. قرآن حڪيم عقل کان ڪم نہ وٺندڙن کي، انسان تہ نٿو سمجهي پر انهن کي حيوان ٿو ڪوٺي. ڪهڙو حيوان؟ بدترين حيوان.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنۡدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الۡبُكۡمُ الَّذِيۡنَ لَا يَعۡقِلُوۡنَ ۝۲۲ (الانفال: 22)

ترجمو: بدترين حيوانات الله تعاليٰ جي نزديڪ اهي ٻوڙا گونگا آهن جي عقل کان ڪم نٿا وٺن.

عربي زبان ۾ عقلُ جي معنيٰ آهي روڪڻ، منع ڪرڻ. مثلاً اعقل لسانه جي معنيٰ ٿيندي ان جي زبان رڪجي وئي. هو ڳالهائي نہ سگهيو. عَقَلَ معنيٰ ان عقل کان ڪم ورتو. عقل الشيءِ ڪنهن شي کي سمجهڻ، ان ۾ غور و تدبر ڪرڻ. انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”پوءِ ان ماڻهن کي چيو تہ جڏهن ڪڪرن کي اوڀر کان اٿندي ڏسو ٿا تہ فوراً چئو ٿا تہ مينهن وسندو ۽ ايئن ئي ٿيندو آهي. اي رياڪارو! زمين ۽ آسمان جي صورت ۾ تہ امتياز ڪرڻ توهان کي اچي ٿو ليڪن هن زماني بابت امتياز ڪرڻ ڪونہ ٿو اچي ۽ توهان پنهنجو پاڻ ئي فيصلو ڇو نٿا ڪيو تہ واجب ڇا آهي.“

(لوقا 13: 54_56)

انسان، اها نوع آهي جنهن کي، غور و فڪر جي قوت کان ڪم وٺي ان حقيقت جي ڄاڻ حاصل ڪرڻي آهي تہ حق ڇا آهي ۽ باطل ڇا کي ٿو چئجي. انسان کي زمين ۽ آسمان جي صورت تائين محدود ناهي رهڻو بلڪ ان کي ’زمان‘ جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ گهرائي ۾ لهڻو آهي. مهرباني ڪري هن حقيقت تي غور ڪيو.

دنيا ۾ رهندڙ سيئي انسان نيڪ ٿي وڃن، ۽ انهن جو نيڪيون جمع ٿي انسان کي قوت ڏين تہ بہ اسان فنا کان بچي نہ سگهنداسين. جيڪڏهن اسان ۾ عقل ڪونهي تہ هر وسيلو بيڪار آهي ان ڪري ’عقل‘ جي عظمت کي اهميت ڏيو. ياد رکو سنائي ۽ پاڪبازي، قابليت کان بغير مندي آهي. موجود صرف خدا آهي ان ڪري خدا سان دانشورانہ محبت ئي وڏي ۾ وڏي مسرت آهي. اهو صرف عقل ئي آهي جيڪو انسان کي انسان جي تقدير سان ملائي سگهي ٿو. عقل ڪل (خدا) جي هدايت ۾ جيئڻ انسان جي وڏي ۾ وڏي ضرورت آهي.

هن حقيقت تي وري غور ڪريو تہ قانون صحيح عقل آهي جيڪو شين جي فطرت مطابق مستقل، ابدي ۽ سڀ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن معقوليت بلڪل ئي نہ رهي، ۽ مذهب، عقل کي بلڪل ئي پوئتي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڪي پانيوار



ڇڏي ڏئي ۽ صرف جذبات پرست ۽ جذبات انگيز ٿي وڃي تہ اهو بي عقل ماڻهن جو مذهب ٿي ويندو ۽ ان کي اعصاب زده ماڻهو ئي پنهنجو ڪري سگهن ٿا: قرآن حڪيم جو هي فيصلو ٻڌو:

عقل کان ڪم نہ وٺندڙن کي ”دوزخ جو ٻارڻ“ ٿو ڪوٺي.

وَقَالُوۡا لَوۡ كُنَّا نَسۡمَعُ اَوۡ نَعۡقِلُ مَا كُنَّا فِيۡۤ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ ۝۱۰ (ملڪ: 10)

ترجمو: ۽ دوزخي چوندا تہ اسان ٻڌڻ وارا ڪن ۽ بيدار دل رکئون ها تہ دوزخين مان نہ ٿيئون ها، ڇو تہ دوزخ صاحبان عقل جي جاءِ ڪونهي.

هن حقيقت کي بہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ محض حسيات ۽ تجربات سان علم ڪلي حاصل ٿي نہ سگهندو. ڪائنات ننڍين ننڍين سچائن (قانونن) جي وحدت آهي. هڪ شيءِ ٻيءَ شيءِ سان جڙيل آهي. صداقت جو معيار استدلالي آهي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ۝۱۱۱ (البقره-111)

ترجمو: انهن کي چئي ڏيو تہ جيڪڏهن اهي پاڻ کي صداقت تي مبني سمجهن ٿا تہ دليل (برهان) آڻين.

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدۡ جَآءَكُمۡ بُرۡهَانٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَاَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكُمۡ نُوۡرًا مُّبِيۡنًا ۝۱۷۴ (النساءِ: 174)

اي انسانو! توهان وٽ توهان جي رب جي طرف کان برهان آيو آهي، تنهنجي طرف اسان روشن نور نازل ڪيو آهي.

(وري سوچيو) اسان مان هر انسان تي فرض آهي تہ زندگيءَ جي مختلف مرحلن تي جذبات ۽ روايتن جي پيدا ڪيل مشڪلات تي قابو پائي. انسان ڪيترو بہ عالم، تجربيڪار ۽ دقيق النظر هجي پر خانداني روايتن، قومي خيالن، معاصرين جي محبت، گرد و پيش جون حالتون، اهڙيون شيون آهن، جو زياده تر انسان، انهن ئي شين جي قالب ۾ سمائجي وڃي ٿو. جيڪڏهن انسان خدا کي سڃاڻي يعني ان جي سامهون ڪائنات جي پوري حقيقت هجي يعني ان جو عقل ڪامل ٿي وڃي تہ پوءِ اهو وهمن، حسن، ۽ تخيل جي ڪار فرمائين کان آزاد ٿي وڃي ٿو ۽ اهو انهن مان ڪنهن بہ هڪ جو حڪم، ڪنهن ٻئي تي جاري ڪرڻ جي غلطي ڪونہ ڪندو. فڪر ۽ نگاه جي پاڪيزگي سان گڏ قلب ۽ نگاه جي عفت ۽ تطهير بہ ضروري آهي.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

خدا جي معرفت سان انسان، محسوسات جي زندگيءَ کان بلند ٿي وڃي ٿو. جيڪو مذهب انسان کي ڏنو وڃي، اهو انسان جي عقل کان مافوق نہ هجڻ گهرجي. تعصب کان هٽي ڪري، ڳالهہ کي دليلن ۽ بصيرت جي بنياد تي سمجهڻ، حسن ۽ خوبي، حق ۽ صداقت جتي ۽ جنهن وٽ هجي ان کي Appreciate ڪرڻ ۽ پوءِ سمورين مخالفتن ۽ رنڊڪن هوندي ان کي اختيار ڪرڻ حق آهي. هر ڪنهن سان عدل ڪرڻ، دشمن سان فراخدلي وارو رويو اختيار ڪرڻ حق آهي، ڪٿي بہ تنگ نظري نہ ڏيکارڻ حق آهي.

انسان جي دل ۾ تلاش حق لاءِ سچي تڙپ هجي. آسماني ڪتابن مان حق حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ صاف دل ٿي ڪري رجوع ڪريو. پنهنجي لاشعور ۾ لڪل نتيجن جي تائيد جي لاءِ، توهان ڪامل سچائي کي دريافت ڪرڻ جي قابل نہ رهندؤ. جيڪڏهن توهان هڪ دفعو تعصب جي بار هيٺ دٻجي ويندؤ تہ پوءِ تحقيق ختم ٿي ويندي. انسان محدود ٿي وڃي ٿو. ۽ اهو انسان هڪ متعصب جو ڪردار ادا ڪندو. رواجي عقل کي گهرجي تہ اهو عقل ڪل (خدا) جي جذبي کان سواءِ ٻئي ڪنهن جذبي کان متاثر نہ ٿئي. خدا جي ڪلام مان رهنمائي اهو ئي حاصل ڪري سگهندو جيڪو پاڪيزه ۽ خالي ذهن ٿي اچي.

## غور و فڪر ڪرڻ عظيم عبادت آهي:

هڪڙي مشهور حديث پاڪ آهي:

”هڪ لمحي جو فڪر ستر سالن جي عبادت کان افضل آهي.“

اصول ڪافي جلد 2 ڪتاب الفڪر و الايمان ۾ غور و فڪر لاءِ آيو آهي:

ليس العبادة ڪثرت الصلوٰة والصوم انما العبادة التفڪر في امر الله

(ترجمو: عبادت روزي نماز جي ڪثرت ڪونهي. عبادت خدا تعاليٰ جي ڪمن ۾ تفڪر ڪرڻ آهي. عالم جي مس شهيد جي رت کان افضل آهي چو تہ عالم سڄي دنيا کي جنت تائين پهچائي سگهي ٿو.

قرآن شريف چوي ٿو تہ نفس جي فريب جا قلف هر دور ۾ نظر جي فريب کان وڌيڪ مضبوط رهيا آهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻي پانيوار



اَمۡ عَلٰی قُلُوۡبٍ اَقۡفَالُهَا ﴿۲۴﴾

(ترجمو: ڇا انهن جي دلين تي تالا لڳل آهن جو اهي قرآن ۾ غور و فڪر ڪونہ ٿا ڪن.)

ڪنهن گهر کي تالو هڻي ڇڏيو. ان کي کوليو ئي نہ. وقت گذرڻ سان ان گهر جي حالت ڪهڙي ٿيندي؟ اهي ماڻهو جي عقل ۽ فڪر کان ڪم ڪونہ ٿا وٺن، انڌن وانگر پنهنجي غلط روش تي هلندا ٿا رهن ۽ پنهنجي ذهن جي سيني درين ۽ دروازن کي اهڙيءَ طرح بند ڪري ڇڏين ٿا جو آسماني خوشبوءِ جو ڪوبہ جهونڪو انهن جي اندر وڃي نہ ٿو سگهي. انسان جو باطن اوندهہ سان ڀريل ڀوت خانو ٿي وڃي ٿو، جتي چمڙن، چٻرن ۽ زهريلن جيتن جي آوازن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”شاگردن ڀرسان اچي ان (يسوع مسيح) کي چيو تہ تون انهن سان تمثيلن ۾ ڇو ٿو ڳالهائين؟ ان جواب ۾ انهن کي چيو تہ ڇاڪاڻ تہ توهان کي آسماني بادشاهت جي ڳجهن جي سمجهہ ڏني وئي آهي. مگر انهن کي ڪونہ ڏني وئي آهي ........ مان انهن سان تمثيلن ۾ ان ڪري ڳالهيون ڪيان ٿو جو اهي ڏسندي بہ نٿا ڏسن ۽ ٻڌندي بہ ڪونہ ٿا ٻڌن ۽ ڪونہ ٿا سمجهن ۽ انهن جي حق ۾ يسعياه جي پيشنگوئي پوري ٿئي ٿي:

تہ توهان ڪنن سان ٻڌندؤ هرگز نہ سمجهندؤ ۽ اکين سان ڏسندؤ پر هرگز نہ ڄاڻيندؤ ڇو تہ هن امت جي دل تي ڇرٻي ڇانئجي وئي آهي..... انهن پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن، تہ ائين نہ ٿئي جو اکين سان معلوم ڪن ۽ مان انهن کي شفا ڏيان.“ *(متي 13: 14 ـ 15)*

ڪنهن بہ شخص تي ان کان وڌي، ٻي ڪابہ مصيبت نازل ٿي ڪونہ سگهندي جو هو عقل ۽ ڏاهپ جي مخالفت ۾ زندگي گذاري. خدا (حقيقت ڪل، عقل ڪل) کان ڦريل ماڻهو جن جي عقل تي غفلت ۽ تعصب جو پردو پيل آهي، جيڪي ڪائنات جي نوراني عجائبات کي ڏسي ڪونہ ٿا سگهن، انهن کي آفاق ۽ انفس جي راهہ گذر تي فڪر و نظر جا چراغ ٻرندي نظر ڪونہ ٿا اچن. انهن جون حيواني اکيون اهو تہ ڏسي سگهن ٿيون تہ هوائون هلن ٿيون ليڪن پنهنجي حقيقي مقام جي انهن کي ڪابہ خبر ڪونهي.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پانيوار



ڪارخانہ ڪائنات جي هر ڪنڊ ۾ حقيقت جي آسماني محبوبہ گهونگهٽ ويڙهيون ويٺي آهي. ان جو گهونگهٽ لاهي، ان جو ديدار ڪرڻو آهي. انسان جو اولين ڪم هي آهي تہ ڪائنات ۽ آسمان جي پيغام تي مسلسل غور و فڪر ڪري. جيئن لفظن جي پردن ۾، جيڪي حقيقتون مستور آهن اهي پنهنجي انتهائي چمڪ سان سامهون اچن يا جيڪي تجليون انساني تخيلات جي پردن ۾ لڪي ويون آهن، اهي بي نقاب ٿين.

ياد رکو تہ جيڪا قوم غور و فڪر کان محروم ٿي وڃي ٿي اها انسانيت جي سطح کان ڪري پوي ٿي. جنهن معاشري ۾ غور و فڪر ڪندڙ ڪونہ آهن، تہ پوءِ اهو جانورن جو واڙو آهي، انسانن جي بستي ڪونهي. جانورن جي فطرت آهي عجيب آواز ڪيڻ، هڪٻئي کي لتون هڻن، هڪٻئي سان وڙهڻ. جيڪا قوم غور و فڪر کان محروم ٿي وڃي ٿي تہ انتشار ۽ تقليدي تباهي ان جو مقدر آهي. اصلي فضيلت غور و فڪر ئي آهي.

ياد رکو! غور و فڪر ڪلي طور تي ٿيڻ گهرجي. جزوي فڪر، انسانن کي گروه بندين ۽ فرقن ۾ ورهائي ڇڏيندو. اڄوڪي دنيا تي نظر ڪريو. جزوي فڪر جو غلبو هر هنڌ صاف نظر ايندو. ان بيماريءَ جو يقيني علاج وڏ ۾ وڏ غور و فڪر آهي. اهوئي آسماني نسخو آهي، جيڪو انسان کي انسان جي قريب آڻي ان کي "حقيقي انسان" بڻائي سگهي ٿو. تفڪر کان بهتر ٻيو ڪوبہ علم جو طريقو ڪونهي. اهو علم، جيڪو دنيا ۾ خلائق عالم جي مقرر ڪيل راه طئي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت نٿو ٿئي تہ اهو مفيد ۽ منفعت بخش علمن جي فهرست ۾ شامل ڪونہ ڪبو. ان کي غير مفيد علمن ۾ شمار ڪيو ويندو. مغربي ملڪن وٽ ڪيترو علم آهي پر انهن وٽ حقيقت ڪلي ڪونهي. انهن جي فنا يقيني آهي. جيتري ترقي عظيم آهي فنا بہ اوتري عظيم ٿيندي. اٽمي باهہ ڪباب وانگر جلائيندي. اڪثر ارواح، جهل جي ڪارن پردن ۾ويڙهجي دنيا ۾ داخل ٿين ٿا ۽ مصيبتن ۾ ڦاسي پون ٿا. ڇوتہ ڪارو صرف جهالت کي متائي، پنهنجي صحيح ماهيت ڄاڻڻ ۾ ئي ممڪن آهي. انسان جو ارادو آزاد آهي. ان ڪري خير ۽ شر ۾ انتخاب جي ذميداري خود انسان تي ئي لاڳو ٿئي ٿي. انسان جي سامهون بي شمار رستا، لاتعداد ڦندا ۽ بڪثرت پيشوا آهن. هي قدرت جو قانون آهي تہ جيڪڏهن انسان جو مرشد ڪامل ڪونهي تہ پوءِ ان جو مرشد شيطان ٿيندو آهي.



جيڪڏهن مسلمان غور و فڪر نٿا ڪن تہ پوءِ اها روش قرآن حڪيم جي ڪليل خلاف ورزي آهي. توهان غور ڇو نہ ٿا ڪريو تہ پيغمبرن جي تعليم، عالم انسانيت جي قافلي کي ڪيڏانهن وٺي وڃڻ چاهي ٿي. قرآن حڪيم، انسانيت تي ڇانيل ظلمت کي ڪٽڻ چاهي ٿو تہ جيئن حق ڦولارجي.

قرآن حڪيم جي تعليم هيءُ آهي تہ سچائي اهو نور آهي جيڪو فڪر جي صورت ۾ چمڪي ٿو. جڏهن غور و فڪر جي نتيجي ۾ انسان نوس حقيقت حاصل ڪري ٿو تہ ڄاڻڻ جو جذبو پيدا ٿئي ٿو. انسان تحقيق جي طرف مائل ٿئي ٿو. انسان کي عقل ۽ دانش ۽ يقين محڪم سان زندگي گذارڻ گهرجي. غور و فڪر سان نيون راهون سامهون اچن ٿيون، جن کي عقل ۽ حرڪت سان طئي ڪري سگهجي ٿو.

جزوي فڪر (سائنس) جو پروگرام تجرباتي آهي. جنهن ۾ سخت محنت ۽ وقت درڪار ٿيندو آهي. نسلن جا نسل گذرڻ ۽ صدين جي سفر کان بعد، تعليمات ۽ تجربن جا موجد ڪلي يا جزوي طور تي پنهنجي ناڪامي جو اعتراف ڪن ٿا ۽ وري نئين سر ڏکويل انسانيت کي هڪ ٻئي ۽ نئين تجربي لاءِ آماده ۽ تيار ڪرڻ شروع ڪن ٿا. انهن مسلسل ۽ پيهم تجربن کان بعد اڄوڪي انسان جو حال هي آهي تہ هو پنهنجي ترقيءَ جي بار هينان دٻيل هڪڙو داستان مصيبت آهي. تاريخ پڙهو. دنيا (آسماني تعليم جي ڪلي حقيقت کي ڇڏي ڪري) پنهنجي جزوي فڪر جي ذريعہ زندگي، جا هڪڙا نقشا ناهي ٿي. ٿورو اڳتي هلي وري انهن کي ڊاهي، انهن جي جاءِ تي وري ٻيا تعمير ڪري ٿي. تاريخ شاهد آهي تہ ان منجهيل سٽ کي انسان، صدين کان سلجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ليڪن ڏسڻ ۾ اهو اچي رهيو آهي تہ اهو ان پروگرام ۾ بريءَ طرح ناڪام ٿيو آهي. ڪتابِ زندگي جا پهريان ۽ آخري صفحا ان جي هٿ ڪونہ ٿا اچن. جزوي حقائق تي مبني سائنس انسان ۽ ڪائنات جي رشتي کي سمجهڻ ۾ بري طرح ناڪام ٿي آهي. ان تهذيب جي تجليءَ اکين کي خماريل ۽ دل کي انڌو ڪري ڇڏيو آهي. بجلي جي بلبن کي "نور حيات" سمجهيو ويو آهي، جي نظر کي تيز ڪن ٿا ۽ قلب کي تاريڪ. ڏسڻ ۾ اهو اچي رهيو آهي تہ دماغ جي ترقيءَ سان گڏ دل بي نور ٿي وئي آهي. اهو آهي هن اٽمي تهذيب جي

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پانيوار



خالق انسان جو اصل مسئلو.

ياد رکو تڪبر جا گهڻائي سبب ٿي سگهن ٿا. ڪڏهن ته مال ۽ دولت جي ڪري انسان آڪڙجي وڃي ٿو. ڪڏهن انفرادي قوت ۽ فوجي طاقت ان جو سبب ٿئي ٿي ۽ ڪڏهن وري 'حق' جي ٿوري ٿي معلومات کي (اڄوڪي دور وانگر) 'عظيم علم' تصور ڪيو وڃي ٿو. اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته آسماني تعليم جي نفي ۽ الحادي مڪتب فڪر جي ترويج جو اهم سبب اهوئي غرور ۽ تڪبر آهي. اهي ڪتابِ قدرت جي بعض اسرارن جو انڪشاف ۽ سائنسي معلومات حاصل ڪري ايتري قدر بدمست ۽ مغرور ٿي ويا آهن جو هي تصور ڪيائون ته ڪائنات ۽ انسان جي متعلق اهوئي سڀ ڪجهه آهي، جيڪو هو ڄاڻن ٿا. دنيا تي غور ڪريو. ترقي يافته قومون انهيءَ خوشفهمي ۾ بري طرح مبتلا آهن ليڪن قرآن حڪيم جي هن آيت تي غور ڪريو:

فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٨٣﴾

(مؤمن-83)

ترجمو: جڏهن انهن جا رسول، واضح دليلن سان انهن وٽ آيا ته اهي پنهنجي محدود معلومات ۾ ئي مگن رهيا ۽ اهي ان کان علاوه ڪجهه ڪونه پيا سمجهن ليڪن جنهن (عذاب) جي اهي ٺٺوليون رهيا هئا اهوئي انهن تي نازل ٿيو.

قرآن حڪيم جي متعلق آهي:

لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿٧٩﴾ (الواقعه: 79)

ان آيت مان مراد اها آهي ته قرآن حڪيم جي صداقتن کان اهي ئي ماڻهو باخبر ٿي سگهن ٿا، جن جو ظاهر ۽ باطن پاڪيزه هجي. جيڪي قلب ۽ نگاه جي پاڪيزگي سان ان ڏانهن اچن، جيڪي متوازن دل ۽ دماغ جا مالڪ هجن. جيڪي پنهنجي ذهن کي تمام تعصبات کان خالي ڪري ۽ پنهنجي دل کي سيني ذاتي رجحانات ۽ ميلانات کان پاڪ ڪري ان کي سمجهڻ چاهن. جيڪڏهن ذهن پهريان ئي غير قرآني تصورات جو آماجگاه آهي ۽ دل ذاتي مفاد پرستين کان آلوده آهي ته پوءِ قرآن حڪيم جي حقيقت سمجهه ۾ اچي ڪونه سگهندي. قرآن حڪيم ۾ طهارت جو لفظ صرف جسماني پاڪيزگي لاءِ ئي استعمال ڪونه ٿيو آهي بلڪ ان ۾ قلبي



۽ ذهني پاڪيزگي به شامل آهي. اهي ماڻهو جيڪي پاڪيزه سيرت ۽ پاڪيزه خيال رکندڙ هجن اهي ئي قرآن حڪيم کي سمجهي سگهن ٿا يعني اهي ماڻهوجن جي ذهن تي ڪو بيو نظريو حاوي نه هجي. قرآن حڪيم کي سمجهڻ لاءِ فڪر و نظر جي تطهير ۽ قلب و دماغ جي پاڪيزدگي اولين شرط آهي. جيڪو قلب انسانيت سوز خيالات جي آماجگاهه آهي اهو قرآن حڪيم جي روشني سان منور ٿي ڪونه سگهندو. قرآن حڪيم کان رهنمائي اهو ئي حاصل ڪري سگهي ٿو جيڪو ذهن کي خالي ڪري ان ڏانهن اچي ۽ ان جي دل ۾ تلاش حقيقت جي سچي تڙپ هجي. قرآن حڪيم، انهن ماڻهن کي جي، زندگيءَ جي آلودگين ۽ تباه ڪارين کان بچڻ جو احساس رکن ٿا انهن کي مُتَّقِيْنَ چوي ٿو ۽ قرآن حڪيم متقين کي ئي صحيح راهه جي طرف رهنمائي ڪري سگهي ٿو. هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ان جو بنيادي شرط آهي. اهو ذهني قياسيات جي تجربه گاهن يا توهم پرستانه عقيدتمندين جي ورن وڪڙن ۾ قائل نه هجي.

قرآن حڪيم ۾ غور و فڪر جي دعوت جو اندازو ان مان لڳايو ته خدا تعاليٰ نبي اڪرم جي زبان مان چورائي ٿو: قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ انهن کي چئو ته مان صرف هڪ ڳالهه جي تلقين ڪرڻ چاهيان ٿو. غور ڪيو ته ايڏو وڏو جليل القدر رسول چئي ٿو ته مان صرف هڪ ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو (ان مان اندازو لڳايو ته اها هڪ ڳالهه ڪيڏي عظيم هوندي) اها ڳالهه آهي:

ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا ۗ

پوءِ توهان سوچيو

جنهن سيلاب ۾ وهندا ٿا وڃو ان ۾ وهندا نه وڃو. بيهو. سمجهيو. سوچيو. غور فڪر ڪريو.

هاڻي اسان جي حالت اها آهي ته غور و فڪر حرام آهي. ڪوبه معاملو هوندو ته اهو ڏسنداسين ته اسلاف کان ڪهڙي سند ٿي ملي. جهڙيءَ طرح گذريل دور جا انسان غور و فڪر لاءِ مڪلف هئا انهيءَ طرف (اسان تي موجوده نسل تي) به لازمي آهي. انسان ۽ حيوان ۾ فرق اهو آهي ته انسان کي غور و فڪر جي استعداد ڏني وئي آهي ۽ حيوان ان کان محروم آهي. قرآن حڪيم زندگي، فڪر ۽ عمل جي وحدت جو سبق ڏنو آهي: ان جي نظر ۾ شعور جو تعلق حقيقت هستيءَ سان سڌو سنئون جڙيل آهي، خدا جو حڪم

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آهي:

فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾ (الاعراف: 176)

بس قصا بيان ڪريو تہ جيئن اهي فڪر ڪن.

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾ (الحشر: 21)

ماڻهن جي لاءِ مثال بيان ڪندا آهن تہ جيئن اهي غور و فڪر ڪن.

❊

**ڀٽ ڌڻيءَ جي ڏنل هدايت:**

راه شريعت هليا، تفڪر طريقون،
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳون.

❊

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اٻوجهن جون، سپڙ ڄام سهي.

❊

ظاهر ۾ زاني، فڪر منجهہ فنا ٿيا،
تنين کي تعليم جي، ڪڙهہ اندر ڪاني،
حرف حقاني، دور ڪيائون دل ۾.

❊

ويا جي عميق ڏي، مد ڪائو ڏئي،
تن سپيون سوجهي ڪڍيون، پاتار پيهي،
پسندا سيئي، امل اکڙين سين.

❊

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو،
جفا ڏئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهہ فنا.

❊

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



روزا ۽ نمازون پڻ اِي پڻ چڱو ڪم،
پر اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرين کي.

❊

جي نہ سياڻن سچ کي، ويهہ م تنين وٽ،
املهہ کي اڏ ڪري، پاڻان هڻندا پٽ.

❊

اي گت غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرو لال هٿن سين.

❊

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جروهي ٿو جال،
سئين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو جڙئي مال تہ پوڄارا پر ٿئين.

❊

سي پوڄارا پر ٿئا، سمنڊ سيوئو جن،
آنڊائون عميق مان، جو تي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالُون سان لهرن،
ڪانہ قيمت تَنِ، مُل مهانگوان جو.

❊

آڇارا عميق جا، گڏئا غواصن،
جهريون جهاڳي آئيا، ڪارونيِر ڪنن،
سمنڊ سوجهي جن، آڻي امل اولئا.

مطلب تہ آسماني تعليم جو بنيادي موضوع ’انسان‘ آهي. جنهن کي ان ڳالهہ جي دعوت ڏني وئي آهي تہ هو پنهنجي ارد گرد پيش ايندڙ حالتن، واقعن ۽ حادثن کان باخبر رهڻ لاءِ غور و فڪر ۽ تفڪر و تدبر کان ڪم وٺي ۽ خدا تعاليٰ جي عطا ڪيل شعور ۽ مشاهدي جي قوت کي ڪم ۾ آڻي تہ

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

Gul Hayat Institute

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڪي پانيوار



جيئن ڪائنات جا مخفي ۽ سربستہ راز مٽس چٽا وجن.

باب پنجون

## دنيا تنهن دوست تان

ماڻهو گهرن مال! آءٌ سپ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

*(سيد لطيف)*

انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”ڪوبہ ماڻهو ٻن مالڪن جي خدمت ڪري ڪونہ سگهندو. يا تہ هڪ سان عداوت رکندو ۽ ٻئي سان محبت. يا تہ هڪ سان مليل رهندو ۽ ٻئي کي ناچيز سمجهندو. توهان خدا ۽ دولت ٻنهي جي خدمت ڪري نہ ٿا سگهو.“ *(متي 6:24)*

آسماني تعليم جي روشنيءَ ۾ صاف ظاهر آهي تہ صحيح رستو ’دولت‘ نہ پر حڪمت آهي. اسان حڪمت ذريعي ئي خدا (ڪمال) تائين پهچي سگهون ٿا. خدائي مقصود، مطلوب ۽ محبوب آهي.

هڪڙي تمثيل تي غور ڪريو. خدا کي بلندين ڏانهن اڏامندڙ هڪڙو شاهين ۽ دولت کي ان جو پاڇو سمجهو. قدرت چاهي ٿي تہ انسان هر وقت شاهين کي پڪڙي رکي. ائين ڪرڻ سان ان جو پاڇو (دولت) از خود هٿ اچي ويندو. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ دنيا جي تختي تي (هر زمان ۽ مڪان ۾) جيترا بہ انسان آيا، انهن مان گهڻن ئي پنهنجون پوريون زندگيون پاڇي کي پڪڙڻ ۾ ئي گذاري ڇڏيون يعني انهن پنهنجي هٿن سان ئي، پنهنجي قبرن کوٽڻ لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون. قرآن شريف جي هن شهادت تي غور ڪريو:

اَلۡهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾ (التڪاثر: 1-2)

دنيا تي نظر ڪريو. اڄوڪو معاشرو ان آيت پاڪ جو زنده تفسير

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

Gul Hayat Institute

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



آهي. دولت جي انبارن کي وڌائڻ جي هوس ڪري زندگي نہ وسامڻ واري پياس ۽ نہ مٽجڻ واري بک ٿي پئي آهي. آدم خوريءَ جون صرف شڪليون بدليون آهن. استحصال جو ڪارو آسمان جيئن جو تيئن ڇانيل آهي. انسان خدا تعاليٰ جي نافرمانيءَ سبب سڄو ڏينهن موت کي ڳولهيندو ٿو وتي. آخر 60_70 سالن جي عمر ۾ موت کي هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿو ٿئي. فرد کان وٺي سڌريل قومن تائين ذڪر ۽ فڪر جو عنوان صرف 'دولت' آهي. هر ڪو اهڙا طريقا پڇندو ٿو وتي تہ دولت کي ڪيئن وڌايون; ان لاءِ سيد لطيف ٿوچئي:

جيئن ٿـا پڇـن ان کـي، تيـئن جـي پڇـن الله،
تہ رڙهي لڏائون راهہ، لڙين لک لطيف چئي.

*

ٻـن ڏيـئـي ٻـين کـي، هلـڄ پاسـي هيـڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون ٽيڏي! ٽيڏايون ڪرين.

غور ۽ فيصلي جو مقام آهي تہ انسان خدا ۽ دولت ٻنهي جي خدمت ڪري نہ سگهندو. هڪ سان محبت رکندو ۽ ٻئي سان عداوت. اهو آهي قانون قدرت، (نہ تبديل ٿيندڙ) ذهني ارتقا جو نتيجو صرف ايترو نڪتو آهي جو اسان جي علمي اوسر وهم پرستي جي ڦندي کي ڪنهن حد تائين لاهي ڦٽي ڪيو آهي، پر سرمايہ داري جو ڦندو اسان جي ڳچين ۾ اهڙيءَ طرح ڦاسي پيو آهي جو ان جي ڪري بي شمار روايتي جنگين کان سواءِ انسانذات ٻن عالمي جنگين جي ٻاريل باهہ جو غسل بہ ڪري چڪي آهي. پراڻي زماني ۾ ديوتا کي راضي ڪرڻ لاءِ هڪڙي ماڻهوءَ جي قرباني ڏني ويندي هئي ليڪن ائٽمي دور جو هي سڌريل انسان لڪشمي ديوي جي اڳيان روزانہ هزارين انسانن جي قرباني ڏئي رهيو آهي. آسمان جي تعليم هيءَ آهي تہ موت هر انسان جي سامهون بيٺو آهي ليڪن 'دولت جي فريب' انسان کي ايترو غافل ڪري ڇڏيو آهي جو 'موت' ڪنهن کي بہ نظر ڪونہ ٿو اچي. انجيل پاڪ ۾ آيو آهي:

"پوءِ پيڙ مان هڪ شخص ان کي چيو اي استاد! منهنجي



ڀاءُ کي چؤ تہ ميراث جو حصو مون کي ڏي. يسوع ان کي چيو تہ ميان! ڪنهن مونکي تنهنجو منصف يا ورهائڻ وارو مقرر ڪيو آهي ۽ يسوع ان کي چيو تہ خبردار! پنهنجو پاڻ کي هر طرح جي لالچ کان بچائي رکو ڇو تہ ڪنهن جي زندگي ان جي مال جي ڪثرت تي موقوف ڪونهي ۽ يسوع ان کي هڪڙي تمثيل ٻڌائي، تہ هڪڙي دولتمند جي زمين ۾ ڏاڍو سٺو فصل ٿيو. هو پنهنجي دل ۾ سوچي چوڻ لڳو تہ مان ڇا ڪيان ڇو تہ مون وٽ جڳهہ ئي ڪونهي جتي پنهنجي پيداوار رکان. ان چيو تہ مان هيئن ڪندس جو پنهنجون ٺهيل ڪوٺيون ڊهرائي، انهن کان وڏيون ٺهرائيندس، انهن ۾ پنهنجو سمورو اناج ۽ مال پري رکندس ۽ پنهنجي جان کي چوندس تہ اي جان! تو وٽ گهڻن سالن لاءِ گهڻو ئي مال جمع ٿيو پيو آهي. چين ڪر، کاءُ پيءُ، خوش رهہ. مگر خدا ان کي چيو اي نادان! اڄوڪي رات جو ئي، تنهنجي جان، توکان طلب ڪئي ويندي. پوءِ جيڪو تو مال تيار ڪيو آهي اهو ڪنهن جو ٿيندو. اهڙو ئي اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي لاءِ خزانو جمع ڪري ٿو ۽ خدا جي نزديڪ دولتمند ڪونهي." *(لوقا 12: 21)*

خدا تعاليٰ جي نظر ۾ دولتمند اهو ناهي جنهن کي گهڻي دولت هجي بلڪہ خدا جي نظر ۾ دولتمند اهو آهي جيڪو نيڪين جو وڏ ۾ وڏ نور جمع ڪري. اهو ئي اهو اصلي خزانو آهي جيڪو اسان جي زندگيءَ جو ضامن آهي. انسان کي دولت جي زيادتي ۽ چاهت سٺي ٿي لڳي ۽ راهہ خدا پسند ڪونہ ٿي اچي، ليڪن حقيقت جو فيصلو آهي ڪجهہ ٻيو آهي. انجيل پاڪ جي مٿين آيت جي هيٺين لفظن تي وري غور ڪريو:

"اهڙو ئي اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي لاءِ خزانو جمع ڪري ٿوءِ خدا جي نظر ۾ دولتمند ڪونهي." *(لوقا 12: 21)*

## پٽائي گهوٽ وٽ دولت جو مقام:

ماڻهو گهرن مال، آءٌ سپ ڏينهن گهران سپرين،

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَعَسَىٰ أَن تَكْرَهُوا شَيْئًا وَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ (البقرة-216)

ترجمو: ايئن به ٿي سگهي ٿو ته توهان کي ڪا شئي ناپسند هجي ليڪن درحقيقت اها توهان جي فائدي جي هجي.)

قرآن شريف جي تعليم جو بنياد ماديت ۽ روحانيت وچ ۾ توازن تي قائم آهي. جنهن جي اولين تقاضا اها آهي ته انسان خدا جي معرفت حاصل ڪري ۽ پنهنجي ذات جو تعلق خدا تعاليٰ سان جوڙي. انسان محض دولت جي اختيار جي بنياد تي زنده ڪونهي. انسان کي گهرجي ته هو دنيا جي مادي خواهشن کي قرآن جي تعليم جي ماتحت رکي. لامحدود (خدا) ۽ محدود (انسان) ائين پاڻ ۾ جڙيل آهن جو انهن کي الڳ ڪرڻ خطري کان خالي ڪونهي. جيڪڏهن خدا (ابديت) سان رشتو ٽٽي پوي ته پوءِ هيءَ دنيا مايوس ڪن حد تائين بي حقيقت آهي. ابديت خدا تعاليٰ جي صفت آهي. وقت شاهد آهي ته انسان ابديت (خدا) سان رشتو جوڙڻ بجاءِ ان رشتي کي ڇنڻ ۾ ئي زندگي ۽ ان جي نعمتن کي برباد ڪيو. فنا جي باهه، فرعوني قاروني (حسي) تهذيبن کي مٽائي ڇڏيو.

جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ گهڻي دولت جمع ٿي وڃي ته اها بي معنيٰ ٿي پوي ٿي جو ته اها ان جي سهولتن ۾ ڪوبه اضافو نٿي ڪري سگهي بلڪ ٻين جي حق تلفين جو سبب ٿئي ٿي، ۽ ٿيندي آئي آهي. دولت کي حاصل ڪرڻ جي جستجو انسان کي خدا (مقصد زندگي) کان غافل ڪري ٿي. تاريخ شاهد آهي ته اسان دولت جي مقابلي ۾ روحاني قدرن (جيڪي درحقيقت اسان جي اصلي دولت ۽ ضرورت آهن) کي نظر انداز ڪندا بلڪ ڪچليندا آيا آهيون. اهڙي بي روح زندگي، انسان کي انسان جي خلاف ۽ قومن کي قومن جي خلاف، دشمن طور آڻي بيهاري ٿي. غور جو مقام آهي ته انسان جون ضرورتون اڻ ڪٿ آهن ۽ اڻ ڪٿ جو حصول صرف روحاني طور تي ئي ممڪن آهي. قدرت جي ان نعمت کي هر وقت سامهون رکو ته جان، مال کان وڌيڪ قيمتي آهي. ۽ جان کي دنيا توڙي آخرت ۾ سڦل بنائيندڙ نظريا ۽ عملي اصول جان کان وڌيڪ قيمتي آهن.



جيڪڏهن ماڻهو عقل و فراست کان ڪم وٺن ۽ آسماني (خدائي) انداز استعمال ڪن ته انهن کي اهو احساس ٿيندو ته دنيا جي انسانن جي پاڻ ۾ محبت قائم ڪرڻ، دولت جي مقابلي ۾ خوشحالين ۽ سچي مسرت جو سبب ٿيندو. جيڪڏهن توهان دولت جي اندر زندگي ڳولهڻ لڳو ۽ ان جو سطحي ۽ ظاهري ساز و سامان، توهان کي پنهنجي طرف ڇڪي توهان کي جار ۾ ڦاسائي ته اُها توهان جو سڀ کان قيمتي روحاني جوهر کسي وٺندي ۽ توهان جي روح جا نوراني گونج سڙي ويندا. توهان جا آسماني جذبات مرده ٿي ويندا. توهان جي اندر ۾ اها لطيف ترين روحانيت اپري ڪونه سگهندي، جيڪا اعليٰ ترين حقيقتن جو ادراڪ ڪندي آهي. اهڙي دل ۾ آسماني حڪمت جو نوراني اثبات ٿي ڪونه سگهندو.

دنيا تي غور ڪريو. دولت جي قانونن انسان کي مجبور ۽ محڪوم بنائي ڇڏيو آهي. انسان روحاني طور هڪ شڪنجي ۾ هٽيڪو ٿي ويو آهي. دولت پرستيءَ اسان جو اجتماعي شعور ۽ خلاقيت جون صلاحيتون اسان کان کسي ورتيون آهن. دولت جي محبت ۾ انسان خدا (مقصد) کي وساري وينو. نتيجو اهو نڪتو جو ياد محبوب (خدا، مقصد، ڪمال) باقي نه رهي. اسان جي دل ۾ خدا (ڪمال) جي چاهت بجاءِ غيرن جون چاهتون پرجي ويون. اها دل جتي هر وقت فرشتا، نورانيت ڇٽڻ ۽ محفل حق سينگارڻ ۾ مشغول هجن، اتي دولت جي ظلمتن پنهنجو بت خانو آباد ڪيو. دنيا جي مادي ترقي ڏسو. ٿورو گهرائي ۾ لهو. ٻاهر ٻجليون ئي ٻجليون اندر ويرانيون ئي ويرانيون. انسان جا قدم ڳرا ٿي پيا. انسان خدا (ڪمال) ڏانهن وڌڻ بجاءِ دولت جي ديويءَ جو ديوانو ٿي ويو. اهو انسان ڪهڙو ٿيندو جنهن کان ان جو نظام ان جو آسماني رنگ و روغن ئي ڦري وٺي. حقيقي مسرت تخليقي زندگي، محبت ۽ دانش جي صلاحيت ۾ ئي آهي. جيڪڏهن انسان پنهنجي معاشي زندگيءَ کي قانون خداونديءَ جي بجاءِ پنهنجي خود ساخته قانونن جي ماتحت ئي رکي ته ناهموارين جو هڪ جهنم اپري ٿو. اڄوڪي دنيا ان جو ڀيانڪ منظر پيش ڪري رهي آهي.

اصلي دولت اها آهي ته توهان کي شعور هجي. توهان کي گهرجي ته ڪائنات ۾ انسان جي مقام کي سمجهو. توهان کي پنهنجو پاڻ سان وابستگي هجي. توهان کي حق جي تقاضائن سان هم آهنگي هجي. جيڪڏهن توهان جي حق سان هم آهنگي مڪمل آهي ته پوءِ توهان ڪل

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جو اهو جزو آهيو جيڪو نور جي ابدي ڌاري تي وهي ابديت جي ساگر ۾ لهي ٿو زندگي، نور جو وهندڙ ساگر آهي. جيڪڏهن توهان ان جي مخالفت ۾ آهيو ۽ انجي رواني کي روڪڻ لاءِ رڪاوٽن جمع ڪرڻ ۾ مصروف آهيو، توهان ضدي آهيو تہ پوءِ توهان جي فنا يقيني آهي. ڪفر ڪرڻ معنيٰ تباهي ميڙڻ. ڪافر حقيقي زندگيءَ جو باغي آهي.

**تزڪيہ نفس ۽ سرمايہ داري نظام:**

آسماني تعليم ’تزڪيہ نفس‘ تي زور ڏنو آهي. غور جو مقام آهي تہ تزڪيہ نفس ئي قدرت جي طرف کان مليل اهو ذريعو آهي جنهن سان انسان باطني آلودگيءَ کان پاڻ کي صاف ڪري ابديت (جنت) ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. ’تزڪيہ نفس‘ جي ڪري ئي انسان کي، جانور کان اعليٰ (آسماني) مقام مليل آهي. تزڪيہ نفس ئي انسان جي نمايان خصوصيت آهي. تزڪيہ نفس ئي واحد ذريعو آهي خدا (ڪمال) تائين پهچڻ جو. پر قرآن ان لاءِ صاف صاف ٻڌايو آهي تہ ”مَنۡ اَعۡطٰى وَاتَّقٰى“ جنهن پنهنجو مال لٽايو خدا لاءِ ۽ انهن جي ٻندن لاءِ تہ اهو ئي تزڪيہ ۽ تقويٰ وارو ٿيندو. جڏهن اسين نظام سرمايہ داري جي قباحتن کي ڏسئون ٿا تہ پوءِ ’تزڪيہ نفس‘ جي ضرورت وڌيڪ شدت سان محسوس ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ نظام سرمائيداريءَ جون خباثتون ئي انساني قدرن ۽ انساني تزڪيي جون سڀ کان وڏيون دشمن آهن. انسانذات هن وقت تائين جيڪي بہ نظام آزمايا آهن، اهي انسان جي روح تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿا ڇڏين. ان ڪري اهڙي خرچ ۽ انفاق وارو تزڪيہ نفس ئي اسان جي روح کي زنده جاويد بنائڻ جو قدرتي وسيلو آهي. نظام سرمايہ داري هجي يعني خدا جي جاءِ تي دينار هجي ۽ قباحتون نہ هجن، اهو ٿي ڪونہ سگهندو. قدرت جو قانون تبديل ڪونہ ٿيندو. تبديل اسان کي ٿيڻو آهي.

اي دولت جي چمڪ ۾ هوش و حواس وڃائڻ وارا انسان! دولت سان روح ۽ جسم جا اهي توقعات پورا ڪونہ ٿيندا جيڪي قدرت ان سان متعلق ڪري رکيا آهن. جيڪي ماڻهو دولت جي ذريعن تي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن ۽ خدا تعاليٰ جي ڏنل نعمت کي خدا جي راهہ ۾ خرچ نہ ڪرڻ ڪري، بربادين جي باهہ ۾ ڪرندا وڃن ٿا. حالانڪ اهي دولت کي راهہ خدا ۾ خرچ ڪري بلند درجا حاصل ڪري پيا سگهن. ليڪن ان جي برعڪس دولت جي هوس ۽ ارتڪاز (هڪ هنڌ جمع ٿيڻ) انسانذات ۾ محبت ۽ الفت



کي ختم ڪري، انسانن کي هڪٻئي جو دشمن ڪري ڇڏيو آهي. قرآن حڪيم جي هن آيت تي غور ڪريو:

وَقُلۡنَا اهۡبِطُوۡا بَعۡضُكُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ ۚ (البقره-36)

ترجمو: اسان چيو توهان مقام بلند کان پستيءَ طرف وڃو هڪٻئي جا دشمن ٿي ڪري.

سرمايہ دارانہ نظام جي فروغ سان انسان دشمن امڪانات هاڻي پيانڪ حقائق ٿي ويا آهن. آسماني تعليم مطابق ڪائنات کي انسان لاءِ تخليق ڪيو ويو آهي يعني مرڪزي حيثيت انسان کي مليل آهي. پر هاڻي موجوده صورتحال ۾، (جيڪا دنيا تي ڇانيل آهي) انسان ڪائنات جو مرڪز نہ رهيو آهي بلڪ هاڻي تہ انسان، ڪائنات جو جواز بہ ڪونهي. آسماني تعليم چوي ٿي تہ انسان اها نور جي چادر پنهنجي بدن تي وري ويڙهي جيڪا شيطان ان کان کسي چڪو آهي. ايڏي عظمت باوجود انسان پستين سان اهڙو چنبڙيو لڪشمي ديوي تي اهڙو تہ مگن ٿيو جو پنهنجي زندگيءَ جو آسماني مقصد ئي وساري ويٺو. انسان پنهنجي تخليقي امڪانن جي تڪميل جي محرڪات کان محروم ٿي ويو آهي. انسان دولت جي اڳيان هڪ رانديڪو ٿي ويو آهي. انسان هڪ اهڙي شيءِ ٿي ويو آهي، جنهن جي ڪا ذات نہ هجي، هڪڙو بي مصرف ۽ بيگانہ وجود. حقيقت ازلي کان ڪٽيل.

اها دولت، جيڪا، انسان جو خدا (ابديت) سان رشتو جوڙي تہ پوءِ اها وڏي نعمت آهي پر جي اها ثروت، انسان جو خالق سان رشتو ٽوڙي ڇڏي تہ پوءِ ان کان وڏيڪ لعنت ٻي آهي ئي ڪونہ.

حقيقت جو مشاهدو ڪريو موجوده سماج ترقي يافتہ هجڻ جي باوجود نفسياتي طور بيمار آهي. سرمايہ جي عبادت ڪندڙ نظام جو پرزو رهندي انسان جي روحاني هستي مٽجي رهي آهي. انسان حيوان ٿيندو ٿو وڃي. هڪڙو هجوم، جنهن جي ضمير جو ڪوبہ آواز ڪونهي. روحاني ۽ جسماني، ٻنهي طرفن کان معاشي نظام جي جبر جو شڪار. بيگانگي ذات جي بيماري انسان کي آزادي ۽ خود مختاري کان محروم ڪري ان کي خارجي حالتن جو محڪوم بنائي ڇڏيو آهي. انسان معذور ٿي ويو آهي.

توحيد هيءَ آهي تہ خدا تعاليٰ جو جيڪو قانون خارجي ڪائنات ۾

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪم ڪري رهيو آهي. ان قانون کي، انسان جي معاشي زندگيءَ جو مدار بنايو ويچي. جيڪڏهن معاشي زندگيءَ کي، خدا تعاليٰ جي ڪائناتي قانون کان الڳ ڪيو ويچي ته اها نهايت پست قسم جي زندگي ٿيندي. ڇا انسان کي ان راهه تي هلڻ کان انڪار آهي جنهن تي سموري ڪائنات هلي رهي آهي؟ انسان کي گهرجي ته هو پنهنجو تعلق حق سان جوڙي. انسان جنت ۾ وڃڻ گهري ٿو. آسماني صحت چاهي ٿو. هيءَ حقيقت صاف آهي ته جيڪڏهن دنيا جا سيئي دولتمند پنهنجي دولت خدا جي راهه ۾ خرچ ڪن، ته اسان جلد کان جلد موت جي ملڪ مان نڪري ابديت جي ملڪ ۾ داخل ٿي سگهون ٿا. ان ڪري قرآن چوي ٿو:

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ۝٢١٩

(البقره-219)

ترجمو: ۽ پڇن ٿا توهان کان ڇا خرچ ڪيئون خدا جي راهه ۾، چئون ته جيڪي ڪجهه ضرورت کان وڌيڪ آهي. اهڙيءَ طرح خدا تعاليٰ بيان ڪري ٿو حڪم. شايد توهان غور ڪريو.

يعني انسان غور کان ڪم وٺي ته پوءِ عقل صاف ٻڌائي رهيو آهي ته سڀ ڪجهه راه خدا ۾ خرچ ڪيئون. پوءِ اسان جلد کان جلد ڪمال (خدا) تائين پهچي سگهون ٿا. راهه خدا ۾ گهڻو خرچڻ معنيٰ گهڻو حسن، خير ۽ حق ڦهلائڻ. آسمانن تي پرواز ڪرڻ. هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تي چڙهڻ. حسين کان حسين تر ۽ خوب کان خوب تر مقام ڏانهن وڌڻ.

اي انسان- آسمان جي هن آواز تي ڪن ڏي. پنهنجي عظمت تي غور ڪر. انجيل پاڪ ۾ آيو آهي:

”ان ڪري مان توهان کي چوان ٿو ته پنهنجي جان جو فڪر نه ڪيو ته اسان ڇا کائينداسين؟ ڇا جان خوراڪ کان ۽ بدن پوشاڪ کان وڌيڪ ڪونهي. هوا ۾ پکين کي ڏسو. نه پوکن ٿا، نه ڪٽن ٿا، ۽ نه ڪوٺين ۾ جمع ڪن ٿا. تڏهن به توهان جو آسماني پيءُ انهن کي کارائي ٿو. ڇا توهان انهن کان وڌيڪ قدرت ڪونه ٿا رکو؟ ڇا توهان مان ڪو اهڙو آهي جيڪو فڪر ڪري پنهنجي عمر ۾ هڪ گهڙيءَ جو به اضافو ڪري سگهي؟ ۽



پوشاڪ جي لاءِ ڇو ٿا فڪر ڪريو؟ جنگلي سوسن جي وڻ کي، غور سان ڏسو ته اهي ڪهڙيءَ طرح وڌن ٿا. نه محنت ٿا ڪن ۽ نه ئي ڪتين ٿا ته به مان توهان کي چوان ٿو ته سليمان به، پنهنجي ساري شان و شوڪت جي باوجود، انهن مان ڪنهن به هڪ وانگر ملبوس ڪونه هئو. بس جڏهن، خدا تعاليٰ، ميدان جي گاه کي، جيڪو اڄ آهي ۽ سڀاڻي تنور ۾ وڌو ويندو، کي اهڙي پوشاڪ پارائي ٿو ته پوءِ اي ڪم اعتقادو توهان کي ڇو نه پهرائيندو، ان ڪري فڪرمند ٿي ڪري ايئن نه چئو ته اسان ڇا ڪائينداسين يا ڇا پهريندااسين.“ (متي6:25:30)

اڇو ته هاڻي هن تمثيل تي غور ڪريون. هيءَ تمثيل ڊاڪٽر رفيع الدين جي ڏنل آهي، علم حياتيات جي مطابق جيو گهرڙو زندگيءَ جو هڪڙو بنيادي جز آهي. هڪڙو حيواني جسم در حقيقت هڪڙو فرد ڪونه هوندو آهي بلڪ گهڻن ئي فردن جي هڪ جماعت ٿيندو آهي. اهي فرد جسم جا جيو گهرڙا هوندا آهن جيڪي مختلف ڪم ڪندا آهن ليڪن اهي سيئي جسم جي قائد يعني دماغ جي ماتحت متحد ۽ منظم ٿيندا آهن.

دماغ جي عصبي نظام جو مڪينزم انهن کي خون جي صورت ۾ خوراڪ پهچائيندو آهي. هر جيو گهرڙو صرف اوتريقدر خوراڪ حاصل ڪندو آهي، جيتريقدر اها ان جي نشوونما لاءِ ضروري ٿيندي آهي ۽ فالتو خوراڪ بين خلين جي حوالي ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪن جيو گهرڙن وٽ،وڌيڪ خون (ضرورت کان زياده) جمع ٿي ويچي ته ان کي بيماريءَ جي حالت سمجهيو ويندو آهي. اهڙي حالت ۾ بين جيو گهرڙن تائين خون گهٽ مقدار ۾ پهچي ٿو ۽ جسم جي مجموعي قوت ۾ گهٽتائي اچي ٿي. خون جي اهڙيءَ طرح گردش يا ورهاست هر جيو گهرڙي جي انفرادي صحت ۽ ساري جسم جي حفاظت لاءِ لازمي آهي. نفس انسانيءَ جون به ٻه حيثيتون آهن. هي پنهنجي ذات جي حد تائين هڪڙو فرد آهي ليڪن ان سان گڏ هڪ ڪل جو جزو به آهي، جيڪو آخرڪار سموري انساني معاشري جو ڪل آهي. ڪوبه نفس انساني، انفرادي طور تي ڪمال جي انتها تائين پهچي ڪونه ٿو سگهي بلڪ ان مقام تي ’ڪل‘ جي ذريعي ئي پهچي سگهندو، جنهن جو اهو جز آهي.

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

فرض ڪريو تہ ھڪ انسان وٽ خوراڪ جو ذخيرو ان جي ضرورت کان وڌيڪ آھي. ان جو مثال ايئن آھي جيئن انسان جي بدن جي جيو گهرڙن ۾ خون. جيڪڏھن اھو انساني فرد ان خوراڪ جي ذخيري مان، پنھنجي مومن ضرورتن مطابق ڪٽي باقي ٻين کي ڏئي ٿو تہ ان جو مثال ايئن ٿيندو جيئن تندرست جيو گهرڙن. رت کي ٻين جيو گهرڙن ڏانھن منتقل ڪري ٿو. جو فرد انساني، خوراڪ کي جمع ڪري رکي تہ اھو ايئن آھي جيئن ڪنھن جيو گهرڙي ۾ وڌيڪ خون جمع ٿي وڃي تہ ان صورت ۾ چيو ويندو تہ اھو گهرڙو بيمار آھي. اھڙي طريقي سان ان فرد انساني کي غير صالح يا بيمار قرار ڏئي سگهجي ٿو. صالح ترين خليہ اھو آھي، جيڪو سڄي انساني بدن جي طبعي گهرجن کي پورو ڪرڻ ۾ ڪامل مدد ڏئي ۽ ٻين جيو گهرڙن سان ملي ڪري بهترين مصالحت سان ڪم ڪري ٿو. جيڪو جيو گهرڙو اھڙيءَ طرح ڪم نٿو ڪري اھو غير صالح يعني ڪافر آھي. چوڌاري نظر ڪريو ھڪڙو جنگلي معاشرو آھي جنھن ۾ انسان ھڪڙي موذي جانور وانگر پنھنجي لاءِ جدوجھد ڪري ٿو ۽ ٻين جي حقن کان بي بھره آھي. ان جو مقصد محض زنده رھڻ ۽ پنھنجي جبلتن جي تسڪين آھي. قرآن حڪيم وٽ بقا حاصل ڪرڻ جو قدرتي قانون آھي تہ:

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱۹﴾

(البقرہ-219)

ترجمو: ۽ پڇن ٿا توھان کان ڇا خرچ ڪريون خدا جي راه ۾، چئون تہ جيڪي ڪجھ ضرورت کان وڌيڪ آھي، اھڙيءَ طرح خدا تعاليٰ بيان ڪري ٿو حڪم، شايد توھان غور ڪريو.

قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةًۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ؕ (الحشر-7)

ترجمو: ائين نہ ٿئي تہ دولت، توھان جي مالدارن ۾ ئي گردش ڪندي رھي.

اڄ انسان جي حالت ھيءَ آھي جو نوانوي سيڪڙو بدحال ۽ ھڪ سيڪڙو دولت ۽ عيش جي سيني وسيلن تي قابض آھن. زندگيءَ جي نعمتن ۽ راحتن جي ان نامنصفانہ ورھاست، دنيا جي آباديءَ جي انتھائي وڏي حصي کي ضد، لالچ، عداوت، مايوسي، غم، ڪاوڙ خودبيزاري ۽ خوف





جھڙن، جذباتي مرضن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آھي جن نہ صرف جسم کي، بلڪ روح کي بہ برباد ڪري ڇڏيو آھي. خطرناڪ جرم، ڌاڙا، قتل، اغوا، تشدد، جنگ، عصمت فروشي، ڦرلٽ مار، اھي سرمايہ پرستيءَ جي وڻ جا ڪوڙا ڦل آھن. دولت جي ظالمانہ تقسيم، دنيا ۾ رھندڙ انسانن کي زمين جي، ٻن اھڙن خطن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آھي، جن مان ھڪڙو خطو اھڙو آھي جيڪو پاڻيءَ سان بلڪل ڀريل آھي. ظاھر آھي تہ اھڙي زمين، جنھن ۾ پاڻي، ضرورت کان وڌيڪ آھي، اتي ڪنھن بہ فصل جو ٿيڻ ناممڪن آھي. ھڪ جڳھ تي رڪيل پاڻي، آھستي آھستي گندو ٿيندو ويندو اتي زھريلا ڪيڙا ئي پيدا ٿيندا. ٻيو خطو اھڙو آھي جتي پاڻي بلڪل آھي ئي ڪونہ. زمين بنجر آھي، پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسي رھي آھي. سڪل زمين ۾ ساوڪ پيدا ٿي ڪونہ سگھندي. اھڙيءَ صورتحال ۾ آسمان جيڪو حل ٻڌايو آھي اھو انجيل پاڪ کان سکو. گهٽي پاڻي واريءَ زمين مان وڌيڪ پاڻي ڪڍي سڪي زمين ۾ وجھو.

”ماڻھن ان کان پڇيو تہ اسان ڇا ڪريون؟ ان جواب ۾ کين چيو تہ جنھن وٽ بہ چوغا ھجن اھو ان کي، جنھن وٽ نہ ھجي، ورھائي ڏئي ۽ جنھن وٽ کاڌو ھجي، اھو بہ ائين ئي ڪري.“ *(لوقا 3:11)*

ھڪڙي حديث پاڪ ۾ آيو آھي:

فليعد بہ علیٰ من لا ظھرلہٗ، فليعد بہ علیٰ من لا زادلہ (ابوداؤد)

(ضرورت کان وڌيڪ ڪپڙو ان شخص کي واپس ڪريو جنھن وٽ ضرورت مطابق ڪونھي ۽ ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ان شخص ڏانھن موٽايو جنھن وٽ ضرورت جي مطابق ڪونھي.)

اچو تہ ھاڻي انجيل پاڪ جي ھن آيت تي غور ڪريون:

”ھو يريحو ۾ داخل ٿي وڃي رھيو ھو ۽ ڏسو زڪائي نالي جو ھڪڙو ماڻھو جيڪو محصول وٺڻ وارن جو سردار ۽ دولتمند ھو يسوع کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري پيو تہ ڪھڙو آھي. ليڪن ڀيھ جي سبب کان ڏسي ڪونہ پيو سگھي ڇو تہ ان جو قد ننڍو ھو. بس ان کي ڏسڻ جي لاءِ اڳتي ڊڪندو ھڪ گولر جي وڻ تي چڙھي ويو ڇو تہ اھو ان راه کان وڃڻ وارو ھو جڏھن يسوع اتي پھتو تہ مٿي نگاھہ ڪري ان کي چيائين اي زڪائي جلدي

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

لهي اچ چو تہ اچ مونکي تنهنجي گهر رهڻو آهي. اهو جلد کان جلد لهي، ان کي خوشيءَ سان پنهنجي گهر وٺي ويو جڏهن ماڻهن ڏٺو تہ سڀيئي سس پس ڪري چوڻ لڳا تہ اهو هڪڙي گنهگار شخص وٽ وڃي لٿو ۽ زڪائي اٿي بيهي خداوند کي چيو اي خداوند ڏس. مان پنهنجو اڌ مال غريبن کي ڏيان ٿو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جو ڪجهہ ناحق ورتو اٿم تہ ان کي چوڻو ڪري ادا ٿو ڪريان. يسوع ان کي چيو تہ اڄ هن گهر ۾ نجات آئي آهي.“

(لوقا 19:1_10)

ٻئي هنڌ آيو آهي:

”۽ يسوع پنهنجي شاگردن کي چيو مان توهان کي سچ چوان ٿو تہ دولتمند جو آسمان جي بادشاهي ۾ داخل ٿيڻ مشڪل آهي. ۽ وري توهان کي چوان ٿو تہ اٺ جو سُئيءُ جي سوراخ مان نڪرڻ، ان کان آسان آهي جو دولتمند خدا جي بادشاهيءَ ۾ داخل ٿئي. شاگرد اهو ٻڌي ڏاڍا حيران ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ پوءِ ڪير نجات ماڻي سگهي ٿو؟ يسوع انهن جي طرف ڏسي ڪري چيو تہ اهو ماڻهن کان تہ ٿي ڪونہ سگهندو ليڪن خدا کان سڀ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو.“ (متي 29:23_27)

آسماني بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ جي معنيٰ آهي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ. زندگي ۾ اهو داخل ٿيندو جيڪو دولت جو سهارو نہ پڪڙي بلڪ پنهنجي اندر خدا جون صفتون پيدا ڪري. قانون قدرت آهي تہ جڏهن، انسان پنهنجي اندر خدا جون صفتون آڻيندو تہ اهو وجود ڪامل (نور) ٿي ويندو. اهڙي وجود جي ئي قدرت کي تمنا آهي. انسان جڏهن پنهنجي اندر خدائي صفتون آباد ڪري ٿو تہ انسان بہ نور ٿي وڃي ٿو. ان مرتبي ۾ انسان، پنهنجي مرضيءَ کي خدا جي مرضيءَ ۾ فنا ڪري ڇڏي ٿو. ٻين لفظن ۾ چئون تہ خود ئي مجسمہ ايزدي ٿي وڃي ٿو. ان جي ذاتي مرضي، چاهت يا ارادو باقي ڪونہ ٿو رهي. صرف الله جو ارادو باقي رهجي ٿو. توحيد جو مقصد اهو آهي تہ خدا تعاليٰ جي عظمت ۽ جلال سامهون انسان جي ’انا‘ بالڪل ختم ٿي وڃي. ان صورت ۾ انسان، الله تعاليٰ جي هٿن ۾ هڪڙو اوزار ٿي پوي ٿو (مقصد کي حاصل ڪرڻ جو). هڪ اهڙي ساهواري شيءِ، جنهن جو پنهنجو ڪو ارادو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪونهي. فاعل جيڪي چاهي، جيڪو ڪم وٺي. انسان جو ظاهري جسم دراصل اسرار خداونديءَ جو خزانو ٿي وڃي ٿو ۽ ان جا لفظ، افعال خدا سان ئي منسوب ٿين ٿا. قلم انسان جي هٿ ۾ هوندو آهي ليڪن لکڻ وارو خدا آهي، جيڪي ڪجهہ چاهي ان کان لکائي، ڇوتہ فاعل حقيقي خدا آهي (غور جو مقام آهي تہ سواءِ خدا تعاليٰ جي ٻيو ڪنهن شيءِ جو وجود ڪونهي). قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

فَلَمْ تَقْتُلُوْهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۠ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ (الانفال_17)

ترجمو: (بدر جي ميدان ۾) مخالفن کي توهان قتل ڪونہ ڪيو. الله قتل ڪيو. توهان انهن تي تير ڪونہ هلايا، الله هلايا هئا.

توحيد جي ڪيفيت اها آهي جنهن ۾ انسان جا سڀئي سفلي آثار ختم ٿي وڃن ٿا، صرف خدا تعاليٰ باقي رهجي وڃي ٿو. سيد لطيف چوي ٿو:

احد احمد پاڻ ۾ وچان م فرق،
آهي مستغرق عالم انهيءَ ڳالهہ ۾.

❊

راز ڪيائين راءِ سين، ڪنهن موچاريءَ مهل،
انا احمد بلاميم، سين هنئي سائل،
ڪنهن ڪنهن پئي ڪل، تہ هو دوئي هيڪ ٿيا.

❊

توڙي ڪي تعظيم، ٻين سيني کان اڳري،
اوڏي ٿي الف کي، من گڏيائين سين ميم.

❊

**موحد جي نشاني آهي:**

حقيقت هٿي منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪڙو پساه پرينءَ ري، سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٺي ئي ڏٺي، رهيو آهي روح ۾.

اڪثر چيو ويندو آهي تہ ماضي ۽ حال جي اقتصادي مسئلن ۾ وڏو فرق

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آهي. زمين جيتري اڄ هئي اڄ بہ اوتري آهي، ليڪن اڳي آبادي گهٽ ۽ زندگي جون ضرورتون محدود هيون. هاڻي آبادي گهڻي وڌي وئي آهي. جيڪڏهن آباديءَ جي لحاظ سان، زمين جي ايراضي وڌندي وڃي تہ پوءِ ڪوبہ اقتصادي مسئلو پيدا ڪونہ ٿيندو. ليڪن مشڪل اها آهي تہ هر شعبي ۾ اضافو ٿيندو رهيو. اضافو جنهن ۾ نہ ٿيو اها زمين جي پکيڙ هئي. ان ڪري دور حاضر جي ڪشمڪش ڪي، انسان جي هوس جو نتيجو نہ. بلڪ ان ۾ قدرت جي ڪوتاهيءَ جو وڏو دخل آهي.

قرآن حڪيم ان ڳالهہ کي ڪونہ ٿو مڃي. قرآن حڪيم جي نظر ۾ فقر و فاقہ ۽ مفلسيءَ جو وڏو سبب، قدرت جي ڪوتاهي نہ بلڪ ان ۾ انسان جي جهالت، غفلت، بي انصافي، استحصال ۽ ظلم جو دخل آهي. آسمان جي تعليم اها آهي تہ خدا تعاليٰ، انسانن کي زمين تي خلق ڪيو. ان جي لاءِ نعمتون بہ سڄي زمين تي ڦهلائي ڇڏيائين، ليڪن شيطاني جهالت جي سبب سڄي انسانيت جي عام مفاد لاءِ خلقيل وسيلن کي طاقتور ماڻهن پنهنجي قبضي ۾ آڻي، پاڻ اسراف ڪيو ۽ ٻين کي محروم ڪيو. اهڙي طرح طاقتور قومن پاران پنهنجي غاصباڻي مقصدن جي لاءِ قومن کي غلام بڻايو. استحصال لاءِ هڪڙو ملڪ ٻئي ملڪ جو شڪاري. نتيجو اهو نڪتو آهي جو انسان ذات جا سڀ وسيلا، انسان جي خون پسيني جي ڪمائي، انسان جي باطني ۽ خارجي آلودگيءَ متاثڻ بدران، فوجن، هٿيارن ۽ بارود تي خرچ ٿي رهيا آهن.

مون وٽ اقوام متحده جي هڪ اڳوڻي سيڪريٽري جنرل جي پراڻي رپورٽ موجود آهي ان جي مطالع ڪرڻ سان خبر پئجي ويندي تہ انسان ڪيتري خطرناڪ ظلمت ۾ ڦاٿل آهي.

جناب پيريز ڊيڪوائر ٻڌائي ٿو:

”ترڪ اسلحي جي موضوع تي 156 فردن تي مشتمل عالمي اداري جي آئنده ٿيڻ واري خصوصي اجلاس جي رپورٽنگ جي لاءِ، پوري دنيا مان آيل، مهمان صحافين سان گفتگو ڪندي چيو تہ اسان جي بدنصيبي آهي جو اڄ دنيا ۾ 50 (پنجاهہ) هزار ائٽمي هٿيار موجود آهن جن جي طاقت شهر ”هيروشيما“ تي ڪيرايل ائٽم بم کان ڏهہ لک دفعا وڌيڪ آهي. ائٽمي هٿيارن سان




سينگاريل، هڪ آبدوز ايتري تہ ڌماڪہ خيز قوت رکندي آهي، جنهن جو مثال اڄ تائين تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. پاڻ واضح ڪيائون تہ هن ڪمري ۾ موجود هر شخص ۽ درحقيقت هن زمين جي گولي تي رهڻ وارو هر انسان انگن اکرن جي روشني ۾ ٽن ٽنن جي انتهائي ڌماڪہ خيز بارود جي سامهون ويٺو آهي.

تاريخ جي مهلڪ ترين هٿيارن جي ذخيري جي پوائتي پهلوءَ کان قطع نظر، اسان هن وقت، هٿيارن جي ڊوڙ تي سالانہ 600 (ڇهہ سؤ) ارب ڊالر يا هيئن سمجهو تہ ڏهہ لک ڊالر في منٽ جي حساب سان خرچ ڪري رهيا آهيون. جڏهن تہ هر سال يا هر مهيني نہ، بلڪہ هر روز، ترقي پذير ملڪن ۾ 40 (چاليهہ) هزار ٻار ٻک، افلاس ۽ بيمارين ڪري مري وڃن ٿا. اهي ڏڪائيندڙ انگ اکر ڏيندي، مسٽر پيريز ڊيڪوائر چيو تہ اسان هاڻي هڪ اهڙي خطرناڪ موڙ تي پهچي چڪا آهيون، جتي اسان اها صلاحيت تہ حاصل ڪئي آهي جو اسان پاڻ کي ڪيترا دفعا فنا ڪري سگهئون، ليڪن اسان اها سياسي استقامت ۽ اخلاقي جرئت حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون جو بني نوع انسان جي هڪ وڏي حصي کي فاقہ ڪشي کان بچائي سگهون. پاڻ وڌيڪ چيائون تہ اهو صحيح آهي تہ ائٽمي هٿيار، هن وقت تائين ٿيل ايجادن ۾، سڀني کان وڌيڪ مهلڪ ۽ تباهي آڻيندڙ هٿيار آهن، پاڻ چيائون تہ هي ڪيڏو نہ وڏو الميو آهي جو ڪساد بازاري ۽ بحران جي هن دور ۾ اسلحہ سازيءَ جي صنعت بدستور ترقي ڪري رهي آهي. صرف 1945ع کان بعد دنيا ۾ روايتي اسلحہ سان 130 (هڪ سو ٽيهہ) جنگيون وڙهيون ويون آهن، لکين ماڻهو هلاڪ ٿيا، عالم انسانيت کي ناقابل بيان مصيبتن سان منهن ڏيڻو پيو.“ *(اقوام متحده جون 1983ع)*

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ (البقرہ: 279-278)

(اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ وياج جي جيڪا بقايا آهي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com
Gul Hayat Institute

ان کي ڇڏي ڏيو جيڪڏهن توهان ايمان وارا آهيو. جيڪڏهن ان تي عمل نہ ڪندؤ تہ اشتهار ٻڌو جنگ جو الله ۽ ان جي رسول جي طرف کان.)

مٿين آيت پاڪ ۾ صاف ظاهر آهي تہ هر وياجي نظام سان الله ۽ انهن جي رسولن جي جنگ آهي. غور ڪريو، هن وقت عالم انسانيت تي وياجي نظام جي سخت پڪڙ آهي، يعني دنيا جا سڀئي انسان، سڌي يا اڻ سڌي طرح ان کان متاثر آهن. پر انهن سڀني ان نظام سان Compromise ڪيو آهي. حق کان نڪري ويا هڪ ئي طرح جي بربادين تي ٽٽي پيا. سڀني خدا ۽ ان جي رسولن جي لشڪر کي ڇڏي ڏنو. دين جي نظام مان سڀئي نڪتا. سڀ غافل ٿي ويا. سڀني تي ننڊ جو موت طاري ٿي ويو. سڀني حق کان منهن موڙي ڇڏيو. ٻين لفظن ۾ باطل (شيطان) جا هي لفظ پورا ٿيا

قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۸۲﴾ (ص: 82)

(ترجمو: چيائين تنهنجي جلال جو قسم! مان انهن سڀني کي راه حق کان گمراهہ ڪندس.)

سڀني حق جي عشق کان منهن موڙيو. غيرن جي طرف ڊوڙيا تہ جيئن ٺوڪرون کائن. پيار جو نور حاصل ڪرڻ لاءِ خدا جي طرف ڪونہ آيا. اي حق سان بغاوت ڪرڻ وارؤ! توهان جي فڪرن جو هر فڪر گمراهي آهي.

قرآن حڪيم جي هيءَ آيت:

وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ (ترجمو: 177)

(۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي محبت ۾ ڪين ۽ خرچ ڪن ٿا.)

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ

(البقرہ: 165)

ترجمو: ماڻهن ۾ اهڙا بہ آهن جيڪي خدا کي ڇڏي ڪري ٻين کي معبود بنائيندا آهن ۽ پوءِ انهن سان اهڙي ئي محبت ڪن ٿا جهڙي خدا سان ڪرڻ گهرجي ۽ اِهي اُهي ماڻهو آهن جن ايمان آندو آهي سي خدا سان شديد محبت ڪن ٿا.

توهان جي لاءِ صرف هڪ ئي راهہ آهي. ان کان سواءِ ٻيو ڪنهن طرح جو بہ ڇوٽڪارو ڪونهي. ياد رکو ان وقت تائين خدا جو قهر وسندو رهندو ۽

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



اهو ڪڏهن بہ ٽڏو نہ ٿيندو جيستائين سڀني قوتن ۽ طاقتن سان خدا تعاليٰ (حقيقت ڪلي) جي اڳيان نہ جهڪو. سڀني غفلتن کي آزمائي ڏٺوسين. صدين کان نافرماني جي ڪوڙاڻ کي چکي ڏٺوسين. توهان گناهن جي ڦل سان چڱيءَ طرح پنهنجا دامن ڀري ڏٺا. هڪ خدا کان سرڪشيءَ جي سزا ملندي رهي. اهي قومون جيڪي مٿجي چڪيون آهن. انهن جي کنڊرات تي وڃي انهن کان پڇو. اهوئي جواب ملندو تہ خدا کان بغاوت ۽ جهالت جي چاهت ئي فنا جو سبب ٿي.

اي ڪاش! توهان جا روح پلٽجن ۽ توهان جي غفلت مري وڃي ۽ توهان جاڳي پئو. هن ڀيانڪ گهري ننڊ مان. اي ظالم! خدا تعاليٰ کان وڌيڪ، ڪنهن جي محبت ۽ پيار آهي، جنهن جا زنجير تنهنجي پيرن ۾پئجي ويا. اي دوست! سرڪشيءَ جو مزو چکيو سين اچو تہ هاڻي اطاعت جو مزو بہ چکئون. غيرن سان رشتن جوڙڻ جو تجربو صدين کان ڪندا آيا آهيو. اچو تہ ان هڪ سان چو نہ وري جڙئون، جنهن کان پري رهي ذلتن ۽ خوارين کان سواءِ ڪجهہ هٿ نہ آيو. گهڻو ٿي چڪو. خدا جي طرف رجوع ڪريو. حق سان جڙي حق ٿي وڃو يعني ڪامل ٿي وڃو. پاڻ ۾ خدا جون صفتون آڻيو.

غور جو مقام آهي تہ زندگيءَ جا بهترين وسيلا، محدود اقليت جي هٿ ۾ ڏيڻ ۽ دنيا جي غالب اڪثريت کي ڏکن حوالي ڪرڻ، انساني جسمن جي ڪائنات ۽ انهن جي مقصد خلاف وڏي ۾ وڏي بدي آهي. چند هوست پرستن تي ڇانيل جهالت جي ڪري، دنيا جو هر انسان ظلمت ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ اها ظلمت جي دلدل ان کي آهستي آهستي ڳهندي رهي ٿي. ظلم تہ اهو آهي تہ دولت مند نہ پاڻ جنت (ابديت) ۾ داخل ٿين ٿا ۽ نہ وري ٻين کي داخل ٿيڻ ٿا ڏين. اچو تہ گڏجي چئون: ”اي الله اسان عهد ٿا ڪريون تہ تنهنجي ڏنل ربوبيت ۽ رحمت جي ذريعن تي ذاتي قبضو ڪري، دنيا جي وڏي اڪثريت کي انهن ذريعن مان فائدو وٺڻ ۽ علم و تهذيب جي برڪتن کان محروم ڪرڻ وارو صاحب اقتدار ۽ صاحب مال و دولت (فرعون ۽ قارون) ۽ انهن جي جوڙيل نظام معيشيت و سياست کي رد ٿا ڪيون.“

اسان خدائي نظام معيشت چاهيون ٿا. اسان الله ۽ ان جي رسولن جي لشڪر ۾ جمع ٿي ڪري ان نظام ۽ ان طبقي خلاف بغاوت ٿا ڪيون. اسان

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

چاهيون ٿا تہ نئين آسماني تهذيب جو بنياد محض سياسي يا معاشي مقابلي بازيءَ بجاءِ ساري دنيا جي انسانن جي سماجي ۽ روحاني تصورات جي ماتحت هجي. اسان زمين تي آسماني بادشاهت چاهيون ٿا. جتي صرف محبت ۽ سچ جي حڪمراني هجي. سيد لطيف جي هن هدايت تي غور ڪريو:

ڪوڙ ڪماءِ م ڪچ، اتي اور الله سين،
ڪِ تون دغا دل مان، صاحب وٺي سچ.

❋

سڀ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏيو لوڀ،
هستي جي هٿڻ جون، وٺون سڀ وسار.

❋

مان پڇني سپرين، چت ۾ چيتاريج،
ڪِي ڪائي ڪچ ڪي، ڪوڙ م ڪمائيج،
وٺج وهائيج، سڀ سوداگر سچ جو.

اهو خيال رکو تہ خدا (سچ) کان سواءِ ٻي ڪابہ رغبت توهان کي مقصد (خدا) خلاف استعمال نہ ڪري. خدا کان غفلت ۾ گذريل هڪ هڪ پل، باطل جي بندگي سان پيدا ٿيل باھہ آهي. خدا جي عبادت ڪرڻ جي معنيٰ آهي حسين کان حسين تر مقام ڏانهن وڃڻ. ياد رکو تہ جيڪڏهن توهان سچ جي راهہ تي نہ ٿا هلو تہ معنيٰ باطل جي راهہ تي آهيو. ٻن مان هڪ راهہ جو هجڻ ضروري آهي. اهو قدرت جو قانون آهي. ظاهر آهي تہ قانون تبديل ڪرڻ توهان جي هٿ ۾ آهي ئي ڪونہ.

بامقصد انسان اهو ٿيندو آهي جيڪو پنهنجي پوري وجود سان مقصد سان لاڳاپيل هجي. جنهن جي زندگي ان جي مقصد ۾ ائين سمايل هجي جو ائين محسوس ٿئي تہ ٻنهي ۾ ڪابہ دوري ڪونهي. بامقصد (سچو) ماڻهو پنهنجي مقصد ۾ گم رهندو آهي. اهو هر ڳالھہ کي پنهنجي مقصد جي روشنيءَ ۾ ڏسندو آهي. زندگي وڏ ۾ وڏ دولت يا رتبو ڪمائڻ جو نالو ڪونهي. هر طرف کان ڪٽجي صرف خدا (حقيقت ڪل) سان جڙي وڃو. جتان انسان جي فلاح جو نور آبشارن وانگر وهي ٿو. خدا (ڪامل حقيقت) ۾



پاڻ کي لڪائي ڇڏيو. اها آهي وحدت. توهان صرف 'سچ' نظر اچو. ياد رکو! جيستائين خدا سان حقيقي رشتو نہ جوڙيندؤ تيستائين توهان جي مٿان خدا جو قهر وسندو رهندو. خدا کي ڇڏي دولت کي آقا بنائڻ پاڻ کي باھہ ۾ اڇلائڻ آهي.

ياد رکو! هتي مڪاري، دغا، فريب ۽ ڊپلوميسيءَ لاءِ ڪابہ جاءِ ڪونهي. مڪاري حڪمت جو نعم البدل ٿي ڪونہ سگهندي. ڏاڪڻ جا ڏاڪا ٿيندا آهن. ان تي چڙهبو تہ بلند ٿبو. انسان جي اڳيان بہ آسمانن جي ڏاڪڻ لڳل آهي. ڏاڪڻ جي ڏاڪن وانگر عالم ادنيٰ ۽ عالم بالا هڪٻئي سان جڙيل آهن. عالم بالا تي ان وقت چڙهي سگهبو جڏهن عالم ادنيٰ ۾ ان جو بندوبست ڪيو وڃي. ڏاڪڻ وانگر، درجن تي چڙهڻو آهي. جڏهن انسان پاڻ کي عالم ادنيٰ جي دلچسپين ۾ غائب ٿو ڪري تہ اهو پاڻ کي ايئن سمجهو تہ هڪڙي خول ۾ بند ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ان انسان جو عالم بالا سان رشتو ٽٽي پوي ٿو. انسان ۽ ابديت (خدا) جي درميان ' انا' رنڊڪ طور اڀري اچي ٿي. جيڪڏهن توهان دولت کي ئي پنهنجو 'مقصد' سمجهو ۽ عالم ادنيٰ سان جڙيل رهيا تہ پوءِ توهان پاڻ ئي پنهنجا پر ڪٽي ڇڏيا. توهان ان مک وانگر ٿي وڃو ٿا جيڪا لذت جي چڪر ۾ ماکيءَ ۾ ڦاسي پوي ٿي ۽ پرواز تہ نهيو پنهنجي جان ئي وڃائي ويهي ٿي. اها دولت توهان جي جسم کي ٿلهو ڪري ٿي پر اها توهان جي روح جي قاتل آهي. جيڪڏهن دنيا جي ظاهري چمڪ توهان کي پنهنجي غلاميءَ ۾ آڻي تہ پوءِ زندگيءَ جو مقصد (خدا، ڪمال) ڪيئن حاصل ٿيندو؟ هر حال ۾ اوليت مقصد (خدا، ڪمال) کي ڏني وڃي اهو آهي مٿي چڙهڻ جو قدرتي قانون. ڪنهن بہ انسان کي اهو حق ڪونهي تہ هو الله تعاليٰ جي ڏنل نعمت (دولت) کي پنهنجي نفس جي ظلمتن تي خرچ ڪري، جو تہ ائين ڪرڻ سان انسان ذات تي ظلمت جو گهيرو سخت ٿيندو. خدا تعاليٰ دولت ان ڪري ڪونہ ڏني آهي تہ ان جو استعمال انهن عملن ۾ ٿئي جيڪي زندگيءَ جي مقصد کان انسان کي پري ٿا ڪن. خدا تعاليٰ جي دولت کي صرف نوراني خواهشن تي ئي خرچ ڪرڻو آهي. قرآن حڪيم جو دولت لاءِ نقطہ نظر هي آهي تہ مومن، دولت جو مالڪ ڪونهي بلڪ اها دولت، قدرت جي قانونن مطابق ان وٽ جمع ٿي آهي. اها دولت امانت آهي. ان امانت جو

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



صحيح استعمال تڏهن ٿيندو جڏهن ان کي راهه خدا ۾ خرچ ڪيو وڃي.

ملڪيت جي لاءِ اسلام جو حڪم هي آهي ته ملڪيت انسان جو ذاتي حق ڪونهي بلڪ مالڪ الملڪ انسان کي پنهنجي طرف کان نيابت جو حق عطا ڪيو آهي ته جيئن اهو سڀني بندن کي فائدو پهچائي جي ان وانگر هڪ مالڪ جا بندا آهن ۽ ان مجموعي فائدي مان هو خود به استفادو ڪري.

وَمَالَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ (الحديد: 10)

۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو خرچ نٿا ڪيو الله جي راهه ۾ ۽ الله جي ميراث آهي جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي.

ٻئي هنڌ آيو آهي:

وَلَهٗ مَافِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

ترجمو: ۽ انهيءَ جو آهي جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي.

مثال طور هڪڙو شخص آهي جيڪو دنياوي مال متاع کي پنهنجي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو قدر قرار ٿو ڏئي ته پوءِ هو هر اهڙو طريقو اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو جنهن سان ان جي دولت جي انبار ۾ واڌارو اچي ۽ هر ان ڪم کان لهرائيندو جنهن سان دولت جي انبار ۾ ڪمي اچي يعني طلب مال ان جو ذڪر ۽ فڪر ٿي پوي ٿو. اها آهي دولت جي بندگي. ان وقت انسان جو الله 'دولت' آهي. چوڏاري ڏسو توهان کي نظر ائين ئي ايندو. دولت ئي زندگيءَ جو مقصد آهي. مقصدن سان فرد ۽ قومن جي زندگيءَ جا رخ، انهن جي چڱي ۽ بري جا پيمانا ۽ انهن جي جدوجهد جا انداز متعين ٿين ٿا. فرد جي زندگي جو حقيقي مقصد آهي نور جي تلاش، زندگيءَ جي تلاش، حسن جي تلاش،خدا جي تلاش.

دولت کي زندگيءَ جو مقصد بنائي، جيڪي ڪجهه ان جي حاصلات لاءِ ڪيو ويندو، اها دولت جي بندگي ٿيندي. يعني توهان دولت جي غلامي ڏني تڏهن دولت توهان وٽ آئي. خدا کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان خدا جي حڪمن تي هلندو ته اها خدا جي بندگي ٿيندي. وقت انسان جي عملن جو اظهار آهي. انسان چوويهه ڪلاڪ ڪونه ڪو فعل ڪندو ٿو رهي.

هر فعل خدا تعاليٰ جي حڪم مطابق ٿيندو ته پوءِ انسان جي ننڊ به عبادت آهي. سيد لطيف ٿو چئي:



تـــن تســبيح مـــن مڻيـــو دل دنبـــورو جـــن،
تنـــدون جـــي طلـــب جـــون، وحـــدت ســـروڄن،
وحـــده لاشـــريڪ لـــه، اهـــو راڳ رڳـــن،
ســـي ســـتائي جـــاڳن، ننـــڊ عبـــادت جـــن جـــي.

حقيقت ڪل (نور، خدا، عقل ڪل) جي رضا کي ٺڪرائي، ان جي اطاعت کان لهرائي ڪنهن ٻيءَ ذات جي رضا تلاش ڪئي وڃي ته پوءِ زندگي جو فطري حسن برقرار رهي ڪونه سگهندو. حضور اڪرم ﷺ جي زندگي فقط الله (نور) لاءِ هئي چو ته انسان جي زندگيءَ جو مقصد 'الله' آهي ۽ نه دولت.

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ (الانعام: 163-162)

ترجمو: توهان اعلان ڪيو ته منهنجي نماز ۽ منهنجي هر قسم جي عبادت ۽ قرباني منهنجو جيئڻ ۽ مرڻ سڀ ڪجهه الله (رب العالمين) جي لاءِ آهي جنهن جو ڪوبه شريڪ ڪونهي مونکي اهوئي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان سڀني کان پهريان سرِاطاعت ۾ خم ڪرڻ وارو آهيان.

انسان کي خدا تعاليٰ (نور، عقل ڪل) جي اطاعت ۽ وفاداري جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ان اها روش اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته پوءِ ان جي نظام ۾ خلل ۽ انتشار پيدا ٿي پوندو. انسان کان جو اهو مطالبو ڪيو ويو آهي ته اهو به درحقيقت انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ئي آهي. جيڪڏهن انسان اصلي مالڪ کي ڇاڻي، ان جي سامهون ڪنڌ نه جهڪائي ۽ ان کي ڇڏي ڪري ڪجهه ٻيا خدا ٺاهي ته ان جي زندگي برباد ٿي ويندي. انسان جي ان کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي بدبختي چئبي جو جنهن مالڪ کيس تخليق ڪيو آهي هو ان جي رضا کي زندگيءَ جو بنياد بنائڻ بدران ڪجهه ٻين خدائن مثلاً دولت سان تعلق خاطر پيدا ڪري. ڪن ٻن متضاد شين جي محبت هڪ دل ۾ گڏ ٿي نه سگهندي. انسان يا ته خدا جو ٿي سگهندو يا دولت جو

مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ۚ

خدا تعاليٰ ڪنهن به انسان ۾ ٻه دليون ڪونه رکيون آهن.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

هڪ دل، هڪ سان محبت. قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ شُرَكَآءُ مُتَشٰكِسُوْنَ وَ رَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۲۹﴾ (زمر:29)

ترجمو: الله مثال بيان ڪري ٿو هڪ شخص جو جنهن جا ڪيترائي آقا آهن، پاڻ ۾ ضد رکڻ وارا، ۽ هڪڙو ٻيو شخص آهي جو پوري جو پورو هڪ شخص جي ملڪ آهي ته پوءِ ڇا ٻنهي جو حال ته ڪجهڙو آهي. الحمدالله مگر هي آهي ته انهن مان اڪثر سمجهن ئي ڪونه ٿا.

هڪ اهڙو غلام آهي جنهن جا ڪيترائي آقا آهن. انهن مان هر هڪ ان کي ڪونه ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. هڪڙو چوي ٿو فلاڻو ڪم ڪر ٻيو چويس ٿو ته هي ڪم ڪر ٽيون ڪو ٽيون حڪم ڪري ٿو. اهو ٽنهي جي درميان حيران نموني سان بيٺو هوندو. ان جي مقابلي ۾ وري هڪڙو ٻيو شخص آهي جيڪو صرف هڪ آقا جي سامهون ئي جهڪي ٿو. ان لاءِ ڪوبہ تضاد ڪونه ٿيندو بلڪ اهو سڪون دل سان قدم کڻندو ۽ پوري دل جي حضور سان اڳتي وڌندو ويندو. هڪ خدا (نور) جي سرپرستي ۾ آهي، جيڪو هر شي ۾، هر حال ۾ هر جڳهہ تي ان جي هدايت ڪري ٿو ۽ ان جي راهہ کي ايئن روشن ڪري ٿو جيئن ڪاري رات ۾ ٽارچ جي روشني. دولت کي صحيح مقام تي رکڻ کان سواءِ اسان اڳتي وڌي ئي نٿا سگهؤن. مالي قدرن کي غيرمعمولي اهميت ڏيڻ غير معقول آهي. جيڪڏهن رزق جي فراوانيءَ کي مستقل قدرن جي تابع نہ رکيو وڃي ته پوءِ اهي ئي فراوانيون معاشري جي تباهيءَ جو سبب ٿي وڃن ٿيون.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۭ بَطِرَتْ مَعِيْشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اِلَّا قَلِيْلًا ؕ (قصص: 58)

ترجمو: ڪيترين ئي قومن اهڙيون هيون جن کي رزق جون فراوانيون حاصل هيون ليڪن ان جي باوجود بہ تباهہ ٿي ويون. هي آهن انهن جا اجڙيل ڪاشيانہ جن ۾ انهن کان بعد گهٽ ئي ڪو رهيو آهي.

قرآن حڪيم ان ڳالهہ جي اجازت نٿو ڏئي ته زندگي جاهل خواهشن

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ م ڀاڱي ڀائيوار



جي رڪاوٽن ۾ ڦاسي معاشري کي بدبودار ڪري ڇڏي. اسلام دنيا جي هر انسان کي بنيادي ضرورتن جي فراواني ڏئي، ان کي بلندي ڏانهن ڇڪڻ چاهي ٿو. هڪ بهترين دنيا جي تخليق ڪري، مساوات ۽ آزاديءَ جي ماحول ۾ آدم جي پوري ڪٽنب کي پاڪائي سان پرڻ چاهي ٿو.

قرآن حڪيم چوي ٿو ته گذريل قومن جي انجام کي سامهون رکي توهان پنهنجي لاءِ پاڻ ئي فيصلو ڪيو. جنهن قوم جي روش اختيار ڪندؤ انهيءَ قوم جهڙو انجام ٿيندو. اٽل ۽ غير تبديل ٿيندڙ قانونن مطابق قومن جي زندگي ۽ موت جا فيصلا ٿيندا آهن.

سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ

ترجمو: اها خدا تعاليٰ جي اٽل روش آهي جيڪا سڀني سابق قومن جي سلسلي ۾ جاري ۽ ساري آهي.

واضح رهي ته اصل شيءِ نظريہ زندگي آهي. ڏوهہ در حقيقت غلط نظريي يا تخريبي نظام جو منطقي نتيجو ٿيندا آهن. غلط نظام ۾ رهڻ وارا اهي ماڻهو ئي تباهہ ڪونہ ٿيندا آهن، جن انفرادي طور تي ڪو ڏوهہ ڪونہ ڪيو آهي بلڪ سڪين ڪاٺين سان گڏ سايون ٽاريون بہ سڙي وينديون آهن.

كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۲۵﴾ (الاحقاف: 25)

ترجمو: هر مجرم قوم جو انجام اهوئي ٿيندو آهي.

قرآن حڪيم سڀني براين جو علاج اهو ٻڌايو آهي ته:

يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

ترجمو: اي منهنجي قوم جا ماڻهو توهان صرف الله تعاليٰ جي اطاعت ڪريو.

ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي حڪمن جي اطاعت نہ ڪيو. الله تعاليٰ جي قانون ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ايندي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿۶۲﴾

ترجمو: الله تعاليٰ جي اها روش جيڪا گذريل قومن جي معاملي ۾ ڪارفرما هئي تون ان ۾ ڪڏهن بہ تبديلي ڪونہ ڏسندين.

انسانن جي انتهائي وڏي اڪثريت ”دولت جي بندگيءَ“ ۾ زندگي گذاري آهي. اسلام پابنديون لاڳو ڪري ٿو جيڪي درحقيقت نہ تبديل

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ٿيندڙ قانون آهن. معاشي پهلو انسان جي بلڪل قريب آهي. ان شعبي ۾ عقل ڪل (قرآن حڪيم) جي هدايت الله تعاليٰ جي قريب ڪندي آهي يعني اسان بلند ٿيندا آهيون، ارتقا جي نوراني ڏاڪڻ تي چڙهندا آهيون.

جيڪو دولتمند مسلمان نهايت دينداري سان شخصي ملڪيت جي سڀني روحاني قاعدن جي پابندي ڪري ٿو ۽ هر سال پنهنجي نقد رقم ۽ زيورن وغيره تي زڪوات ڏئي ٿو اهو مسلمان آهي. درحقيقت الله تعاليٰ سان محبت جو اهو هيٺيون درجو آهي. اسان کي خدا تعاليٰ سان محبت جي انتهائي اعليٰ درجي تائين پهچڻو آهي. حضور اڪرم جو عمل اهوئي ڪجهه سيکاري ٿو.

قرآن حڪيم جي نظر ۾ انسان جي تخليق هڪ آهي. ان جي فطرت ۽ ان جي ڪائنات هڪ آهي. انهن جون تقاضائون هڪ آهن ۽ انهن جا حل به ساڳيا آهن. قرآن حڪيم هڪ موزون ۽ مسلسل پروگرام پيش ڪري ٿو جنهن جو بنياد سڀني انسانن جي ترقي يعني ارتقا جي بلنديءَ تي چڙهڻ آهي، ڪمال ڏانهن وڌڻ آهي. ان ڪري آسماني هدايت کي حاصل ڪرڻ ۾ دنيا جا سڀ انسان قابل احترام آهن. نور (الله) جي بادشاهت جو لازمي رستو هي آهي ته سڀني انسانن کي هڪ جيترا موقعا حاصل ٿين. ڪنهن به شخص جي راهه ۾ حسب نسب يا ڪوشش ۽ جدوجهد تي پاڻي ڦيرڻ واري ڪابه رڪاوٽ نه هجي. انساني ضمير کي مادي ۽ معاشي قدرن جي انڌي غلامي مان ڪڍيو وڃي. اڄ اسان مان اڪثريت جو وقت صرف ان فڪر ۾ ٿو گذري ته دولت جي موجود انبار ۾ ڪهڙيءَ طرح اضافو ڪيو وڃي. اخلاق کي پاسيرو رکي، فرد کان وٺي دنيا ۾ موجود قومن تائين، ان ڀڄ ڊڪ ۾ مصروف آهن. هر هڪ نفساني عالم ۾ گرفتار. ڪنهن کي به ٻئي جي خبر ڪونهي. ايتري وڏي هجوم ۾ هڪڙو بندو به ڪونهي، جنهن کي پنهنجي خالق جي مرضيءَ جو فڪر هجي. ڪوبه ڪنهن جو مددگار ڪونهي. بيگانگيءَ جو هيڏو ڀيانڪ منظر!

يَّتِيۡمًا ذَا مَقۡرَبَةٍ ﴿۱۵﴾ (بلد: 15)

(ترجمو: هڪ اهڙو هجوم جنهن ۾ هر ڪو پاڻ کي اڪيلو محسوس ٿو ڪري.)

*



لِكُلِّ امۡرِیٴٍ مِّنۡهُمۡ يَوۡمَئِذٍ شَاۡنٌ (عبس: 37)

ترجمو: هر هڪ پنهنجي نفس جي ڦندي ۾ اهڙيءَ طرح مبتلا آهي جو هڪڙي کي ٻئي جو هوش ئي ڪونهي.

اڄوڪي ائٽمي دور جو انسان، انهيءَ راهه تي گامزن آهي جيڪا راهه گذريل قومن کي ختم ڪري چڪي آهي. ياد رکو ته غير حق جي آمريت بني نوع انسان جي لاءِ قهر خداوندي ثابت ٿيندي. اسان کي حق سان بغاوت امن سان رهڻ ڪونه ڏيندي.

قرآن حڪيم جي ”مساوات“ مان مراد اها ڪونهي ته هر گهر ۾ هڪ جيترا نوٽ هجن بلڪ ان جو مقصد اهو آهي ته دنيا ۾ رهڻ واري هر انسان کي ايترا موقعا حاصل هجن جو هو پنهنجون ڪمزوريون ۽ نقص ختم ڪري سگهي ۽ بلنديءَ طرف پرواز ڪرڻ لاءِ پاڻ کي الاهي سانچي ۾ پورو لاهي سگهي ۽ پنهنجي مٿان خدائي رنگ چاڙهي سگهي.

الله تعاليٰ دولتمند انسانن سان خاموش معاهدو ڪري رکيو آهي ته اهي غريبن جي پرگهور لهن ڇو ته وسيلا انهن وٽ آهن. اهي دولت تي نانگ ٿي نه ويهن بلڪ دولت ۽ وسيلن جو آسماني استعمال ڪري ظاهري ۽ باطني خير پيدا ڪن.

دولت پاڻ آهي ۽ زمين تي رهندڙ انسان فصل وانگر آهن. زمين ۾ پاڻ کي جيترو ڦهلائبو ته فصل به اوترو ئي پلو لهندو. ڦل گهڻو ملندو ڇو ته زمين جي هر هڪ ٻوٽي کي قوت ۽ خوراڪ ملندي. دنيا ۾ رهندڙ سڀ دولتمند انسان حق جي آسماني آواز کي سمجهن ۽ غريبن جي سار لهن. انهن جون اوڻايون ۽ مشڪلاتون دور ڪن. ٻوٽو جڏهن زمين مان گونچ ڪڍندو آهي ته ان وقت باغ جو مالهي ان جي حفاظت ڪندو آهي. ان مٿان ڪنهن پتر جي رڪاوٽ هوندي ته ان کي هٽائيندو ته جيئن سج جا ڪرڻا ان کي قوت ڏين ۽ شبنم جا قطرا ان جو منهن ڌوئن. پاڻ وجهندو، پاڻي ڏيندو، سنڀال ڪندو، مطلب ته دولتمندن جي حيثيت مالهيءَ واري آهي.

اقتصادي عدل مان مراد دولت جي اهڙي تقسيم ڪونهي جنهن سان بعض فردن جون جمالياتي ضرورتون پوريون ٿين ۽ بعض ان جي تڪميل کان رهجي وڃن. اسلام کي اهڙي اقتصادي عدل سان ڪوبه واسطو ڪونهي. درحقيقت اقتصادي عدل جي حقيقت کي پورو نه ڪري انسان پاڻ کي دغا

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڏئي رهيو آهي. ان ڪري اي دولتمند! بداخلاق ۽ ناجائز طريقن سان دولت جمع ڪري خدا جي بندن تي ظلم نہ ڪيو. دولت جي خاطر برتر مقصد جي راهہ ۾ ڪنڊا نہ اڇلايو. ايئن ڪرڻ سان سڄي زمين ڪنڊن سان ڀرجي ويندي، ۽ انهن ڪنڊن جي نقصان کان توهان بہ بچي ڪونہ سگهندؤ. بي انصاف ۽ ظالم اقتصادي نظام لڪل نوراني قوتن کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿو ۽ انسان کي شاندار مستقبل جي طرف وڌڻ ڪونہ ٿو ڏئي. ياد رکو تہ مستقبل امڪانات جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي، ان کي رنگين بنائڻ انسان جو ڪم آهي. زندگي ۾ تخليقي صلاحيت موجود آهي جيڪا نامياتي عضون کي محض پنهنجي مقصد جي توسيع ۽ پنهنجي اغراض جي تڪميل لاءِ ڪم آڻيندي آهي. روحاني تبديلي بامقصد قوت جو اظهار آهي جيڪا پاڻ کي ظاهر ڪندي هميشہ ان ڳالهہ لاءِ ڪوشان هوندي آهي تہ زندگيءَ جي اعليٰ تر صفتن کي حاصل ڪندي وڃي ڪمال (الله) تائين پهچي.

سيد لطيف جي ڪلام جو روح اهو آهي تہ انسان کي 'ڪامل' ٿيڻ گهرجي.

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي تن لهي نہ لالي،
ڪري ڪيف خماريا، مئي پي سوالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي.

ڪامل ٿيڻ لاءِ سيد لطيف جيڪي آسماني ڏس ڏنا آهن انهن ڪرڻ جو نوراني ذائقو چکي پوءِ اڳتي هلو.

ماڻهو گهرن مال! آءُ سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

*

پاڻ مَ ڪڇ پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق سان اناءِ، پير پريان جي پار ڏي.

*

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



پاڻ مَ ڪڻ پاڻ سين، ري وسيلي وڃ،
لالن تني لهہ، عشق جنين جي اڳ ۾.

*

جي ٿيا حل حبيب سين، سمهڻ تن ثواب،
نيڻ هيرائي ننڊ سين، خوش ڪيائون خواب،
اوسيئڙو عذاب، دليان تن دور ٿيو.

*

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وکر وڌائون،
موتي معرفت جا، سچا سوڌيائون.

*

توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ ساڻ پڄاءِ،
نانگا پنهنجي نفس کي ڪا نئين راهہ سونهاءِ،
تاسندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.

*

سيوئو جن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين،
توبهہ جي تاثير سان، تري وئا طوفان.

*

سڀ ننگيون ٿي نڪرو ڇڏيو لالچ لوڀ،
هتان جي هئڻ جون، وٿون سڀ وسار.

*

جنهن سنياسيءَ سانڍيو گندي ۽ گراهہ،
تنين ڪان الله، اڄان آڳاهون ٿيو.

حضور اڪرم ﷺ هڪ دفعي حضرت ابوذر غفاري کي مخاطب ٿي هيئن فرمايو:

"اي ابوذر! ڇا تون احد جي پهاڙ کي ڏسين ٿو؟ مان (ابوذر)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سچ کي ڏنو تہ ڏينهن جو ڪيترو حصو باقي رهيو آهي ۽ گمان ڪرڻ لڳس تہ شايد رسول الله مونکي ڪنهن ضرورت لاءِ موڪليندا. مون چيو ها. پاڻ فرمايائون مونکي پسند ڪونهي تہ مون وٽ احد پهاڙ جيترو سون هجي ۽ مان ٽن اشرفين کان سواءِ ڪل نہ خرچيان." *(صحيح بخاري جلد اول 1257)*

مٿين لفظن ۾ حضور اڪرم ﷺ دولت کي جنهن مقام تي رکيو آهي اهو قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ جو عملي نمونو آهي:

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ڛ قُلِ الْعَفْوَ ۭ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ؁۲۱۹

(البقرہ: 219)

ترجمو: توکان پڇن ٿا تہ ڪيترو خرچ ڪريون؟ (تون) چؤ تہ جيڪو (توهان جي ضرورتن کان) وڌيڪ آهي (سو سڀ غريبن، محتاجن تي خرچ ڪري ڇڏيو) اهڙي طرح الله تعاليٰ توهان کي کولي بيان ڪري ٿو تہ جيئن غور ۽ فڪر ڪريو.

جيڪڏهن دنيا جو هر انسان اقتصادي معاملات ۾ حضور اڪرم ﷺ جي پيروي ڪري ۽ پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ خدا جي راهہ ۾ ڏئي تہ اسان جلد کان جلد ڪمال تائين پهچي سگهون ٿا. ليڪن افسوس آهي جو شيطاني وسوسا ائين ڪرڻ ڪونہ ٿا ڏين:

جنهن سنياسيءَ سانديو گنديءَ گراهہ،
تنين ڪان الله اجان آڳاهون ٿيو.

قرآن حڪيم هر انسان کي ادنيٰ نفسياتي ماحول مان ڪڍي انتهائي اعليٰ ۽ پاڪيزه نفسياتي ماحول تائين پهچائڻ گهري ٿو. ان جي تعليم اها آهي تہ انسان الله سان محبت جون منزلون طئي ڪري. قرآن حڪيم هر انسان کي محبت، جمال ۽ ڪمال جو نوراني مجسمو ڏسڻ چاهي ٿو:

وَاٰتَى الْمَالَ عَلٰي حُبِّهٖ

ترجمو: ۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي محبت ۾ ڪين ۽ خرچ ڪن ٿا.

وَلَا تُؤْتُوا السُّفَهَاۗءَ اَمْوَالَكُمُ الَّتِىْ جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ قِيٰمًا

ترجمو: ۽ پنهنجي مال کي، جنهن کي خداوند عالم توهان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



جي بقا جو ذريعو بنايو آهي نادانن جي حوالي نہ ڪريو.

وسيلا حڪومتن وٽ آهن. اهي راه حق تي اڳتي وڌڻ لاءِ خرچ ٿيڻ گهرجن. تنهن ڪري قدرت جا ڏنل وسيلا عالم حڪمرانن جي هٿ ۾ هجن چو تہ داناءُ ئي دولت کي راهہ خدا (حسن) ۾ خرچ ڪندو. هو راهہ کان واقف آهي.

## قرآن حڪيم ۽ سيڪيولرازم:

قرآن حڪيم جي هن آية پاڪ ۾ سيڪيولر معاشيات جو عڪس نظر ايندو:

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُنَآ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِيْٓ اَمْوَالِنَا مَا نَشٰۗؤُا (هود: 87)

ترجمو: اي شعيب تنهنجي هيءَ صلواة ڪهڙي آهي جيڪا اسان کي ان جي اجازت بہ نٿي ڏئي تہ پنهنجي مال کي پنهنجي مرضيءَ مطابق خرچ ڪريون.

اهو آهي سيڪيولرازم نظام، جيڪو شروعات کان وٺي اڄ تائين جيئن جو تيئن قائم آهي. نماز جو تعلق مذهب سان آهي ۽ مذهب هڪ پرائيويٽ معاملو آهي. معاشيات جو تعلق دنيا جي ڪاروبار سان آهي. اي شعيب! هي تنهنجو ڪهڙي قسم جو مذهب آهي جنهن جو دائرو معاشيات تائين ڦهليل آهي. اسلام جيڪو حقيقت ڪل جو نالو آهي، اڄ ان کي زندگي مان ڪڍيو ويو آهي. اسان جي اجتماعي زندگيءَ ۾ اسلام جو ڪوبہ عڪس ڪونهي. ياد رهي تہ اسلام زندگيءَ جي هر شعبي کي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ان کي رنگ ۾ رنگڻ ڪرڻ چاهي ٿو.

اسلام ۾ ملڪيت جو تصور شاهانہ ڪونهي بلڪ خادمانہ آهي. قرآن حڪيم چاهي ٿو تہ انسان جي معاشي ادائيگي، اندروني جذبات ۽ داخلي احساسات جي بنياد تي هجي ۽ اهڙيءَ طرح انسان اقتصادي هجڻ سان گڏ اخلاقي بہ هجي. انسان جي شخصيت جي تڪميل ۾ ان جي نفسيات کي وڏو دخل آهي ۽ اها شخصيت ئي هوندي آهي جيڪا ان جي اجتماعي ۽ سماجي حالتن تي اثر انداز ٿيندي آهي. جيڪڏهن ان جي شخصيت جي اصلاح ڪئي وئي ۽ ان کي پاڪيزه سانچي ۾ وڌو ويو تہ پوءِ اجتماعي سڌارو آساني سان اچي سگهندو. قرآن حڪيم انسان جي اخلاقي قوت کي

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

Gul Hayat Institute

ڪيترو بلند ڏسڻ چاهي ٿو ان جو اندازو توهان حضور اڪرم ﷺ جي هيٺين لفظن مان لڳائي سگهو ٿا. پاڻ ڪريم جن جا مشهور لفظ آهن:

”خدا جو قسم جنهن جي قبضہ قدرت ۾ منهنجي جان آهي
تہ جيستائين ڪوبہ دولتمند پنهنجي مسڪين ڀاءُ جي لاءِ ايتري
ئي خوبصورت زندگي ڪونہ ٿو چاهي جيڪا هو پنهنجي لاءِ
چاهي ٿو تہ پوءِ ان وقت تائين ان جو ايمان ڪامل ڪونهي چاهي
اهو زڪواة باقاعده ڏيندو هجي.“

جيڪڏهن ڪو دولتمند شخص پنهنجي مسڪين ڀاءُ جي لاءِ عملي طور اهو ئي ڪجهہ پسند ڪري جيڪي ڪجهہ هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو تہ پوءِ ان کان وڌيڪ اخلاقي قوت جو مظاهرو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهندو؟ آسماني اخلاق بہ اهڙي اظهار جو نور آهي.

مال ۽ دولت کي قدر اعليٰ يا قدر ڪل قرار ڏيڻ قرآن حڪيم جي پيغام سان بغاوت آهي، ڪفر آهي. حق، حسن ۽ خير سان جنگ آهي. ڪافر آهي اهو انسان جيڪو قدرت جي نوس سچائين جو انڪار ڪري ۽ پنهنجي خراب عملن سان نہ صرف پنهنجي بربادي ۽ تباهيءَ جو سامان تيار ڪري بلڪ پاڻ سان گڏ ٻين لاءِ بہ هلاڪت جو سبب ٿئي. خدا تعاليٰ جي طرف توجہ نہ ڏيڻ ڪري انسان ظلمت جي پردي ۾ اچي وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪوششن جو مرڪز ’دولت‘ ٿئي تہ پوءِ موجوده دور وانگر هر طرف اوندهہ ئي اوندهہ هوندي. جيڪو انسان ظلمت جي گهيري مان نہ نڪتو ۽ اڃان عالم روحانيت کان پري آهي تہ پوءِ اهو خدائي مقصد جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي يعني شيطان جو روپ. اسان جي انفرادي زندگي، عالمگير مقصد جي حصول جو ذريعو آهي.جيستائين اهو جزو نوراني نہ ٿيندو تيستائين حق جي مقصد کي استحڪام نصيب ڪونہ ٿيندو ۽ جمود جي ڪيفيت طاري رهندي.

جيڪڏهن دولت کي آخري هدف تصور ڪري جمع ڪيو وڃي ۽ پاڻ کي ان ۾ ئي غرق ڪيو وڃي تہ پوءِ اها ئي دولت سڀني براين جو سرچشمو ٿي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح انسان ڪمال کان پري ٿيندو وڃي ٿو. قرآن حڪيم، دولت جي معيار تي قائم ٿيندڙ سڀني امتيازات کي غلط قرار ڏنو آهي. هو انسان جي مادي فائدي جي مقابلي ۾ دائمي زندگيءَ جي طرف وڃڻ



جو رستو کولي ٿو ۽ ان جي نظرن کي مادي مصيبتن ۽ آلودگين مان ڪڍي آسماني جلوي ۾ سمائي ڇڏي ٿو.

قرآن حڪيم جي ڪامل حقيقت کان ناواقف مسلمان. هڪ اهڙي اقتصادي نظام کي قائم رکيون ويٺو آهي، جنهن ۾ دولتمند کان ’زڪواة‘ جي نالي تي ڪجهہ روپيہ وٺي، جماعت جي مسڪين ماڻهن ۾ ورهايا وڃن ٿا. انهن جي خيال ۾ هيءُ ڳالهہ ويٺل آهي تہ سماج ۾ غريبن جي انتهائي وڏي تعداد سان گڏ دولتمندن جي اقليت جو هجڻ ضروري آهي. اسلام جي حقيقت کي انهيءَ نظر سان ڏسبو تہ پوءِ اهو هڪڙو ظلم آهي، جهالت آهي، جو تہ اسان نوراني ارتقا (ڪمال) ڏانهن وڌڻ جا دروازا ئي بند ڪري ڇڏيا. اسلام ارتقا جو قائل آهي. هڪ هنڌ ويهڻ ان لاءِ موت آهي. ڪامياب، سچي ۽ پائيدار اقتصادي مساوات فرد جي ضمير اندران پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي وجود ۾ آڻڻ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ انسان جي روحاني تربيت ڪئي وڃي. زندگيءَ جي مقصد کي ڄاڻڻ لاءِ مناسب حالتون پيدا ڪيون وڃن تہ جيئن انسان انهن امڪانات کي سمجهي سگهي، جن کي شهود ۾ آڻڻ لاءِ قدرت، انسان کي بار بار جنم ڏئي رهي آهي. زندگيءَ جو مقصد ناپائيدار خوشي نہ بلڪ تڪميل انسانيت آهي ڇو تہ ان ۾ ئي امن، مسرت ۽ خوشحالي موجود آهي. تاريخ ۾ امن ۽ مسرت جا اونداها وقفا دراصل انسان جي ڪاهلي، ڪم ڪوشي ۽ غير تخليقي رجحان جا دور آهن.

اڄ حالت اها آهي جو شراب جي بوتل جي مقابلي ۾ انسان جي خون جي بوتل سستي آهي. انسان کي ايتري اهميت بہ حاصل ڪونهي جيتري مادي شين کي آهي. اسان، شيطان جي ٿوري ئي اشاري تي پنهنجي سموري روحاني متاع ۽ فڪري سرمايہ تان دستبردار ٿي وڃئون ٿا. اسان روح، سيرت، اخلاق ۽ ايمان کي وساري ماديت جي سنهري جار ۾ ڦاسي هلاڪت ۽ بربادي طرف ڊوڙڻ لڳاسين ۽ اهڙيءَ طرح مقصد تخليق کي فراموش ڪري چڪا آهيون. انسان مقصد جو غلام آهي. ان ڪري انسان کي گهرجي تہ دولت جي غلامي (بندگي) ڇڏي نور، حسن ۽ خير جي غلامي قبول ڪري.

قرآن حڪيم انسان کي طبقن مان ڪڍي ”نور کي ڳولهڻ وارو جاندار“ بنائڻ چاهي ٿو. انسان کي ڪمال تڏهن ملندو جڏهن هو ڪمال جي بندگي ڪري، ان جو غلام ٿي وڃي. جيڪڏهن اسان دولتمندن جي دولت مان

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



نهايت ئي ٿورو حصو (زڪوات)، جنهن سان دولتمند جي جمالياتي پهلوءَ تي ڪوبہ اثر ڪونہ پوندو، ضرورتمندن کي ڏيئون تہ اِها دولتمند جي خود پرستي ۽ سنگدلي کان معاشري کي بچائڻ جي هڪڙي تدبير آهي. اسلام جو پورو مطالبو خدا پرست اقتصادي نظام لاءِ ئي آهي.

انسان جي پنهنجي ذات جي نشونما انفرادي طور تي ڪنهن جهنگ ۾ ٿي ڪونہ سگهندي. اهو ڪلي انسانيت جو هڪڙو جزو آهي جيستائين ڪلي انسانيت جي نشوونما نٿي ٿئي تيستائين جز کي ارتقائي نور حاصل ٿي نہ سگهندو.

قرآن حڪيم پنهنجي مڃڻ وارن کي دولت گڏ ڪرڻ جو لائسنس ڪونہ ٿو ڏئي بلڪ اهو ڪمائي جي طريقي کي اجتماعي مفاد سان ڳنڍي ٿو.

اڄڪلھ دنيا تي ماده پرست تهذيب ڇانيل آهي. ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم پنهنجي مشهور ڪتاب Islamic Ideology ۾ جديد تهذيب متعلق چوي ٿو:

”جديد تهذيب ڪلي طور ان مفروضي مان پيدا ٿي آهي تہ انسان صرف حيوان آهي. انسانيت جو ڪوبہ تصور انهن جي ذهن ۾ حيوانيت کان الڳ ۽ ان کان بالاتر ڪونهي. اهي انساني فطرت جي انهن مطالبن کي اصلي ۽ بنيادي تسليم ڪن ٿا جن جو مقصد انسان جي حيوانيت آهي. اهي چون ٿا تہ انسان جي اهم ترين ۽ فيصلہ ڪن شيءِ معاشيات آهي. جانور جو دماغ جو ڪجھ سوچي ٿو ۽ ان جي دل ۾ جيڪي جذبا پيدا ٿين ٿا انهن سيني جو اهوئي مطالبو تہ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ غذا حاصل ڪئي وڃي ۽ نوعي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ صنف مقابل سان ميلاپ ڪيو وڃي يعني زندگي صرف ان جو نالو آهي تہ کائو پيئو ۽ قبر ۾ داخل ٿي وڃو. تهذيب، اخلاق، مذهب، علم ۽ فڪر سيئي انهيءَ حڪمران جي تابع آهن. انهيءَ جي مرضيءَ مطابق ٺهيا آهن ۽ انهيءَ جي مرضي سان بگڙندا آهن. انهن جي نظر ۾ پوري انساني تاريخ معاشيات جي محور تي گهمي ٿي ۽ گهمندي رهندي. جيڪي بہ مذهب پيدا ٿيا آهن انهن کي معاشيات ئي پيدا ڪيو آهي. اخلاق جا جيترا بہ بنياد ٺهيا، اهي



سڀ جا سڀ معاشي بنياد تي ٺهيا آهن. انساني تهذيب و تمدن صرف معاشي حالات ۽ ضرورتن جي ڪري وجود ورتو آهي. انسان جي دل ۽ دماغ جي ان کان سواءِ ٻي ڪابہ حيثيت ڪونهي تہ هو جسم ۽ ان جي مطالبن جي خدمت لاءِ تدبيرون سوچي. انهن جي نظر ۾ اهوئي زندگيءَ جو خلاصو آهي.“ (ص21)

قرآن حڪيم جو رستو پهرين قدم تي ئي انهن کان جدا ٿي وڃي ٿو. قرآن شريف مڃي ٿو تہ انسان جو قالب حيواني آهي ۽ حيواني تقاضائن جو خيال رکڻ ضروري آهي. ليڪن انسانيت جا اعليٰ مسئلا ۽ انساني فطرت جا نوراني پهلو ان کان بلند تر آهن. قرآن شريف جي نظر ۾ نہ انسان جي پوري زندگي رڳو معاشي آهي ۽ نہ ئي، زندگيءَ جا ٻيا پهلو معاشيات جي تابع آهن. معيشت انساني زندگيءَ لاءِ ۽ زندگي اعليٰ مقصد لاءِ آهي.

جديد اقتصادي نظريا انسان کي صرف ”ڏينهن گذارڻ وارو جاندار“ سمجهن ٿا. جنهن جي زندگيءَ جو مقصد چند سالن جي زندگي گذارڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ نسل وڌائڻ تائين محدود آهي. خدا فراموش تهذيب، انسان کي جامد حيوان ۽ جسم پروري جي مشين سمجهيو آهي. اهي نظريا دنيا ۾ وبال جان ٿي ويا آهن. ڇو تہ انهن ۾ اخلاقي عنصر جو فقدان آهي. نتيجي ۾ انسان جو امن ۽ سڪون تباھ ٿي ويو آهي. هو بغير مقصد جي آواره گردي ڪري رهيو آهي. جيستائين معاشي ۽ اخلاقي مقصد هم آهنگ نہ ٿيندا تيستائين زندگيءَ ۾ وحدت قائم ٿي نہ سگهندي.

اسلام چوي ٿو تہ انسان ڪو جامد وجود ڪونهي جو ان کي بين مادي وسيلن جي صنف ۾ آڻي بيهاريو وڃي ۽ ان سان پيداواري عناصرن جهڙو سلوڪ ڪيو وڃي. اهو هڪ عظيم المرتبت وجود آهي. جنهن جي سامهون سيني پيداواري وسيلن کي هڪ خادم جي حيثيت سان پيش ٿيڻو آهي. مقصد اول آهي، باقي وسيلا واسطو آهن. ان ڪري اهوئي مالڪ ٿيندو.

زندگي سفر آهي. سيئي انسان مسافر آهن. اهي هڪڙي منزل تي پهچڻ چاهن ٿا، جيڪا قدرت انهن لاءِ مقرر ڪئي آهي. انسان، انسان جو ساٿي آهي. اسان جو ڪردار اهوئي هجڻ گهرجي جيڪو مسافريءَ دوران مسافرن جو هڪٻئي سان هوندو آهي. اسان هتي دولت جمع ڪرڻ ڪونہ آيا آهيون، بلڪ اسان کي انهي دولت مان وڏيڪ زندگي پيدا ڪرڻي آهي.

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ

ترجمو: اي ايمان وارو! لبيڪ چئو الله ۽ ان جي آواز تي جڏهن اهي توهان کي دعوت ڏين ان شيءِ جي طرف جيڪا توهان کي زندگي ڏئي.

ڌرتي تي رهندڙ هر فرد جو بہ حق آهي تہ اهو بکيو نہ سمهي. اسان سڀني جون گهرجون ساڳيون آهن. اسان سڀئي: قدرت جي وڇايل دستر خوان تي پائيوار آهيون. جهڙيءَ طرح آسماني دنيا ۾ موجود فلڪياتي جسمن ۾ اتحاد نظر اچي رهيو آهي (جو تہ هڪ ٻئي جي سهاري تي آهن) ساڳيءَ طرح انسانن جي وچ ۾ بہ اتحاد ٿيڻ گهرجي.

قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ طرفان معاشيات جو هڪڙو نوراني نظام بہ ٻڌايو ويو آهي. انهيءَ نظام جو بنياد خدائي صفتن سان وابستہ آهي. خدا تعاليٰ جو حڪم آهي تہ عملي زندگي ۾ ان جي صفتن جومظاهرو ڪيو وڃي. خدائي رنگ ۾ پاڻ کي رنڱجي. ڪپڙو جڏهن رنگ ۾ رنڱبو آهي تہ ان جي پهرين حالت تبديل ٿي ويندي آهي. انسان جي عمل ۾ بہ جيئن الله تعاليٰ جي صفتن جو مظاهرو ٿيندو تہ اهو زندگي بخش قوت ٿي پوندو. سخاوت هڪ آسماني صفت آهي. سخي بلندين جو رهواسي ٿيندو آهي. اهو الله سان محبت جو اظهار ”زڪوات ڏيندڙن“ وانگر نہ ڪندو آهي بلڪہ هو پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ سڀ راهہ خدا ۾ ڏيندو آهي. سنت رسول اڪرم ﷺ جي سچي پيروي ڪندو آهي يعني جيئن حضور اڪرم صہ جن ڪا بہ دولت ۽ جائيداد ڪونہ ڇڏي هئي.

ماڻهو گهرن مال! آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

اهڙي معاشيات، جيڪا فرد ۾ حقيقي قدرن، آسماني اخلاق ۽ روحانيت کي پيدا نٿي ڪري، تہ پوءِ ان مان انساني تهذيب پروان ڪونہ چڙهي سگهندي. ان جو نتيجو هميشہ اهو نڪرندو، جيڪو گذريل قومن جو نڪتو آهي. جو تہ انهن بہ دولت سان ايترو ئي پيار ڪيو هو. جڏهن اسان

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



ڪنهن معاشي عمل کي برو چئون ٿا تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو آهي تہ اسان ڪنهن اعليٰ قدر تي: ادنيٰ ضرورتن يا ناري خواهشن کي ترجيح ڏيئون ٿا. اهو انتخاب ئي ان نظام مقاصد جو جز هوندو آهي، جنهن سان زندگي الاهي رنگ ۾ رنگجي وڃي ٿي. شعوري يا غير شعوري طور تي فردن ۽ جماعتن جي ايمان جو سرمايو بہ اهوئي آهي. سوسائٽي اندر زندگي بسر ڪري، ماڻهو اسباب مان، قرآني ڦل مهيا ڪندو آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ جماعت جي حقن جو هر حال ۾ لحاظ رکيو وڃي.

انساني زندگيءَ لاءِ يقيناً رزق ضروري آهي، پر انسان جي روح کي جيڪو رزق پائمال ڪري ٿو، تنهن مان زندگيءَ کي فائدي کان وڌيڪ نقصان مليو آهي. انتخاب جي اصول سان، ڪنهن گروهہ جي معيشت کي نہ ڪا خاص تقويت پهچڻ گهرجي ۽ نہ ضعف. جو تہ فرد ئي پنهنجي وصفن سان اجتماعي ترقيءَ جو سرچشمو مهيا ڪندا آهن. معاشري جو فرض آهي تہ فردن جي اهڙن وصفن جي قدر داني نہ ڪئي وڃي جنهن سان ابتري پيدا ٿئي. اهڙي قسم جا اوصاف غير اخلاقي نظامن ۾ ظاهر ٿين ٿا ۽ انهن جي ڪري ئي انسان جو امن ۽ سڪون برباد ٿي ويو آهي. اهڙا نظام انسان کي بي حس مشين سمجهن ٿا.

آئيڊيل انسان وٽ سرمايہ جي حيثيت هڪڙي تلاءَ وانگر آهي جنهن مان هر طرف ناليون نڪرن ٿيون. اهو پاڻي هر ان ضرورتمند تائين پهچي ٿو جنهن جي زمين ويران آهي ۽ جتي ڪابہ سبزي ڪونہ ٿي ڦٽي. مطلب تہ جنهن وٽ گهڻو پاڻي آهي ان تي قدرتي فرض آهي تہ اهو ٻين کي آباد ڪري.

دنيا جا سڀئي انسان هڪ ٻوٽي ۾ لڱل گلن وانگر آهن. جنهن نور جي پاڻيءَ مان اچي گل کي رس ملي ٿو تنهن ساڳئي گاري مان ڪا روگل بہ رس چوسي ٿو. انهن سڀني گلن ۾ هڪڙي ئي خوشبوءِ موجود آهي. خوشبوءِ کي خوشبوءِ کان نفرت ٿي ڪونہ سگهندي. اهي تہ گڏجي ماحول جي رنگيني کي مهڪائيندا. انهيءَ ڪري اي انسان! تون پاڻ بہ جيءُ ۽ ٻين کي بہ جيئڻ ڏي. پاڻ خدائي نعمتن مان لطف وٺ ۽ ٻين کي بہ وٺڻ ڏي. تون ۽ اسان فنا ٿي وڃئون ان کان بهتر آهي تہ تون بہ بقا جي وادين جو سير ڪر ۽ ٻين کي بہ سير ڪراءِ. ائين نہ ٿئي جو دولت اتي پئي هجي ۽ اسان سڀ ائٽمي تباهي جي دوزخ ۾ جلي خاڪ ٿي وڃئون. اچو تہ سڀئي گڏجي الله تعاليٰ جي گهر

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻي پانيوار



(زمين) کي سلامتيءَ جي گهر ۾ تبديل ڪيئون. ڪروڙين تباهه ٿيندڙ عقل زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيئن گهڻيون بيڪٽريون ملائيبيون ته ڪرنٽ به گهڻو پيدا ٿيندو. اهڙيءَ طرح دنيا جي انسانن جي نوراني تربيت ٿيندي ته زندگيءَ لاءِ پاڻي به گهڻو ملندو. تنهنجو ڪم صرف هي آهي ته شيطان جي پکڙيل ظلمت جي چار مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍ.

قرآن شريف جي معاشي نظام ۾ نمائش کي ڪوبه دخل ڪونهي. اڪثر شاهوڪار جيڪي ڪجهه خرچ ڪن ٿا (غريبن جي مدد خاطر) تنهن ۾ نمائش جو وڏو دخل آهي. ان ڪان سواءِ هو فائدي جي اميد به رکي ٿو يعني نفساني خواهشون به ان ۾ شامل هونديون آهن. اهو الله (نور) کي راضي ڪرڻ ڪونهي، بلڪ پنهنجي نفس کي راضي ڪرڻ آهي.

توهان ڪنهن غلام کي ڏٺو هوندو. جڏهن به مالڪ ان کي سڏ ڪندو ته هو پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي مالڪ جي حڪم جي بجا آوري ڪندو آهي. خدا تعاليٰ جي اڳيان اسان جي حيثيت هڪڙي 'غلام' واري آهي. اهو اسان جو آقا آهي. اهڙو آقا، جيڪو غلام کي هر قت بلند کان بلند ڏسڻ چاهي ٿو. اسان جو پلو ان ۾ آهي ته هڪ سچي غلام وانگر پاڻ تي آقا جي حاڪميت قبول ڪريون. هر وقت اهو ڏسئون ته آقا (الله، نور، خالق) ڇا ٿو چوي ۽ نه اهو ڏسئون ته پنهنجي راءِ ڇا ٿي چوي. اسان جڏهن پنهنجي نفس جي ٺهيل راهه کي ڇڏي خدائي راهه وٺئون ته پوءِ ئي اسان اهو چئي سگهنداسين ته اسان الله تعاليٰ (آقا) جي ڪمن ۾ پنهنجي زندگي گذاري، اسان کي زندگيءَ جو مقصد، پنهنجي ٺاهيل راهه سان ڪونه ملندو مقصد تڏهن ملندو جڏهن خدائي عمل ڪبو. تنهنڪري ڇيم ته پنهنجي نفس کي ماري خدا تعاليٰ ۾ زنده ٿي وڃو:

قُلۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُحِبُّوۡنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوۡنِىۡ يُحۡبِبۡكُمُ اللّٰهُ وَيَغۡفِرۡ لَكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ‌ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۳۱﴾ (آل عمران: 31)

ترجمو: اي نبي! ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏ ته جيڪڏهن توهان سچ پچ الله سان محبت ڪريو ٿا ته منهنجي پيروي ڪريو ته الله توهان سان محبت ڪندو ۽ توهان جا گناهه معاف ڪندو ۽ هو ڏاڍو معاف ڪندڙ ۽ رحيم آهي.

حضور اڪرم ﷺ جن اخلاق جي بلند مرتبي تي هئا. انسان



ڪامل نور جي صفتن جو مجموعو. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيۡمٍ ﴿۴﴾

(بيشڪ توهان اخلاق جي عظيم مرتبي تي آهيو.)

اڄوڪو انسان حضور اڪرم صہ جي اخلاق جي جيتري پيروي ڪندو ته اسان اوترو ئي جلد زمين تان شيطان کي تڙي، جنت ۾ پهچي سگهون ٿا. سيد لطيف ٿو چئي:

سيوئو جن سبحان، وير نه وڙهي تن سين،
توبهه جي تاثير سين، تري وئا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو آڙ لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو.

اسان کي عقل ڇا لاءِ عطا ٿيو؟ هي اڪيون ۽ ڪن ڇو مليا؟ ڇا ان کان علاوه ڪو مقصد هيو ته اسان راز حيات کي ڄاڻون ۽ ارتقا ۽ ڪماليت طرف قدم وڌايون. جيڪڏهن خدا تعاليٰ جي انهن عظيم نعمتن جو اسان، خدا جي مرضيءَ مطابق، استعمال ڪيئون ته اهو ان جو عملي شڪر آهي. پر جيڪڏهن اهي نفساني خواهشن، خودپرستي، غرور، غفلت ۽ مقصد حيات جي مخالفت ۾ استعمال ٿيا ته اهو نعمت جو ڪفر آهي.

ڪفران نعمت جو سڀ کان وڏو مثال ترقي يافته قومن جا اهي هٿيارن جا ڪارخانا آهن جتان باهه، گولن ۾ بند ٿي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي رهي آهي. ڪهڙي نه بي رحميءَ سان، انهن قدرتي وسيلن کي باهه ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. ترقي يافته قومن جي ٻاريل، ان باهه جي ٻيلي ۾ ويچارو معصوم انسان سڙي رهيو آهي، هر هنڌ قدرتي وسيلن سان ڪفر جاري آهي.

اصلي معاشي قدر اهو آهي ته جز، پنهنجي روحاني عمل سان جماعت جي مسرت ۾ اضافو ڪري. ايئن نه ٿئي جو جز، ڪل جي خلاف بغاوت ڪري رنڊڪ جو سبب ٿئي. ايئن نه ٿئي جو لالچ کي وڌائيندو مستقبل جي ڳڻتيءَ ۾ غرق رهي ۽ سدائين ان فڪر ۾ هجي ته اڄ دولت جي انبار ۾ اضافو ڪونه ٿيو ته سڀاڻي ڇا ٿيندو! حقيقي انسان لاءِ وقت جي اهميت ان جي صحيح استعمال سان مشروط آهي.

صحيح عمل ڪرڻ جو وقت 'هاڻي' آهي تنهن ڪري هينئر ئي الله

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۾ پاڻ پاڻ پائنيار



تعاليٰ جي فرمان مٿان جهڪي پئو. فالتو دولت حقدارن تائين پهچايو ان کي تجوڙين ۾ بند نه ڪيو. بي انصاف ۽ ظالم اقتصادي نظام نوراني قوتن کي تباهه ڪري ڇڏي ٿو ۽ انسان کي شاندار مستقبل طرف وڌڻ ڪونه ٿو ڏئي.

قرآن سان بغاوت ڪائنات جي سچائي سان بغاوت آهي. قرآن حڪيم حرڪت جو قائل آهي. قرآن حڪيم ارتقا جي تڪميل چاهي ٿو. ان کي اها ڳالهه هرگز پسند ڪونهي ته ارتقا جو نوراني جوش مانيءَ جي ٽڪرن، نوٽن جي ٿهين يا ڪنهن جسماني خواهش جي رنڊڪ سان رڪجي وڃي.

قرآن حڪيم صرف انسان جي ظاهر کي نٿو ڏسي پر نفس جي گهراين ۾ لهي وڃي ٿو ته جيئن ان کي ارتقا جي نوراني جوش لاءِ سازگار ڪري. داخلي تبديليءَ سان ٻاهر جي دنيا به بدلجي وڃي ٿي. جيڪڏهن انسان جي اندر ۾ نور جي ڪاڻ آهي ته پوءِ ٻاهر به نور مسڪرائيندو ۽ جيڪڏهن اندر ۾ ٻاهه جو طوفان آهي ته پوءِ ٻاهرين دنيا ۾ گلن جو سڙڻ يقيني آهي.

ڪائنات ۾ انسان جو مقام سامهون رکندي قرآن حڪيم هدايت ڪري ٿو:

وَ اَنۡفِقُوۡا مِمَّا جَعَلَكُمۡ مُّسۡتَخۡلَفِيۡنَ فِيۡهِ ؕ (حديد: 7)

ترجمو: ۽ خرچ ڪريو ان مان جيڪو ان توهان جي هٿن ۾ ڏنو آهي نائب ڪري.

انسان جو مقام صرف خليفي يعني نائب جو آهي. انسان صرف پنهنجي خالق يعني (نور الله، حقيقت ڪل) جي سامهون جوابده آهي. نائب جو ڪم صرف اهو ٿيندو آهي ته آقا جي حڪم جي تڪميل ڪري. انسان زمين تي ان ڪري آندو ويو آهي ته نور جي قانونن (حڪمن) تي هلي. ڇو ته انهن قانونن تي هلڻ ۾ ئي انسان جو فائدو يعني ان جي زندگي آهي.

اسلام ملڪيت جي حق کي ان وقت تائين تسليم ڪري ٿو جيستائين ان جو احترام ٿئي ۽ جڏهن ان جي خلاف حالتون پيدا ٿين ته پوءِ اسلامي حڪومت (آسمان جي بادشاهت) ۾ ملڪيت جو اهڙو تصرف سنگين جرم آهي. قرآن حڪيم زندگي جي بقا جي سامان کي جاهلن جي هٿ ۾ ڏيڻ ڪونه ٿو چاهي. بلڪ قرآن حڪيم نازل ئي ان ڪري ٿيو ته ان برائي کي



پاڙئون پٽي.

اڪثر چيو وڃي ٿو ته دولت ۽ مسرت حاصل ڪرڻ جي خواهش هڪ جائز انساني جذبو آهي. صحيح. جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته دولت ۽ مسرت اسان جي روحاني نجات جو وسيلو بڻجن ته انهن کي جائز طريقن سان حاصل ڪيو وڃي. مقصد، اخلاقي ضابطي کان سواءِ ڪونه ملي سگهندو. دولت پاڻ آهي، پاڻ کي سڄي زمين ۾ ڦهلائبو ته فصل سٺو لهندو. نجات ان وقت ملي سگهي ٿي جڏهن اسان نظم و ضبط جي پابندين کي قبول ڪيون ۽ خود غرضانه ذاتي رجحانات کي ترڪ ڪيئون. اڄ اسان جي معاشي زندگي ۾ ملڪيت جي هوس ۽ طاقت جي خواهش بنيادي حيثيت رکي ٿي. ان ڪان اسان ان وقت تائين انڪار نٿا ڪري سگهون جيستائين انسان جي ذهن ۽ شعور ۾ بنيادي تبديلي نه آڻيون. نجات جو حصول، دراصل روحانيت جو حصول آهي. غور جو مقام آهي ته زندگيءَ جو مقصد محض پيٽ پرڻ ڪونهي، نه ئي اسان پنهنجي ڪاروبار، دولت، جسماني خواهش، طاقت، اختيار يا خارجي فطرت سان تعلقات جي بنياد تي زنده آهيون. اسان جيڪڏهن زنده آهيون ته پنهنجي روحاني نظام جي ڪري.

انفرادي زندگي هڪ محدود زماني جو نالو ڪونهي. ان کي صرف هڪ دفعو پيدا ٿيڻ ۽ مرڻ تائين محدود ڪري نٿو سگهجي. انفرادي زندگي، ڪيترين ئي زندگين تي ڦهليل زنجير جي هڪ ڪڙي آهي. زندگيءَ جو سفر رڳو هڪ دفعو مرڻ سان ختم نٿو ٿئي بلڪ اهو ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين گناهه فطرت جي تباهه ڪارين، انسان جي خطائن ۽ ڪمزورين کان بلند ٿي ڪري مڪمل نجات جي مرحلي تائين ڪونه ٿا پهچئون. هر نئين زندگي نوان موقعا پيدا ڪري ٿي ليڪن اسان ڪهڙي شڪل اختيار ڪيئون ٿا ان جو دارومدار اسان جي عملن تي آهي. جيستائين ڪمزورين ۽ غلطين جو شڪار رهنداسين روحاني ترقي ڪونه ٿيندي.

هڪ لڳاتار ارتقا پذير دنيا ۾ بدي ۽ غلطيءَ جو وجود اڻ ٽر آهي. وري ڪامل نجات جو مرحلو اهو آهي جتي هر نقص کان آزادي ملي وڃي. انسان محض پنهنجي فطري خواهشن جي هٿ ۾ رانديڪو نه ٿئي. ان جو روح نفس جي منفي خواهشات تي فتح حاصل ڪري سگهي ٿو. جيڪي ڪيس پنهنجو غلام رکڻ چاهن ٿيون. اسان کي جيڪي اسباب مهيا ڪيا ويا آهن.

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

انهن تي اسان کي اختيار ڪونهي. مثلاً ماءُ پيءُ ۽ ماضي کان مليل اوڻايون. اسان جو اختيار اهو آهي ته مستقبل ۾ انهن اسباب کي جهڙي طرح چاهيون استعمال ڪري سگهون ٿا. غور جو مقام آهي ته اسان کي پنهنجي اهڙي آزاد مرضي حاصل ڪونهي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن طرح ماضي مان متعين نه ٿيل هجي. انسان کي اها آزادي حاصل آهي ته هو مهيا ٿيل اسباب کي شعور جي روشنيءَ ۾ استعمال ڪن. شعور ڪامل (آسماني آواز) جي اطاعت ئي نجات آهي.

قرآن حڪيم جي هن آيت تي وري غور ڪريو:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ۚ (آل عمران: 92)

ترجمو: توهان هرگز نيڪي نٿا حاصل ڪري سگهو، جيستائين پنهنجي پسنديده مال کي خدا جي راهه ۾ خرچ نه ڪيو.

يعني مٿين آيت پاڪ ۾ اهو چيووڃي ٿو ته اهڙي مال کي جنهن سان توهان جي محبت هجي، تنهن کي خدا تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪريو. نه ته بيءَ حالت ۾ توهان نيڪوڪار ٿي ڪونه سگهندا. ظاهر آهي ته انهي پسنديده مال مان، جنهن کي خدا تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اهو مال به شامل آهي، جيڪو زڪوات ڏيڻ کان پوءِ به انسان وٽ بچي پوي ٿو. انسان انهي جي محبت ڪري، ان کان جدا ٿيڻ ڪونه ٿو چاهي. باقي رهيو ناپسنديده مال، سو ان کي ته ڪوبه شخص پاڻ وٽ جمع ڪونه ڪندو آهي جو ان کي خرچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي ها. فالتو مال کي خرچ ڪرڻ اهڙي نيڪي ڪونهي، جا انسان کي بلندي ڏانهن وٺي وڃي، پر ان سان گڏ فالتو مال کي جمع ڪرڻ ۽ خرچ نه ڪرڻ، خدا تعاليٰ جي نظر ۾ اهڙي برائي آهي، جنهن لاءِ سخت سزا ڏني ويندي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّ كَثِيۡرًا مِّنَ الۡاَحۡبَارِ وَ الرُّهۡبَانِ لَيَاۡكُلُوۡنَ اَمۡوَالَ النَّاسِ بِالۡبَاطِلِ وَيَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيۡنَ يَكۡنِزُوۡنَ الذَّهَبَ وَالۡفِضَّةَ وَلَا يُنۡفِقُوۡنَهَا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرۡهُمۡ بِعَذَابٍ اَلِيۡمٍۙ ﴿۳۴﴾ يَّوۡمَ يُحۡمٰى عَلَيۡهَا فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكۡوٰى بِهَا جِبَاهُهُمۡ وَجُنُوۡبُهُمۡ وَظُهُوۡرُهُمۡ ؕ هٰذَا مَا كَنَزۡتُمۡ لِاَنۡفُسِكُمۡ فَذُوۡقُوۡا مَا كُنۡتُمۡ تَكۡنِزُوۡنَ ﴿۳۵﴾

ترجمو: اي ايمان وارؤ! گهڻا احبار ۽ رهبان ماڻهن جا مال



ناحق طور کائن ٿا ۽ خدا جي راهه کان روڪين ٿا اهي ماڻهو جي سون ۽ چاندي جمع ڪندا آهن ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪن انهن کي دردناڪ عذاب جي خبر ڏيو. اهو ڏينهن ياد ڪن، جڏهن اهو مال جهنم جي باهه ۾ تپايو ويندو ۽ ان سان انهن جي پيشانين، پاسن ۽ پنين کي ڏنبيو ويندو ۽ چيو ويندو ته اهو اُهو مال آهي، جنهن کي اوهان پنهنجي لاءِ جمع ڪيو هو. هاڻي انهيءَ جو مزو چکو، جنهن کي جمع ڪيو هيو.

انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو ته:

انسان خدا جي راهه ۾ ڇا خرچ ڪري؟

(متي 19 جي آيت پاڪ 16_22) چوي ٿو:

”۽ ڏسو هڪ شخص يسوع اچي ڪري ان کي چيو اي استاد مان ڪهڙي نيڪي ڪريان ته جيئن هميشه جي زندگي ماڻيان. ان کيس چيو ته تون مون کان نيڪيءَ بابت ڇو ٿو پڇين؟ نيڪ ته هڪ آهي ليڪن جي تون زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ چاهين ٿو ته حڪمن تي عمل ڪر. ان کيس چيو ڪهڙن حڪمن تي. يسوع چيو ته خون نه ڪر، زنا نه ڪر، چوري نه ڪر، ڪوڙي شاهدي نه ڏي، پنهنجي پيءُ جي ۽ ماءُ جي عزت ڪر ۽ پنهنجي پاڙيسري سان پاڻ وانگر محبت ڪر. ان جوان ان کي چيو ته مان انهن سڀني تي عمل ڪيو آهي هاڻي مون ۾ ڪهڙي ڪمي آهي. يسوع ان کي چيو جيڪڏهن تون ڪامل ٿيڻ ٿو چاهين ته وڃي پنهنجو مال ۽ اسباب وڪڻي غريبن کي ڏي. توکي آسمان تي خزانو ملندو ۽ اچي منهنجي پويان هل مگر اهو جوان اها ڳالهه ٻڌي، غمگين ٿي هليو ويو ڇو ته مالدار هو.“

### ”غريبن کي ڏيڻ“

راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ. ياد رکو حق، حسن، سچ جي راهه ئي خدا جي راهه آهي.

خدا (مقصد، ڪمال) ۽ دولت جي تعلق کي سمجهڻ لاءِ سيد لطيف جي هن عظمت تي غور ڪريو:

سنڌيڪا : سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ماڻهو گهرن مال! آءٌ سپ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

❊

پاڻ م ڪٺج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڏ،
لالن تني لئه، عشق جنين جي اڳ ۾.

❊

عاشق الله جي، محبت رکي من،
سندي سڪ پرين، تن ۾ آهي تن جي.

❊

حقيقت هٺي منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪڙو پساه پرينءَ ري، سگهان تان نہ ڪٺي،
ڏٺي ئي ڏٺي رهيو آهي روح ۾.

❊

ٻن ڏيئي ٻين کي، هلج پاسي هيڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون ٿيڏي، ٿيڏايون ڪرين!

❊

سپ ننگيون ٿي نڪرو ڇڏيو لالچ ۽ لوپ،
هتي جي هئڻ جون، وتون سپ وسار.

❊

جن سنياسين سانديو گندي ۾ گراه،
انين ڪان الله، اجان آڳاهون ٿيو.

❊

جيئن ٿا پڇن ان کي، تيئن جي پڇن الله،
تہ رڙهي لڏائون راهہ، لڻن لک لطيف چئي.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار



مستقبل امڪانات جو هڪ اڻ کٽ سلسلو آهي. ان کي رنگين بنائڻ انسان جو ڪم آهي. زندگيءَ ۾ تخليقي صلاحيت موجود آهي جيڪا نامياتي عضون کي محض پنهنجي مقصد جي توسيع ۽ پنهنجي اغراض جي تڪميل لاءِ ڪم آڻيندي آهي. روحاني تبديلي بامقصد قوت جو اظهار آهي جيڪا پاڻ کي ظاهر ڪندي هميشہ ان ڳالهہ لاءِ ڪوشان هوندي آهي تہ زندگيءَ جي اعليٰ تر صفتن کي حاصل ڪندي وڃي ڪمال (الله، مقصد) تائين پهچي.

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻ ڀي پائيوار



**باب ڇهون**

# دنيا ڪارڻ دين

قريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

اڃو تہ ڀهريان اهو سمجهؤن تہ دين ڇا آهي؟ قرآن حڪيم دين جي حقيقت ٻڌائيندي چوي ٿو:

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا ؕ لَا تَبۡدِيۡلَ لِخَـلۡقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ ۙ (الروم-30)

(اها الله تعاليٰ جي فطرت آهي، جنهن تي انسانن جي فطرت کي ٺاهيو ويو آهي. الله جي تخليق ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ايندي. اهوئي دين قائم آهي.)

وجود صرف الله تعاليٰ جو آهي. خارجي ڪائنات الله تعاليٰ جي فطرت آهي. اڃو تہ ڀهريان ڪائنات جو ماڊل (الله تعاليٰ جي فطرت) سمجهون. يورينيم جي ائٽم تي غور ڪريو. ان جي بناوٽ ڪي ليئو پاسي ڏسو. يورنيم جي ائٽم ۾ هڪڙو نيوڪلس (مرڪز) ٿيندو آهي. ان مرڪز جي چوڌاري ستن مدارن ۾ اليڪٽران گردش ڪندا رهندا آهن بلڪل اهڙيءَ طرح ڪائنات جو بہ هڪ مرڪز (نيوڪلس) آهي. ان مرڪز جي چوڌاري ڪائنات ۾ موجود سيئي جسم ستن آسمانن (مدارن) جي روپ ۾ گردش ڪندا ٿا رهن.

وَكُلٌّ فِىۡ فَلَكٍ يَّسۡبَحُوۡنَ ۝٤٠ (يٰس-40)

(ڪائنات جا سڀ جسم پنهنجي پنهنجي مدارن ۾ تري رهيا آهن.)

الَّذِىۡ خَلَقَ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ؕ (فرقان:59)

(ترجمو: الله تعاليٰ ست آسمان ٺاهيا تهہ در تهہ)

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

❁

ثُمَّ اسۡتَوٰی عَلَی الۡعَرۡشِ ۟

لفظ ”استويٰ“ جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ تي ڄمي ويهڻ يعني پوريءَ طرح غالب اچڻ.)

استويٰ الله تعاليٰ جي صفت آهي. ياد رکو ذات کان صفت جدا ڪونهي. العرش بادشاه جي ويهڻ جي جاءِ کي چئبو آهي.

ايٽم جي سيني کي چيري ڏسو ان جو نيوڪلس (مرڪز) ان جو عرش آهي. نظام شمسي تي غور ڪريو. سج ان نظام جو عرش آهي. اهڙيءَ طرح ڪائنات جو به مرڪز (عرش) آهي. ان جو نيوڪلس (مرڪز، عرش) ڪائنات جي جسمن تي ايئن غالب آهي جيئن ائٽم ۾ نيوڪلس، اليڪٽران تي غالب آهي. هڪ نور، ان جي هڪ فطرت.

اچو ته هاڻي توهان کي ڪائنات جو ماڊل زمين تي ٿا ڏيکاريون. ڪعبة الله تي نظر ڪيو. هڪڙو مرڪز آهي، ان جي چوڌاري ستن حلقن (آسمانن، مدارن) ۾ انساني جسم ائين گردش (طواف) ڪري رهيا آهن جيئن ڪائنات جا جسم مرڪز (عرش) جي چوڌاري گردش ۾ آهن. توهان ڪعبت الله جي مظهر تي طائرانه نظر وجهندئو ته طواف ڪرڻ وقت حاجي سڀورا اهو ڪم ڪري رهيا آهن جيڪو ڪم ڪائنات ۾ موجود سڀ جسم ڪري رهيا آهن. ڪعبة الله جو مظهر زمين تي ڪائنات جو ماڊل آهي. قرآن شريف جي هيءَ شهادت:

فِطۡرَتَ اللّٰہِ الَّتِیۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیۡہَا ؕ

(اها الله تعاليٰ جي فطرت آهي، جنهن تي انسانن جي فطرت کي ٺاهيو آهي.)

مٿين آيت پاڪ جي روشنيءَ ۾ ڪعبة الله جو مظهر اها حقيقت، دنيا جي سامهون پڌائي رهيو آهي ته جيئن ڪائنات ۾ موجود سيني جسمن جو مرڪز (نيوڪلس) هڪ آهي تيئن زمين جي سيني تي رهندڙ سيني انسانن جو مرڪز به هڪ آهي. جو ته آسمان کان وٺي زمين تائين هڪ ئي فطرت آهي. ڪائنات جنهن نظام (خدائي بادشاهت) تي ڪم ڪري رهي آهي ان کي ”دين“ چيو ويو ۽ زمين تي موجود انسانن کي جنهن نظام (آسماني بادشاهت) ۾ رهڻو آهي ان کي به ’دين‘ چيو ويو. آسمان جو نظام



ڪٽي، زمين تي موجود انساني جسمن تي غالب ڪرڻ کي ”دين“ چئبو. انسان ڪائنات جو جز آهي ۽ جز جي فطرت ڪل جي فطرت کان مختلف ٿي ڪونه سگهندي. سچي وحدت اها آهي ته زمين تي انسان جو سياسي نظام آسماني هجڻ گهرجي. انسان ڪائنات ۾ الله تعاليٰ جي نيابت ڪري ٿو. هاڻي جيڪڏهن انسان جي خواهش اها نه هجي، جيڪا خالق ڪائنات جو مقصود آهي ته پوءِ ان جي حرڪت ۽ ڪائناتي حرڪت ۾ مطابقت جي بجاءِ ٽڪراءُ پيدا ٿيندو. انسانذات کي الاهي فطرت ۾ سموئڻ ’دين‘ آهي. انجيل پاڪ ’دين‘ کي ”آسماني بادشاهت“ چوي ٿو. انجيل پاڪ ۾ آيو آهي:

”توهان اهڙيءَ طرح دعا ڪندا ڪريو ته اي اسان جا پيءُ..... تنهنجي بادشاهي اچي، تنهنجي مرضي جيئن آسمان تي پوري ٿئي ٿي، زمين تي به ٿئي.“ (متي6: 9_10)

انجيل پاڪ جي مٿين آيت ۾ اها دعا گهري وڃي ٿي ته خدا تعاليٰ جي مرضي، زمين تي (انساني جسمن جي ڪائنات ۾) انهيءَ نوراني جامعيت ۽ ڪامليت سان پوري ٿيڻ گهرجي جنهن ڪامليت سان، زمين کان ٻاهر ڪائنات (آسماني بادشاهت، خدا جي بادشاهت) ۾ پوري ٿي رهي آهي. دين (آسماني بادشاهت) ۾ داخل ٿيڻ واري کي قرآن حڪيم ’مسلم‘ ۽ انجيل پاڪ ’سلامتيءَ جو فرزند‘ چوي ٿو.

دنيا هاڻي قوم پرستيءَ کان اڳتي وڌي عالمگيريت جي وسيع آسمان جي طلب رکي ٿي. مشهور سياسي مفڪر Harold Laski پنهنجي ڪتاب Human Rights ۾ لکي ٿو:

”دنيا ۾ هن وقت انساني حالت جي تقاضا اها آهي ته هڪ عالمگير نظام جي تشڪيل ڪئي وڃي جنهن جا اراڪين دنيا جا سڀ ماڻهو هجن.“

هڪڙو ٻيو مفڪر چوي ٿو:

”بلڪل ڪليل لفظن ۾، ويهين صديءَ جي قيامت خيزين بعد، انسان ان نتيجي تي پهتو آهي ته هن زمين جي گولي تي رهندڙن کي هڪ اقتدار جي تابع آڻڻ ضروري آهي. اسان جو فرض آهي ته اسان ڪنهن نه ڪنهن طرح جمهوري انداز سان ان اقتدار واحد جي تشڪيل ڪيئون. ان لاءِ اسانکي انهن بنيادي اصولن جو اعلان ڪرڻ گهرجي، جن تي اهو اقتدار قائم ٿيندو ۽

Gul Hayat Institute

ان کان بعد ماڻهن کي ان طرف راغب ڪيو وڃي ته جيئن اهو مقصد خون ريزيءَ کان بغير مڪمل طور حاصل ٿي وڃي. جيڪڏهن ان مقصد جو حصول ان طرح ممڪن نه ٿيو ته پوءِ تاريخ جو فولادي هٿ اسانکي مجبور ڪندو ته اسان اڄان وڌيڪ خونريزي ڪيون ۽ موجوده دور کان وڌيڪ خطرناڪ جنگي هٿيار ٺاهيون." (Reves Emery, The Anatomy of Peace p.223)

ظاهر آهي ان نظام لاءِ هڪ مشترڪ ضابطہ حيات ضروري آهي. اهو ضابطہ حيات آسماني ڪتابن کان سواءِ ٻيو ٿي ڪونہ سگهندو. جنهن ڏينهن دنيا ان حقيقت کي سمجهيو ته ان ڏينهن عالمگير نظام حڪومت جي تعبير سامهون اچي ويندي. پر ان لاءِ سڀ کان پهريان ضروري آهي ته آسماني تعليم تي يقين رکڻ واري امت، پنهنجي اندر وحدت پيدا ڪري. ان قسم جي نظام کي عملي صورت ۾ آڻي ڏيکاري. انسان جي مقصد جي تڪميل، خانقاهن ۽ تجردگاهن ۾ ٿي ڪونہ سگهندي. اهو ڪم صرف آسماني بادشاهت (دين) ۾ ٿي سگهندو. ياد رکو تخليق ان حصي کي فروغ ڪونہ ڏيندي آهي يعني ان کي قائم ڪونہ رکندي آهي، جيڪو زندگيءَ لاءِ مفيد ثابت ڪونہ ٿو ٿئي.

مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْأَرْضِ ؕ

اها شيءِ، اهو مسلڪ حيات (نظريہ زندگي) اهوئي نظام انساني باقي رهندو جيڪو تمام نوع انساني لاءِ فائديمند هوندو.

هن وقت عالم انسانيت جو قافلو هڪ اهڙي ٻہ-واٽي تي اچي پهتو آهي، جتي انسان کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هو هميشہ جي زندگي چاهي ٿو يا هميشہ جي بربادي. ٽيون رستو آهي ئي ڪونہ. چونڊ انهن ٻنهي رستن مان هڪ جي ڪرڻي آهي. انسان جا خاص فرائض آهن. هاڻي جيڪڏهن اهو چاهي ته انهن کي بجا آڻي يا انهن کي بجا نہ آڻڻ جي سزا ڀوڳي. اها تقدير آهي ٻيو ڪو به رستو ڪونهي.

### دين (آسماني بادشاهت) ڇو ضروري آهي؟

انسان آسماني صحت چاهي ٿو. هميشہ لاءِ زنده رهڻ گهري ٿو. انسان جي اها فطري آرزو صرف دين (آسماني بادشاهت) ۾ داخل ٿيڻ سان ئي



پوري ٿي سگهي ٿي. دين (آسماني بادشاهت) ابديت جو شعور آهي. دنيا ۾ هن وقت تائين، جيڪي بہ تهذيبون مٽجي چڪيون آهن. انهن سڀني جي مٽجڻ جو هڪڙو ئي سبب هيو ته انهن جو نظام حيات، زندگيءَ جي مقصد سان مطابقت ڪونہ رکندو هو. نتيجي ۾ انهيءَ عدم مطابقت انهن کي فنا ڪري ڇڏيو. خدا تعاليٰ جو پيغام آڻيندڙ پيغمبر سڳورا انهن کي بچائڻ آيا. پر انسان انهن جي هڪ بہ نہ ٻڌي. خدا تعاليٰ جي طرف کان موڪليل پيغمبر سڳورن سان انسانن ڪهڙو برتاءُ ڪيو اچو ته ان جو احوال انجيل پاڪ کان ٿا ٻڌئون:

"ملڪ جي حاڪم هيرو ديس يسوع جي شهرت ٻڌي ۽ پنهنجي خادمن کي چيائين ته يوحنا بپتسمہ ڏيڻ وارو آهي. اهو مُردن مان جي اٿيو آهي ان ڪري ان کان اهي معجزا ظاهر ٿين ٿا. جيئن ته هيروديس پنهنجي ڀاءُ فلپس جي زال هيروديِاس جي سبب کان يوحنا کي پڪڙائي ٻڌوءِ قيد ۾ وجهي ڇڏيو هو. ڇو ته يوحنا ان کي چيو هيو ته ان جو رکڻ توکي روا ڪونهي. ۽ هو ان کي قتل ڪرائڻ چاهيندو هو مگر عام ماڻهن کان ڊڄندو هو ڇو ته اهي ان کي نبي ڄاڻن پيا. ليڪن جڏهن هيروديس جي سالگره ٿي ته هيروديس جي ڌيءَ محفل ۾ نچي هيروديس کي خوش ڪيو. ان تي ان قسم کڻي ان سان وعدو ڪيو ته "جيڪي ڪجھ تون گهرينءَ توکي ملندو." هن پنهنجي ماءُ جي سيکارڻ تي چيو ته مونکي يوحنا بپتسمہ ڏيڻ واري جو سر، ٿالهہ ۾ هتي آڻي ڏي. بادشاهہ غمگين ٿيو مگر پنهنجي قسمن ۽ مهمانن جي سبب ڪري ان حڪم ڏنو ۽ ماڻهو موڪلي قيدخانہ ۾ يوحنا جو سر ڪترايو ۽ ان جو سر ٿالهہ ۾ رکي آندو ويو ۽ ڇوڪريءَ کي ڏنو ويو. اها ان کي پنهنجي ماءُ وٽ کڻي وئي ۽ ان جي شاگردن اچي لاش کنيو ۽ ان کي دفن ڪيو ۽ وڃي يسوع کي خبر ڏنائون." (متي 14:1_12)

ياد رکو ته خدا تعاليٰ کي 'هڪ' چوڻ ان جي عددي وصف بيان ڪرڻ جي مترادف ڪونهي بلڪ ان اتحاد کي پنهنجي زندگي ۽ معاشري جو مرڪز ۽ محور بڻائڻو پوندو. خدا حقيقت ڪل آهي ڇو ته ڪائنات ۾ وجود صرف خدا جو آهي.

Gul Hayat Institute

دين، ابدي زندگي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي، سڀ کان پهرين ضرورت آهي. روٽي، ڪپڙي ۽ مڪان کان به وڌيڪ ضروري. اها انساني فطرت جي، آسماني رهنمائين سان، دائمي ميلاپ جي آرزو آهي. واحد سان واحد جو ميلاپ (فطرت سليم جي رنگ ۾ رنگجڻ ۽ نغمه ازل سان هم آهنگ ٿيڻ جي تڙپ. اهو سڀ هڪ عالمي حڪومت کان بغير ناممڪن آهي. دنيا جي سڀني انسانن کي ڪائنات وانگر هڪ مرڪز جي تحت ڏسڻ قدرت جي منشا آهي. خدا چاهي ٿو ته انسان، الاهي فطرت ۾ پاڻ کي لڪائي. هن آسماني حقيقت تي وري غور ڪندا هلو. ڪائنات جو هڪڙو مرڪز آهي جنهن جي چوڌاري وجود جون سڀ چڪيون يورينيم جي ائٽم وانگر، ستن آسمانن (مدارن) جي روپ ۾ گردش ڪري رهيون آهن. ڪعبة الله هڪڙو مرڪز، جنهن جي چوڌاري حاجي سڳورا ستن مدارن، آسمانن، دائرن ۾ طواف ڪندا آهن. ڪائنات جو نقشو زمين تي لهي آيو آهي، ڇو ته الله تعاليٰ انسان کي پنهنجي فطرت تي پيدا ڪيو آهي.

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِیْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیْهَا ؕ (الروم: 30)

## تاريخ تي نظر ڪريو:

انسان پنهنجي اختيار جو غلط استعمال ڪيو آهي. ان غلطيءَ جي نتيجي ۾ انتشار جي باهه ڪيس ساڙيندي آئي آهي. مسلمانن جو اهو عبادت گاهه ۽ ان جي آسماني Geometry جو ڪم زمين جي سڀني تي منتشر انساني جسمن جي ڪائنات کي انتشار مان ڪيڻ ۽ زندگيءَ جي مقصد کي حقيقت جو روپ ڏيڻ آهي.

ڪائنات جو سلسلو توازن تي قائم آهي. اهو توازن بگڙجي وڃي ته سلسلو درهم برهم ٿي ويندو. ڪائنات جي نظام ۾ سلامتي صرف ان ڪري قائم آهي ڇو ته هر وجود پنهنجي مقرر مدار تي گردش ڪندو ٿو رهي. يعني اهو مرڪز جي عبادت ۾ مخمور آهي. هڪ نوراني گرفت ۾ بند آهي. انسان جي سلامتي به ان فطري قانون سان وابسته آهي ته زمين تي رهندڙ هر وجود (انسان) مقرر ڪيل مدار تي گردش ڪري. ڪائنات جي سڀني دائرن جو مرڪز هڪڙو آهي. زمين تي موجود سڀني انسانن کي هڪ مرڪز جي چوڌاري گردش ڏيارڻ 'دين' آهي. سڀني انسانن جو مرڪز آهي ڪامل



سچائي، خدا، علم ڪل، عقل ڪل، حقيقت ڪل. قرآن شريف ۾ آيو آهي:

وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿۲۹﴾ (الحج: 29)

"انهن کي بيت العتيق يعني الله تعاليٰ جي پراڻي گهرجو طواف ڪرڻ گهرجي."

عربي زبان ۾ عتيق جي معنيٰ آهي قوت. تنهنڪري ڪعبة الله کي بيت المقدس هجڻ سان ان جو صاحب قوت ۽ شرف ان سان گڏ زماني جي لحاظ کان سڀني کان بلند ۽ اڳتي هجڻ آهي. ڪائنات ۾ قوت جي حڪومت آهي. ايٽم جي اندر ليئو پايو. مرڪز قوي آهي، ان ڪري اليڪٽران محڪوم آهن. سج قوي آهي، سيارا ان جو طواف ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪائنات جو مرڪز ايڏي قوت (نور) جو مالڪ آهي جو ڪائنات جا سڀئي جسم ان جي چوڌاري گردش ۾ آهن. علم قوت آهي، علم نور آهي. ڪائنات ۾ قوت جي حڪومت آهي زمين تي به قوت، علم ڪلي (نور) جي حڪومت هجڻ گهرجي. ذات کان صفت جدا ڪونهي.

هُوَ الَّذِيْ فِي السَّمَآءِ اِلٰهٌ وَّ فِي الْاَرْضِ اِلٰهٌ ؕ (زخرف: 84)

"اهو ئي الله آسمان تي معبود آهي ته زمين تي به معبود آهي."

اهو انسان، جيڪو علم ڪلي (خدا) سان لاڳاپيل آهي اهو دنيا جي سڀني انسانن جو قدرتي مرڪز (حاڪم) آهي. نور وٽ ئي نور رهندو آهي. عليم خدا جي صفت آهي ۽ ذات کان صفت جدا ڪونهي.

## مرڪز بقا جو ذريعو آهي:

قرآن حڪيم ۾ ان مرڪز جي خصوصيت اها ٻڌائي وئي آهي:

جَعَلَ اللّٰهُ الْكَعْبَةَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ قِيٰمًا لِّلنَّاسِ

بڻايو آهي الله ڪعبي کي احترام جوڳو ماڻهن جي استحڪام جي لاءِ.

ٻوٽي جو مرڪز ان جي پاڙ آهي جتان ان کي جيون رس ملي ٿو. ٻوٽي جي بقاءِ زندگي پاڙ سان وابسته آهي، ٻوٽي جي ڪا شاخ ڪٽي وڃي ته ان جي فنا يقيني آهي. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ سان دائمي رشتو زندگيءَ جي بقا جو ضامن آهي. عربي زبان ۾ قيام الشيءَ چئبو ته ان مان مراد ان جي حفاظت ٿيندي آهي. قيام يا قوام ان شيءِ کي چوندا آهن جنهن سان اها شئي مضبوط ۽ مستحڪم رهي سگهي. قيوم خدا تعاليٰ جي صفت آهي. قيوم مان مراد

Gul Hayat Institute

ٿيندي استحڪام ۽ توازن بخشڻ وارو، حفاظت ڪرڻ وارو ۽ سڀ شيون مهيا ڪرڻ وارو، جيڪي ان جي بقا ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهن. جنهن شيءِ جو توازن بگڙي وڃي ته اها قائم رهي نه ٿي سگهي. قيمُ اهائي شئي سگهي ٿي جنهن ۾ ڪا مليت هجي، ڪابه ڳجي نه هجي. خدا مرڪز آهي يعني علم ڪامل. سچ، مرڪز، نيوڪلس ئي بقا جو ضامن آهي.

## خدا جي مرضي تي هلڻ عظيم ڪامراني آهي:

قرآن شريف ۾ اچي ٿو ته مومن، ابتغاءُ مرضات الله جي زندگي بسر ڪندا آهن:

وَرِضۡوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكۡبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۷۲﴾ (توبه: 72)

ترجمو: ان جي مرضي، سڀني کان وڏيڪ آهي ۽ اها هڪ عظيم ڪامراني آهي.

خدا جي مرضي تي هلڻ مان مراد. خداوندي قانون سان هم آهنگي آهي. هن دنيا جون نعمتون مومنن لاءِ آهن ليڪن خداتعاليٰ ان جي لاءِ قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا آهن. ڪائنات جا سڀ معاملا ان جي متعين ڪيل قانونن جي مطابق عمل ۾ اچن ٿا. انسان جي زندگيءَ لاءِ به ان قانون مقرر ڪيا آهن. انسان جي هر عمل جو نتيجو، انهن قانونن مطابق مرتب ٿئي ٿو. ان سان گڏ اهو به ٻڌايو ويو ته خدا تعاليٰ انسان جي سامهون زندگيءَ جو هڪڙو مقصد مقرر ڪيو آهي ۽ جيڪي قانون عطا ڪيا آهن اهي ان لاءِ آهن ته انسان انهن قانونن مطابق زندگي بسر ڪري پنهنجي مقصود کي حاصل ڪري. خدا تعاليٰ جي فطرت تي هلڻو آهي ۽ فنا کان بچڻ جو اهوئي ذريعو آهي. الله جي راضي هجڻ مان مراد اها آهي ته خدا تعاليٰ جي پسنديده راهه جي مطابق هلجي ۽ انسانن جو خدا کان راضي هجڻ جو مقصد آهي الله تعاليٰ انهن تي نعمتن جي بارش وسائي. مومن جو هر عمل خدا تعاليٰ جي مرضيءَ مطابق ٿيندو آهي ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو الله انهن کان راضي ٿي ويندو آهي. رضى الله عنهم ورضواعنه (توبه: 100) رضي، يرضي ۽ رضوانه جي معنيٰ ٿيندي آهي ڪنهن سان متفق ٿيڻ، جنهن ۾ دل جي رضامندي ۽ خوشيءَ جو پهلو ملي ٿو. الله تعاليٰ جي رضا سان انسان جو نفس



مطمئن ٿيندو آهي ۽ ان جو رشتو جنت (ابديت) سان جڙي پوي ٿو. ياد رکو ابديت خدا تعاليٰ جي صفت آهي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

يٰۤاَيَّتُهَا النَّفۡسُ الۡمُطۡمَئِنَّةُ ﴿۲۷﴾ ارۡجِعِىۡۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً ﴿۲۸﴾ فَادۡخُلِىۡ فِىۡ عِبٰدِىۙ ﴿۲۹﴾

ترجمو: اي نفس مطمئن پنهنجي پروردگار جي طرف هل تون ان کان راضي ۽ هو توکان راضي، منهنجي بندن ۾ شامل ٿي ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ.

ڪنهن به وڻ جي هن دنيا ۾ سچ، ڌرتي ۽ موسمن سان جيتري هم آهنگي هوندي ته وڻ جي انفراديت اوتري ئي اعليٰ ٿيندي. دين سان توهان جي مطابقت جيتري گهٽي ٿيندي، ته توهان جي الله جي خليفي هئڻ واري انفراديت اوتري ئي سگهاري ٿيندي. دنيا ۽ آخرت جي پلائين ماٽڻ جو رستو اهوئي آهي. آسماني مرڪز سان هم آهنگي کان روگرداني توهان جي زندگيءَ جو زيان آهي ۽ اهائي جستجو آهي، جيڪا انسان کي روحاني مقام تي آڻي بيهاري ٿي. انسان کي گهرجي ته حقيقت جي روشنيءَ ۾ پنهنجي عمل کي، پنهنجي ذات جي مدد سان ئي مٿي کڻي. حقيقت ڪلي جي سڀني تقاضائن سان مطابقت پيدا نه ڪرڻ انسان جي وڏي ۾ وڏي بداخلاقي آهي. اسان جي زندگيءَ جي تارن جي سرجو روحاني (آسماني) سر سان هم آهنگ ٿيڻ ضروري آهي. درست اصولن کي زندگيءَ جو مرڪز بنائڻ سان ئي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڀرپور داخلي قوت پيدا ڪري سگهجي ٿي. انسان هن ڪائنات ۾ ڀٽڪڻ بجاءِ الوهي ماخذ ۾ واپس وڃڻ جي طلب رکي ٿو. ان قوت سان ئي اسان پنهنجي سڀني خوابن کي سچو بنائي سگهون ٿا. اهو مرڪز رهنمائي ۽ قوت مهيا ڪري ٿو. توهان جو آقا دولت ناهي بلڪه توهان خدا (حقيقت ڪل، علم ڪل، عقل ڪل) جا غلام آهيو. ان ڪري سڀني کان ڪٽجي صرف الله سان جڙي وڃو. الله بس باقي هوس. سيد لطيف ٿو چئي:

ماڻهو گهرن مال، آءُ سڀ ڏينهن گهران سپرين

نوراني وجود (مسلمان) خدا جي قانونن سان پوري هم آهنگيءَ جي زندگي بسر ڪندو آهي. انهن قانونن جا خوشگوار نتيجا به انهن سان هم آهنگ ٿي وڃن ٿا. جيڪي ڪجهه خدا جي چاهت آهي ان کي بنا شرڪ جي پورو ڪيو پوءِ جيڪي توهان جون تقاضائون هونديون خدا انهن کي

Gul Hayat Institute

پورو ڪندو. ابتدا انسان کي ڪرڻي آهي. سيد لطيف چوي ٿو:

حقيقت هڻي منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪڙو پساهه پريناءَ ري، سگهان تان نه ڪٽي،
ڏٺي ئي ڏٺي، رهيو آهي روح ۾.

قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۔(المزمل: 8)

سيني پاسن کان ڪٽجي صرف الله (حقيقت ڪل) جي طرف متوجه ٿي وڃو.

**انسان پوري جو پورو صرف الله تعاليٰ لاءِ ئي ٿي وڃي.**

خدا تعاليٰ جا قانون هر زمان ۽ مڪان ۾ هڪجهڙا آهن ۽ انهن قدرن، خيالات ۽ تعليمات جي شڪل ۾ نمودار ٿين ٿا جي ماڻهن کي سربلند، باعزت، طاقتور ۽ متحرڪ ڪن ٿا. معاشرتي زوال جي صورت ۾ اهي احمقانه افعال ظاهر ٿيندا آهن، جي درست اصولن جي خلاف ورزيءَ تي مشتمل ٿيندا آهن. اسان انهن فطري قانونن سان بغاوت ڪري عافيت سان رهي نٿا سگهئون. قرآن حڪيم قدرت جو قانون پيش ڪندي چوي ٿو:

اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ (محمد: 7)

توهان الله جي مدد ڪريو الله توهان جي مدد ڪندو.

”الله جي مدد“ ڪرڻ مان مراد آهي ته انسان زمين تي، پنهنجي ڪوشش سان آسماني بادشاهت (دين) کي قائم ڪري. انسان اڄ جنهن ڪاري ۽ ڀوائتي جهنگل ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ مسئلن جي دلدل کيس ڳهڻ لاءِ تيار بيٺي آهي. ان حالت ۾ جهنگل مان رستو ڳولهڻ توهان کي آسمان ٻڌائيندو ليڪن اهو ڳولهڻو توهان کي ئي آهي. جڏهن توهان ان جو نظام قائم ڪندؤ ته اهو نظام ئي توهان جو مددگار ٿي ويندو. توهان قانون خداوندي کي سامهون رکو مان (الله) توهان جي حقن جي حفاظت ڪندس ۽ توهان کي عظمت ڏيندس. اهو آهي خدا جو فرمان.

انسان جي پنهنجي ذات جي نشوونما انفرادي طور تي ٿي ڪونه سگهندي بلڪ اهو ڪل (اجتماعيت) جو جزو آهي، ۽ جيستائين ڪل جي ارتقا ڪونه ٿيندي تيستائين جز جي به ڪا ارتقا ٿي ڪونه سگهندي. اهڙيءَ



طرح نفس انساني جون ٻه حيثيتون آهن. اهو پنهنجي ذات تائين هڪڙو فرد آهي ليڪن ان سان گڏ هڪ ڪل جو فرد به آهي. زندگيءَ جون ممڪنات انهن ٻنهي جي جوهر ۾ بند آهن. ڪل، نوراني ان حالت ۾ ٿيندو جڏهن جز نوزاني ٿئي. اهو انهن ٻنهي جي اتحاد کان بغير ٿي ڪونه ٿو سگهي. اسان جون سڀ سعادتون ان اتحاد ۾ بند آهن. انساني سيرت جو راز (مرڪز جي حڪم) سان هم آهنگ ٿيڻ ۾ لڪل آهي. خارجي فطرت جي علامت ۽ داخلي آرزو ٻئي باهمي تعلق پيدا ڪن ٿا ۽ ٻئي هڪٻئي کي مدد ڏين ٿا. ان تعلق جو ٻيو نالو امن ۽ سڪون آهي. وقت جي ابدي وهڪري سان هم آهنگيءَ جو مطلب صرف هي آهي ته احڪام الاهي يعني قوانين قدرت جي سامهون سر جهڪايو وڃي. انسانيت جون سڀ تقاضائون صرف ان صورت ۾ قائم ٿي سگهن ٿيون. نور ابدي آهي ۽ خارجي ڪائنات ان جو ابدي پس منظر آهي. انسان فاني آهي. ان ڪري ابدي ۽ عارضيءَ جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪا به معنيٰ ڪونهي. جڏهن انهن کي انهن جي هم آهنگي ۾ ڏٺو وڃي تڏهن عارضي، ابدي ٿي وڃي ٿو. جيڪي ماڻهو نور جي نظام، آسماني بادشاهت (دين) ۾ پناهه وٺن ٿا ۽ الاهي فطرت سان مشابهت ۽ مطابقت پيدا ڪن ٿا ته اهي ئي ماڻهو ته فلاح ماڻيندا. عدم مطابقت ناشڪري، بي راه روي، بدنظمي ۽ عدم اطمينان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. زندگيءَ جي مقصد جي ابتڙ هلي رهيا آهيو يعني توهان ڪفر ڪري رهيا آهيو ته پوءِ توهان زندگيءَ سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو ٿا. موت توهان جو پاسو نه ڇڏيندو. ياد رکو ته اهو سڀ شر (شيطان) آهي جيڪو انسان جي لافانيت خلاف مصروف عمل آهي. تمام خوبصورتيون، اصل خوبصورتي جي ڪري ئي موجود آهن. اسان اهي فرائض انجام ڏيئون جيڪي اسان جي مقدر سان مطابقت رکن ٿا. انسان جي دهشت فطرت جي قانونن کي سمجهڻ سان ئي دور ٿي سگهي ٿي.

هر ڪم سڀاڻي تي ڇڏڻ، اها هڪ احمقانه حڪمت آهي. جيڪي ڪجهه رونما ڪرڻو آهي سو ’اڄ‘ ئي ڪرڻو آهي. هڪ درست تعليم ماڻهن کي حال ۾ جيئڻ سيکاري ٿي. اهو هاڻي اسان جي هٿ ۾ آهي ته اسان ان ننڍي شروعات سان لامحدود رفعتن ڏانهن وڌئون. دين کي ’هاڻي‘ ئي قائم ڪرڻو آهي. توهان هڪ اهڙي گهر کي پسند ڪريو ٿا جيڪو هميشه رهي.

Gul Hayat Institute

هن دنيا ۾ توهان اهڙو ڪوبہ گهر ڪونہ ٿا ماڻي سگهو جيڪو تعمير ڪان مٿانهون هجي. اسان کي دين قائم ڪري جنت ۾ داخل ٿيڻو آهي. ياد رکو تہ هاڻوڪو لمحوئي اسان جي اختيار ۾ آهي. جيڪو دين خدا تعاليٰ جي طرف کان مليو اهو سيني جي لاءِ هڪ هئو. سابقہ قومن وٽ خدا جو دين ايندو رهيو (انبياء ڪرام جي واسطن سان) انهن هر دور ۾ هڪ ئي حقيقت، هڪ ئي دين (آسماني بادشاهت) جو سبق ڏنو: قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّنَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّيُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ۝١٥٠ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ۝١٥١ (النساءِ: 151-150)

ترجمو: بيشڪ اهي ماڻهو جي الله ۽ ان جي رسولن ۾ جدائي چاهن ٿا تہ الله ۽ ان جي پيغمبرن جي درميان ڦوٽ وجهن ۽ چون ٿا تہ اسان بعض تي ايمان آڻيون ٿا ۽ بعض جا منڪر آهيون ۽ چاهن ٿا تہ ڪو وچون رستو استعمال ڪن اهي ئي اصل ڪافر آهن ۽ اهڙن ڪافرن جي لاءِ اسان رسوا ڪندڙ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

قرآن حڪيم ۾ الكٰفِرون حقا (اصلي ۽ سچو ڪافر) انهن ماڻهن جي لاءِ آيو آهي جيڪي هڪ نبيءَ جي ڪتاب کي مڃن، ۽ ٻين جي ڪتاب کي رد ڪن گويا اهو ثابت ڪرڻ چاهن ٿا تہ مختلف نبي، مختلف پيغام کڻي آيا هئا. ۽ اهڙيءَ طرح خدا ۽ پيغمبرن جي درميان لڙائي ڪرڻ چاهن ٿا. ياد رکو تہ دنيا جي انسانن کي الاهي فطرت ۾ سموئڻ لاءِ هڪڙو ئي دين هيو. اهوئي دين، ان مملڪت جو آئين هو جنهن کي رسول عربي ﷺ عمل ۾ آندو هو. دين کي ڇڏيو ويو. حقيقت ڪل جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا ويا. (جيڪا شرڪ جي پوائتي صورت آهي)

مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ۭ كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ۝٣٢ (روم: 32)

ترجمو: جن ماڻهن خدا جي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ گهڻا فرقا ٿي ويا هر گروه ان طريقي تي ناز ڪري ٿو جيڪو ان وٽ آهي.

حقيقت ڪلي کي حصن ۾ تقسيم ڪرڻ، ان کي مقاميت ۾ محدود ڪرڻ ۽ سچائي جا ٽڪرا ڪري باطل سان ملائڻ شرڪ آهي. حقيقت



ڪلي ۾ پاڻ کي لڪائڻ ئي اسلام آهي. ٻيءَ حالت ۾ شيطان جي اطاعت ٿي ويندي. هر غير خدا ئي نظام شيطاني نظام آهي.

اي ايمان وارو! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي ويو ۽ شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو.

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ

حق کي باطل سان نہ ملايو

حق ۾ باطل يعني روشني ۾ اونده کي ملائڻ شرڪ آهي. سيد لطيف جي هنن آيتن تي غور ڪريو:

وڏي تـــان ان واٽ ۾، ٻيلـــپ ٻيـــائي،
آهـــي اونـــداهيءَ جـــو شـــرڪ، سـهائي،
چٽـــي چٽـــائي، الـــف جـــي عينـــڪ ۾.

❊

وحـده لاشـريڪ لـہ، ايءُ هيڪڙائـي حـق،
ٻيـائي کـي ٻـڪ، جـن وڏو سـي ورسـيا.

❊

وحـــده لاشـــريڪ لـــہ، ايءُ وهـــائج ويءُ،
ڪتـين جـي هـارائين، هنـڌ تنهنجـو هـيءُ،
پـاڻهي چونـدئي پـيءُ، پـري جـام جنـت جـو.

❊

وحـــده لاشـــريڪ لـــہ، ٻــڌءِ نـــہ ٻـــوڙا!
ڪـہ توکنين نـہ سُـئا، جي گهـٽ انـدر گهـوڙا،
ڳـاڙيـنـدين ڳوڙها، جت شـاهد ٿيـنـدءِ سـامهان.

❊

وحـده لاشـرڪ لـہ جـان ٿـو چئـين ايـئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن،

Gul Hayat Institute

تان تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين ڪي.

❊

وحــده لاشــريڪ لــه، چئــي چونــدو آءُ،
فــرض، واجــب، ســنتون تينــو تــرڪ م پــاءِ،
توبهـ ســندي تســبيح، پــڙهڻ ســان پچــاءِ،
نانگا پنهنجي نفس کي ڪا نئين راه سونهاءِ،
تــ ســندي دوزخ باهــ، تــو اوڏيــا ئــي نــ اچــي.

❊

تــن تســبيح مــن مڻيــو دل دنبــورو جــن،
تنــدون جــي طلــب جــون، وحــدت ســروڄن،
وحــده لاشــريڪ لــه، اهــو راڳ رڳــن،
ســي ســتائي جــاڳن، ننــڊ عبــادت جــن جــي.

❊

ٻــن ڏيئــي ٻــين کــي، هلــج پاســي هيــڪ،
ورنـ سهي ويـڪ، تون ٽيڏي! ٽيـڏايون ڪـرين!

❊

آئــون اوريــان جهــل تــون، ڇــڏيم پــاڻ پچــار،
شــرڪ ســاڻ ســتار! گهــٽا گهــايم ڏينهــڙا.

شرڪ جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اچو تہ چند مثالن تي غور ڪريون:
توهان خالص کير ۾ پاڻي ملائيندئو تہ کير، قوت ڏيڻ جي بجاءِ بيماري جو سبب ٿيندو. خالص کير حق هيو توهان (باطل) يعني ان ۾ پاڻي ملايو اهو آهي شرڪ. دوا ۾ ملاوٽ هوندي تہ اها شفا ڏيڻ بدران هلاڪت جو سبب ٿيندي، اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انسان جي تقدير جنهن نظام حڪومت (دين) سان وابستہ ڪئي آهي ان کان روگرداني ڪري باطل نظام تحت زندگي گذارڻ شرڪ جي انتهائي ڀوائتي صورت ۽ ظلم عظيم آهي. مشرڪ جي پوري زندگي هڪ هر جهتي ۽ همہ وقتي ظلم ٿي وڃي ٿي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:



اِنَّ الشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيۡمٌ ﴿۱۳﴾ (لقمان-13)

مشرڪانہ نظامن مثلاً بادشاهت، آمريت، مغربي جمهوريت جي تحت رهندي انسان جو هر پل ظلم ٿي وڃي ٿو: عربي زبان ۾ ظلم جي معنيٰ آهي حد کان تجاوز ڪرڻ، ڪن ماهرن جو چوڻ آهي تہ ان جي معنيٰ ڪنهن شيءِ کي ان جي صحيح مقام تي نہ رکڻ خواه ان ۾ ڪمي يا زيادتي ڪئي وڃي يا ان کي صحيح جڳهہ تان هٽايو وڃي. ڪنهن شيءِ جو توازن بگڙجڻ. تاريڪي آڻڻ. الظالم ان ماڻهوءَ کي چئبو آهي جيڪو ٻين جي حقن کي ڦٻائي. عربي زبان ۾ هڪڙو مثال آهي:

مَنِ اَسۡتَرۡعَى الذِّئۡبَ فَقَدۡ ظلم ان جي معنيٰ هي آهي تہ جنهن اها، توقع ڪئي تہ بگهڙ ان جي ڌڻ جي نگهباني ڪندو تہ اهو چڻ ان ظلم ڪيو. يعني بگهڙ کي ان صحيح مقام تي ڪونہ رکيو. سوة بقره ۾ آيو آهي:

مَنۡ يَّتَعَدَّ حُدُوۡدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۲۲۹﴾ (البقرہ: 229)

يعني جيڪي ماڻهو الله جي حدن کي اورانگهن ٿا ظالم آهن.

ياد رکو ظلم، عدل جو ضد آهي.

**شرڪ ناقابل معافي گناهہ آهي:**

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغۡفِرُ اَنۡ يُّشۡرَكَ بِهٖ وَيَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِكَ لِمَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَمَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيۡدًا ﴿۱۱۶﴾ (النساءِ: 116)

”الله وٽ بس شرڪ جي ئي معافي ڪونهي ان کان سواءِ سڀ ڪجهہ معاف ٿي سگهي ٿو، جنهن کي معاف ڪرڻ چاهي. جنهن الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو تہ اهو تہ گمراهيءَ ۾ ڏاڍو پري نڪري ويو.“

اِنَّهٗ مَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ حَرَّمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِ الۡجَـنَّةَ وَمَاۡوٰىهُ النَّارُ ؕ وَمَا لِلظّٰلِمِيۡنَ مِنۡ اَنۡصَارٍ ﴿۷۲﴾ (مائدہ: 72)

”حقيقت اها آهي تہ جنهن الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪيو تہ ان تي الله تعاليٰ جنت حرام ڪري ڇڏي ۽ ان جي رهڻ جي جاءِ جهنم آهي ۽ اهڙن ظالمن جو ڪوبہ مددگار ڪونهي.“

الاهي فطرت جي لاءِ بيگانہ نصب العين (جي انسان جي روح تي ڪوبہ اثر نٿا ڇڏين) ۽ خواهشن جي محبت کان نفس جيترو آزاد هوندو اوترو ئي

Gul Hayat Institute

پنهنجي آسماني نصب العين جي قريب ٿيندو. آسماني حڪمت کي انسان کان جدا ڪرڻ بدترين ڏوهہ آهي. حق (حقيقت ڪلي) ۽ علم ڪلي (خدا) ئي اقتدار جو مالڪ آهي. ان جي حڪم جي خلاف ورزي ڪري باطل جو حڪم مڃڻ سڀ کان وڏي تباهيءَ جي نشاني آهي ۽ اڄ تائين دنيا ان تباهيءَ ۾ ئي ڦاٿل رهي آهي. "خدا سان ڪفر" ڪرڻ رڳو بتن يا مُردن جي پرستش ڪرڻ ڪونهي بلڪ ڪفر جي اعليٰ حالت اها بہ آهي تہ انسان، خدا تعاليٰ جي بڌايل قانونن کي ڇڏي ڪري، انسانن جي ٺاهيل قانونن کي اوليت ڏئي. انسان ان جو بندو ٿيندو آهي جنهن جو حڪم مڃيندو آهي. غير خدائي قوتن تي ڀروسو ڪرڻ وارا ۽ شيطاني اقتدار کي تسليم ڪرڻ وارا مشرڪ آهن. ياد رکو جيڪڏهن مرڪز ۾ ظلمت ڀريل آهي تہ پوءِ ٻاهر بہ ظلمت ئي ڦهلبي. هڪ خدا، ان جو عطا ڪيل هڪڙو ضابطہ زندگي (دين)، ان تي هلڻ واري هڪ امت، ان امت جو هڪڙو ئي عدل ۽ انصاف وارو نظام. اها آهي توحيد. ان جي ابتڙ جيڪي آهي سو سڀ بدبختي آهي، شر آهي يعني روحاني آلودگي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

إِنَّمَا الْمُشْرِكُونَ نَجَسٌ (توبہ: 28)

"مشرڪ يقيناً آلودگين سان ڀريل ٿيندا آهن."

مٿين آية پاڪ جي روشنيءَ دنيا جي موجوده حالت تي غور ڪريو. انسان روحاني آلودگي (ڪفر) ۾ بري طرح ڦاٿو پيو آهي. ياد رکو آسماني تعليم دنيا مان شرڪ کي مٽائڻ ۽ توحيد کي قائم ڪرڻ لاءِ آئي هئي. هر غير خداوندي قانون ۽ آئين کان انڪار ۽ قانون خداوندي جو عملي اقرار، اهو آهي لااله الاالله جو مقصد. ياد رکو مسلم ۽ مشرڪ هڪ ٻئي جا ضد آهن. جيڪي قوتون ۽ خصوصيتون خدا جي لاءِ مختص آهن انهن ۾ غير خدائي قوتن کي شامل ڪرڻ شرڪ آهي. قرآن حڪيم هر وقت لاءِ آهي. اهو ڪنهن بہ زمان يا مڪان سان مخصوص ڪونهي. اڄ بہ قدرت جو اهو 'قانون حرڪت' ڪم ڪري رهيو آهي.

سيد لطيف ٿو چئي:

آئون اوريان جهل تون، ڇڏيم پاڻ پچار،
شرڪ ساڻ ستار! گهڻا گهاريم ڏينهڙا.



دنيا ۾ ڪيترا انسان آهن جي ايمان جي دعويٰ تا ڪن ليڪن قرآن حڪيم جو فيصلو آهي تہ:

وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُمْ بِاللَّهِ إِلَّا وَهُمْ مُشْرِكُونَ ﴿١٠٦﴾

"انهن مان ئي اڪثريت انهن جي آهي جيڪي خدا تي ايمان اهڙيءَ طرح جو رکن ٿا جو ايمان جي باوجود مشرڪ هوندا آهن."

"ايمان رکڻ باوجود اهي ماڻهو مشرڪ آهن" چاڪاڻ تہ انفرادي يا اجتماعي طور، سياست توڙي معيشت ۽ معاشرت ۾ غير خدائي قوتن تي انحصار رکڻ شرڪ آهي جنهن ڪري اڄ دنيا ۾ ڪٿي بہ دين (علم ڪلي) جي حڪومت ڪونهي. مسلم امت قدرت جو اهو حقيقي فرض قطعاً وساري ڇڏيو آهي. ياد رکو محدود ۽ لامحدود (انسان ۽ خدا) اهڙيءَ طرح هڪٻئي سان جڙيل آهن جو انهن کي جدا ڪرڻ خطري کان خالي ڪونهي. اسان لامحدود (الله) جي علم جي بدولت ئي ابديت حاصل ڪري سگهئون ٿا.

جيڪڏهن سياسي (اجتماعي) زندگيءَ کي الله تعاليٰ جي ڪائناتي قانون کان الڳ ڪيو ويجي تہ اها انتهائي پست سطح جي زندگي ٿيندي. حقيقي انفرادي ترقي، ٻين ماڻهن، دنيا ۽ ڪائنات سان لاڳاپي جو لازمي نتيجو آهي. سماج کان ڌار يا سماج دشمنيءَ ۾ بسر ٿيندڙ زندگي حق سان بغاوت ۾ ئي گذري ٿي. انسان ابديت (خدا) کان پري ٿيندو ويجي ٿو. حقيقت ڪلي (خدا) جي احڪامن جي روشني ۾ حڪومت نہ ڪرڻ ڪفر آهي. جيڪا قوم آسماني تعليم مطابق حڪومت ڪونہ ٿي ڪري ڪافرانہ حڪومت آهي. قرآن حڪيم جي هن فيصلي تي غور ڪريو:

وَمَنْ لَمْ يَحْكُمْ بِمَا أَنْزَلَ اللَّهُ فَأُولَئِكَ هُمُ الْكَافِرُونَ ﴿٤٤﴾ (مائده: 44)

جو حڪومت نہ ڪري، ان جي مطابق، جيڪي الله تعاليٰ لاٿو آهي تہ اهڙا ماڻهوئي تہ ڪافر آهن.

اقتدار اعليٰ جو حق صرف حقيقت ڪلي (خدا) کي حاصل آهي. ان حقيقت کي ذهن ۾ رکو تہ خدا تعاليٰ جي اطاعت، قوانين خداوندي جي محڪومي آهي جي خدا تعاليٰ، انسان کي بلند ڪرڻ لاءِ بنايا آهن. حڪمراني ڪرڻ ۽ حڪم ڏيڻ جو حق صرف خدا کي آهي.

وَلَا يُشْرِكُ فِي حُكْمِهِ أَحَدًا ﴿٢٦﴾ (ڪهف: 26)

Gul Hayat Institute

اهو پنهنجي حڪومت ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪونہ ڪندو آهي.

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ (طٰهٰ: 114)

۽ الله تعاليٰ جو حقيقي بادشاه آهي، وڏو اعليٰ شان وارو آهي.

جيڪو خالق آهي، حاڪم بہ اهوئي آهي. حڪم ان جو آهي. نفساني خواهشات مطابق ڏنل هر حڪم باطل آهي، بربادي ۽ فنا آهي. تاريخ تي غور ڪريو. حڪمرانن سڌي يا اڻ سڌي طرح پنهنجون خواهشون مسلط ڪيون آهن. حالانڪ:

اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ (يوسف: 40)

ان حڪم ڏنو آهي تہ ان کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبوديت (محڪوميت) اختيار نہ ڪريو.

اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَ الْاَمْرُ ؕ (اعراف: 54)

خبردار، خلق ان جي آهي ۽ امر بہ ان جو آهي.

يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ

ماڻهو پڇن ٿا تہ ڇا امر ۾ اسان جو بہ حق آهي؟ توهان چئي ڏيو تہ امر پورو الله جي لاءِ آهي.

غور جو مقام آهي تہ آسماني بادشاهت (دين) جي مرڪز جي اطاعت، خود خدا جي اطاعت هئي ڇو تہ اهو مرڪز، خدا تعاليٰ جي حڪمن جي اطاعت ڪرائي ٿو. اهو ابدي ۽ نہ متجندڙ قانون دنيا جي سڀني قومن کي هر وقت هڪ ئي مالڪ (خدا، حقيقت ڪلي) جي ڳالهہ ڪري ٿو. عالمي قومن جو اتحاد، آسماني اخلاق ۽ ترقي پسندانہ اصولن تي هجڻ گهرجي. جيڪو خدا تعاليٰ جي قانونن کي ڄاڻندو اهوئي مزا ماڻيندو. الله تعاليٰ بي نياز آهي. اسان کي ان جي طرف اچڻو پوندو. ابتدا انسان جي طرف کان ٿيڻ گهرجي. انسان کي گهرجي تہ الاهي فطرت ۾ سمائجي وڃي. جيڪڏهن انسان ايئن نہ ڪندو تہ پوءِ اهو ڄاڻي ۽ ان جا ڪم. اسان هن وقت پوئين قسم جي دنيا ۾ جي رهيا آهيون.

دنيا ۾ جيترا بہ نبي آيا انهن کي هر زماني ۾ هڪ ئي سڀ کان وڏي رڪاوٽ هئي. يعني سندن مخاطب قومن جو آبائي مذهب، ۽ اهڙي قسم جو



آبائي مذهب هڪ ريتن رسمن جي تقليد تي ٻڌل ٿيندو آهي. انبياءَ ڪرام ساديءَ زبان ۾ دليلن جي پوري قوت سان، ماڻهن جي سامهون حق پيش ڪندا آهن تہ جيئن خدا جي بندن تي خدا جي رحمت جا دروازا کلن جيڪي انهن جي جهالت ڪري بند پيا آهن. انهن قومن وٽ هڪ طرف انهن جو اهو موروثي مذهب هو جيڪو شرڪ جي بنياد تي قائم هيو ۽ اهي ان تي بريءَ طرح ڄميا ويٺا هوندا آهن ڇاڪاڻ تہ تقليد ذهنن کي جامد بڻائي ڇڏي ٿي. قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ (لقمان: 21)

۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو تہ جو ڪجهہ الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي ان جي پيروي ڪريو تہ چون ٿا تہ نہ، اسان ان جي پيروي ڪنداسين جنهن تي اسان پنهنجي پيءُ ڏاڏي کي هلندي ڏٺو آهي.

ٻئي هنڌ آيو:

وَكَذٰلِكَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ ﴿٢٣﴾ قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٢٤﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ (زخرف: 25-23)

”۽ اهڙيءَ طرح جو اسان موڪليوسين، توکان پهريان (خبردار ڪرڻ) ڊيڄارڻ وارو ڪنهن بستيءَ ۾، تہ چوڻ لڳا اتان جا دولتمند، اسان ڏٺو آهي پنهنجي پيءُ ڏاڏي کي هڪ راهہ تي، ۽ اسان انهن جي ئي قدمن تي هلئون ٿا. اهو چوڻ لڳو جو آڻيان ان کان وڌيڪ سمجهہ جي راهہ، جتي ڏٺو توهان پنهنجي پيءُ ڏاڏي کي تہ چوڻ لڳا تہ اسان توکي ڪونہ ٿا مڃئون. پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو.“

اڄوڪي ائٽمي تهذيب کي سامهون رکو ۽ پوءِ هيٺين آية پاڪ تي غور ڪريو:

فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ (مؤمن: 83)

”جڏهن انهن وٽ انهن جا رسول دليل کڻي آيا تہ اهي انهيءَ علم ۾ مگن رهيا جيڪو انهن وٽ هيو.“

هتي علم مان مراد اهو مذهب آهي جيڪو زمانن گذرڻ باوجود بہ انهن

قومن وٽ مقدس ٿي ويو هو. اڄوڪي اٿئمي دور جي انسان جي به اهائي حالت آهي. اهو ان علم تي ناز ٿو ڪري، جيڪو وٽس موجود آهي. جيتوڻيڪ حقيقت ڪلي (دين) کان اهي هن وقت به پري آهن بلڪ انهن جي جزوي عقل تي مبني نظريا ۽ فلسفا، زمين تي موجود زندگيءَ جي وجود لاءِ ئي خطرو بڻجي چڪا آهن. بر ۽ بحر ۾ فساد مچي چڪو آهي.

**الله تعاليٰ سان محبت:**

حُب جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ جي ثابت قدمي ۽ خلوص ۽ استقامت سان اطاعت ڪرڻ ۽ ان کان ٿورو به هيڏي هوڏي نه ٿيڻ. وري ان حقيقت کي ذهن ۾ تازو رکو ته خدا جي اطاعت جي معنيٰ ان جي قانونن جي اطاعت آهي. نور انهن ثمرات ۽ نتيجن جو حاصل ٿيندو آهي جيڪي قوانين خداوندي جي اطاعت جو لازمي نتيجو آهن. خدا تعاليٰ جي محبت ۾ رنگجڻ گويا تقدير جي گهراين ۾ گهرڻ آهي. تقدير جي اطاعت ئي آسماني تعليم جو مقصود ۽ مطلوب آهي.

درست قانونن کي زندگيءَ جو مرڪز بڻائڻ ئي پنهنجي اندر نوراني قوت پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي. اهو مرڪز رهنمائي ۽ قوت مهيا ڪري ٿو. اهو مرڪز لافاني ۽ هميشه جوان آهي. ان سان تعلق ۾ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪريو. عبادت سان ملڻ واري قوت کي دنيا ۾ ”محبوب جي مرضيءَ مطابق بدلائڻ“ جي ڪم ۾ آڻڻو آهي. خدا سان دانشورانه محبت ئي سڀ کان وڏي لذت ۽ سڪون آهي. مرڪز نور سان پريل آهي. ان جو چيو مڃڻ سان انسان به نور سان پرجي ويندو. پنهنجي مثبت پهلوءَ جي حوالي سان، ڪائنات ۾ موجود الله جي فطرت سان وحدت قائم ڪرڻي پوندي. آسماني تعليم هن تاريڪ ۽ منتشر انساني جسمن جي ڪائنات ۾ خدا جي نور جي ترجماني ڪري ٿي ۽ اميد جو واحد سرچشمو آهي.

آسماني تعليم هر وقت ياد ڏياريندي رهي ٿي ته ڪهڙا اصول آهن جن جي مطابق قومن کي زندگي عطا ٿيندي آهي ۽ ڪهڙي روش آهي جنهن سان اهي تباهيءَ ۾ ڪرن ٿيون:

يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَاۗءُ وَيُثْبِتُ ښ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ (رعد: 39)

خدا تعاليٰ جو قانون هي آهي ته جيڪا قوم يا فرد مٽجڻ چاهي ٿو ته ان



کي مٽايو وڃي ۽ جيڪو ثبات ۽ استحڪام چاهي ان کي ثبات عطا ڪيو وڃي. زندگيءَ ۾ صرف تغير ئي ڪونهي بلڪ ثبات ۽ حفظ پڻ آهن. ان جو اهو قانون ڪائنات جي ڪاروهنوار ۾ نافذ آهي ۽ ان جو اصل بنياد خدا آهي. ان ڪري ان ۾ تبديلي پيدا ٿي ڪونه سگهندي. موت ۽ حيات جو قانون ان لاءِ متعين ڪيو ويو آهي ته جيئن نمايان طور سامهون اچي وڃي ته توهان مان ڪير، اهڙا ڪم ڪري ٿو جو ان جي قانون مطابق زندگي بخش آهن ۽ ڪير اهڙو آهي جيڪو پنهنجي مٿان هلاڪت وارد ڪري ٿو. آسمان چوي ٿو ته واضح ۽ غير مبهم قانون ان لاءِ ناهيو ويو آهي ته جيئن:

لِّيَهْلِكَ مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَيِّنَةٍ وَّيَحْيٰى مَنْ حَيَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ (انفال: 42)

جنهن کي هلاڪ ٿيڻو آهي واضح قانونن (جي مطابق هلاڪ ٿئي) ۽ جنهن کي زنده رهڻو آهي اهو به واضح قانونن (جي ذريعي) زنده رهي ۽ الله تعاليٰ بيشڪ (سڀڪجهه) ٻڌڻ وارو ۽ هر ڳالهه جو علم رکڻ وارو آهي.

قرآن شريف جي هن آية تي غور ڪريو:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۭ (رعد: 11)

الله تعاليٰ ڪنهن قوم جي حالت ان وقت تائين تبديل ڪونه ڪندو آهي جيستائين اها پنهنجي حالت پاڻ نه تبديل ڪري.

سڀني تبديلين جي علت خود انسان آهي. چاهي ته هو پنهنجي ڪوشش ۽ حالات آهر وڌيڪ ترقي ڪري يا جهڙو هو پيدا ٿئي ٿو اهڙو ئي مري وڃي. ترقي خاص متعين حالات ۾ ئي ممڪن آهي. اهو جن اسباب جي تخليق ڪندو، جنهن قسم جو نظام زندگي ناهيندو، ان جي مطابق ان جي حالت تبديل ٿيندي. انسان پنهنجي تقدير جي تشڪيل تي پاڻ ئي قادر آهي. هيءَ ممڪنات جي دنيا آهي ان ۾ امر تخليق هر وقت جاري رهندو. خدا تعاليٰ انسان جي تخليقي جدتن جي تقاضا ڪري ٿو. هو انسان جي آزاديءَ جي ڪارنامن جو منتظر آهي. تبديلي ۽ ترقي ان وقت ممڪن آهي جڏهن انسان پاڻ ان لاءِ ڪوشان هجي ۽ پوءِ حق جي مدد به حاصل ڪري. زبردستي خدا (ابديت، حقيقت ڪل) سان رشتو ڳنڍيجي ڪونه سگهندو. اهوئي سبب آهي جو قرآن حڪيم چوي ٿو ته دين ۾ ڪابه زبردستي

Gul Hayat Institute

ڪونهي: لَآ اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ ۙ

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِى الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ (حج: 78)

ان دين جي معاملي ۾ ڪا بہ تنگي ڪونہ ڪئي آهي. وڏو اڳتي انسان ڪي آهي. جهڙو عمل ٿيندو ردعمل بہ اهڙوئي ٿيندو: اهوئي قدرت جو قانون آهي. خدا جي سنت اها ئي آهي.

اِنَّا هَدَيْنٰهُ السَّبِيْلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوْرًا ۝ (دهر: 3)

اسان ان جي لاءِ رستو واضح ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي جي هو چاهي تہ ان کي اختيار ڪري ۽ چاهي تہ ان جو انڪار ڪري.

حق جي چاهت ۽ حق جو انڪار، ان جو فيصلو ڪرڻو توهان کي آهي. بندگي ڪيو يا بغاوت. ان لحاظ کان توهان کي اختيار آهي. ياد رکو! جيڪا قوم قدرت جي ارادن سان، تعاون ڪرڻ جي صلاحيت نٿي رکي تہ ان کي متايو ويندو آهي چو تہ ان جا فرد پنهنجي بربادي پاڻ ٿي جمع ڪندا آهن. پوءِ ان جي جاءِ تي ٻي قوم کي آندو ويندو آهي.

جيڪڏهن انسان آب حيات حاصل ڪرڻ چاهي ٿو تہ پوءِ ان جي سرچشمي سان رسمي نہ بلڪ حقيقي تعلق قائم ڪرڻو آهي.

الله تعاليٰ دنيا ۾ جيترا بہ نبي ۽ پيغمبر موڪليا انهن سيني هڪ ئي نور جو پيغام ڏنو. اهي سڀ دنيا ۾ دين (آسماني بادشاهت) قائم ڪرڻ لاءِ آيا هئا تہ جيئن دنيا جي انسانن کي جهالت جي تاريڪي مان ڪڍي نور (علم ڪلي، ابديت) جي دنيا ۾ آڻن. قرآن شريف جي هنن آيتن تي غور ڪريو:

اِنَّآ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ (مائده: 44)

"اسان توريت کي لاٿو ان ۾ هدايت ۽ نور آهي."

انجيل پاڪ جي لاءِ اچي ٿو:

وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ فِيْهِ هُدًى وَّنُوْرٌ ۙ (مائده: 46)

"انجيل ۾ نور ۽ هدايت آهي."

نوراني هدايت جو نتيجو نور جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي:

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِىْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝ (الاعراف: 157)



(سو جن ماڻهن ان نبيءَ تي ايمان آندو ۽ ان جو ساٿ ڏنو ۽ ان جي مدد ڪئي ۽ ان جي نور جي پيروي ڪئي جو ان سان گڏ لاٿو ويو آهي سو اهي ئي ماڻهو تہ آهن فلاح پائڻ وارا.

انبياءَ جي اچڻ جي مقصد تي وري غور ڪريو:

الٓرٰ ۫ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ۬ (ابراهيم: 1)

"الف- لام- را- هيءَ هڪ ڪتاب آهي، جو اسان توتي نازل ڪيو آهي تہ جيئن ماڻهن کي اونداهي کان روشنيءَ ڏانهن ڪڍين."

سورة بقره ۾ نور جي مقابلي ۾ ظلمت جو لفظ آيو آهي، جنهن جي معنيٰ اونداهي آهن. نور، سچ آهي، حق آهي، هڪ آهي. حقيقت هر ڪنهن جي لاءِ هڪ آهي. ظلمات ذهن انسانيءَ جون پيدا ڪيل توهم پرستون ۽ غلط انديشا آهن. سچ جي تعليم هڪ ئي آهي ليڪن ذهن انسانيءَ جون پيدا ڪيل اونداهيون مختلف قسمن جون آهن. اهوئي سبب آهي جو نور جو جمع استعمال ڪونہ ٿيو آهي پر ظلمات بطور جمع آيو آهي. حقيقت هڪ ئي ٿيندي آهي ۽ افسانا مختلف ٿيندا آهن.

هُوَ الَّذِىْ يُصَلِّىْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ (احزاب: 43)

"اهو اهوئي آهي جيڪو پنهنجي بندي تي صاف آيتون نازل ڪري ٿو تہ جيئن جهالت جي انڌيريءَ مان ڪڍي نور (علم ڪلي) ۾ دنيا ۾ آڻي."

دنيا ۾ هر نبي ۽ پيغمبر ان ڪري آيو تہ جيئن دنيا ۾ دين قائم ڪري. دنيا ان وقت دين ٿي وڃي ٿي جڏهن ان تي آسماني قانون حڪومت ڪن ٿا.

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِىْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَلَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ (شورى: 13)

" توهان جي لاءِ اهوئي دين مقرر ڪيو آهي جنهن متعلق نوح کي هدايت ڪئي وئي هئي ۽ اسان تنهنجي طرف وحي موڪلي ۽ جيڪا هدايت اسان ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڪئي (اها هيءَ هئي تہ) دين قائم ۽ برقرار رکو ۽ ان ۾ تفرقو ايجاد نہ ڪيو."

آخر ۾ سيد لطيف جي هن شعر تي وري غور ڪريو:

Gul Hayat Institute

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

خدا تعاليٰ دنيا ۾ جيڪي بہ نبي يا پيغمبر موڪليا انهن جي وڏي ۾ وڏي Duty اها هئي تہ زمين تي دين کي قائم ڪن. ڇو تہ دين (آسماني) تہ اها سرزمين آهي جتي ابديت اسان جي لاءِ لازوال جواني ۽ لازوال صحت سان استقبال ڪرڻ لاءِ بيتاب آهي. دين ڇا آهي؟ زمين جي سيني تي موجود انساني جسمن تي جڏهن آسماني قانون نافذ ٿين ٿا تہ دين جنم وٺي ٿو:

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِیۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیۡهَا ؕ لَا تَبۡدِیۡلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّیۡنُ الۡقَیِّمُ ٭ (روم: 30)

قرآن حڪيم انسانن جي سياسي نظام ۾ هم آهنگي، اخلاقي ۽ سماجي قانونن جي پيروي ۽ فرضن جي ادائگي کي ‘عدل’ جو نالو ڏئي ٿو. معاشرو نہ صرف، فردن جي مجموعي جو نالو آهي بلڪہ هڪ فرد، رياست جو اختصار بہ آهي. ياد رکو مملڪت جو دستور جيترو غير آسماني هوندو مملڪت جا شهري اوترو ئي سچي خوشي، حقيقي مسرت ۽ سڪون کان پري هوندا. اطاعت تعليم جي ذريعي، روح جي معرفت ۽ ان جي نشونما جو نالو آهي. حق تي عمل درآمد ئي انسان جو بنيادي مقصد آهي. آسماني تعليم خواب ۾ گرفتار انسان کي ننڊ مان جاڳائي ٿي. قدرت چاهي ٿي تہ هر طرف سنائي، چڱائي، نيڪي ۽ انصاف هجي. عقل سليم انهن جي مجموعي جو نالو آهي.

اسان جي جستجو دنيا جي وڏي ۾ وڏي اهم مسئلي لاءِ هجڻ گهرجي يعني نيڪي ۽ بدي جي ڄاڻ. مثالي مملڪت جو مقصد نيڪ يعني ڪامل زندگيءَ جو حصول آهي. ڪمال کي حاصل ڪرڻ جو حق، دنيا جي هر انسان کي حاصل آهي. ياد رکو سٺا انسان، سٺي حڪومت ئي پيدا ڪري سگهي ٿي، اهو آهي قانون قدرت. آسماني انسان آسماني نظام حڪومت ۾ ئي پيدا ٿي سگهن ٿا، اها ئي تقدير آهي.

قرآن حڪيم ان لاءِ نازل ڪونہ ٿيو تہ گهرن ۾ طاقن تي پيو هجي، ان تي مٽي چڙهي وڃي يا ڪڏهن ڪڏهن ان جي تلاوت ڪيون. ۽ ان کي ايتري حد تائين هيٺ ڇڪي اچئون جو انفرادي ۽ اجتماعي زندگي ۾ ان جو معمولي عڪس بہ نظر نہ اچي. اي مسلمان! پنهنجي پستيءَ جي انتها کي تہ



ڏس! ڪهڙيءَ طرح رسول اڪرم ﷺ خدا تعاليٰ جي حضور ۾ ان پريشاني ۽ شڪايت جو تذڪرو ڪري رهيو آهي.

پاڻ فرمائي رهيا آهن تہ اي خداوند! منهنجي هن قوم قرآن کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ ان کان دوري اختيار ڪئي اٿائون. مسلمان ذرا نظر کڻي ڏس تہ عدالت ڪنهن جي آهي! فريادي ڪير آهي ۽ فرياد ڪهڙي ڪري رهيو آهي!

قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو: فرياديءَ جو بيان آهي (عدالت الاهي ۾) تہ:

وَقَالَ الرَّسُوۡلُ یٰرَبِّ اِنَّ قَوۡمِی اتَّخَذُوۡا هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ مَهۡجُوۡرًا ۝۳۰ (فرقان: 30)

”۽ چيو رسول تہ منهنجا رب بيشڪ منهنجي قوم هن قرآن کي ڇڏي ڏنو.“

مسلمانن وٽ قرآن حڪيم جهڙا لازوال نوراني ڪرٽا موجود آهن پوءِ بہ اهي مغرب جي ذهن سان سوچن ٿا. انهن وٽ حق ۽ باطل جو معيار مغرب آهي. انهن جي ذهنن تي احساس ڪمتري سوار آهي. انهن وٽ ”حق“ اهو آهي جنهن کي مغرب ”حق“ چوي. حقيقت جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ اهل مغرب ٻارن وانگر تيز رفتاري ۽ لذت جي چسڪي ۾ ٻڏل آهن. عملي طور تي انهن جو تعلق لامحدود ازلي ۽ ابدي حقيقت کان ٽٽي چڪو آهي. مغربي دنيا سائنس جي ان صورت تي ايمان آڻي چڪي آهي جنهن ۾ صرف مادي ترقيءَ کي ڏٺو وڃي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ زندگي روز بروز پيچيده ٿيندي ٿي وڃي. هن دنيا جي هر خلوت ۽ هر انجمن ۾ فتنہ فساد برپا آهي. هر طرف بدامني ڦهليل آهي. صداقت ۽ اخلاص جو نالو ڪٿي بہ نظر ڪو نٿو اچي. مغرب هن دنيا جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي ليڪن نوع انساني انهن جي مظالم ۽ هوس نفس کان تباه و برباد آهي. موجوده دور ۾ انسان نيون نيون سائنسي ايجادات ڏنيون آهن پر اهي سڀ سهولتون انسان جي حيواني جبلتن پڙڪائڻ لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن.

قرآن حڪيم زندگيءَ جي علامت، فتح و ڪامراني، ترقي ۽ تحرڪ جو ذريعو آهي، جيڪو زندگيءَ جي هر شعبي لاءِ رهنما اصول رکي ٿو. ليڪن اڄ مسلمانن قرآن حڪيم کي صرف هڪ ”مقدس ڪتاب“ جو درجو ڏئي رکيو آهي. صرف ان جي لفظن کي مٺي ۽ سريلي آواز ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي تان نشر ٿيندي ٻڌندا آهن. آيات قرآني کي فن تعمير جي عنوان سان مسجد جي ديوارن تي اڪريو وڃي ٿو. گهڻن اسلامي ملڪن ۾ حفظ قرآن

Gul Hayat Institute

جي نالي سان وڏا مدرسا آهن. خدا تعاليٰ مسلمانن کي ”حزب الله“ يعني پنهنجي جماعت چيو آهي. پوءِ جيڪڏهن مسلمان ئي خود ”حزب الشيطان“ جو ساٿ ڏيڻ لڳن ته پوءِ الله تائين پهچڻ وارا ڪنهن کي تلاش ڪن ۽ ڪنهن کان راهه پڇن. جيڪڏهن ڪو آتش دان پاڻ ئي باهه کان خالي ٿي وڃي ته پوءِ اهو ٻين کي گرمي ڪيئن ٿو پهچائي سگهي. ان ڪري ضروري آهي ته مسلمان خود پنهنجي اندر نوراني تبديلي آڻن ڇاڪاڻ ته انهن جي تبديليءَ تي پوري دنيا جي تبديلي موقوف آهي. اڄ وقت اچي ويو آهي ته اسلام پنهنجي فرض کي دهرائي جيڪو فرض، اهو هڪ دفعو پهريان، خوبصورتي سان نڀائي چڪو آهي. مسلمانن جي سڌرڻ سان پوري دنيا سڌري ويندي ۽ ان چشمي جي رواني‌ءَ سان زمين سرسبز ٿي ويندي. اسلام جي مشن ختم ڪونه ٿي آهي. جنهن اونداهي، اسلام جي ظهور تائين، جهالت ڦهلائي هئي، اها اونده اڄ مغربي تهذيب جي روپ ۾ ڦهلجي رهي آهي. جيڪڏهن اسلام جي ظهور تائين سڀ کان وڏي ظلمت بت پرستي هئي ته اڄ ان جي جاءِ نفس پرستي ورتي آهي.

جيڪا به شيءِ انسان کي پنهنجي نفس طرف مشغول ۽ الله کان پري ڪري ٿي اهو ان جو بت آهي. اسان جو نفس وڏو بت خانو آهي. نسل پرستي، فرقه پرستي يا دولت پرستي يا اهي سڀ نظريا، جيڪي حق تي مبني ڪونهن دراصل بت آهن، جن کي اسان پنهنجي دل جي بت خانه ۾ سجائي رکيو آهي ۽ جن جي پرستش ۾ وڏي اڪثريت مشغول آهي. انسان سڀ کان وڌيڪ نفس جي ئي عبادت ڪري ٿو:

اَفَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰـهَهٗ هَوٰٮهُ وَاَضَلَّهُ اللّٰهُ (جاثيه: 23)

”پوءِ ڇا توهان ان شخص جي حالت ڏٺي آهي جنهن پنهنجي نفساني خواهشن کي ئي پنهنجو ’الله‘ ٺاهي ڇڏيو آهي.“

خدا ۽ بت هڪڙي هنڌ رهي نٿا سگهن. خدا پرست ۽ خود پرست جو ساٿ ممڪن ڪونهي. بظاهر خدا پرست آهيون ليڪن حقيقت جي لحاظ کان اسان آهيون بت پرست. وري غور ڪريو ته خود پرستيءَ کان بت پرستي افضل آهي. موجوده ائٽمي دور کي ڏسو. هيڏي مادي ترقي ڪرڻ کان پوءِ به اسان جي نفسيات خوف جي عذاب ۾ گرفتار آهي. ائٽمي جنگ جي بربادي اسان جي مٿان لامارا ڏئي رهي آهي. ڪهڙي به وقت اهڙي ڀيانڪ حالت پيدا



ٿي سگهي ٿي جو اهي ائٽمي هٿيار اسان جو نالو نشان مٽائي ڇڏين. اڄ دنيا ان بيوه عورت مثل ٿي وئي آهي جنهن جي مڙس کي زبردستيءَ قتل ڪيو ويو هجي ۽ جنهن جي يتيم ٻچن تي رحم ڪرڻ وارو ڪوبه نه هجي. زندگي جي جڳهه تي موت، سلامتيءَ جي جڳهه اضطراب ۽ خوشيءَ جي گيت جي جڳهه شور ۽ ماتم برپا آهي.

قرآن حڪيم دنيا جي سيني انسانن کي هر وقت اهو ٻڌائي رهيو آهي ته انسان وقت جي لحاظ کان فائدي ۾ نه بلڪ خساري ۾ آهي ڇو ته ظاهر بيني جي سبب انسان ، خدا، ڪائنات ۽ پنهنجي هستيءَ جي حال ۽ انجام جي متعلق جيڪي نظريا قائم ڪيا آهن اهي سڀ حقيقت جي لحاظ کان غلط ۽ نتيجي جي لحاظ سان خود انسان لاءِ تباه ڪن آهن. قرآن حڪيم جي دعويٰ آهي ته حقيقت ان وٽ آهي باقي دنيا جا مفڪر، فلسفي ۽ دانشور محض گمان جي پيروي ڪن ٿا. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَمَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ ؕ اِنۡ يَّتَّبِعُوۡنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَاِنَّ الظَّنَّ لَا يُغۡنِىۡ مِنَ الۡحَقِّ شَيۡـًٔـا ﴿۲۸﴾ (نجم: 28)

”۽ انهن کي ان جو ڪوبه علم ڪونهي اهي محض گمان جي پيروي ڪن ٿا ۽ گمان حقيقت جو قائم مقام ٿي نٿو سگهي.“

اڄ تقدير جي تمنا آهي ته موجوده دنيا ۾ سائنسي، صنعتي، فني قوتن ۽ ترقي يافته ذرائع ابلاغ جي موجودگيءَ ۾ بين الاقوامي برادري انساني مساوات جي اسلامي نصب العين کي، جيڪو ستين صدي ۾ عرب معاشري ۾ قائم ٿي سگهيو، ان کي موجوده دنيا ۾ مڪمل طور تي عملي جامو پهرائن. فرقيوارانه نفرتن جو دور گذري چڪو آهي. انسان کي موجود پستين مان ڪڍڻ جو هڪ ئي رستو آهي ۽ اهو آهي وحدت انسانيت جو رستو.

اي سچائي سان پيار ڪرڻ وارؤ! حق جي قيام لاءِ اٿي بيهو ته جيئن موسم بهار اچي ۽ هر طرف نور جي آسماني وڻ ۾ لرزجي گونچن جو ڦوٽهڙو ٿئي. هن دنيا جي طبيعت ۽ مزاج حق ۽ باطل جي آميزش آهي جڏهن ته قيامت جي طبيعت ۽ مزاج انهن ٻنهي جي هڪٻئي کان دائمي جدائي آهي.

غلبو پاڻ حق جي صفت آهي. نور، ظلمت تي، ضرور دائمي فتح ماڻيندو. جڏهن اسان چوندا آهيون ته سچ هميشه ڪوڙ تي ۽ روشني هميشه تاريڪيءَ تي غالب ايندي ته در حقيقت اسان ڪمزور ۽ بيمار خيالن تي طاقتور ۽ درخشان تصور جي برتري ثابت ڪندا آهيون. جيڪڏهن

Gul Hayat Institute

اڄوڪو انسان فنا جي پوشاڪ لاهي بقا جي پوشاڪ پائڻ چاهي ٿو تہ ان جي لاءِ اسان کي اهوئي ڪجهہ ڪرڻو آهي جيڪو قرآن حڪيم چوي ٿو.

حق جي بقا لاءِ مزاحم قوتن تي غالب اچڻ ضروري آهي. زندگي جدوجهد جو نالو آهي. معاشري کي براين کان پاڪ ڪري ان ۾ ملڪوتي قوتن کي اپارڻو آهي. الله تعاليٰ قوي آهي، مومن کي بہ قوي ٿيڻ گهرجي. قوت اها ڪونهي جيڪا پاڻ مڙي وڃي بلڪ قوت اها ٿيندي آهي جيڪا ٻئي کي موڙي ڇڏي. دنيا ۾ ڪڏهن بہ بزدلن ۽ نامردن ڪوبہ انقلاب برپا ڪونہ ڪيو آهي. مشڪلاتون زنده ۽ متحرڪ انسانن لاءِ ٿينديون آهن. هڪ بي روح لاش لاءِ مشڪلاتون ڪونہ ٿيون ٿين. مسلمان دنيا ۾ ان لاءِ آيو آهي تہ هو دنيا جي مظلوم انسانن کي استبداد جي زنجيرن کان آزادي ڏياري ڇو تہ ڪامل سچائي، علم ڪامل، عقل ڪل قرآن حڪيم آهي جيڪو الله (نور) جو آواز آهي اسان تي فطري فرض عائد ٿئي ٿو تہ اسان "هاڻي" ئي قرآن حڪيم جي غلامي قبول ڪيون. جيڪو لمحہ زندگي گذري ويو اهو خواب ٿي ويو ۽ اچڻ وارو لمحو اڃان تائين خيال آهي. "اڄ" ئي پنهنجو آهي. ان ڪري "سپاڻي" جونہ، اڄ جو فڪر ڪرڻ گهرجي. "سپاڻي" پنهنجو فڪر پاڻ ڪندو. ماضي يادن جو مجموعو آهي ۽ مستقبل ماضي ۽ حال جي تجربن جو حاصل آهي. اصل لمحو اهوئي آهي جنهن ۾ توهان زنده آهيو. ان ڪري اي مومن! اي نور جا فرزند! "هاڻي" ئي حق جي راهہ ۾ پنهنجي سيني قوتن سان جهڪ. سيد هدايت ڏيندي چوي ٿو:

جي نہ سڄاڻن سچ کي ويهہ م تنين وٽ،
املهہ کي اڏ ڪري، پاڻان هٽندا پٽ،
مهر تنين وٽ، مٽ جي پارکو پارس جا.

*

جي پائين جوڳي ٿيان تہ ڪر ڪلمي جي پار،
پنجن سان پورو رهہ، آيا ٿيهہ م ٿار،
تڏهن ڏاڳا ڏار جڏهن راهہ سڄاڻين رب جي.

*



مان پڇني سپرين، چت ۾ چيتاريج،
ڪڏي ڪائي ڪچ کي، ڪوڙ م ڪمائج،
وڻج وهائيج، سپ سوداگر سچ جو.

## اڪثريت ۽ اقليت جي فطرت:

قرآن حڪيم حقيقت ڪامل آهي. حقيقت ڪڏهن بہ پراڻي ڪونہ ٿيندي، هر وقت تازه رهندي آهي. قرآن حڪيم هر وقت FRESH آهي. هيٺ ڏنل آيتون اڄ بہ انسان جي آڏو سچائي پيش ڪري رهيون آهن:

اَلَآ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۵۵﴾

"ياد رکو تہ الله جو وعدو سچو آهي ليڪن اڪثر ماڻهو ڪونہ ٿا ڄاڻن."

*

اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳۱﴾ (اعراف: 131)

"ٻڌو! انهن جي نحوست تہ بس الله جي ئي علم ۾ آهي ليڪن اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن."

فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا ؕ لَا تَبۡدِيۡلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ۙ ﴿۳۰﴾ (روم-30)

اها الله جي ئي فطرت آهي جنهن تي انسانن جي فطرت کي ناهيو ويو آهي. الله جي تخليق ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ايندي. اهوئي سڌو دين آهي ليڪن اڪثرت ماڻهو ان جو علم ڪونہ ٿا رکن.)

*

اَوَلَمۡ نُمَكِّنۡ لَّهُمۡ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجۡبٰٓى اِلَيۡهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَىۡءٍ رِّزۡقًا مِّنۡ لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۵۷﴾ (قصص: 57)

"ڇا اسان انهن کي امن و امان واري حرم ۾ جڳهہ ڪونہ ڏني جتي هر قسم جا ميوا هليا اچن ٿا، اسان وٽان، بطور ڪائڻ جي لاءِ، ليڪن انهن مان اڪثر ماڻهو ڪونہ ٿا سمجهن."

*

قُلۡ اِنَّ رَبِّىۡ يَبۡسُطُ الرِّزۡقَ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَيَقۡدِرُ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۶﴾ (سبا-36)

Gul Hayat Institute

”توهان چئي ڏيون تہ منهنجو پروردگار زياده روزي ڏيندو آهي جنهن کي چاهي ۽ تنگ ڪندو آهي روزي، جنهن جي لاءِ چاهيندو آهي ليڪن اڪثر ماڻهو ان جو علم ڪونہ ٿا رکن.“

❊

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾

(سبا—28)

”۽ اسان توهان کي سڀني انسانن جي لاءِ پيغمبر بنائي موڪليو آهي بطور خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو ليڪن اڪثر ماڻهو ڪونہ ٿا سمجهن.“

مٿين سڀني آيتن ۾ جيڪا حقيقت مشترڪ آهي اها هيءَ آهي تہ ”اڪثر ماڻهو علم نٿا رکن.“ مقصد هي آهي تہ دنيا جي ڪهڙي بہ معاشري ۾ ”ماڻهن جي اڪثريت“ قدرتي طور تي اهڙن فردن تي مشتمل ٿيندي آهي جي ڪائنات ۾ انسان جي مقام کي نٿا سمجهي سگهن. خير کي شر کان يعني حق ۽ باطل جي نکيڙ ڪرڻ اڪثريت جو ڪم ناهي. قرآن شريف انهن آيتن سان ڀريو پيو آهي. هي آيتون ڏسو:

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ شُرَكَآءُ مُتَشٰكِسُوْنَ وَ رَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ ؕ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ؕ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٩﴾ (زمر—28)

”الله مثال بيان ڪري ٿو تہ هڪرو شخص آهي جنهن جاڪيترائي مالڪ آهن پاڻ ۾ ضد رکڻ وارا ۽ هڪ ٻيو شخص آهي جيڪو پورو هڪ ئي شخص جي ملڪ آهي تہ ڇا انهن ٻنهي جي حالت يڪسان آهي؟ الحمدالله مگر هي تہ انهن مان اڪثريت سمجهي ئي ڪونہ ٿي.“

❊

لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٧﴾

(مؤمن—57)

”آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان يقيناً وڏو ڪم آهي ليڪن اڪثر ماڻهو ڪونہ ٿا سمجهن.“

❊

وَاِنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ (طور—47)



”انهن ظالمن تي قبل ان جي بہ عذاب (اچڻ وارو) آهي ليڪن انهن مان اڪثر (ان جو) علم ڪونہ ٿا رکن.“

قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ (جاثيه—26)

”توهان چئي ڏيو تہ الله ئي توهان کي زنده رکي ٿو پوءِ اهوئي توهان کي موت ڏئي ٿو پوءِ اهوئي توهان کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو جنهن ۾ ذري جيترو بہ شڪ ڪونهي ليڪن اڪثر ماڻهو ڪونہ ٿا سمجهن.“

قرآن حڪيم جي انهن سڀني آيتن مان قدرت جو اهو قانون نمايان ٿئي ٿو تہ دنيا جي ڪنهن بہ معاشري ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي اڪثريت بي علم آهي. علم مان مراد ”حقيقت ڪلي“ آهي. ان ۾ هي سڀ سوال اچي وڃن ٿا تہ ڪائنات ۽ انسان ڪيئن تخليق ٿيا؟ انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ وغيره. ظاهر آهي تہ دنيا ۾ رهندڙ سڀئي انسان انهن سوالن جا جواب ڄاڻي نٿا سگهن. انسان زمين تي ڪهڙي مقصد لاءِ آيو آهي، جيڪڏهن انسان کي زندگيءَ جي مقصد جي خبر ڪونهي تہ پوءِ هو ڪامل ڪونهي چاهي آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ ڇو نہ پڙهيو هجي. مغربي تهذيب جي بت جي پوڄا ڪرڻ وارا مسلمان! ڇا تو هيءَ آيت پاڪ ڪونہ پڙهي آهي؟

وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِى الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ (الانعام—116)

”۽ جيڪي ماڻهو زمين تي آباد آهن انهن مان اڪثر جو چوڻ مڃڻ لڳُءِ تہ اهي توهان کي الله جي راهہ کان ڀٽڪائي ڇڏيندا اهي تہ بس اٽڪل جي ئي پيروي ڪن ٿا ۽ محض گمان ۾ پيل هوندا آهن.“

هتي هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ جيستائين اتي لٽي اجهي، تعليم ۽ روزگار جي بنيادي انساني ضرورتن جو معاملو آهي جيئن تہ اُهي سڀني انسانن جون گڏيل ضرورتون آهن (۽ الله جو ڪلام بہ انهن جي بنا پر جي فراهميءَ جو حڪم ڪري ٿو) جنهن ڪري ان حد تائين تہ مغربي جمهوريت انسانن لاءِ فائديمند ثابت ٿي آهي پر جيستائين معاشرتي ۽ تهذيبي معاملن جو تعلق آهي مغربي جمهوريت الله جي وحي کان رهنمائي

Gul Hayat Institute

وڻڻ بدران ماڻهن جي اڪثريت (جيڪا پنهنجي نفس جي تابع هوندي آهي) کان رهنمائي حاصل ڪري ٿي جنهن ڪري ئي مٿين آيت پاڪ ۾ خدا تعاليٰ، رسول عربي کي اڪثريت جو چيو مڃڻ کان روڪي رهيو آهي. ڇو ته اڪثريت اٽڪل جي پيروي ڪري رهي آهي، انهن کي حقيقت جي ڪابه خبر ڪونهي. اهي ته صرف گمان ۾ پيل آهن. ڪهڙي به معاشري کي ڏسو اڪثر ماڻهو سطحي فڪر وارا، جذبات جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ وارا، اهي آخر انهن نتيجن تي پهچندا جيڪي سندن خواهش جي حق ۾ مفيد هوندا يا انهن جي حياتياتي لاڙن جي تائيد ڪندا. جزوي عقل، هر وقت جذبات جي تسڪين لاءِ سامان ذرائع فراهم ڪرڻ ۾ لڳو رهندو آهي. ڇو ته انسان ذات جي اڪثريت خواهش جي تابع هوندي آهي، انهن جي نقل ۽ حرڪت جو مدار انهن جذبات تي ٿيندو آهي جن سان معقوليت جو ڪوبه واسطو ڪونهي، ڇوته:

واکثرھم لایعقلون (مائدہ: 103)

”۽ انهن مان اڪثر عقل کان ڪم نٿا وٺن.“

❊

وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ سَآءَ مَا يَعْمَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ (مائدہ: 66)

”۽ اڪثر انهن مان اهڙا آهن جيڪي ڏاڍو برو ڪري رهيا آهن.“

قرآن حڪيم کي رهبر مڃڻ وارا دوست! مٿين آيتن جي سچائي اڄ به موجود آهي. هر هڪ پاڻ کي پوڄي رهيو آهي. مغربي تهذيب جا ديوانا غور وفڪر کان ڪم وٺ! دنيا پرستيءَ وارا عمل، ڪائنات ۽ انسان جي حقيقت سان، مطابقت ڪونه ٿا رکن. ان ڪري اهي برائي ڦهلائيندا رهن ٿا. نتيجي ۾ انسان اجتماعي طور زندگي جي مقصد طرف وڌڻ بدران، ان کان پري ٿيندو رهي ٿو. شيطان اڪثريت کي راه حق کان گمراه ڪري چڪو آهي، هيءَ آيت اڄ به تازي آهي:

وَلَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا ۭ اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا تَعْقِلُوْنَ ﴿٦٢﴾ (یٰس-62)

”۽ توهان مان (شيطان) هڪ وڏي مخلوق کي گمراه ڪري چڪو آهي پوءِ ڇا توهان ايترو به نٿا سمجهو.“

هن آيت پاڪ کي ڏسو:



ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٨﴾ (جاثيه: 18)

”پوءِ اسان توهان کي دين جي هڪ خاص طريقي تي ڪيو سو توهان ان تي هلندا وڃو ۽ بي علم ماڻهن جي خواهشن جي پيروي نه ڪيو.“

مٿين آيتن ۾ خدا تعاليٰ رسول عربي ﷺ کي منع ڪري رهيو آهي ته اهو بي علم ماڻهن جي خواهشن کي نه مڃي بلڪ دين (علم ڪلي) جي پيروي ڪري. قرآن شريف ۾ اچي ٿو:

قَالَ اَرَءَيْتَكَ هٰذَا الَّذِيْ كَرَّمْتَ عَلَيَّ ۡ لَىِٕنْ اَخَّرْتَنِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٦٢﴾ (بنی اسرائیل: 62)

” (شيطان) چيو اهو ئي آهي (آدم) جنهن کي تون مون تي فضيلت ڏني آهي؟ چڱو جيڪڏهن اهوئي فيصلو آهي ته پوءِ مونکي قيامت تائين مهلت ڏي پوءِ ڏس ته مان تنهنجي ان منتخب ڪيل ذريت جي نڪ ۾ نڪيلي وجهي ڪري ڪيئن نچايان ٿو سواءِ قليل تعداد جي.“

قرآن حڪيم جي مٿين آيت مان ظاهر آهي ته دنيا ۾ رهڻ وارن ماڻهن جي اڪثريت جي نڪ ۾ نڪيلي پئل آهي، جنهن جو ٻيو ڇيڙو شيطان جي هٿ ۾ آهي جيڪو انهن کي هر وقت دنياداري، شهوت پرستي، لالچ ۽ هوس جهڙين ادنيٰ ۽ سطحي مفاد پرستين لاءِ نچائي رهيو آهي. صرف دنيا ۾ رهندڙ انسانن جو هڪڙو قليل تعداد آهي جيڪو شيطان جي چڪر ۾ ڪونه ٿو اچي. اهي سچا ماڻهو آهن، خدا تعاليٰ انهن جو ڪارساز آهي.

جرمني جو فلاسافر Fredrick nitcnle پنهنجي ڪتاب Elements of philosophy ۾ لکي ٿو:

”عموميه يا جمهوريه جي معنيٰ آهي هڪجهڙائي. ان جي معنيٰ اها آهي ته هر عضوي جي هر حصي کي اجازت ڏني وڃي ته اهو جو چاهي ڪري ان جي معنيٰ اتحاد ۽ باهمي فرق جو مٽائڻ ۽ آزادي ۽ ابتريءَ کي تخت نشين ڪرڻ آهي. ان جي معنيٰ هي به ٿيندي ته بي ڪمال ماڻهن جي پرستش ۽ باڪمال ماڻهن کان نفرت ۽ ٻين لفظن ۾ هيئن چئون ته وڏي ماڻهو جو ٿيڻ ناممڪن

Gul Hayat Institute

ٿي وڃي چو تہ وڏو (عالم حق) ماڻهو عام انتخابات جي ذلتن کي ڪيئن برداشت ڪري سگهندو. اهڙين حالتن ۾ وڏي ماڻهوءَ کي ڪهڙو موقعو ملي سگهي ٿو. عوام آهي آزاد روح وارو بلندين جو دشمن. اهڙي دشمن کان سڀ کان وڌيڪ نفرت ڪن ٿا. جيڪو ڪنهن جماعت جو رڪن نہ هجي ۽ اها نفرت اهڙي ٿيندي آهي جهڙي ڪتن کي بگهڙ سان ٿيندي آهي. اهڙي زمين ۾ فوق الانسان ڪٿان پيدا ٿي سگهي ٿو؟ ۽ اهڙي قوم اهڙي حالت ۾ ڪيئن وڌي ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن ان جا وڏا ماڻهو بيڪار، مرده ۽ شايد نامعلوم ڪنهن ڪنڊن ۾ پيا هجن. اهڙي معاشري ۾ سيرت باقي ڪونہ ٿي رهي. اعليٰ درجي جو انسان معيار طور پيش ڪونہ ٿو ٿئي بلڪ اهو شخص معيار ۽ نمونو ٿي ويندو آهي جنهن کي ڪثرت آرا ٿيندي آهي. هر شخص ٻئي جي مشابہ ٿي ويندو آهي. ايستائين جو مرد، عورتن جي مشابہ ٿي وڃن ٿا."

انساني زندگيءَ جا مسئلا ايترا اهم، نازڪ ۽ پيچيده ٿيندا آهن جو انهن جي لاءِ فهم نوراني ۽ عقل آسماني جي ضرورت ٿيندي آهي. عام بشري عقل ان جو احاطو ڪري نٿو سگهي. انسانن، جهالت جي ڪري اهو ڪم خود انجام ڏيڻ شروع ڪيو ۽ حڪومت ڪرڻ جو منصب، هر ان شخص کي حاصل ٿيڻ لڳو جنهن کي انسان ۽ ان جي حقيقت جي ڪابہ خبر ڪونہ هئي. انهن انسانذات کي غلط راهہ تي لڳائي ڇڏيو. انسان نفس جي ظلمتن ۾ ئي ڦاٿو رهيو. روحانيت کي ڪچليو ويو. غلط انسان، شيطاني چالن ۽ قوت جي ذريعي اقتدار تي قابض ٿيندا رهيا. نتيجو اهو نڪتو جو انسان شيطان جي بندگي ڪندي حق کي وساري ڇڏيو.

انجيل پاڪ آسماني ڪتاب آهي، ان بہ اڪثريت راءِ اهو ئي ڪجهہ چيو آهي جيڪي قرآن حڪيم چوي ٿو:

"تنگ دروازي مان داخل ٿيو چو تہ اهو دروازو ويڪرو آهي
۽ اهو رستو ڪشادو آهي جيڪو هلاڪت تائين پهچائي ٿو ۽ ان
مان داخل ٿيڻ وارا گهڻا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهو دروازو سوڙهو آهي
۽ اهو رستو جيڪو زندگيءَ تائين پهچائي ٿو ۽ ان کي حاصل



ڪرڻ وارا ٿورا آهن." (متي 7: 13_14)

سوڙهي رستي تي رڪاوٽون وڌيڪ ٿينديون آهن. ان جي مقابلي ۾ ڪشادو ۽ ويڪرو رستو رڪاوٽن کان پاڪ ٿيندو آهي. ان ڪري ان تي هلڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. هن دنيا ۾ طرح طرح جون دل کي موهڻ واريون شيون موجود آهن جيڪي ظاهر ۾ تہ حسين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون پر حقيقت جي لحاظ کان اهي زهر قاتل آهن. هن گناهن سان ڀريل دنيا ۾ خدا تعاليٰ جو ٻڌايل رستو هڪ پاڪدامن ڪنواريءَ وانگر آهي جيڪا بازار مان گذرندي هجي. اها ڪنواري هر وقت اهو خيال رکندي تہ ڪٿي ڪنهن غير مرد کي ان جو جسم نہ لڳي يا اها ڪنهن سان ٽڪرائجي ڪري نہ پوي. اها لوفرن ۽ غنڊن کان پنهنجو بچاءُ ڪندي. انهن سڀني ڳالهين کان علاوه اها دوشيزه اهو بہ ڏسندي تہ اها ڪنهن ڪمزور ۽ ضعيف لاءِ تڪليف جو سبب نہ ٿئي. ظاهر آهي تہ ان پاڪدامن عورت لاءِ اهو رستو سوڙهو ٿي پوندو. ان جي مقابلي ۾ هڪ بدڪردار عورت جو رويو پاڪدامن عورت جهڙو نہ ٿيندو نتيجي ۾ اهو ئي تنگ رستو بدڪردار عورت لاءِ ويڪرو ٿي ويندو چو تہ ان لاءِ اهي رڪاوٽون ڪونہ هونديون جن سان پاڪدامن عورت جو واسطو پوي ٿو.

دنيا جي موجوده حالت تي غور ڪريو. نفس کي ئي خدا جو درجو ڏنو ويو آهي. هر ڪو پنهنجي نفساني خواهشن جي عبادت ۾ حق کي ڇڏي چڪو آهي چو تہ حق، پابندين لاءِ چوي ٿو. دنيا جي اڪثريت نفساني خواهشن ۾ غرق آهي. يعني انسان تي سڌي يا اڻ سڌي طرح شيطان، غالب آهي، خدا کي ڏنل ان جي چيلينج پوري ٿي رهي آهي. قرآن حڪيم جي شاهدي آهي:

قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَأُغْوِيَنَّهُمْ أَجْمَعِينَ (ص: 82)

"چيائين، تنهنجي جلال جو قسم! مان انهن سڀني کي (راهہ حق) کان گمراهہ ڪندس."

عام طور چيو پيو وڃي تہ مغربي جمهوريت اهو نظام حڪومت آهي، جنهن کان بهتر نظام جو تصور بہ ڪري نٿو سگهجي. ان نظام حڪومت کي رحمت خداوندي چيو وڃي ٿو. ان نظام جون، وڏيون خوبيون ڪجهہ هن طرح آهن:

(1) اڪثريت جو فيصلو قانون جي حيثيت رکي ٿو يا هيئن سمجهو تہ

Gul Hayat Institute

ڪنهن شي جي غلط يا صحيح هجڻ جو معيار نمائندن جي ڪثرت راءِ تي ٿيندو آهي.

(2) عوام جي منشا ان جي نمائندن ذريعي معلوم ٿيندي آهي.

(3) اقليت کي اڪثريت جا فيصلا صحيح مڃڻا پوندا آهن.

(4) ان نظام حڪومت ۾ حاڪم ۽ محڪوم جو امتياز باقي نٿو رهي.

اها حقيقت آهي تہ مٿيان نڪتا اقتصادي ۽ انتظامي حوالي سان عرب جي مخصوص اجتماعي صورتحال جي تناظر ۾ اثرائتا ثابت ٿيا آهن، جنهن ڪري مغربي ملڪ ترقي يافتہ بڻجي چڪا آهن. پر جيئن تہ قرآن حڪيم جي نظر ۾ اخروي نجات جو دارومدار نفس جي پاڪائيءَ تي آهي جيڪا اڪثريت وٽ اڻ لڀ آهي تنهنڪري قرآن حڪيم جي نظر ۾ اڪثريت جاهل ۽ بي علم آهي ۽ لازمي طور انهن جا ڪيل معاشرتي فيصلا پڻ حق کان پري هوندا.

هيٺين آيتن تي وري غور ڪندا هلو:

اَلَآ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٥﴾ (يونس: 55)

”ياد رکو تہ الله جو وعدو سچو آهي ليڪن اڪثر ماڻهو ڪونہ ٿا ڄاڻن.“

اَلَآ اِنَّمَا طٰۤىِٕرُهُمْ عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣١﴾ (الاعراف: 131)

”انهن جي نحوست تہ بس الله جي ئي علم ۾ آهي ليڪن اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن.“

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ۭ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ڎ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ (روم: 30)

”اها الله تعاليٰ جي فطرت آهي جنهن جي فطرت تي انسانن کي ٺاهيو ويو آهي خدا جي قانون تخليق ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ايندي اهوئي دين قائم آهي. ليڪن اڪثريت ڪونہ ٿي ڄاڻي.“

اڪثر اهو چيو ويندو آهي تہ قرآن حڪيم ۾ اهڙو ڪوبہ واضح نظام حڪومت ڪونهي جنهن ذريعي حڪومت ڪئي وڃي. دراصل اهڙي راءِ قرآن حڪيم متعلق سطحي بلڪہ اڻ ڄاڻائيءَ جو اظهار آهي، دراصل قرآن حڪيم انسانن جي نفس جي پاڪائيءَ ۽ فڪري اوسر ذريعي اهڙو



اجتماعي معاشرو قائم ڪرڻ گهري ٿو جيڪو هر قسم جي حالتن ۾ انسان ذات لاءِ دنيا توڙي آخرت ۾ فلاح ۽ نجات جو سبب بڻجي. ان جو عملي نمونو انبياء عليهم السلام ۽ سندن ساٿين قائم ڪري ڏيکاريو. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ وَّدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾

(احزاب: 46-45)

(ترجمو: اي نبي اسان توکي موڪليو آهي شاهد بنائي بشارت ڏيڻ وارو مداين جي برن نتيجن کان خبردار ڪرڻ وارو، الله جي طرف ان جي حڪم سان سڏڻ وارو روشن سج

انهي آية پاڪ ۾ حضور اڪرم جن جي حيثيت کي ”روشن سج“ ڪوٺيو ويو آهي. يعني نظام شمسيءَ ۾ جيڪا حيثيت سج کي آهي اها ساڳي حيثيت (زمين تي) آسماني نظام حڪومت ۾ ”عالم“ کي آهي. علم ڪلي جو مالڪ انسان، دنيا جو قدرتي حڪمران آهي. انبياءَ عليہ السلام جي اچڻ جو دروازو هاڻي بند ٿي چڪو آهي. هاڻي حڪمراني جو حق ”عالمن“ کي آهي. جو تہ نبيءَ جو جانشين، علم ڪلي جو مالڪ ”عالم“ ٿيندو آهي. ياد رکو! جيستائين حق ۽ حڪم هڪ ڪونہ ٿيندا تيستائين زندگي جي مقصد ڏانهن حرڪت ٿي ڪونہ سگهندي. نبوت ۽ نبوت جو قانون تيستائين قائم رهي ٿو جيستائين حق عالم ان جي حفاظت ڪري ٿو. جيڪڏهن اسان هاڻي بہ مرڪزي حيثيت عالم حق کي ڪونہ ڏني ۽ هميشہ وانگر ”اوندهہ“ کي مرڪز قرار ڏنو. تہ پوءِ معمول مطابق دنيا اوندهہ جو طواف ڪندي غرق ٿيندي. اج بہ انسان ”جهالت“ جي طواف ۾ مصروف آهي ڇو تہ حڪمران (سياستدان) حقيقت ڪل جا مالڪ ڪونہ آهن. مرڪز تي اوندهہ جو سخت قبضو آهي. آسمان پنهنجي حسين ستارن سميت ڪائنات جو جز آهي جيڪو باقي ٻين جزن سان ملي ڪري تڪميل ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح جو ڪجهہ آسمانن ۾ آهي، اهو ڪائنات جي ٻين جزن جو همسفر ۽ رفيق راهہ آهي. انهن جو معاون آهي. انساني زندگيءَ جو سياسي نظام ان وقت تائين درست ڪونہ ٿيندو جيستائين انساني معاشرتي نظام قرآني تزڪيہ نفس جي اصولن تي ٻيڻل نہ هجي. اهڙي باهمي توازن مان جيڪو حسن پيدا ٿيندو اهو ئي خير آهي. ”نور جو متوازن“ نظام جيڪو ڪائنات ۾ موجود آهي ان جو

Gul Hayat Institute

عڪس زمين جي سيني تي انساني جسمن ۾ به اچڻ گهرجي ڇو ته خدا تعاليٰ انسان کي پنهنجي فطرت تي پيدا ڪيو آهي:

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِیْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیْهَا ؕ (روم: 30)

اها الله تعاليٰ جي ئي فطرت آهي جنهن تي انسانن جي فطرت کي ٺاهيو ويو آهي.

ياد رکو! جنهن نظام حڪومت جي ذريعي زندگي جا مقصد پورا ڪونه ٿا ٿين ته پوءِ اها حڪومت ڪونهي، بلڪ اها خدا جي غضب جوئي هڪڙو روپ آهي. مادي ڪائنات ۾، قدرتي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ رياضيات جي قانونن تي هر وقت عمل ٿي رهيو آهي. ليڪن زمين جي سيني تي، انساني دنيا ۾، انسان کي مليل اختيار جي غلط استعمال سان اهي مقصد پورا ڪونه ٿا ٿين.

انجيل پاڪ ۾ انهيءَ حقيقت کي هينين لفظن ۾ پيش ڪيو ويو آهي:

”تنهنجو نالو پاڪ ڄاتو وڃي، تنهنجي بادشاهي اچي، تنهنجي مرضي جيئن آسمان ۾ پوري ٿئي ٿي تيئن زمين تي به ٿئي.“ *(متي 6:10)*

ڪائنات ۾ نور ئي نور آهي، نور جا ڪجهه مقصد آهن جن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نور آسماني حڪومت جو روپ ورتو آهي. نور جي مقصد کي، نور جي حڪومت (آسمان جي بادشاهت، دين) سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ نور جي مقصدن کي جيڪا قوت حاصل ڪندي آهي تنهن کي حڪمران چئجي ٿو زمين جي سيني تي، انساني جسمن جي زندگي جو هڪڙو مقصد آهي. حڪومت نور (آسماني بادشاهت، خدا جي بادشاهت، نور جي بادشاهت) ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو واحد قدرتي ذريعو آهي. حڪمران اهو نوراني وجود آهي جيڪو (نور، قرآن حڪيم، علم) جي روشنيءَ ۾ عالم انسانيت جي رهبري ڪري انهن کي ڪمال (خدا تعاليٰ) تائين پهچائي. يعني نوراني (عالم) حڪمران ئي انسان کي ڪامل ڪري سگهي ٿو. دنيا ۾ هن وقت تائين، ڪيترائي حڪومت جا نظام آزمايا ويا، ليڪن انساني ڏکن ۽ ڏولاون ۾ ڪا به ڪمي ڪونه آئي آهي. مغربي جمهوريت ۽ لاديني سوشلزم وغيره پنهنجن تجرباتي مرحلن دوران پنهنجي محدود دائرن اندر جيتوڻيڪ عام ماڻهن کي صحت، تعليم، گهر ۽ روزگار



جون ضرورتون مهيا ڪيون ۽ ڪين معاشي بي فڪري ڏني پر جيئن ته سندن سوچ ۽ فڪر جو دائرو هن دنيا ۽ دنيا جي مادي ضرورتن، سهوليتن ۽ لذتن تائين محدود هيو تنهنڪري هن دنيا جي خالق ۽ هلائيندڙ چلائيندڙ جي ڏنل نظامِ حيات جي فيض کان محروم رهجي ويا.

دراصل اسان کي کپي ته پهريائين انسان جي حقيقت کي سامهون رکي پوءِ ان جي فطري تقاضائن جي پورائي وارو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نظام تجويز ڪريون. انسان هڪ اهڙو وجود آهي جنهن ۾ هن دنيا جي لذتن تائين محدود رهڻ ڪري اسفل سافلين ۽ هن دنيا ۾ رهي دنيا کان مٿانهون ٿي سوچڻ ۽ عملي زندگي بسر ڪرڻ ڪري احسن تقويم جي مرتبي تي فائز ٿيڻ واري قدرتي قانون جا نتيجا موجود آهن. ان کان سواءِ نسل در نسل ڪيل گناهن جي ڪري ان جو جسم پراڻو ۽ ڪمزور ٿي ويو آهي. ”نفس“ ۽ ان جون غلاظتون انسان ۾ موجود آهن. انسان شفا چاهي ٿو:

هن آية پاڪ تي غور ڪريو:

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِی الصُّدُوْرِ ۙ (يونس: 57)

(ترجمو: اي سڄي دنيا جا انسانو! توهان کي نشونما ڏيڻ واري جي طرف کان هڪڙو ضابط حيات آيو آهي جيڪو توهان جي نفسياتي بيمارين جوعلاج پنهنجي اندر رکي ٿو.)

نبي سڳورا حڪيم ٿيندا آهن. اهي پنهنجي حڪمت سان انسانن جي روحاني بيمارين جو علاج ڪري انهن کي پاڪ صاف ڪندا آهن ته جيئن هو بلندي جي مٿئين ڏاڪي تي چڙهڻ جي قابل ٿين. ياد رکو روحاني بيمارين جي موجودگي ۾ جسماني بيمارين جو خاتمو ممڪن ڪونهي.

كَمَآ اَرْسَلْنَا فِیْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ یَتْلُوْا عَلَیْكُمْ اٰیٰتِنَا وَیُزَكِّیْكُمْ وَیُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَیُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ۝۱۵۱ؕ (بقره: 151)

(ترجمو: (اهڙيءَ طرح) جيئن اسان توهان جي درميان هڪڙو رسول توهان مان ئي موڪليو جيڪو توهان جي روبرو خدا تعاليٰ جون آيتون پڙهي ٿو ۽ توهان کي پاڪ و صاف ڪري ٿو ۽ توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو. اهو توهان کي ان جي تعليم ڏئي ٿو جيڪي توهان ڪونه ڄاڻيندا هئا.)

نبي آيات الاهي جي تلاوت ڪندو آهي. يعني الله تعاليٰ جا قانون ۽

Gul Hayat Institute

ارشادات جيئن جو تيئن پڌائيندو آهي. تزڪيه مان مراد آهي ته نبي ماڻهن جي اخلاق ۽ انهن جي زندگي ڪي خراب صفتن، خراب رسمن ۽ برن طريقن کان پاڪ ڪندو آهي ۽ انهن جي اندر سنون صفتون ، آسماني اخلاق ۽ فطري طريقن جي نشوونما ڏيندو آهي. ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندو آهي. حڪمت، حقيقت ڪل جي روشني ۾ فيصلي ڪرڻ ڪي چئبو آهي. ان کان سواءِ حسن ۽ انصاف جومفهوم به حڪمت ۾ ئي ايندو آهي. حڪمت ۾ قوت جو عنصر به آهي ۽ اهو ئي عنصر اسلامي نظام حڪومت ڪي نظام حڪمت بڻائي ٿو. نبي، حڪمت سان ماڻهن ڪي خدا جي ڪتاب جي صحيح منشا ۽ مدعا سمجهائيندو آهي ۽ انسانن جي اندر اهڙي بصيرت پيدا ڪندو آهي ته جيئن اهي ڪتاب جي اصل روح تائين پهچن ۽ پنهنجي حسين عملن سان حسن گڏ ڪري حسين کان حسين تر مقام ڏانهن وڌن. ظاهر آهي ته اهو ڪم ان وقت تائين ڪونه ٿي سگهندو جيستائين نبي اقتدار جو مالڪ نه ٿئي، نبي ، الله تعاليٰ جي طرف کان فطري حڪمران ٿيندو آهي. هو خليفي جي روپ ۾ نائب نور ٿيندو آهي.

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلۡنٰكَ خَلِيۡفَةً فِى الۡاَرۡضِ فَاحۡكُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ بِالۡحَقِّ (ص:26)

(ترجمو: اي داؤد، اسان توهان ڪي خليفو بنايو آهي ان ڪري توتي لازمي آهي ته ماڻهن تي حق سان حڪومت ڪر.)

حق سان حڪومت ڪرڻ جو مقصد آهي آسماني قانونن ۽ حڪمن مطابق ماڻهن تي حڪومت ڪرڻ. ان مان ظاهر ٿيو ته خليفي جو مقصد احڪام الاهي پهچائڻ کان سواءِ انهن قانونن مطابق حڪومت ڪرڻ به آهي.

خارجي ڪائنات ۾ نور جي حڪومت موجود آهي. زمين تي نور جي حڪومت نهڻ گهرجي، علم نور آهي.

علم جي بادشاهت شاهه آهي ته سچ جي جاءِ سچ ئي پري سگهندو. حقيقت ڪل ڄاڻندڙ جي جاءِ حقيقت ڪل وارو ئي پري سگهي ٿو. علم (نور) جو جانشين عالم ئي ٿي سگهي ٿو. عالم جي جاءِ عالم ئي پري سگهي ٿو.

ڪائنات عدل جي بنياد تي قائم آهي، آسمان ۾ عدل قائم آهي. هر شيءِ هڪ قانون جي تابع آهي. سياست الاهي انساني دنيا ۾ عدل قائم ڪرڻ لاءِ ئي آهي. ٻيءَ حالت ۾ زمين تي عدل قائم ٿي نه سگهندو. عدل جي تقاضا اها آهي ته زمين تي آسماني نظام آندو وڃي ۽ هر شيءِ کي اهو مقام



ڏنو وڃي جنهن لاءِ اها قابل آهي.

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الۡمِيۡزَانَ ۙ﴿۷﴾ (رحمٰن:7)

(ترجمو: ان آسمان کي بلند ڪيو ۽ هر شيءِ جي لاءِ ميزان مقرر ڪئي.)

نظام شمسي هڪ عادلانه نظام جو پابند آهي. انهن آسماني جسمن قدرت الاهي جي اڳيان پنهنجو گردن جهڪائي ڇڏيو آهي. هڪ نور جي بادشاهت انهن مٿان حڪومت ڪري رهي آهي. الله تعاليٰ پنهنجي پيغام موڪليندڙن کي زمين تي ان ڪري موڪليو ته اهي زمين جي سيني تي موجود، انساني جسمن ڪي ان نظام ۾ آڻن، جيڪو نظام حڪومت ڪائنات ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. حقيقي عدل به اهو ئي آهي. انسان ڪي ڪامل ڪرڻ جو ٻيو ڪوبه قدرتي ذريعو ڪونهي. انسان جي ڪامل ٿيڻ لاءِ ٻيو ڪو متبادل ڪونهي. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا رُسُلَنَا بِالۡبَيِّنٰتِ وَاَنۡزَلۡنَا مَعَهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡمِيۡزَانَ لِيَقُوۡمَ النَّاسُ بِالۡقِسۡطِ ۚ (حديد: 25)

(بيشڪ اسان پنهنجي رسولن ڪي موڪليو روشن دليلن سان ۽ ساڻن گڏ ڪتاب ۽ ميزان نازل ڪيو ته جيئن ماڻهو عدل سان قيام ڪن.)

دنيا ۾ سڀئي پيغمبر عدل قائم ڪرڻ لاءِ آيا. ظاهر آهي ته اهو ڪم معاشري تي حڪومت ڪرڻ کان بغير ممڪن ڪونهي. تنهنڪري انسان جي بهتريءَ لاءِ سياست پيغمبرن جو ڪم آهي. هن وقت پيغمبرن جا وارث حق جي لاءِ جهيڙيندڙ عالم ئي آهن. جن جو علم دنيا جي انتظامي مامرن سان گڏ عبادتن ۽ سعادتن تي پڻ محيط هجي. اهي ئي انسانذات کي قرآن حڪيم جي روشني ۾، جهالت جي اونداهين مان ڪڍي نور (علم) جي ذريعي ڪمال (خدا) تائين پهچائي سگهن ٿا. ياد رهي ته هن جديد ايٽمي دور ۾ به دنيا تي جهالت ئي حڪمران آهي. حقيقت ڪلي جي تجلي ڪٿان به ڪونه ٿي نظر اچي. نتيجي ۾ هر طرف شيطانيت ڇانيل آهي. جنگ وجدل پنهنجي خوني عصا سنڀالي آهي. قهر و غضب جي ديوتائن شور برپا ڪيو آهي. انسانيت جي سطح تي هڪ خود رو جهنگل اڀري آيو آهي. خوفناڪ ٻوڙن ۽ تاريڪ وادين ۾ خونخوار درنده ۽ زهريلا جيت آهن. ان جهنگل مان

Gul Hayat Institute

نڪرڻ جو آسان رستو قرآن شريف ٻڌائيندو پر قانون قدرت مطابق جيڪو ٺاهڻو وري بہ اسان کي ئي آهي.

حق جي قيام لاءِ انسان کي اٿي بيهڻو آهي. جڏهن حڪم، حق جي خلاف هجي تہ حقيقي انسان جو فرض آهي تہ پنهنجي قول ۽ فعل سان اهو اعلان ڪري تہ باطل جي حڪومت، حقيقت ڪامل جي خلاف آهي، تنهن ڪري ان جي اڳيان سر نہ جهڪائيندس. هڪ طرف حق هجي ۽ ٻئي طرف باطل تہ اهڙي صورت ۾ علي الاعلان پهرين گروهہ جي طرفداري ڪري حق و انصاف کي قوت ڏيڻي آهي. اهڙي حالت ۾ غير جانبداري ڪفر آهي. حق سان گڏ حق جو آواز نہ ملائڻ وارو گونگو شيطان آهي. قرآن حڪيم انسان کي هڪ اهڙي صاف، پرنور ۽ مقدس جهان ۾ ڏسڻ چاهي ٿو جتي آسماني قدرن جي حڪومت هوندي.

عالم فطرت ئي انسانذات تي حڪمراني جو قدرتي حق رکي ٿو. عالم فطرت ئي انساني سياست کي سمجهڻ جي اهل آهي. هن وقت تائين بي علم بادشاهن، ظالم جابرن ۽ جاهل سياستدانن دنيا تي حڪم هلايو آهي. انهن حقيقت نور کان ناواقف هجڻ ڪري انسانذات کي باهہ ۾ جلايو. انهن ظالمن جي غير فطري رهبري ٻن عظيم جنگين جي تباهي نازل ڪري چڪي آهي. جيڪڏهن انهن جو هٿ نہ روڪيو ويو تہ پوءِ يقينن ٽين عالمي جنگ جا آتشي نيزا ضرور ٽڪرائيندا ۽ ايٽمي توانائي زمين جي پٺيءَ تان زندگي جو نالو نشان مٽائي ڇڏيندي. انسان جي روحاني ارتقا صرف ان وقت بلندين طرف وڃي سگهي ٿي جڏهن نظام حيات حق تي قائم هجي. Robert Braiffault تهذيب و تمدن جي علوم کي ئي هڪڙي حيثيت قبول ڪري ٿو. هو پنهنجي ڪتاب The Making of Humnity ۾ لکي ٿو:

> ”انسان جي اجتماعي زندگي جو ڪو بہ نظام، جنهن جو بنياد باطل تي هجي، ڪڏهن بہ قائم رهي ڪو نہ ٿو سگهي، خواهہ ان باطل نظام کي ڪهڙي بہ تدبير ۽ دانشمندي سان ڇو نہ هلايو وڃي. ان جي بنيادي ڪمزورين ڪري خارجي نظم و ضبط ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي جزوي مرمت سان ڪڏهن بہ بلندي نصيب ٿي ڪو نہ ٿي سگهي. جيستائين ان جي اصليت باقي آهي، ان جي لاءِ تباهي مقدر آهي.“ *(صفحو 159)*



جيڪڏهن اسان جي مٿان جهالت حڪمران هوندي تہ پوءِ بدن جو اهو نور ڪيئن چمڪندو ۽ مسڪرائيندو جيڪو گناهن جي ميراڻ هيٺيان دٻيو پيو آهي. بدن جي ان نور کي واپس آڻڻ لاءِ نور (علم) جي حڪومت هجڻ گهرجي ڇو تہ علم نور آهي.

حقيقت اها آهي تہ انسانذات، هن وقت تائين حڪومت ڪرڻ جا جيترا بہ نظام آزمايا آهن، انهن کي شروعات ۾ پنهنجو همدرد سمجهي انهن تي عمل ڪندو رهيو. ان ڪڏهن شهنشاهن بادشاهن کي سجدو ڪيو تہ ڪڏهن فسطائيت، آمريت ۽ جمهوريت جا گيت ڳايا، ان حق جو ڇيو اڄ تائين ڪو نہ مڃيو. حق ۽ باطل جي تباهہ ڪن شراڪت هر وقت غالب رهي. انهن نظامن ۾ باطل جي آميزش جڏهن پنهنجو اثر ڏيکاريو تہ ان کان بيزار ٿي، انسان پاڻ ئي انهن نظامن خلاف بغاوت ڪئي. اڄ انسان، مغربي جمهوريت جي چڪر ۾ بري طرح ڦاسي چڪو آهي. انسان جي فطرت حق جي طالب آهي، ان ڪري، ان کي، مغربي جمهوريت ۾ لڪل باطل قوتن جي شراڪت سڪون دل مهيا ڪري نٿي سگهي ڇو تہ مغربي جمهوريت اهو نظام حڪومت آهي، جنهن ۾ مڪمل حقيقت ڪونهي، بلڪ ان ۾ باطل جي ملاوٽ آهي. پوري سچائي ڪا ٻي آهي ۽ اهو آهي قرآن حڪيم.

صحيفہ فطرت ڪائنات ۾ واحد حقيقت آهي، اهو ئي قرآن شريف جو چوڻ آهي. ان ڪانسواءِ جيڪي اسان پنهنجي طرفان ڏٺو آهي سو سڀ ”ظن“ آهي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي تہ ڪائنات ۾ صرف حق موجود آهي. خلق السموات والارض بالحق“ انهيءَ صحيفہ فطرت جي حقيقت ڄاڻيندڙ عالم، دنيا جي انسانن ۾ بهترين ذهن جو مالڪ آهي، ڇو تہ اهو ئي وجود آهي جيڪو ڪائنات جي حقيقت ۽ ان ۾ انسان جي مقام کي سمجهي سگهي ٿو. عالم فطرت ئي انساني زندگيءَ جي مقصد کي ڄاڻي ٿو ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي قوت رکي ٿو.

سياستدان، ذاتي مفادن، هڪٻئي سان حسد ۽ بي اعتماديءَ جي جهڳڙن ۾ ڪجهہ اهڙيءَ طرح اٽڪي پيا آهن جو انهن جي لغت ۾ سياست مان مراد محض سازشون، عياري ۽ جعلسازي آهي. انهن جي حڪمت جو بنياد مڪر و فريب آهي ۽ مڪر و فريب جو مقصد آهي روح جو موت يعني صرف تن جي زندگي. ان حڪمت سبب انسانيت جو شعلو بي نور ٿي ويو

Gul Hayat Institute

آهي. ان جو صبح، ان جي شام ڪان وڌيڪ اونداهو آهي. پيو تہ ان حڪمت جي نتيجي ۾ انسان هر وقت، زندگيءَ ڪي مادي سهوليتون پهچائڻ ۾ مصروف نظر اچي ٿو. ان ڪي هر وقت يا تہ مانيءَ جو فڪر آهي يا موت جو خوف. افسوس آهي اهڙي انسان تي جنهن جي دل الله (زندگيءَ جي مقصد) جي محبت ڪان خالي هجي. دراصل اهڙي انسان ڪي مئي عرصو گذري چڪو آهي، جو تہ جاهل حڪمرانن (سياستدانن ان ڪي نور (زندگي) جي وادي ۾ پهچائڻ بدران ظلمت (فنا) جي شڪنجي ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي.

قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰۗـــُٔــھُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ (بقره:257)

”الله انهن جو ساٿي آهي جن ايمان آندو آهي، اهو انهن ڪي ظلمات مان ڪڍي نور (علم) جي طرف وٺي وڃي ٿو ۽ جن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو انهن جا ساٿي شيطان آهن جيڪي انهن ڪي نور مان ڪڍي ڪري ظلمات جي طرف وٺي ويندا آهن.“

هن وقت تائين علم حقيقي (قرآن حڪيم) ڪي پڏوئي ڪو نہ ويو آهي. اسان پنهنجي هٿن سان ئي پنهنجي زندگي جي روحاني رنگينين ۾ ڪنڊا اڇلايا آهن. اسان پنهنجي بدن جي نور جا پاڻ ئي قاتل آهيون. پنهنجي زندگيءَ جا پاڻ ئي دشمن آهيون.

خلافت جو حق ان وقت صحيح طور تي ادا ٿي سگهي ٿو. جڏهن اسان جو هر عمل خدا تعاليٰ جي مرضيءَ مطابق هجي، يعني انسان الله تعاليٰ جو فرمانبردار بندو ٿي وڃي. ظاهر آهي تہ الله تعاليٰ جو بندو قدرت جي انهن قانونن تي عمل ڪندو جيڪي ڪيس مٿي اپارن ٿا يعني مقصد زندگيءَ جي ويجهو ڪن ٿا ۽ انهن عملن ڪان هٽي ويندو جيڪي ڪيس پستي ڏانهن ڇڪين ٿا. نبي سڳورا حڪومت جي قوت سان انسانيت ڪي جهالت جي ظلمت مان ڪڍي علم (نور) جي دنيا ۾ آڻن ٿا تہ جيئن انسان، گناهن جي باهہ ۾ سڙيل بدن جو نور واپس وٺڻ لاءِ نور جي رهبريءَ ۾ خوب ڪان خوب تر مقام ڏانهن وڌي ڪمال (الله) تائين پهچن. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اَنْ اَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ۬ (ابراهيم:5)

”۽ باليقين اسان موسيٰ ڪي پنهنجي نشانين سان



موڪليوسين تہ پنهنجي قوم ڪي ڪڍي اچو تاريڪين مان نور (علم) جي طرف.“

طاقت ۽ دولت، حڪومت وٺ ٿيندي آهي. خيالات، افڪار ۽ نظريات ڪي ناهڻ ۽ انسانذات ڪي انهن سانچن ۾ فٽ ڪرڻ جا وسيلا حڪومت وٽ هوندا آهن. اخلاقي قدرن جو تعين جن جي اختيار ۾ هجي، انهن جي رهنمائي ۽ فرمانروائي تحت مجموعي حيثيت سان ان راهہ تي هلڻ لاءِ مجبور ٿيندي، جنهن راهہ تي اهي رهبر انهن ڪي هلائڻ چاهن ٿا. اي انسان! هڪڙي صاف ۽ سڌي حقيقت آهي تہ انڌو انڌي جي پويان هلندو تہ ٻئي وڃي کڏ ۾ ڪرندا. راهہ حق ڪان بي خبر رهبر جي پويان هلڻ خودڪشي جي مترادف آهي. راهہ ڪان بي خبر رهبر ان ماڻهوءَ وانگر ٿيندو آهي، جيڪو صبح جو جانورن جي ڌڻ ڪي ذبح خاني ڏي وٺي ويندو آهي.

انسان جي زندگي ان وقت بامقصد ٿيندي جڏهن هو پوري جو پورو اسلام (نور) ۾ داخل ٿي وڃي. ايئن نہ ٿيڻ گهرجي تہ زندگيءَ جي ڪجهہ شعبن تي تہ اسلام (نور) جي حڪومت هجي ۽ باقي شعبن تي شيطان حاوي هجي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَاۗفَّةً ۠ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ (بقره:207)

”اي ايمان وارو! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو.“

الله تعاليٰ زمين جي سيني تي انسان ڪي ڪمال تائين پهچائڻ لاءِ موقعا ۽ ذريعا مهيا ڪيا آهن. رياست ۽ حڪومت جو وجود ان لاءِ آهي تہ جيئن اجتماعي نظم ۾ زندگيءَ جي تڪميل لاءِ عمل ڪيو وڃي. زندگي بامقصد ٿئي يعني انسان جو هر عمل روحاني (نوراني، قرآني) ٿئي.

ڪائنات جون هي وسعتون خود آگاهي ۽ خود تعمير لاءِ ميدان عمل آهن. ان ڪري قرآن حڪيم جي نظر ۾ مملڪت اسلام (آسماني بادشاهت، دين، نور جي بادشاهت) هڪ انتهائي پاڪيزه ادارو آهي جنهن سان انسان جي روحاني پهلوئن جي تڪميل ٿيندي آهي. آسماني بادشاهت، زندگيءَ جي نصب العين ڪي زمان ۽ مڪان ۾ صورت پذير ڪندي آهي. قرآن حڪيم اسلامي حڪومت (آسماني بادشاهت) ڪي قانون، عدل، بلند اخلاقي ۽ مقصد حيات جو ذريعو چوي ٿو-

Gul Hayat Institute

دين ۽ سياست ۾ تفريق غلط آهي. ڇو ته حقيقت مطلق محض نور آهي ۽ ماديت جي دنيا حقيقت جو ئي مظهر آهي. اسلام، رياست ۽ حڪومت کان بغير هوندو ته پوءِ ان جو هڪ انتهائي اعليٰ حصو معطل ٿي ويجي ٿو. الله جو دين، حڪمراني ۾ غلبي جي بجاءِ شيطان جي غلامي ۾ ان جي مغلوبيت جو شڪار ٿي ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح انسان جي پوري زندگي بي مقصد ٿي پوي ٿي. ان جي هر پهلوءَ تي ظلم حاوي ٿي ويجي ٿو.

## رياست مقصد نه، بلڪه ذريعو آهي:

الله تعاليٰ، ڪائنات ۾ انسان جي مقصد (ڪمال) کي حاصل ڪرڻ لاءِ موقعا ۽ ذريعا مهيا ڪيا آهن. رياست ۽ حڪومت جو وجود ان ڪري آهي ته جيئن اجتماعي نظم و نسق ۾ زندگيءَ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ عمل ٿئي. يعني رياست، مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي، خود مقصد ڪونهي.

وري غور ڪريو مادي ڪائنات جون هي وسعتون، خود آگاهي ۽ خود تعمير لاءِ ميدان عمل آهن. ان ڪري قرآن حڪيم جي نظر ۾ اسلامي مملڪت هڪ انتهائي نوراني، پاڪيزه ۽ مقدس ادارو آهي، جنهن سان انسانذات جي روحاني پهلوئن جي تڪميل ٿيندي آهي. اسلامي حڪومت، زندگيءَ جي نصب العين کي زمان و مڪان ۾ صورت پذير ڪري ٿي. قرآن حڪيم، اسلامي حڪومت (دين، آسماني بادشاهت) کي ڪمال حاصل ڪرڻ جو ذريعو ڇوي ٿو. قرآن پاڪ ڪو مذهبي عقيدو يا پوڄا پاٺ سيکارڻ جو ڪتاب ڪونهي، بلڪ حقيقت ڪليءَ تي مبني اهڙو جامع نظام حيات پيش ڪري ٿو. جيڪو دنيا مان زندگيءَ جي سيني ظالم ۽ فسادي نظامن کي مٽائي انهن جي جاءِ تي نور (آسمان) جي بادشاهت قائم ڪري ٿو ته جيئن ان نظام جي ذريعي، انسان ڪمال (الله) تائين پهچي، يعني آسماني صحت حاصل ڪري، موت کي ماري، جنت تائين پهچي، بقا، ڪمال ۽ دائمي مسرتن ملڻ جو اهو ئي ذريعو آهي.

انسانن تي حڪومت ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته انهن کي ظلمات مان ڪڍي نور طرف وٺي اچجي. شيطان، انسان جي بدن تي چڙهيل نور جي چادر کسي چڪو آهي. حاڪم جو فرض آهي ته شيطان کان اها چادر کسي،



اها وري انسانن کي پهرائي. انسانذات کي الله(ڪمال) تائين اهو حڪمران ئي پهچائي سگهندو جنهن کي الله تعاليٰ جي معرفت حاصل آهي، جنهن جو سڌو رستو ڏٺل آهي.

ياد رکو روحاني علاج روحاني حڪيم ئي ڪري سگهندو. انساني جسم جي روحاني تعمير روحاني انجنيئر کان بغير ناممڪن آهي. هي تصور ته انسان جي تقدير انهن ماڻهن جي هٿ ۾ ڏني ويجي جيڪي ڪارخانه قدرت جي "مشيت" ۽ مقصد کان قطعاً ناآشنا آهن، هڪڙو انتهائي وڏو ظلم آهي. اهو انسان جي حقيقت، گلن جي رنگيني، ٻارڙن جي معصوم مسڪراهٽ ۽ آسماني سرور سان بغاوت آهي. انهن جهالت جي مجسمن (سياستدانن) کي ڇا خبر ته اڄ انسانيت جي ترقي ڪارخانه فطرت جي اصلي حياتياتي مقصد کان ڪيترو پري هٽي چڪي آهي. الله تعاليٰ (ڪمال) جي طرف عالم فطرت ئي رهبري ڪري سگهي ٿو ڇو ته اهو ئي نوراني مجسمو آهي.

وَّاتَّبِعۡ سَبِيۡلَ مَنۡ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ (لقمان:15)

"اهڙي شخص جي پيروي ڪيو جنهن منهن جي طرف رجوع ڪيو آهي."

وَلَا تُطِعۡ مَنۡ اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِكۡرِنَا (ڪهف:28)

"۽ نه اطاعت ڪريو ان شخص جي، جنهن جي دل کي مان پنهنجي ذڪر کي خالي ڪيو آهي ۽ ان خواهشن جي پيروي ڪئي آهي ۽ ان جو امر حد کان تجاوز ڪري ويو آهي."

"ان جو امر حد کان تجاوز ڪري ويو آهي" حڪمران جو اهو حڪم، جيڪو حقيقت ڪائنات يعني قرآن حڪيم جي خلاف آهي ته اهو حد کان تجاوز ڪرڻ آهي. هيئن ڇئو ته اهو حڪم قرآن (حق) سان بغاوت آهي.

## آزادي جي حقيقت

آزادي مان مراد غير جي جبر جي نفي آهي. يعني قرآن حڪيم جي آزادي جو هڪ انقلابي مفهوم آهي. ان ۾ انسان غير جي تسلط کان آزاد ٿي ويندو آهي ۽ ان جا هٿ قيد ۽ بند کان کلي ويندا آهن. قرآن حڪيم آزاديءَ کي نفس جي خود مختياري جو نتيجو نٿو سمجهي، بلڪ (نور، الله) جي

Gul Hayat Institute

بندگيءَ جو نتيجو سمجهي ٿو. قرآن حڪيم دنيا جي سڀني انسانن کي هڪڙي صف ۾ ان ڪري بيهاري ٿو، ڇو تہ سڀني کي نور جي ضرورت آهي. حقيقت جي لحاظ کان دنيا جا سڀ انسان نور جا بندا آهن. اسلام ۾ آزادي جو بنياد الله تعاليٰ جي خالص بندگي تي آهي جنهن جي آڏو اهي سڀيئي بت پرزا پرزا ڪرڻا آهن جي انساني شرافت جي قرباني چاهن ٿا ۽ جن هميشہ حق کان ڦريل ماڻهن جي قوت شيطاني جي مظهرن ۾ ، ڪڏهن حڪومتن جي جبر ۽ تسلط جي صورت ۾، ڪڏهن دولت ۽ مال ۾، ڪڏهن عزت ۽ غرور ۾ ۽ ڪڏهن زهد ۽ تقويٰ جي گهمنڊ ۾، مطلب تہ مختلف شڪلين ۽ نالن سان خدا جي بندن کي حق کان پري رکڻ چاهين ٿا. ڪٿي چاندي ۽ سون جي ڍيرن، ڪٿي ليڊرن ۽ حاڪمن تہ ڪٿي وري خواهشات نفساني جا بت آهن پوري امت انهن جي پرستش ۾ غرق آهي. اهو در حقيقت حق سان ڪفر آهي.

قرآن حڪيم آزاديءَ جو ڪم انسان جي باطن کان شروع ڪري ٿو. ان جي نظر ۾ آزاديءَ جو اهو مفهوم ڪونهي تہ رستو ڪليو پيو آهي، جيڏانهن وڻيوَ اوڏانهن هليا وڃو. بلڪ ان وٽ حريت جو مفهوم اهو آهي تہ انسان پنهنجي اختيار کي نوراني ڪري ۽ پنهنجي طرز عمل کي فڪر صالح جي روشنيءَ ۾ معين ڪري. ياد رهي تہ خواهشات جو نيڪ ۽ نوراني ارادي تي غلبي جو مقصد حريت جو موت ۽ آزاديءَ جي بربادي آهي.

قرآن حڪيم جيڪا آزادي ڏيڻ چاهي ٿو اها تاريخ جي سڀني آزادين کان وڌيڪ پاڪيزه ۽ ان جي حريت دنيا جي سڀني حريتن کان بلند آهي. قرآن شريف اهو ڪو نہ ٿو چاهي تہ موجوده تمدن وانگر انساني زندگيءَ جو آغاز حريت ۽ آزاديءَ سان ٿئي ۽ آخرڪار انجام جي لحاظ کان قيد و بند جو شڪار ٿي وڃي. بلڪ ان جي آزاديءَ جو مقصد هي آهي تہ آغاز ايمان سان ٿئي ۽ آخر ۾ انسان ڪامل ٿي ڪري سڀني پابندين کان آزاد ٿي وڃي. ياد رهي تہ قرآن حڪيم (علم، نور، سچ) جي غلامي ئي حقيقي آزادي آهي.

قرآن حڪيم وٽ آزاديءَ جو تصور ڇڙواڳي ۽ فرقيوارانہ گروهہ بنديءَ جي نفيءَ تي مبني آهي.

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا ۠ (آل عمران:103)

”توهان سڀ جا سڀ ان ڪتاب الله سان وابستہ رهو ۽ فرقن



۾ ورهائجي نہ وڃو.“

هتي فرقن مان مراد صرف مذهبي فرقا نہ آهن بلڪ ان ۾ سياسي پارٽيون بہ اچي وڃن ٿيون:

كُلُّ حِزْبٍۢ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ (مؤمنون:53)

هاڻي جنهن جي پلوَ ۾ آهي سو انهيءَ ۾ خوش آهي.“

ڏسجو! توهان مومن بڻجڻ کان پوءِ مشرڪ نہ بڻجي وڃجو. يعني انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جن پنهنجي دين ۾ فرقا پيدا ڪري ڇڏيا ۽ گروهن ۾ تقسيم ٿي ويا. قرآن حڪيم ۾ اڃي ٿو (غور جو مقام آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ؕ (انعام:159)

جيڪي ماڻهو دين ۾ فرقا پيدا ڪن ۽ گروه گروه ٿي وڃن (اي رسول) تنهنجو انهن سان ڪو بہ تعلق ۽ واسطو ڪونهي.

قرآن شريف هر قوم ۾ فرقہ بندي، پارٽي بازي ۽ گروهہ سازيءَ کي خدا جو عذاب قرار ڏئي ٿو. قرآن حڪيم صرف ٻن پارٽين جو وجود تسليم ڪري ٿو. هڪ خدا جي ۽ ٻي شيطان جي. (حزب الله ۽ حزب الشيطان) ٽين پارٽيءَ جو ڪو بہ وجود ڪونهي. وحدت خالق جو عملي ظهور وحدت امت جي شڪل ۾ هجڻ ضروري آهي. جهڙيءَ طرح الوهيت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ، وجود کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ شرڪ آهي، اهڙيءَ طرح وحدت امت کي پاره پاره ڪرڻ بہ شرڪ آهي. امت جي وحدت جو بنياد، هڪ خدا جي هڪ ضابطي مطابق زندگي بسر ڪرڻ سان آهي.

قدرت سڀني انسانن جي سامهون زندگيءَ جو هڪڙو مقصد مقرر ڪيو آهي ۽ اهو مقصد فرقن ۾ ورهائجڻ سان نہ بلڪ وحدت سان ملندو.

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ ؕ (آل عمران:105)

”۽ اوهين انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جن پاڻ ۾ تفريق پيدا ڪئي ۽ هڪٻئي ۾ اختلاف ڪيائون، پڌرن حڪمن پهچڻ کان پوءِ بہ“

”مسلمان“ قوم ناهي بلڪ هڪ پارٽي ۽ حزب آهي ڇو تہ قوم جو اتحاد ٻولي، رنگ، نسل يا معاشي مفادن جي تحت وجود ۾ ايندو آهي. ليڪن مسلمانن جو اتحاد ڪائنات جي حقيقت ڪلي يعني خدا تعاليٰ جي آواز تي ٿيندو آهي. انهن وٽ صرف حق و باطل جو معيار ٿيندو آهي.

Gul Hayat Institute

انهن وٽ قرآن حڪيم جي تعليم تي عمل پيرا ٿيڻ وارا حق پرست آهن. ياد رهي ته حق جو ڪنهن رنگ، نسل يا وطن سان ڪو به واسطو ڪونهي. حزب الله جو امتياز مادي يا زميني ڪونهي بلڪ اتي روحانيت ئي اصل امتياز آهي. اسلام حق جي عبادت جو حڪم ڏئي ٿو. هو نفس جي پاڪيزگي، عمل جي نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ طرف سڄيءَ دنيا کي دعوت ڏئي ٿو. جيڪو ان آسماني دعوت کي قبول ڪري ٿو اهو الله جي پارٽيءَ ۾ داخل آهي. هڪ گهر ۾ هڪڙو ايماندار ۽ ٻيو بي ايمان ٿي سگهي ٿو. انهن ٻنهي جا رستا حقيقت جي لحاظ کان الڳ آهن. الله جي پارٽيءَ وارا نور جي بادشاهت ۽ ان جو حڪم چاهن ٿا ۽ اولياءُ الشيطان جي چيخ و پڪار ۽ جدوجهد جو مقصد شيطاني حڪومت ٿيندو آهي. بس اهي شيطان جي حڪمن جي اشاعت ڪندا آهن ۽ انهن جي خبيث اوامر جا سفير ٿيندا آهن. اولياءُ الله جي دعوت قيام انسانيت جو سرچشمو ٿيندي آهي ۽ اولياءُ الشيطن جي دعوت شر، فساد، فسق و فجور ۽ تخريبڪاري ٿيندي آهي. ٻئي بدبختيون جيڪي دنيا جي انسانن ۽ معاشرن کي دامن گير آهن، اهي سڀ الله جي عبادت کان انحراف ۽ بتن ۽ طاغوتن جي پرستش جي سبب کان آهن. شروعات کان وٺي انهن ٻنهي پارٽين ۾ ڪشمڪش جاري آهي. اهو سلسلو ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين حزب الله جي پارٽيءَ وارا ڪارڪن، شيطان جي پارٽي وارن جي ٻاريل باهه کي زمين تان پاڪ نٿا ڪن. حزب الله جا رهبر انبياءَ حق پرست ٿيندا آهن ۽ حزب الشياطين جي رهبريءَ جا فرائض شيطان صفت ماڻهو هر دؤر ۾ ادا ڪندا رهيا آهن.

قدرت جو پروگرام هي آهي ته انسان حڪومت ڪرڻ جي مختلف نظامن کي آزمائيندو انهن جي تجربن مان گذري آخرڪار ان نتيجي تي پهچندو ته حڪومت ڪرڻ جو حق دنيا پرست سياستدانن کي نه بلڪ انهن عالمن کي آهي جيڪي دنيا جي انتظامي ڄاڻ سان گڏ ڪائنات ۾ انسان جي مقام ۽ ان جي زندگيءَ جي مقصد جو پڻ علم رکن ٿا، ڇو ته زندگي جو مقصد انهن ذريعي ئي پورو ٿي سگهندو.

قرآن حڪيم انسان جي لاءِ جيڪو نظام حڪومت تجويز ڪيو آهي ان ۾ حڪمرانيءَ جي لاءِ "صالح" جو قيد ۽ شرط لاڳو ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته حقيقي اقتدار جو مالڪ الله يعني نور ئي آهي. نور جو ڇيو مڃڻ اسان جي



فطري مجبوري آهي، ڇو ته انسان کي نور گهرجي. نور جي ڇوڻ تي هلبو ته نور ملندو. ڇاڪاڻ ته قرآن حڪيم نور آهي.

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ

(الاعراف: 157)

"سو جن ماڻهن هن نبيءَ تي ايمان آندو ۽ ان جو ساٿ ڏنو ۽ ان جي مدد ڪئي ۽ ان نور جي پيروي ڪئي، جيڪو ان سان گڏ لاٿو ويو آهي. سو اهي ئي ماڻهو ته آهن فلاح پائڻ وارا."

مغربي جمهوريت جو اصول هي آهي ته سڀ انسان بنا امتياز جي، يعني نيڪ ۽ بد، نظام حڪومت ۽ معاشرت ۾ مساوي حقن جا مالڪ آهن. عالم ۽ جاهل، نيڪوڪار، سخي، بهادر، بزدل، صالح ۽ منافق جي ووٽ جي قيمت هڪ ئي آهي. ليڪن قرآن حڪيم جي تعليم مطابق ايمان وارو ۽ بي ايمان هڪجهڙا نه آهن. حقيقت حيات و ڪائنات جي نظر ۾ عالم ۽ جاهل جو رتبو هڪجهڙو ڪونهي. روشني ۽ اونده برابر نه آهن.

قرآن حڪيم وٽ سياست يعني دنياوي ڪار ونهوار هلائڻ الله تعاليٰ جي عبادت جو حصو آهي. يعني عالم انسانيت حقيقت ڪليءَ جي روشني ۾ اڳتي وڌي. الله تعاليٰ تمام ڪمالات جو مبداءَ ۽ حق مطلق آهي ان ڪري عبادت مان مراد آهي معرفت حقيقت جي اڳيان سر نوائڻ، جهڪڻ، اطاعت ڪرڻ يعني باطل، جبر، ظلم، نفساني خواهشات، شيطان ۽ طاغوت کان انڪار ڪرڻ آهي ٻئي طرف اهي سڀ عمل ۽ فرض عبادت آهن، جيڪي قرب الاهي (خدا، ڪمال) جي خاطر انجام ڏنا وڃن.

دنياوي حڪومتن سياست کي ظلم، تمرد وطغيان، خود غرضي، هوائي نفس، ڪذب و فريب ۽ جنگ ۽ حرص جي وسيلن جي مترادف ڪري ڇڏيو آهي. ليڪن حقيقت اها آهي ته حڪومت، هڪ روحاني صداقت آهي جنهن تي دنيا جي تمام صداقتن وانگر ارتقا ۽ تنزل جا مختلف دور گذري چڪا آهن. جڏهن انسان، جهنگل جي تاريڪ گوشن ۽ ڀهاڙن جي انڌيري غارن ۾ رهندو هيو ته سياست به جهنگلي طرز جي رهي. جڏهن دنياوي تمدن ترقي ڪئي ۽ متمدن سلطنتون قائم ٿيون ته سياست به تاريڪ افق کان منهن ڪييو ۽ بادشاهن ۽ سلطانن جي نفساني خواهشن، مدتن کان دنيا تي جابرانه حڪومت ڪندي رهي آهي. ڏسڻ ۾ اهو اچي ٿو ته اها روح (علم)

Gul Hayat Institute

جي قوت هئي. جنهن انساني شعور ۾ پنهنجو اظهار جاري رکيو. علم سياست جي ٻوٽي آهستي آهستي ارتقا ڪئي آهي. جهالت جي پياڪ انڌيري ۾ بادشاهن حڪومت ڪئي. انسان جو محور و مرڪز جهالت ئي رهي. انسانذات جهالت جي بندگيءَ ۾ غرق رهي ۽ "نور جي حقيقي بندگي" کان محروم رهيا. علم ان کان جان ڇڏائي ته بيحقيقت آمريت، فسطائيت ۽ مغربي جمهوريت جهڙن نظامن انساني روح تي سواري ڪئي (اهي نظام جهالت جو ئي روپ آهن) ياد رهي ته ڪامل آزادي صرف علم ڪلي يعني قرآن حڪيم ئي ڏياري سگهي ٿو.

## اجتماعيت ۽ انفراديت

انفراديت معاشري کي فرد تي قربان ڪري ٿي ۽ اجتماعيت وري فرد کي معاشري تي قربان ڪري ڇڏي ٿي. نه ته فرد کي جماعت تي قربان ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي وري جماعت کي فرد تي فوقيت آهي. انفراديت ۽ اجتماعيت ٻه مخالف يا متضاد پهلو نه آهن بلڪ ٻئي اعليٰ مقصد جا ٻه رخ آهن ۽ هڪٻئي جا مددگار پڻ آهن. هڪ کان بغير ٻئي جي ترقي ممڪن ڪونهي. فرد، اجتماعيت جي ڪلهن تي سوار ٿي ئي منزل مقصود تائين پهچي سگهي ٿو. فرد ۽ جماعت جا مفادات هڪٻئي سان ڪو نه ٿا ٽڪرائجن ۽ نه ئي وري هڪ جو فائدو ٻئي جو نقصان آهي بلڪ انهن ٻنهي جو نفعو نقصان هڪ آهي. اجتماعي مفاد فرد جي صلاحيتن کي ختم ڪو نه ٿو ڪري، بلڪ انهن جي شخصيت ۾ نظم و ضبط ۽ سلامتي جون صفتون پيدا ڪري ٿو. نور جي بادشاهت ۾ فرد بيشڪ ننڍڙو جزو آهي پر اهو جماعت جي سرزمين ۾ ئي پاڙن هڻڻ کان پوءِ جيون رس چوسي وادي حسن ۾ نوراني ڦوٽهڙو ڪري سگهي ٿو.

انسانن کي اهو حق ئي ڪونهي جو هو بنا حد ۽ قيد جي قانون وضع ڪن ۽ جنهن ڳالهه کي پاڻ صحيح سمجهن ان کي اختيار ڪن ۽ جنهن کي غلط سمجهن ان کي رد ڪري ڇڏين. اهو حق صرف الله تعاليٰ کي ئي آهي جيڪو ڪائنات ۽ حيات جي پوري حقيقت کان باخبر آهي. حڪومت جو قطعي اهو مقصد ڪونهي ته عوام جهڙيءَ طرح به راضي ٿئي ته انهن کي راضي ڪيو وڃي. ڇا مريضن جي چوڻ تي هلڻ سان مرض دور ٿيندو؟



بلڪل نه، اهو ڪم صرف ڪامل حڪيم ئي ڪري سگهي ٿو.

نظام جمهوريت کي جڏهن معاشرتي قدرن جي تعين لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ته سڀ کان وڏي خرابي هيءَ جنم وٺندي آهي ته ان ۾ حق ۽ باطل لاءِ ڪو به مستقل ۽ مطلق معيار قائم نه ٿيندو آهي. بلڪ حق اهو ٿيندو آهي، جنهن طرف وڏيڪ ووٽ هجن ۽ باطل اهو ٿيندو آهي جنهن ۾ مخالفن جو تعداد ٿورو هجي. ان ڪري مغربي جمهوريت وٽ مستقل معاشرتي قدرن جو ڪو به تصور ڪونهي ۽ جيئن ته اخلاقيات جو پورو دارومدار معاشرتي قدرن تي ٿيندو آهي، ان ڪري سياست کي اخلاقيات کان جدا رکيو ويندو آهي. (ياد رهي ته قرآن شريف جي اچڻ جو مقصد ئي اهو هو ته اخلاق جي تڪميل ڪئي وڃي ۽ انسان ۾ الاهي اخلاق جلوه گر ڪيو وڃي.) ڪنهن ڳالهه کي اڪثر صحيح قرار ڏئي ته هروڀرو به اها صحيح ڪونه ٿي سگهندي. فيصلو درحقيقت اهو ئي صحيح ٿيندو آهي جيڪو حقيقت جي لحاظ کان صحيح هجي ۽ نه اهو جنهن کي ماڻهن جو وڏو تعداد صحيح چوي.

اڪثريت جي قوت حق ڪونهي بلڪ حق ئي حقيقي قوت آهي چاهي ان جي طرف هڪڙو ووٽ به نه هجي. درست ڳالهه اها آهي جنهن جي تصديق ڪتاب فطرت ۾ موجود سچايون ڪن. حق يعني حقيقت ڪل، عوام جي تابع نه آهي، بلڪ عوام حق جي تابع آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا انسان کي مقام "احسن تقويم" مروج سياسي نظامن ۾ ملي سگهي ٿو يا حسن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ مستقل نوراني نظام جي ضرورت آهي جنهن تي انسان پنهنجي مستقل تعمير جو نقشو ٺاهي سگهي؟ ظاهر آهي ته حسن (نور) سياست جي مروج طريقن سان ڪو نه اچي سگهندو بلڪ انهن قانونن تي عمل ڪرڻو پوندو جن تي عمل ڪرڻ سان انسان دائره حسن ۾ اچي مقام احسن تقويم تائين پهچي سگهي ٿو. آسماني تعليم دين کي قائم ڪرڻ چاهي ٿي. آسماني تعليم مطابق حڪومت ڪرڻ جو مقصد اهو ڪونهي ته عوام جيئن مطمئن ٿئي ان مطابق سامان جو بندوبست ڪيو وڃي; بلڪ عوام جي فطرت جي خالق جيڪي سندن فطري نشونما جو سرو سامان مقرر ڪيو آهي اهو ئي ڪين مهيا ڪيو ويندو. علاج بيمار جي مرضيءَ سان ڪو نه ٿيندو آهي. حڪيم جو حڪم آمرانه ٿيندو آهي. ٻيءَ

حالت ۾ شفا ڪو نه ملندي. هن وقت تائين هڪڙو به قانون اهڙو ڪو نه ٿيو آهي جنهن کي خيرابدي چئجي. دنياوي قانونن جو انحصار انساني راءِ تي آهي ۽ انساني راءِ جو حال اهو آهي ته اهو هر وقت داخلي لاڙن ۽ رجحانن، خارجي سببن ۽ عوامل ۽ علم ۽ عقل جي تغير پذير حڪمن کان متاثر ٿيندو رهندو آهي. ان تغير سان لازمي طور تي سٺي ۽ خراب، صحيح ۽ غلط، جائز ۽ ناجائز، حرام ۽ حلال جا معيار بدلجندا رهندا آهن ۽ انهن جي بدلجڻ سان ئي قانون کي بدلائڻو پوي ٿو. ان طرح اخلاق ۽ تهذيب جو ڪو به پائيدار، مستقل، ناقابل تغير معيار قائم ٿي ڪو نه ٿو سگهي. ان جي مقابلي ۾ جيڪڏهن انسان جي حقيقت تي غور ڪيو وڃي ته اها ڳالهه بلڪل روشن آهي ته انسان جي نوراني تعمير تيستائين ٿي ئي ڪو نه سگهندي جيستائين اخلاق ۽ تهذيب جو ڪو جٽادار ۽ ناقابل تغير بنياد قائم نه هجي.

دنياوي حڪومتون، انساني زندگيءَ لاءِ ضابطا ناهڻ ۽ اخلاق، معاشرت ۽ تمدن جي اصلاح لاءِ هيمشه ان جون محتاج رهيون آهن ته هر جزوي معاملي ۾ پهريان عوام کي اصلاح جي لاءِ راضي ڪن ۽ پوءِ عمل جي طرف قدم وڌائن. اڪثريت جي راءِ کي مٺو آهي. پوءِ اهو چاهي باطل تي مبني ڇو نه هجي، چاهي اها روحانيت کي ڪيترو به ڪچلي.... جنهن اصلاحي يا تنظيمي قانون جو نفاذ عوام جي مرضيءَ خلاف ڪيو ويو هجي ان کي بعد ۾ منسوخ ڪيو وڃي ٿو. اهو نه صرف شراب جي متعلق آمريڪي تجربو آهي بلڪ اڪثر تجربا ان ڳالهه تي شهادت ڏئي رهيا آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته دنياوي قانون در حقيقت اصلاح اخلاق جو حقيقي بنياد ٿي نه سگهندو.

**السماءُ الحسنيٰ:**

الله تعاليٰ جا حسين نالا. حسين نالا حسن جا ئي ٿي سگهندا. حسن حاصل ڪري مقام احسن تقويم تائين پهچڻ لاءِ (حق، علم، خير) جي حڪومت واحد ذريعو آهي. آسماني (اسلامي) حڪومت کان بغير انسان حسين ٿي ئي ڪو نه ٿو سگهي. انسان، ستاري وانگر چمڪڻ چاهي ٿو. اها چمڪ در حقيقت خدائي صفات جو عملي اظهار آهي. انساني عمل ۾ جيتريقدر الاهي اخلاق ۽ خدائي صفتن جي نورانيت هوندي اوتريقدر انسان وادي حسن ۾ اڳتي وڌندو ويندو. حسن در حقيقت خدائي صفات جي وحدت



جو نتيجو آهي. انساني عمل ۾ خدائي صفات جي جيتري ڪمي ٿيندي اهو اوتروئي نامڪمل ٿيندو. شخصيت جو اصلي جوهر خدائي صفات جو عملي مظاهرو آهي. ۽ هو عملي مظاهرو دنيا ۾ رنگ، نسل، قوميت ۽ مال دولت جي فرق جي بنياد تي پاڻ کي ٻين کان برتر سمجهڻ جي انفرادي احساس کان وٺي اجتماعي طور تي ننڍين ۽ ڪمزور قومن جي معاشي ۽ لساني استحصال ۽ معاشي وسيلن جي طبقاتي تقسيم پيدا ڪندڙ جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام جي مڪمل طور خاتمي ڪانسواءِ مڪمل نٿي سگهندو.

قرآن حڪيم جي تعليم معاشري کي اعليٰ ۽ ادني گروهن ۾ ورهائڻ لاءِ تيار ڪونهي. ان جي نظر ۾ دنيا جا سمورا انسان شجرِ نور جو ميوو آهن. قرآن حڪيم جي نظر اهو ڪو نه ٿي ڏسي ته ڪنهن انسان ۾ ڪهڙي قبيلي جو خون ڊوڙي رهيو آهي. ان جو رنگ سفيد آهي يا سياهه، اهو دولتمند آهي يا مسڪين. بلڪ قرآن حڪيم وٽ جيڪا سڀ کان اعليٰ قوت آهي. اها اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني برتري آهي ۽ اهي معنوي خوبيون آهن جن سان معاشرو چمڪي ٿو. اهي قدر آهن جن سان سيرت ۽ ڪردار جا گوشا سونهن سوپيا ماڻين ٿا. هاڻي به وقت آهي ته اسان توبه ڪيئون ۽ تنگ نظري ۽ وڏائيءَ جي خول مان نڪري خدائي شرف کي حاصل ڪيون. ٻيءَ حالت ۾ هيءَ ايتمي باهه انسان کي ڪباب وانگر جلائي ڇڏيندي. اسان لاءِ ڪرڻ جو ڪم هي آهي ته اسان نور جي بادشاهت يعني آسماني بادشاهت ۾ داخلا وٺون. رنگ، نسل ۽ خون جون ديوارون پاڻ ئي ڪري پونديون. عزت و جاهه جا مصنوعي فاصلا پاڻ ئي ختم ٿي ويندا. هر هڪ کي زندگيءَ جو احساس ٿيندو. پاڪ روح اسان کي بلندين تائين وٺي ويندو. شيطاني ۽ دوزخي نفرت ۾ گهيريل دنيا برابري ۽ مساوات جون نيون بستيون آباد ڪندي. ياد رهي ته اهائي قرآن حڪيم جي حقيقت آهي. قرآن شريف هڪ عالمي حڪومت چاهي ٿو ڇو ته (ڪمال، الله) تائين پهچڻ جو اهو ئي واحد ذريعو آهي. قرآن حڪيم هر قسم جي شرڪ، خواهه اهو وطن پرستي هجي يا نسل پرستي يا دولت پرستي يا دنيا جا ادنيٰ مفادات ۽ انهن جي پرستش، شرڪ جي انهن سڀني نمونن کان (قرآن حڪيم جو) تصور پاڪ ۽ شفاف آهي.

قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَ اَمْوَالُ ۨ اقْتَرَفْتُمُوْهَا

Gul Hayat Institute

وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِىْ
سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِىَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ (التوبه: 24)

”اي نبي! چئي ڏيو تہ جيڪڏهن توهان جا پيئر توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر، توهان جون زالون ۽ توهان جا عزيز ۽ قريب ۽ توهان جو اهو مال جيڪو توهان ڪمايو آهي ۽ توهان جا اهي ڪاروبار جن جي گهاٽي پوڻ جو توهان کي خوف آهي ۽ توهان جا اهي گهر، جيڪي توهان کي پسند آهن توهان کي الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي راهہ ۾ جهاد ڪرڻ کان عزيز تر آهن تہ پوءِ انتظار ڪيو جيستائين الله توهان جي سامهون پنهنجو فيصلو آڻي يعني حقيقت ظاهر ٿئي. خدا تعاليٰ فاسق ماڻهن کي هدايت نہ ڪندو آهي.“

جيئن جيئن اجتماعي اخلاق جو بنياد ڪمزور ٿيندو ويو بني آدم مختلف گروهن ۾ تقسيم ٿي ويو ۽ دلين ۾ نفرت جي باهہ ڀڙڪڻ لڳي چو تہ هر گروهہ جو نصب العين يا مقصد زندگي الڳ الڳ ٿي ويو. هڪ گروهہ ٻئي گروهہ کي خوني نگاهن سان ڏسڻ لڳو. هڪ خدا جي بندگي جي بدلي سوين خدائن جي بندگي شروع ٿي وئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو انسان کان، انسانيت جي دولت هلي وئي ۽ ان جي جاءِ مذهبي، نسلي، لساني ۽ قومي برتري ۽ گورهہ بنديءَ واري، هاڻي جيڪڏهن ڪا بہ قوم، ٻي ڪنهن قوم جي مدد بہ ڪري ٿي تہ ان ۾ نفساني غلاظتون بہ شامل هونديون آهن. وسيع انساني همدردي، محبت، اخوت ۽ انصاف جون اهي صفتون جن سان حقيقت ۾ انسانيت اجاگر ٿيندي آهي ۽ جنهن جي بدولت انسان ۽ حيوان ۾ تميز ڪري سگهئون ٿا، نسل آدم مان تقريباً ختم ٿي چڪيون آهن. ان صورتحال جو واحد حل قرآن حڪيم (حقيقت ڪل) وٽ آهي. قرآن حڪيم گوري، ڪاري ۽ پيلي ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿو ڪري، اهو انهن کي هڪڙي ئي گلدان جا گل سمجهي ٿو جن ۾ هڪ ئي نوراني خوشبو مهڪندي آهي. خوشبوءِ کي خوشبوءِ کان نفرت ٿي ڪو نہ سگهندي.

رنگ، نسل، وطن، زبان، روايات ۽ ثقافت جي برتريءَ وارا خيالات ۽ جذبا هڪ سچي مسلمان لاءِ ڪا بہ قدر و قيمت ڪو نہ ٿا رکن. ان جي لاءِ جيڪڏهن ڪو بہ معيار آهي تہ اهو حق و باطل جو آهي. قرآن حڪيم جي



نظر ۾ فوقيت صرف عالم، متقي ۽ پرهيزگار کي آهي يعني اوليت نور (الله) کي آهي. قرآن حڪيم جي نوراني پڪار هيءَ آهي تہ ان کي ميڄڻ وارا پاڻ کي انهن تنگ نظرين کان آزاد ڪن. خون، نسل، قبيلي ۽ قوميت کي رڳو تعارف ۽ تشخص جي حد تائين رکيو وڃي ۽ ان کي ڪا بہ اوليت نہ ڏني وڃي. انسانيت جو احترام آدميت جي آفاقي اصولن تي ٽيڻ گهرجي. اُهي برتريءَ وارا احساس جڏهن اسان جي سماج ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري ويا ۽ پوءِ ظلم ۽ نا انصافي زندگيءَ جي هر شعبي جو لازمي جز بڻجي ويئي. اڄ صورتحال هيءَ آهي جو زندگيءَ جهڙي لاجواب رنگين نعمت لاءِ اسان نوابن، جاگيردارن، رئيسن، سرمايہ دارن، ڪارخانيدارن، وڏيرن ڏانهن وڃئون ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي اڄ اسيمبلين ۾ اسان جي زندگي جا فيصلا ڪن ٿا. حالانڪ انهن کي ڪائنات ۾ انسان جي مقام جي ڪا بہ خبر ڪونهي. انڌو انڌي جي ڀوپان هلندو تہ ٻئي وڃي کڏ ۾ ڪرندا.

نوراني رهبر (انبياءَ) انسانذات کي اونداهہ مان ڪڍي نور (علم) ڏي آڻن ٿا: انهن جي مقابلي ۾ حقيقت کان غافل رهبر، انسانذات کي روشني مان ڪڍي اونداهہ ۾ آڻن ٿا. اونداهہ جهالت آهي، بربادي آهي. ان جي مقابلي ۾ نور (علم) زندگي آهي. اونداهہ کي مرڪز بنائي ان جو طواف ڪبو تہ اونداهہ ڦهلبي. نور کي مرڪز بنائي ان جو طواف ڪبو ان جي اطاعت ڪبي تہ نور جو ڦهلجڻ قانون قدرت آهي. قرآن حڪيم جي شهادت تي غور ڪيو:

اَللّٰهُ وَلِىُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۖ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ
يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ (بقره: 257)

”الله انهن ماڻهن جو ساٿي آهي جن ايمان آندو. اهو انهن کي اونداهين مان ڪڍي نور طرف وٺي وڃي ٿو ۽ جن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو انهن جا ساٿي شيطان آهن جيڪي انهن کي نور مان ڪڍي اونداهين جي طرف وٺي وڃن ٿا.“

انسان زندگي جي مقصد کي حاصل ڪرڻ وارو جاندار آهي. اهو جڏهن غلط مقصد سامهون رکي ٿو تہ نامرادي ان جو مقدر ٿي وڃي ٿي. خدا تعاليٰ جي قدرت آسماني حڪومت ۽ آسماني حڪمران جي رهبريءَ ۾، انسان جي سامهون هڪ اهڙو نصب العين رکيو آهي، جنهن جي رسائي جو سلسلو دائمي جاري رهي ٿو. الله تعاليٰ مقصد حيات بہ آهي ۽ سرچشمہ

Gul Hayat Institute

حيات بہ آهي. نور جي رهبريءَ ۾ ئي نور کي حاصل ڪري سگهبو. نور جي اطاعت ئي نور کي آڻيندي. اهو قدرت جو قانون آهي. انسان حقيقت ڪامل ۽ علم ڪامل جي عبادت سان ئي ڪمال تائين پهچي سگهي ٿو. هن آيت پاڪ تي وري غور ڪريو:

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۙ (رحمٰن: 7)

”خدا تعاليٰ هن سلسلہ ڪائنات کي بلندين تي قائم ڪيو
۽ سيني شين ۾ هڪڙو توازن رکيو.“

ڪائنات جي مختلف فضائي جسمن جي باهمي جذب، ڪشش ۽ توازن ان جي زندهہ شهادت آهي. جيئن تہ انسان بہ ڪائنات جو جز آهي ۽ جز جي فطرت ڪل جي فطرت کان مختلف ٿي ڪو نہ سگهندي ان ڪري ضروري آهي تہ دنيا جي انسانن جي وچ ۾ اهو ئي توازن هجي.

اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾ (الرحمٰن: 8)

”تنهنڪري توهان پنهنجي سياست، تمدن، معاشرت ۽
معاشي دنيا ۾ هميشہ ان اصول کي پيش نظر رکو.“

وري غور ڪريو. هڪ خدا، ان جي هڪ فطرت، هڪڙو دين. خارجي ڪائنات الله تعاليٰ جي فطرت آهي. دين ان نظام کي چئبو آهي، جنهن نظام تي ڪائنات ۾ ڪم ٿي رهيو آهي. خدا تعاليٰ انسان کي پنهنجي فطرت تي خلقيو آهي.

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ (روم: 30)

خارجي ڪائنات ستارن سان سينگاريل آهي. الله تعاليٰ، زمين تي بہ انسانن جي روپ ۾ ستارا ڏسڻ چاهي ٿو. يعني انسان کي ڪامل ڪري آسماني صحت ڏيڻ چاهي ٿو. دين ۾ ئي انسان ڪامل ٿي سگهي ٿو. گناهن جي باهہ ۾ سڙيل انسان کي نور جي چادر، اسلامي حڪومت (دين) ئي پارائي سگهي ٿي. اها تقدير آهي.

لازوال جواني ۽ ابدي عيش (جنت) جون نعمتون انسان کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيون آهن پر اسان اڃان ڪنن مان ڪپهہ ڪو نہ ڪڍي آهي.

فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ زُبُرًا ؕ كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٥٤﴾
(مؤمنون: 54)

”ليڪن انهن جي امتن دين ۾ پنهنجو الڳ الڳ طريقو پيدا



ڪيو. هر گروهہ وٽ جيڪو دين آهي اهو ان ۾ ئي مگن آهي. سو
توهان انهن کي هڪ وقت خاص تائين غفلت ۾ رهڻ ڏيو.“

آسماني تعليم جو نوراني اعلان هي آهي تہ حڪم حق جو هلي. دنيا ۾ انسان، انسان جي غلامي ۽ نفس جي غلامي کان آزاد ٿئي. اهو اعلان دراصل ان اعلان جو طبعي نتيجو آهي تہ للهيت جو مقام صرف (خدا، علم ڪلي، نور) جي لاءِ مخصوص آهي ۽ ان جو شان ربوبيت سڄي جهان تي محيط آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ دين جي حاڪميت، انسان جي هر نوعيت، هر شڪل، هر نظام ۽ هر حالتن جي خلاف همہ گير ۽ ڪلي انقلاب ۽ روئي زمين تي قائم شده، هر ان هيئيت خلاف مڪمل بغاوت آهي. جنهن ۾، ڪنهن شڪل ۾ بہ حڪمراني انسان جي هٿ ۾ هجي يا ٻين لفظن ۾ الوهيت جو مقام انسان جي خواهشن، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ حاصل ڪري ورتو آهي. اهڙو نظام حڪمراني، جنهن ۾ معاملات جو آخري رجوع خدا تعاليٰ (ڪامل سچائي) نہ هجي بلڪہ انسان ئي اختيارات جو محور هجي، تہ اهو انسان کي در حقيقت الوهيت جو درجو ڏيڻ آهي جيڪو اسلام جي ابتڙ آهي. قومن جي تباهي جو سبب ٻڌائيندي قرآن حڪيم چوي ٿو:

تِلْكَ عَادٌ ۟ۙ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٥٩﴾ (هود: 59)

”۽ اها قوم عاد هئي انهن پنهنجي پروردگار جي نشانين کان
انڪار ڪيو ۽ انهن جي رسولن جي نافرماني ڪئي ۽ اهي ظالمن
۽ سرڪشن جي حڪم جي پيروي ڪندا رهيا.

مگر جڏهن حق جو اعلان ٿيو تہ حڪومت جو فطري حق صرف خدا تعاليٰ (حقيقت ڪل) جي لاءِ مخصوص آهي تہ ان جو مفهوم اهو ٿيو تہ الله تعاليٰ جو غضب ڪيل اقتدار، غاصبن کان کسي، الله تعاليٰ طرف موٽايو وڃي ۽ انهن غاصبن کي ٻاهر ڪڍيو وڃي، جيڪي انسانن جي گردنن تي تخت حڪومت وڇائن ٿا ۽ پاڻ کي انهن جي لاءِ رب جو مقام ڏين ٿا ۽ خدا تعاليٰ جي مخلوق کي ظلمت جو غلام بنائن ٿا. مختصر لفظن ۾ خدا تعاليٰ جي الوهيت ۽ بادشاهت جو آواز بلند ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ دنيا ۾ موجود سيني ظلم تي قائم بادشاهتن ۽ اقتدارن کي اونڌو ڪرڻ ۽ زمين تي صرف خدا (علم ڪلي) جي بادشاهت قائم ڪرڻ. قرآن حڪيم جي هنن لفظن تي غور ڪريو:

Gul Hayat Institute

اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ؕ اَمَرَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ (يوسف: 40)

”حڪم ڪونهي ليڪن صرف الله جي لاءِ. ان جو فرمان آهي ته نه بندگي ڪريو مگر صرف الله جي، اهو ئي صحيح دين آهي.“

اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ ؕ (الاعراف: 54)

”خبردار! خلق ان جي آهي ۽ امر به ان جو آهي.“

يَقُوْلُوْنَ هَلْ لَّنَا مِنَ الْاَمْرِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قُلْ اِنَّ الْاَمْرَ كُلَّهٗ لِلّٰهِ ؕ (آل عمران: 154)

(ماڻهو) پڇن ٿا ته ڇا امر ۾ اسان جو به حق آهي توهان چئي ڏيو ته امر پوري جو پورو الله (حقيقت ڪل) جي لاءِ ئي آهي.

مٿئين آيت مان اهو واضح ٿئي ٿو ته دنيا جا دنياوي قانون، آئين ۽ نظام جزوي طور انسان ذات لاءِ ڪيترو به فائديمند هجن پر اخروي نجات الله جي امر (قرآني تعليم) کي مڃڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کانسواءِ ممڪن ڪونهي. ڇاڪاڻ ته انساني عقل رهنمائي ۽ هدايت جي سلسلي ۾ خالقِ ڪائنات جي تعليمات جي روشنيءَ جو محتاج آهي. ان کانسواءِ عقل جي رهنمائي رڳو اٽڪل ۽ گمان آهي. پلي اهڙين اٽڪلن ۽ گمانن جي پيروي ماڻهن جي اڪثريت ڇونه ڪندي هجي، تڏهن به اُها حق جو متبادل نٿي بڻجي سگهي.

وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ۝ (انعام: 116)

”۽ جيڪي ماڻهو زمين تي آباد آهن انهن مان اڪثر چوڻ لڳا ته اهي توهان کي الله جي راهه کان ڀٽڪائي ڇڏيندا اهي ته بس اٽڪل جي ئي پيروي ڪن ٿا. اهي محض گمان ۾ پيل هوندا آهن.“

مون کي ان وقت حيرت ۽ سخت افسوس ٿيندو آهي جڏهن چڱا ڀلا داناءَ ۽ مذهبي ماڻهو به جمهوريت، ڪميونزم ۽ ٻين مغربي نظرين تي هرڪجهي، خدائي تعليم کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. ڇا قرآن حڪيم ۾ ڪو ڪامل نظام حڪومت ڪونهي؟ جيڪڏهن ڪونهي ته پوءِ اهو ڪامل ڪتاب ڇئبو؟

هي ڪهڙو ظلم ۽ انڌير آهي ته آخرڪار مسلمان عالمن کي قرآن حڪيم ۾ موجود ”اڪثريت جي فطرت“ لاءِ موجود. ايترين آيتون آخر نظر



ڇو نه ٿيون اچن. آخر اهي قرآن حڪيم جي ايترين آيتن سان بغاوت ۽ سرڪشي ڇو ٿا ڪن. قرآن حڪيم جي آيتن سان بغاوت حق، سچ، حسن، خير سان بغاوت آهي. هيءَ به بغاوت آهي ته قرآن حڪيم جي ڪجهه آيتن کي مڃيو وڃي ۽ ڪن جو عملي طور انڪار ڪيو وڃي. ته ڇا توهان ڪتاب جي هڪ حصي کي مڃو ٿا ۽ هڪ حصي کان انڪار ٿا ڪيو. منهنجا دوست! سيد جو سڏ ٻڌ، ڪن ڏي، سيد ڇا ٿو چئي. سيد ٿو چئي ته ان جو ساٿ ڏي جيڪو سچ کي سڃاڻي ٿو جيڪو ڪائنات ۾ انسان جي مقام کي سمجهي ٿو جيڪو روشني ۽ اونده ۾ فرق کي ڄاڻي ٿو. تولاءِ مِهرَ جي ملڻ جو واحد رستو اهو آهي. هي ٿي سيد جو هٽ. پڪڙ!

جي نه سڃاڻين سچ کي ويهه مَ تنين وٽ،
املهه کي اڏ ڪري، پاڻان هڻندا پٽ،
مهر تنين وٽ، مت جي پارکو پارس جا.

وري غور ڪر هتي صرف به ٽريون آهن هڪ خدا (حق، خير، حسن) جي ۽ ٻي شيطان جي. هي آيتون وري غور سان پڙهه ۽ فيصلو ڪر. ياد رک هي زندگي ۽ موت جو فيصلو آهي. فرقي بازي، غير قرآني فعل آهي؛ قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا ۠ (آل عمران: 103)

”سيئي گڏجي الله جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽ ڇڙوڇڙ نه ٿيو.“

وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝ مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ؕ ۝ (روم: 32-31)

”ڏسجو! (توهان مومن بڻجڻ کان پوءِ) مشرڪ نه بڻجي وڃو يعني انهن ماڻهن وانگر نه ٿجو جن پنهنجي دين ۾ فرقا پيدا ڪري ڇڏيا ۽ گروهن ۾ تقسيم ٿي ويا.“

قرآن حڪيم جي هيءَ آيت (غور جو مقام آهي)

اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ؕ (انعام: 159)

”جيڪي ماڻهو دين ۾ فرقا پيدا ڪن ۽ گروهه گروهه ٿي وڃن اي رسول، تنهنجو انهن سان ڪو به واسطو ڪونهي.“

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ تَفَرَّقُوْا وَاخْتَلَفُوْا مِنْ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْبَيِّنٰتُ (آل عمران: 105)

Gul Hayat Institute

”۽ اوهين انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جن پاڻ ۾ تفريق پيدا ڪئي ۽ هڪٻئي ۾ اختلاف ڪيائون. پڌرن حڪمن پهچڻ ڪان پوءِ.“

شَرَعَ لَكُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ لَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ؕ كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ؕ اَللّٰهُ يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ﴿١٣﴾ (شورى:13)

”توهان جي لاءِ اهو ئي دين مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جي متعلق نوح کي هدايت ڪئي وئي هئي ۽ اسان تنهنجي طرف وحي موڪلي ۽ جيڪا هدايت اسان ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڪئي (اها هيءَ هئي تہ) تہ دين قائم ۽ برقرار رکو ۽ ان ۾ تفرقو ايجاد نہ ڪيو.“

دنيا ۾ جيڪي پيغمبر آيا انهن جي زندگي جو مقصد اهو هو تہ اهي زمين تي دين (آسماني حڪومت، اسلامي حڪومت) قائم ڪن ۽ ان کي برقرار رکن. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن بہ خطرناڪ مشڪلاتن سان منهن ڏيئي دين قائم ڪيو. هڪ معرڪہ حق و باطل ۾ جنگ جي دوران حضور اڪرم جن سان هڪ اصحابي شديد بک جي شڪايت ڪئي ۽ پيٽ تي ٻڌل هڪڙو پٿر بہ ڏيکاريو. ان اصحابيءَ کي حضور اڪرم جن پنهنجو پيٽ ڏيکاريو جنهن تي بہ پٿر ٻڌا پيا هئا. منهنجا دوست، مان توهان کان پڇان ٿو تہ ايتري شديد تڪليف هوندي بہ پاڻ ڪريم جن ڪهڙو ڪم ڪري رهيا هئا؟ پاڻ ڪريم جن ”دين کي قائم ڪرڻ“ جو ڪم ڪري رهيا هئا. قرآن حڪيم جا هي لفظ وري غور چاهن ٿا:

اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَ مَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ لَا تَتَفَرَّقُوْا (شورى 13)

”اسان تنهنجي طرف وحي موڪلي ۽ جيڪا هدايت اسان ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڪئي اها هيءَ هئي تہ دين قائم ۽ برقرار رکو ۽ ان ۾ تفرقہ ايجاد نہ ڪيو.“

مسلمانن کي زمين تي دين کي قائم ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ جو قدرتي فرض رکيل آهي. اها حضور اڪرم ﷺ جن جي وڏي سنت آهي جنهن کي پورو ڪرڻ خدا تعاليٰ طرفان فرض آهي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ حضور اڪرم ﷺ جن جي اها سنت پوري ڪرڻ وارو هڪ بہ مسلمان نظر



ڪو نہ ٿو اچي ڇو تہ دنيا ۾ ڪٿي بہ اسلامي حڪومت ۽ دين (آسماني بادشاهت) جي حڪمراني ڪونهي. ظلم مٿان ظلم هي آهي تہ قرآن حڪيم جي هڪ حصي کي پڪڙيو ويو يعني روزو ۽ نماز. باقي قرآن حڪيم ڇڏيو ويو. روزي ۽ نماز تائين روشني ۽ زندگيءَ جي باقي سڀني شعبن تي اوندهہ جو قبضو آهي. اهڙي اسلام جي لاءِ قرآن حڪيم جو هي فيصلو ٻڌو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِى السِّلْمِ كَآفَّةً ۠ وَلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ (البقره: 208)

”اي ايمان وارو! اسلام ۾ پوري جا پورا داخل ٿي وڃو ۽ شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو.“

دين علم آهي. دين نور آهي. زندگيءَ جي هر شعبي تي علم جي حڪومت هجي. زندگيءَ جو هر شعبو اسلامي هجي. اسان جي زندگيءَ جو هر شعبو بلڪ اسان جو هر عمل نوراني ٿي وڃي. اسان جو هر عمل قرآني ڪونهي تہ پوءِ ظاهر آهي تہ شيطاني هوندو. حق هوندو تہ باطل نہ هوندو. حق نہ هوندو تہ باطل جو هجڻ قدرت جو قانون آهي. عمل جي دنيا ۾ خلا محال آهي.

خدا تعاليٰ ڇو ٿو چاهي تہ زمين تي دين قائم ٿئي؟ ان جو جواب حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي هن حديث پاڪ ۾ آهي:

ان الله ينزع بالسلطان مالا ينزع بالقران

”خدا تعاليٰ آسماني حڪومت (اسلامي حڪومت، دين) جي قوت سان انهن رڪاوٽن کي مٽائڻ چاهي ٿو جيڪي قرآن حڪيم جي نصيحتن سان ختم ٿي ڪو نہ ٿيون ٿي سگهن.“

ڦريا پسي ٿيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

Gul Hayat Institute

باب ستون

# اخلاق جي اهميت

انسان زمين جي سيني تي خدا تعاليٰ جو نائب آهي تنهن ڪري اهو ان مقصد جي تڪميل ڪري جيڪو خدا تعاليٰ مٿس مقرر ڪيو آهي. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ يعني ان جي تڪميل ڪرڻ، اسلامي اخلاقيات آهي. انسان جو نصب العين پاڻ ۾ الاهي صفتون پيدا ڪرڻ آهي، جنهن کي "خير اعليٰ" جي تلاش چئبو آهي. گويا اسلامي اخلاقيات جو مقصود "فطرت الله" جي پيروي آهي. فطرت الله مان مراد، الله تعاليٰ جو اهو نظام، زمين تي قائم ڪرڻ آهي، جنهن تي ڪائنات ۾ ڪم ٿي رهيو آهي. گويا اسلامي اخلاقيات جو مقصد، انهن آسماني قانونن کي دنيا ۾ نافذ ڪرڻ آهي، جن تي خارجي ڪائنات ۾ ڪم ٿي رهيو آهي. فطرت الله آسماني قدرن جي اڻ بدلجندڙ خاصيت جو نالو آهي.

انسان باشعور ۽ بااختيار آهي، ان ڪري هاڻي اهو انسان جو حصو آهي ته قدم وڌائي، ان لحاظ کان ڏٺو وڃي ته اخلاق رڳو انفرادي عمل ڪونهي پر هڪڙو معاشرتي عمل به آهي. اسلامي اخلاقيات، انساني زندگيءَ جي هر حصي ۽ هر صورت تي حاوي ٿي وڃي ٿي. خدا تعاليٰ جي حڪمن ۾ پاڻ کي فنا ڪرڻ جي حالت اعليٰ اخلاق (الاهي اخلاق) جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. خدا تعاليٰ جي مقصدن جي تڪميل عملي اخلاقيات آهي. الله تعاليٰ جي اخلاق سان انسان جيترو سينگاربو ته سندس زندگيءَ جو مقصد به اوتروئي جلدي حاصل ٿيندو. اخلاق هستيءَ سان مطابقت جو عمل آهي. اخلاق آهي راهه خير تي هلندو رهڻ. خدا تعاليٰ پنهنجي مرضيءَ جو اظهار هڪ ضابطي جي شڪل ۾ ڪندو آهي. ان جي سچائي، ان جو اثبات، ان جو رحم ۽ ان جي انصاف سان ئي ضابط اخلاق جي تشڪيل ٿيندي آهي. ياد



رکو قدرت جي قانون جي سواءِ ان جي، ٻي ڪا به اهميت ڪونهي ته اهو خدا تعاليٰ جي اعليٰ ترين مقصد کي ماڻڻ جو هڪڙو نظام آهي. ياد رکو اخلاقي برائي، ان سچائي سان عدم مطابقت جو نالو آهي، جيڪا سڄي ڪائنات تي حاوي آهي ۽ ان کي باضابطا بنائي ٿي. خدا تعاليٰ آسمان ۾ مٿي يا پري ڪونهي، بلڪ اهو اسان جي اندر آهي. جيڪو خدائي عنصر اسان ۾ موجود آهي. جيڪڏهن اسان ان کي صحيح طور استعمال ڪيون ته اسان جي اندر مثبت تغير اچي سگهي ٿو. خدا تعاليٰ کي ظاهري پوڄا پاٺ سان حاصل ڪري ڪو نه سگهبو ۽ نه ئي پاڪبازيءَ جي نمائش سان ڪامليت حاصل ڪري سگهجي ٿي. سنو عمل، هڪڙو مڪينيڪل عمل ڪونهي پر اها روحاني ضرورت آهي. اخلاقيات آگاهيءَ سان حاصل ٿيندي آهي. خود آگاهه وجود ئي حقيقي اخلاق جو نور ڦهلائي سگهي ٿو.

"خير" الله تعاليٰ جي صفت آهي. خدا تعاليٰ جون سڀئي صفتون ڪمال ڏانهن وڌائن ٿيون. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته خير پنهنجي ماهيت جي لحاظ کان بنيادي طور تي ڪمال جي صفت رکي ٿو. ڪمال اخلاق ئي دراصل ڪمال خير آهي. ڪمال پنهنجي اندر تعميري ۽ تخليقي قوت رکي ٿو شر تخريب آهي. جتي خير هوندو حسن به اتي ئي هوندو.

اخلاق (آسماني) سان ئي معاشري ۾ نور جون آسماني برڪتون ڦهلائي سگهجن ٿيون. وحدت به اها ئي آهي جتي الله، فرد ۽ ڪائنات جا مقصد هڪ ٿي وڃن.

انسان معاشرتي رشتن ۾ جڙيل آهي. اهي تعلقات ته زندگيءَ جون زنده شاخون آهن. جيڪڏهن هڪ شاخ به ٽٽي پوي ته ان جو اثر پوريءَ زندگيءَ تي پوي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح پوري زندگي مرجهائجي وڃي ٿي. انهن معاشرتي رشتن سان عدل ڪرڻ اخلاقيات جي حصي ۾ اچي ٿو. انسان پنهنجي نجات ۽ سعادت خود غرضانه طور تي نه، بلڪ ٻين انسانن جي فلاح ۽ تعلق کان بي نياز ٿي ڪري حاصل ڪري نه سگهندو. انسان سماجي فطرت سان پيدا ٿيو آهي. اخلاق جي تڪميل ان کان بغير ممڪن ڪونهي ته انسان معاشرت ۽ تمدن جي مشغلن ۾ پوريءَ طرح مصروف ٿي مستفيد ٿئي. معاشرتي زندگي فردن جي احساسن تي مبني آهي. ان ڪري ئي معاشرتي زندگي اسلامي تصور روحانيت جو هڪ لازمي جزو آهي.

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

الله تعاليٰ جي صفت ”عدل“ انساني زندگي ۾ وڏو مفهوم رکي ٿي. انسان جي زندگي ۾ عدل جو مظاهرو اخلاق اسلامي جي اولين تقاضا آهي. عدل، ظلم جو ضد آهي. شيءِ کي صحيح مقام تي رکڻ عدل آهي. ان کي صحيح مقام نه ڏيو ته ظلم ٿيندو. عدل اهو آهي ته انسان جو هر عمل خدا تعاليٰ جي حڪم مطابق هجي. اهڙو عمل ئي انسان کي مٿي کڻي سگهي ٿو. ظلم تي مبني هر عمل انسان کي زندگيءَ جي مقصد کان پري ڌڪيندو.

جڳ مشهور مفڪر Robert Braiffault اخلاق جي متعلق لکي ٿو:

اخلاقيات جي متعلق يونان جي ابتدائي تصور جو رواقي فلسفه ۾ تبديل ٿي وڃڻ، اهڙي خرابيءَ جو سبب ٿيو جنهن جو مثال انسان جي اخلاقي تصور جي دنيا ۾ ڪٿي به نه ٿو ملي. اخلاق، جنهن جو مفهوم هي آهي ته انسان جا باهمي معاملات حق ۽ صداقت تي مبني ٿيڻ گهرجن، اهو پنهنجو حقيقي مفهوم ان وقت وڃائي ويهي ٿو جڏهن ان جو نتيجو انسان ذات جي ڀلائي نه ٿو رهي. ان سان ته اخلاقيات جو مقصد ئي فوت ٿي وڃي ٿو. اخلاقيات جو مقصد هڪ انسان جي انفرادي نجات يا ذاتي بهبودي ناهي. (جيتوڻيڪ انسان ذات جي بهبوديءَ ۾ ذاتي بهبودي بدرجه اتم موجود آهي، پر گهربل اهو آهي ته ان فرد جو نوع انساني سان، جنهن جو اهو هڪ جز آهي، ڪهڙي قسم جو واسطو آهي. انهن باهمي معاملات جي ضابطه اخلاق جو بنياد ”عدل“ آهي.......

...... عدل جي تقاضا اها آهي ته ڪو به انسان، ڪنهن ٻئي انسان تي مستبدانه ۽ قاهرانه قوت سان غالب نه اچي ..... جيڪڏهن دنيا ۾ باطل جي ڪا معنيٰ آهي ته اها اها ئي آهي ته هڪ انسان، ڪنهن ٻئي انسان کي محض فرضي اقتدار جي بنياد تي پنهنجو تابع فرمان ڪري ڇڏي...... ان باطل جو خاتمو اخلاقيات جو پهريون فرض آهي. توهان مثالي اخلاقيات جي ڪيڏي به شاندار عمارت تعمير ڇو نه ڪريو جيڪڏهن اها باطل جو خاتمو ڪري ان جي جڳهه تي حق قائم نه ٿي ڪري ته اها يڪسر بي معنيٰ آهي. اها مٿين عمارت، اخلاقيات جي عمارت ٿي ئي ڪو نه سگهندي...... رواقي فلسفي مطابق انسان جو نصب العين شر جو مقابلو ڪرڻ نه، بلڪ ان جي سامهون جهڪڻ ئي



نصب العين ٿي پوي ٿو.“ (Making of Humanity: P_331)

قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَرَهْبَانِيَّةَ ابْتَدَعُوهَا مَا كَتَبْنَاهَا عَلَيْهِمْ (حديد: 27)

”۽ رهبانيت جن کي انهن ازخود گهڙيو اسان ان جو حڪم ڪو نه ڏنو هو.“

اسلام اهو ڪو نه ٿو چاهي ته هڪ تندرست ۽ باشعور انسان رڳو انفرادي طور تي سڪون حاصل ڪري ۽ رسمي عبادتن ذريعي پنهنجي نجات جي فڪر ۾ لڳو رهي، چاهي دنيا ۾ انسانيت پامال ڇو نه ٿيندي هجي. دنيا ۽ ان جي ڪاروبار متعلق به رايا رهيا آهن. هڪ گروهه ڪائنات کي حقيقي مڃيو آهي ۽ تهذيب و تمدن جي گهما گهمي جو خير مقدم ڪيو آهي. ٻئي گروهه ان جي برعڪس هن عالم کي ڪوڙو عڪس چيو آهي ۽ زندگيءَ جي نقشي کي سراسر باطل، دوکو ۽ فريب قرار ڏنو آهي. انهن ٻنهي عقيدن مان قرآن حڪيم جي تعليم مطابق عالم (دنيا) حقيقي آهي:

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ (جاثيه: 22)

”الله تعاليٰ آسمان ۽ زمين کي حڪمت تحت خلقيو آهي.“

ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي هيءَ چند سالن جي زندگي ئي سڀڪجهه آهي ۽ انسان جي سامهون ڪو به اعليٰ مقصد ڪونهي ۽ اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي ڪا به اهميت ڪونهي. ان جو مطلب اهو ٿيندو ته هر شخص کي اهو حق حاصل آهي ته جهڙيءَ طرح چاهي ته پنهنجي نفس جي خواهشن جي پيروي ڪري، ظاهر آهي ته اهڙي صورت ۾ لذتيت جو جذبو اڀرندو ۽ انساني تمدن اعليٰ قدرن بجاءِ نفساني خواهشن جو آئينه دار ٿي ويندو. اڄ هن ائٽمي دور ۾ نفس پرستيءَ جو سخت غلبو آهي. سيد لطيف جي هن هدايت تي غور ڪريو:

پاڻ مَ ڪڻ پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ،
لالن تني لڌ، عشق جنين جي اڳ ۾.

*

پاڻ مَ ڪڻ پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق سان اناءِ، پير پريان جي پار ڏي.

Gul Hayat Institute

*

وجـائي وجـود کـي، پاڻـان پاسـي ٿـيءُ،
هڏهن ڪونهي هيءُ، هوپڻ ڪونهي "هن" ريءَ.

*

فنـا وجهـي فهـم ۾، ڪـارڻ ٿـي ڪبـاب،
نڪـي ڪـٹن پـاڻ سـين، نڪـو سـاڻن پـاڻ.

*

خـواب، خيـال، خطـرا، تنـين ڪـريج تـرڪ،
ڪـرين غيـر غـرق، تـہ مشـاهدو مـاڻين.

*

پوڄـا ڪـر پـاڻ کـي، جـوڳي رکـج جـوڳ

انساني سعادت جي اها راهہ ڪونهي تہ انسان ظاهر کان منهن موڙي باطن ۾ ٻڏي وڃي، بلڪ ڪيس باطن مان نور جي ڪرڻن جا ٻڪ ڀري، ظاهر جي اصلاح ڪري، ماحول کي نوراني ڪرڻو آهي. قرآن جي نظر ۾ روحاني زندگي، مادي زندگيءَ جي دائره ڪار جي اندر ان جي بهتر ۽ زياده ترقي يافتہ صورت آهي. جنهن معاشري ۾ انساني تعلقات زياده هم آهنگ هجن ۽ احترام انسانيت جو جذبو ماڻهن ۾ ڪارفرما هجي تہ اهو ئي معاشرو روحاني طور تي وڌيڪ ترقي يافتہ آهي. اسلام جي نظر ۾ هيءَ ڳالهہ قطعي غلط آهي تہ انسان پنهنجي نجات ۽ سعادت خود غرضانہ طور تي، ٻين انسانن جي فلاح ۽ تعلق کان بي نياز ٿي ڪري، محض رسمي ۽ ظاهري عبادت ۽ خانقاهيت سان حاصل ڪري سگهي ٿو. اسلام دنيا ۾ راهب پيدا ڪرڻ نہ ٿو چاهي بلڪ اهو دنيا تي آسماني قانونن جي حڪومت چاهي ٿو. هڪ فرد جي فلاح دنيا جي سڀني انسانن جي فلاح سان وابستہ آهي. اسلام چاهي ٿو تہ حڪمت، ٻانهن جي قوت، ۽ اجتماعي ۽ تنظيمي قابليت سان، تمدن جي برائين کي هميشہ لاءِ صاف ڪيو وڃي. انسان جي سامهون هر وقت احڪام الاهي جي تڪميل ٿئي. انسان ان نظام حيات جي پابندي ڪري جيڪو الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي ۽ اهڙيءَ طرح انسان جو غرض



صرف هي آهي تہ اهو هر وقت خدا تعاليٰ جي مقصدن جي طابع رهي يعني ٻين لفظن ۾ هو الله تعاليٰ جو فرمانبردار رهي.

معاشري جي زندگي فردن جي احساسن سان گهرو تعلق رکي ٿي، ان ڪري حسي زندگي اسلامي تصور حيات جو جزو آهي. اسلام نہ رڳو سنا ۽ پاڪباز انسان چاهي ٿو بلڪ پاڪيزه ماحول ۾ نوراني معاشرو پڻ چاهي ٿو.

سيد ٿو چوي:

ڪڏهن پئجي ڪن ٿي، تہ ڪڏهن ٿجي وات،
ڪڏهن ٿجي ٻڪرو تہ ڪڏهن ٿجي ڪات.

قدرت طرفان مومن کي ٻہ تلوارون عطا ڪيون ويون آهن. هڪڙي اخلاق جي ٻي لوهہ جي. شر سان جيترو ٿي سگهي اخلاقي تلوار سان مقابلو ڪجي. جيڪڏهن اخلاقي تلوار، ڪم نہ ڪري ۽ مومن کي سندس زندگي وڃڻ جو خطرو هجي تہ پوءِ لوهہ جي تلوار کان ڪم وٺڻ قدرت جي نوراني تقاضا آهي.

سچو اخلاق ۽ حقيقي نيڪي هڪ آزاد انسان جي عمل سان شروع ٿئي ٿي جو تہ اهو نيڪي کي غالب ڪرڻ لاءِ صبر سان تڪليفون برداشت ڪري ٿو. ان جي طاقت جبر و تشدد ۾ ختم ڪو نہ ٿي ٿئي بلڪ خدمت خلق ۾ صرف ٿئي ٿي. اهو نيڪي جي قانون جي تابع ٿيندو آهي. اهو ڪنهن خارجي قوت يا اندرين حرص و حوس جو پابند ڪو نہ ٿو ٿئي. اهڙو انسان خدا تعاليٰ جي قانون تي يقين رکي ٿو ۽ ان جي اطاعت ان لاءِ ڪندو آهي تہ اُها سندس فطري تقاضا آهي.

وري غور ڪريو! اسلامي اخلاقيات جو بنياد عدل تي آهي. عدل جو مطالبو اهو آهي تہ ڪو بہ شخص ظلم و ستم ۾ خودمختيار نہ هجي ۽ ڪنهن کي اهو موقعو نہ ڏنو وڃي تہ هو قوت جي زور تي ٻئي انسان جي زندگيءَ تي ڪا ظالمانہ پابندي لاڳو ڪري. جيستائين انسان زمين تي عدل قائم نہ ٿو ڪري تيستائين روحاني شغلن ۽ ذڪر فڪر سان ڪو خاص فائدو پهچي ڪو نہ سگهندو عدل لاءِ وري آسماني حڪومت (دين) جو قائم ٿيڻ ضروري آهي. عدل ۽ خير خدا جون صفتون آهن. مخالف انصاف جي تصور ۾ مساوات ۽ حق پرستي جا قدر بہ اڇيو وڃن ٿا. ان ڪري چڱائي ۽

Gul Hayat Institute

خير کي پسند ڪرڻ، ان سان محبت ڪرڻ، ان جي فروغ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ انجي مخالف عناصرن کي پاڙ کان پٽڻ اخلاقي زندگيءَ جو هڪڙو اهم حصو آهي.

اسلام جو اخلاقي نظام هڪ نامياتي ڪل جي حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ سڀئي قدر پنهنجي وجود ۽ بقا لاءِ ٻين قدرن سان وابسته آهن. ۽ اهي سڀئي قدر بحيثيت مجموعي نور جي قوت ۾ ظاهر ٿين ٿا. مطلب ته سڀئي قدر مقصد بالذات نه آهن، بلڪ اهي سڀئي رضائي نور جي واحد نصب العين جي حصول جو ذريعو آهن. ان ڪري ڪنهن هڪڙي قدر کي محض ان قدر جي عظمت جي ڪري ٻين قدرن تي فوقيت حاصل ڪونهي. ٻين فلسفن ۾ لذت، مسرت ۽ حسن الڳ ۽ جدا قرار ڏنا ويا آهن. ليڪن اسلام انهن سڀني قدرن کي هڪ هنڌ جمع ڪري ٿو. مطلب ته اخلاق الاهي سڀني قدرن جي موثر هم آهنگي آهي.

## قانون ۽ اخلاق

انساني معاملات جو قانون سان گهرو تعلق آهي، ليڪن اخلاق قانون کان بالاتر آهي. اخلاق دل تي حڪومت ڪندو آهي. معاملات جو تعلق عقل جزوي سان آهي. اخلاق جو تعلق عشق (نور) سان آهي. انسان جيستائين نور جي دائري ۾ پاڻ کي بند نه ڪندو تيستائين جبلت جي دٻاءَ مان نڪري نه سگهندو. اخلاق الاهي انسان کي مٿي ئي مٿي چڪيندو رهندو آهي. اخلاق انسان جي باطني نور جو اظهار آهي.

اخلاق هر نافع عمل جو حڪم ڪري ٿو ۽ نقصان واري عمل کان بچڻ لاءِ چوي ٿو. ليڪن قانون جو اهو ڪم ڪونهي. قانون نافع ڳالهين جو حڪم ڪو نه ٿو ڏئي. مثلا محتاج سان سٺو سلوڪ ڪيو يا حسد جهڙين براين کي مٿايو هوس کان بچو. اخلاق، ادنيٰ کي اعليٰ سان جوڙي ٿو. قانون جي نظر عملن جي نتيجن تي ٿيندي آهي. ليڪن اسلامي اخلاقيات، باطني بلب روشن ڪري اندروني ماحول کي نوراني ڪري ٿي. قانون جو تعلق ان ڳالهه تائين آهي ته اهو قتل ۽ چوريءَ لاءِ سزا ڏي، مگر اخلاق اهو حڪم ڏئي ٿو ته ڪنهن بري ڪم ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيو.

اسلام جو اخلاقي نظام مجموعي طور فروغ حيات ۽ بقاءِ حيات جا



سبب فراهم ڪري ٿو. خدا تعاليٰ حي ۽ قيوم آهي. ان ڪري صفت حيات جو حصول انسان جو نصب العين آهي. تنهنڪري اهي عمل، جيڪي فروغ حيات جو سبب آهن اهي خير آهن. زندگي نه فڪر محض جو نالو آهي ۽ نه لطيف تاثرات کان لطف اندوز ٿيڻ جو بلڪ زندگي نالو آهي مقصد تائين پهچڻ جو بلند ٿيڻ جو مٿي چڙهڻ جو. اسلام چوي ٿو ته مسلمان اهو آهي جيڪو هڪ بهتر دنيا جي تخليق جي جستجو ڪري. حسين کان حسين تر، خوب کان خوب تر ۽ لطيف کان لطيف تر مقام جي طرف وڌي. ڪامل خير ان کانسواءِ ممڪن ڪونهي ته انسان سڀني مانع قوتن خلاف جنگ جاري رکي ۽ سڀني رڪاوٽن کي پامال ڪندو الله تعاليٰ جي راهه ۾ اڳتي وڌندو وڃي. جهاد جو مقصد اهو آهي ته حسن جي دائري کي ڦهلايو وڃي ۽ فقط آئين حق ڪيو وڃي. مجاهد خدا جو دوست ۽ ساٿي آهي. اهو تمام قوتن سان الله تعاليٰ جي پڪار بلند ڪندو آهي.

## صبر جي عظمت

قرآن حڪيم صبر کي انسان جي پوري زندگيءَ تي ڦهلائي ٿو ۽ صرف چند مخصوص قسم جي خطرن، مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي مقابلي ۾ نه بلڪ هر لالچ، خوف، انديشي ۽ شيطاني خواهشن آڏو هڪ زبردست قوت بنائي ڇڏي ٿو. قرآن حڪيم ايمان واري جي پوري زندگي صابرانه ڪرڻ چاهي ٿو. قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ (البقرہ: 153)

”۽ بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي.“

سيد لطيف چوي ٿو:

ڏسو پاسو ڏک سين، ڪانڌ ڪٿوري هوءِ،
”والله مع الصابرين“ آگي ايئن چوءِ.

عربي زبان ۾ صبر جي معنيٰ آهي ڪنهن شخص جو ڪنهن مطلوبه شيءِ جي حصول لاءِ برابر مصروف ڪار رهڻ، ان عمل ۾ استقامت، ثابت قدمي، ڪوشش ۽ جرئت شامل آهن.

اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ (البقرہ: 45)

Gul Hayat Institute

”پنهنجي قوتن جي پوري نشوونما ۾ اعتدال و تناسب جي لاءِ صبر ۾ صلوٰة جي راهه اختيار ڪريو.“

قرآن حڪيم جو حڪم هي آهي ته انسان پنهنجي سڄي عمر صحيح طرز عمل تي قائم رهي خواه ان ۾ ڪيترا خطرا، نقصان ۾ مشڪلاتون ڇو نه هجن. هو ڪڏهن به حق جو پاسو نه ڇڏي. چاهي فائدن ۾ اميدن جو سر سبز باغ سندس آڏو ڇو نه موجود هجي. هو حقيقي رخ کان هٽڻ پنهنجي لاءِ دنيا جي سيني مصيبتن ۾ دشوارين کان وڌيڪ دشواري سمجهي. اهو ئي صبر آهي جيڪو حيات انساني جي ڪامرانين جو راز ۾ جليل القدر انسانن جي زندگي جو عنوان آهي. جڏهن اهي حق پرست صبر جي آسماني صفت سان سينگارجي ٻاهر نڪري پوندا آهن ته پوءِ ڪا به طاقت انهن کي خدا جي اطاعت کان روڪي نه ٿي سگهي.

يَآاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اصْبِرُوْا وَصَابِرُوْا وَرَابِطُوْا ۣ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۲۰۰﴾

(آل عمران: 200)

”اي ايمان وارو! خود صبر ڪريو ۽ مقابلي ۾ صبر ڪريو ۽ مقابلي لاءِ چُست رهو ۽ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو ته اوهين پوري طرح ڪامياب ٿيو.“

زندگيءَ ۾ هر قدم تي انسان آڏو ٻه رستا اچن ٿا هڪ رستو الله تعاليٰ يعني نور، حسن ۽ خير جو رستو ٻيو رستو آهي ڪفر ۽ نفاق جو. جنهن انسان دنيا جي هر لالچ کي ٺڪرائي، الله تعاليٰ جي حڪمن اڳيان سرجهڪايو ان الله تعاليٰ جو رستو اختيار ڪيو ۽ جيڪو پنهنجي نفساني خواهشن جي چڪر ۾ ڦاٿو رهيو ته اهو ڪفر جي راهه تي هليو ويو.

اهو نفسيات جو اصول آهي ته انسان جي دل ۾ جنهن شيءِ جي محبت هوندي آهي اهو ان جي رنگ ۾ رڱجي ويندو آهي. جيڪڏهن مومن جي محبت الله تعاليٰ سان آهي ته پوءِ اهو الله تعاليٰ جي رنگ ۾ رنگجي ويندو. هو پنهنجي هستيءَ کي خدا نور ۾ غائب ڪندو يعني ان وٽ صرف مطلوب ئي رهندو. ڪنهن به شيءِ تي ٻيو رنگ لڳائبو ته ان جو پهريون رنگ ختم ٿي ويندو. پاڻ تي خدا جو رنگ چاڙهڻ حقيقي زندگي ۾ داخلا جي پهرين ضرورت آهي.



**جنهن هڪ انسان کي قتل ڪيو ان پوري انسانيت کي قتل ڪيو:**

حقيقت اها آهي ته جيڪو وجود دنيا ۾ ڪا بدي آڻي ٿو ته اهو سموري دنيا جو دشمن ٿئي ٿو ۽ جيڪو دنيا ۾ ڪا نيڪي ڦهلائي ٿو ته اهو سڄي دنيا جو سڄڻ آهي. جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي ناحق قتل ٿو ڪري، گويا ان پوري انسانذات کي قتل ڪيو ڇو ته جز، ڪل جو حصو آهي. جيڪو ڪنهن کي پنهنجي اخلاق سان زنده ڪري ٿو گويا تمام سموري انسان ذات کي زندگي ڏئي ٿو. دنيا جا سڀ انسان هڪ ڪل جا جزا آهن. اسان ان ڪل جي بقا لاءِ جيڪي ڪجهه ڪيون ٿا اهو در حقيقت اسان جي انفرادي بقا جي صورت ۾ اسان جي سامهون اچي ٿو. حقيقت اها آهي ته ڪل جو نقصان به انفرادي نقصان ئي آهي. دائمي امن حاصل ڪرڻ جو رستو هي آهي ته نيڪي سان بدي جو مقابلو ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن سان بدي ڪئي وڃي ته جلد کان جلد بدلي وٺڻ جي ڪوشش ۾ انسان بدڪان بدتر ٿي ويندو آهي.

جيڪڏهن ڪو انسان ڪنهن سان نيڪي ڪري ٿو ته ان جي معاوضي لاءِ اهو سالن ۾ به تيار نظر نه ٿو اچي. ان جي مقابلي ۾ برائي جو بدلو وٺڻ لاءِ شيطان جلدي ان تي سوار ٿي وڃي ٿو. ان وقت آسمان جا فرشتا ان جي سامهون عفو ۾ درگذر ڪرڻ جون صدائون بلند ڪندا آهن. نور جو آسماني آواز خير ۾ محبت لاءِ گونجندو رهندو آهي ته ”انسان جي دانائي غصي کي پي وڃڻ ۾ آهي.“ حقيقت اها آهي ته جيڪو برائي کي شروع ڪري ٿو ۽ جيڪو ان کي فروغ ڏئي ٿو بدلو وٺي ٿو يعني ته اهو ان کي وڌائي ٿو.

انسان کي ادنيٰ سطح کان اپاري اعليٰ سطح تي وٺي وڃڻ واري قوت اخلاق آهي. سچو انسان نيڪي جي تابع ٿيندو آهي. اهو ڪامل انساني مساوات جو زنده نمونو ۽ مشيت الاهي جو مظهر ٿيندو آهي. اهڙو انسان اخلاقي قوت تي يقين رکي ٿو ۽ ان جي اطاعت ان لاءِ ڪندو آهي ته اهو ان جي روحاني فطرت جو قانون آهي. اعليٰ اخلاق ئي ڪمال (الله) تائين پهچڻ جو ذريعو آهي. اخلاق جيترو آسماني هوندو. مقصد، (خدا، ڪمال) اوترو جلدي ملندو.

Gul Hayat Institute

### اخلاق ۽ مقصد جو تعلق

انسان جي اخلاقي حالت جو تعين ڪرڻ لاءِ اسان صرف اهو ئي ڪو نه ڏسندا آهيون ته ان جي عقل ۽ بصيرت جو ڪهڙو حال آهي يا ان ڪي جذبات ۽ نفس تي ڪيترو ڪنٽرول آهي بلڪ اسان کي اهو به ڏسڻو آهي ته زندگيءَ جو مقصد ڪهڙو آهي ۽ هو ڪهڙن غرضن لاءِ پنهنجون قوتون ۽ توانايون صرف ڪري ٿو. جيڪڏهن انسان جو مقصدِ زندگي پست آهي ته اخلاق به پست ٿيندو ۽ جي ان جو مقصد آسماني آهي ته پوءِ ظاهر آهي ته ان جو اخلاق به آسماني ٿيندو. مثال طور اسان جو مقصد هي آهي ته سياسي اقتدار حاصل ڪريون ته ربئي پئسي جي خواهش، ماڻهن کي پنهنجي طرف آڻڻ جي خواهش، مقصد ته اهي سڀ خواهشون انهيءَ نصب العين جي چوڌاري هڪ خاص ترتيب سان اهڙيءَ طرح جمع ٿي وينديون جي سڀيئي ملي ان هوس اقتدار جي جذبي جون خدمتگذار ٿي وينديون. جيستائين اسان جي غالب خواهش، باقي سيني خواهشن تي حڪمران هوندي ته اها انهن کي مطيع ۽ فرمانبردار بڻائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪندي ۽ اوتريقدر اسان جي سيرت ۽ ڪردار ۾ پختگي ايندي.

اخلاق ضابطہ حيات آهي. اسان بهتر اخلاق سان ئي بهتر تعمير ڪري سگهئون ٿا. ان ڪري اسان کي خواهشن کان غير مشروط طور تي مغلوب ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ گهرجي. اهو ڪم ڏکيو ضرور آهي. انڪري مشهور ٿي ويو آهي ته اخلاق خواهشن جي بلڪل ابتڙ آهي. جڏهن ته حقيقت اها آهي ته اخلاق، خواهشن جي چڙواڳي جي خلاف آهي. Robert Braiffault پنهنجي ڪتاب The Making of Humanity ۾ اخلاق متعلق لکي ٿو:

”جيڪڏهن انسان ڪرن جي متان اڏامڻ لڳي ته ان جو مقصد اهو ڪو نه ٿيندو ته انسانيت جي سطح به اوتري ئي بلند ٿي وئي آهي. نه ئي وري سو ميل في ڪلاڪ جي رفتار جي معنيٰ ترقي آهي. جيڪڏهن انسان ستارن کي توڙڻ جي قابل ٿي وڃي ۽ علمن ۽ فنن جي وسيع ميدان ۾ گهوڙا ڊوڙائي تڏهن به ان جي ذاتي جوهر ۾ ڪا به تبديلي ڪو نه ٿي اچي سگهي. انساني معاملات ڏاڍا گهرائي وارا ٿيندا آهن. قوت، تمدن ۽ فڪر سڀ بي معنيٰ آهن جيڪڏهن انهن سان گڏ اخلاقي برايون به شامل آهن. اهو صحيح پيمانو جنهن



سان دنيا جي قدر و قيمت کي ماپيو وڃي ٿو اهو اخلاقي پيمانو آهي.“ (صفحو 257)

انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”توهان ٻڌي چڪا آهيو ته چيو ويو هو ته اک جي بدلي اک ۽ ڏند جي بدلي ڏند. ليڪن مان توهان کي اهو چوان ٿو ته شرير جو مقابلو نه ڪجو بلڪ جيڪڏهن ڪو تنهنجي ساڄي ڳٽي تي چماٽ هڻي ته ٻيو به ان جي طرف ڦير..... (متي 5:31)

”توهان ٻڌي چڪا آهيو ته پنهنجي پاڙيسري سان محبت رک ۽ پنهنجي دشمن سان عداوت. ليڪن مان توهان کي اهو چوان ٿو ته پنهنجي دشمن سان محبت رک ۽ ستائڻ وارن جي لاءِ دعا ڪريو.“ (متي 5:43_45)

حضرت مسيح جتي به ائين چيو آهي ته پنهنجي دشمن سان پيار ڪريو ته يقينن ان جو مطلب هي نه هو ته هر انسان کي گهرجي ته پنهنجي دشمن جو عاشق ٿي پوي، بلڪ ان جو سنئون سڌو مطلب اهو هو ته توهان ۾ ڪاوڙ غصي، ۽ نفرت جي جاءِ تي رحمت ۽ محبت جو پرجوش جذبو هجڻ گهرجي. يا مثلن هن ائين چيو هو ته ”جيڪڏهن ڪو توهان جي هڪ ڳٽي تي چماٽ وهائي ڪڍي ته توهان پنهنجو ٻيو ڳٽو اڳتي ڪريو“ ڇا انهيءَ جو واقعي ئي اهو مطلب هيو ته اوهان سچ پچ پنهنجو ٻيو ڳٽو اڳتي ڪريو يا مطلب هي هو ته پنهنجي اندر معاف ڪري ڇڏڻ ۽ درگذر ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪريو.

سيد لطيف چوي ٿو:

سٽي ويڻ ڪنن سين، وائج م وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي ايءُ ڳري،
تن سڄي ساهه سري، جن ماريو نفس مات سين.

❊

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

❊

Gul Hayat Institute

سيرت و ڪردار ۽ اجتماعي تعلقات و معاملات جا قانون پنهنجي تفصيلي صورتون اختيار ڪندا ۽ آخرڪار تمدن جي پوري عمارت انهن ئي بنيادن تي تعمير ٿيندي. دنيا ۾ انساني زندگيءَ لاءِ جيترا بہ مذهب ۽ مسلڪ ٺهيا آهن، انهن سڀني کي بهرحال، پنهنجو هڪڙو اساسي نظريہ اخلاق مرتب ڪرڻو پيو آهي ۽ اصولن کان وٺي ننڍين ننڍين جزن تائين، هڪ مسلڪ کي، ٻئي مسلڪ کان جيڪا شيءِ ممتاز ڪري ٿي تہ اهو ئي اخلاقي نقطہ نظر آهي ۽ اهو ان جي قالب ۾ روح جي حيثيت رکي ٿو.“

## زنا فنا آهي

انسان معاشرتي رشتن ۾ جڙيل آهي. اهي رشتا زنده شاخون آهن. جيڪڏهن هڪ شاخ بہ ڪمزور ٿي وڃي تہ ان جو اثر پوري معاشري تي پوندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح پوري زندگي مهڪڻ بدران مرجهائجي وڃي ٿي. جنهن اجتماعي ۽ سماجي رابطي ۾ پوري انسانذات جڪڙيل آهي، ان کان ڪو بہ فرد، ڪنهن بہ حال ۾ ۽ ڪنهن مخصوص جڳهہ تي رهندي بہ انهن کان جدا ڪونهي.بند ڪمرن جي اندر بہ، اهو اهڙيءَ طرح جماعتي زندگي سان واسطو رکي ٿو جيئن بازار يا محفل ۾ ان جا رشتا آهن. مرد، جنهن وقت اڪيلائپ ۾ پنهنجي قوت هڪ عارضي ۽ غلط نتيجي واري عمل (زنا) جي لطف اندوزي ۾ ضايع ڪري ٿو تہ گويا هو اجتماعي زندگيءَ جي آسماني مقصد ۾ بدنظمي ڦهلائي رهيو آهي ۽ ايندڙ نسل جي پاڪيزگي ۽ نورانيت جي حق تلفي ڪري رهيو آهي. سندس اهو عمل شر ٿي وڃي ٿو ۽ جماعت اندر بيشمار اخلاقي، مادي ۽ تمدني نقصان پهچائي ٿو. غور جو مقام آهي تہ انسان تيستائين هميشہ جي زندگي ۾ داخل ٿي ڪو نہ سگهندو جيستائين هو پاڪيزگي اختيار نہ ڪري. ان خطرناڪ عمل کان بچڻ لاءِ ان جي ترغيب ڏيندڙ فحاشيءَ جي هر صورت کان بچڻو آهي ۽ معاشري مان ان کي خَم ڪرڻو آهي:

وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۚ (انعام-151)

”توهان فواحش جي ويجهو نہ وڃو چاهي ظاهر هجن يا لڪل.“



خواهشن جي بي راهہ روي، عقل تي غالب اچي وڃي تہ حيوانيت آهي ۽ عقل، خواهشن جي بي راهہ روي تي قابو پائي تہ انسانيت آهي. جيڪڏهن اسان ظاهري آزادي تائين پاڻ کي محدود رکيو ۽ سامهون تمام منفي خواهشن کي اڀارڻ وارا عناصر رکيا ويا تہ پوءِ اها آزادي نہ پر آزاديءَ جو موت آهي. وري غور ڪريو. زندگيءَ جو حسن عوام جي پر خلوص ۽ بي لوث معاشرتي رشتن مان جنم وٺي ٿو. اخلاق جون ٻہ سطحون آهن: هڪ معمولي (زميني) سطح ۽ ٻي برتر ۽ آسماني سطح. زميني اخلاق اهو آهي تہ ماڻهوءَ جو اخلاق، جوابي اخلاق هجي، مثلاً جيڪو مون سان جيئن ڪندو مان بہ ان سان ائين ئي ڪندس. يعني اهو اصول تہ جيڪو مون کان ڪٽي مان بہ ان کان ڪٽجي وڃان، جيڪو شخص مون تي ظلم ڪري مان بہ ان تي ظلم ڪيان. جيڪو مون سان برائي ڪري تہ مان بہ ان جي لاءِ برو ٿي وڃان. اها ئي اخلاقيات آهي. جيڪا هر دور ۾ انسان تي ڇانيل رهي آهي. علامہ مشرقي پنهنجي هڪ مضمون ۾ انسان جي نفسيات تي لکندي چوي ٿو:

”انسان ايٽم جو سينو چاڪ ڪيو آهي پر سندس جبلتون اڄ بہ وحشي آهن. پنهنجي قومي عصبيتن، گروهي مرضن، مادي خواهشن ۽ نسلي امتياز جي مقابلي ۾ بي وس نظر اچي رهيو آهي. دنيا ۾ تعليم و تربيت جا ڪيترا ادارا آهن. ليڪن اڄ بہ انسان ادنيٰ مفادن ۽ معمولي منافعي خاطر حقيقي انساني مفاد کي قربان ڪري رهيو آهي. سياست ۾ مڪرو فريب جا اهي ئي هٿيار، جيڪي صدين کان زير استعمال آهن، اڄ بہ بين الاقوامي سياست ۾ ڪم اچن ٿا. قومن جي باهمي منافرت ۽ عداوت اڄ بہ اهڙيءَ طرح قائم آهي، جهڙي طرح ماضيءَ ۾ قائم هئي. مذهبن ۽ ملتن جي داخلي زندگيءَ ۾ ادنيٰ جذبات ۽ پستيءَ جو اهو ئي عالم آهي جيڪو هميشہ کان هو. فردن جون سڀئي اخلاقي خرابيون اجتماعي سطح تي اڄ بہ اهڙيءَ طرح ئي موجود آهن، جيئن دور قديم ۾ موجود هيون. الوهيت جي طرف وٺي وڃڻ واري علم (سائنس) کي هلاڪت لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي.“

(راولپنڊي ۾ هڪ تقرير)

تازو هڪڙو ڪتاب شايع ٿيو آهي. ڪتاب جو نالو آهي

World in 2020 ان ڪتاب جو مصنف Hamesh mekae لکي ٿو:

> ”سن 2020 تائين سائنس ان قابل ٿي ويندي جو ماڻهو بريف ڪيس ۾ ائٽم بم کي ائين کڻي گهمندو جيئن هن وقت ٽائيم بم کڻي گهمي ٿو.“

هاڻي اندازو لڳايو ته اهڙي دنيا جتي دولت پرستي، نسل پرستي ۽ نفس پرستي وغيره انسان کي انسان جو شڪاري بڻائي ڇڏيو آهي، جتي بريف ڪيس ايٽم بم سان ڀريل هجي، جتي بدلي وٺڻ ۽ جارحيت جي نفسيات ڇانيل هجي، اهڙي حالت ۾ زمين تي زندگيءَ جو ڪهڙو حشر ٿيندو، صاف ظاهر آهي ته پوري عالم انسانيت کي باهه جي اجتماعي قبر ۾ دفن ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. ان مشڪل صورتحال مان خدا (مشيت ڪل) ئي انسان کي ڪڍي سگهي ٿو. يعني آسماني اخلاق ئي انسان کي تباهي کان بچائي سگهي ٿو.انسان کي ڪامل ٿيڻو پوندو، يعني انسان کي گهرجي ته پنهنجي عمل ۾ خدائي صفات جو جلوو آڻي ۽ آسماني اخلاق جو مظاهرو ڪري. آسماني اخلاق جو هڪڙي جهلڪ ڏسو:

> ”توهان ٻڌي چڪا آهيو ته چيو ويو هو ته پنهنجي پاڙيسري سان محبت رک ۽ پنهنجي دشمن سان عداوت ليڪن مان توهان کي چوان ٿو ته پنهنجي دشمن سان محبت رکو ۽ ستائڻ وارن لاءِ دعا ڪريو ته جيئن توهان پنهنجي پيءُ جا، جيڪو آسمان تي آهي، ٻار ٿيندؤ. ڇو ته اهو پنهنجي سج کي نيڪن ۽ بد ماڻهن ٻنهي تي چمڪائي ٿو ۽ راستبازن ۽ ناراستن، ٻنهي تي مينهن وسائيندوآهي. جي توهان صرف محبت رکڻ وارن سان ئي محبت رکو ته توهان لاءِ ڪهڙو اجر آهي؟ ڇا محصول وٺڻ وارا به ائين ڪو نه ٿا ڪن ڇا؟ ۽ جي توهان صرف پنهنجي ڀائرن کي ئي سلام ڪيو ته ڇا گهڻو ڪيو. ڇا غير قومن جا ماڻهو به ائين ڪو نه ٿا ڪن؟ توهانکي گهرجي ته ڪامل ٿيو جيئن توهان جو آسماني پيءُ ڪامل آهي.“ *( متي 5؛43_48)*

انسان جي ادنيٰ ۽ اعليٰ زندگي ۾ توافق پيدا ڪرڻ جو نالو اخلاق آهي. در حقيقت خدا تعاليٰ ۾ فنا ٿيڻ جو نتيجو به اعليٰ (الاهي) اخلاق جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. سچو انسان نيڪي جي قانون کي سامهون رکندو آهي.



ڪنهن ڪنڊن پوکڻ واري جي مقابلي ۾ توهان به ڪنڊا پوکيا ته پوءِ زمين (اڄ وانگر) ڪنڊن سان ڀرجي ويندي. ظاهر آهي ته انهن ڪنڊن جي نقصان کان ڪو به بچي نه سگهندو. سچو انسان، ڪامل انساني مساوات جو زنده نمونو ۽ مشيت الاهي جو مظهر ٿيندو آهي. جڏهن وحشت هر شخص کي ديوانو بنائي ڇڏي ۽ ظلمت، روح جي نورانيت تي ڇانئجي وڃي، هر خنجر ۽ تلوار خون وهائڻ لڳي، يعني هر طرف خون جو بدلو خون ۽ انتقام جو بدلو انتقام هجي ۽ اها چريائپ رڪجڻ جو نالو ئي نه وٺي ته پوءِ ان جو خاتمو سواءِ معافي جي ٻيو ٿي نه ٿو سگهي. آسمان انسان کي انتقام جي نفسيات مان ڪڍڻ گهري ٿو.

انسانذات کي زندگيءَ جي مقصد (خدا، ڪمال) تائين وٺي وڃڻ لاءِ، سواءِ ان جي ٻيو ڪو به رستو ڪونهي ته شرڪي اڀرڻ جو موقعو ئي نه ڏجي. ننڍا ننڍا تنازعا ڀيانڪ صورت اختيار ڪن ٿا. جڏهن توهان ڪنهن اشتعال جي جواب ۾ جذباتي ڪارروائي ڪيو ٿا ته توهان جو ذهن ان وقت متاثر ٿيندو آهي. توهان آسماني ٿيڻ بجاءِ اڃان به زميني ٿي وڃو ٿا. خدا تعاليٰ جي هدايت ان وقت توهان جي مدد لاءِ پهچي ٿي ۽ قدرت جي ان قانون کي سامهون آڻي ٿي ته ٿڇڪندڙ جذبات جي بجاءِ نيڪي جي قانون تي عمل ڪيو وڃي.

اونداهيءَ کي اونداهيءَ سان زائل ڪري ڪو نه سگهبو. اهو ڪم صرف روشني ئي ڪري سگهي ٿي. نفرت کي نفرت سان نه بلڪ محبت سان مٽائي سگهجي ٿو. محبت نور آهي ۽ نفرت ظلمت، محبت بقا ۽ نفرت فنا آهي. محبت، ظلمت تي نور جي فتح آهي ۽ نفرت، روح تي ظلمت جو قبضو. خدا تعاليٰ انسان کي رد عمل ۽ جارحيت جي نفسيات کان دنيا کي پاڪ ڏسڻ چاهي ٿو.

مخالف جي دل کٽڻ لاءِ سڀ کان وڏو آسماني حربو هي آهي ته ڪردار جي نوراني لٺ سان ان تي حملو ڪيو وڃي. ڪردار جي حملي اڳيان ڪو به بيهي ڪو نه سگهندو. مخالف جي روح کي فتح ڪرڻو پوندو. ڪردار ئي تسخيري قوت آهي.

آسماني اخلاق جي صفت انسان کي اعليٰ ترين روحاني مقام تي فائز ڪري ٿي ۽ اهڙيءَ طرح انسان پنهنجي اندر پاڪيزگي، جرئت، شرافت ۽

Gul Hayat Institute

سچائي آڻڻ تي قادر آهي. دنيا ۾ انبياءَ، آسماني آواز ذريعي، انسانذات کي مٽي چِڪڻ لاءِ ايندا رهيا، پر انسان پستين سان اهڙو تہ پيار جو پاڪر پاتو آهي، جو هن کان بلنديون ئي وسري ويون آهن. قدرت انسان کي جهوليون پري ڏيڻ چاهي ٿي ليڪن انسان تمام ٿوري تي راضي ٿي ويو آهي:

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ (اعراف: 176)

”اسان چاهيون پيا تہ پنهنجي قانون مشيت جي مطابق (انسان کي) بلندي عطا ڪيون ليڪن هو تہ پستين سان چنبڙيو پيو.“

انسان کي ناري خواهشن کان آزادي وٺڻي آهي. روح کي مادي گندگين کان پاڪ ڪرڻو آهي پنهنجي صلاحيتن کي سجاڻڻ اخلاق جو حصو آهي ۽ صلاحيتن کي تباهہ ڪرڻ وڏي بداخلاقي آهي. هڪ مشهور حديث پاڪ آهي:

تخلقوا باخلاق الله—پاڻ ۾ الاهي اخلاق پيدا ڪيو.

ٿورو غور ڪريو، ڪائنات ۾ نور ئي نور يعني الله ئي الله آهي. خدا تعاليٰ پنهنجو اظهار هڪ نظام (خارجي ڪائنات) جي صورت ۾ ڪيو آهي. اهي قدرتي قانون، جن ۾ ڪائنات جڪڙيل آهي، سي جبري آهن ليڪن اهي ئي قانون انسان لاءِ اخلاقي ٿي وڃن ٿا. جيو تہ:

فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِىْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا (روم: 30)

”اها الله تعاليٰ جي ئي فطرت آهي جنهن تي انسانن جي فطرت کي ڏاهيو ويو آهي.“

ڪائنات جا سڀ جسم هڪ مرڪز جي چوڌاري گردش ڪري رهيا آهن. قدرت جو اهو قانون، انسان لاءِ اختياري ٿي وڃي ٿو. يعني دنيا ۾ رهندڙ سڀني انسانن لاءِ اهو اخلاقي حڪم آهي تہ اهي سڀ هڪ مرڪز تحت اچن، هڪ عالمي حڪومت قائم ڪن.

قرآن شريف جي هن آيت تي غور ڪريو:

مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ ﴿۲﴾ (فلق 2)

”جيڪي ڪجهہ پيدا ڪيو ويو آهي ان جي شر کان حفاظت.“

شر، خير جو ضد آهي. ان مان مراد هر اها شيءِ آهي، جيڪا انسان جي طبيعت جي مطابق نہ هجي، يا اها انهن جي مادي ۽ روحاني ضرورتن لاءِ



روڪ ٿي پوي. قدرتي آفتون، زلزا، ٻوڏون، طوفان، تباهي آڻيندڙ بارش، سونامي، ڀرندڙ جبل وغيره، اهي شرجا سڀئي خلقي روپ آهن. پاڻي درياءَ جي ڪنارن اندر وهي تہ خير آهي ليڪن جيڪڏهن اهو ڪنارن کان نڪري سيلاب جي شڪل ۾ اٿلي پوي تہ پوءِ ”شر“ جو سبب ٿيندو آهي. هوا نرمي سان هلي تہ خير آهي. ليڪن جڏهن طوفان جي شڪل وٺي تہ تباهي ٿي وڃي ٿي. انسان باهہ مان بي شمار فائدا حاصل ڪري ٿو ليڪن جڏهن اهائي باهہ جهوپڙن ۽ گهرن کي وڪوڙي تہ عذاب آهي. مطلب تہ شر جي معنيٰ ٿيندي صلاحيتن ۽ توانائين جو ضايع ٿيڻ. ان جي ابتڙ خير اهو آهي جيڪو تعميري آهي. خدا تعاليٰ چاهي ٿو تہ انسان شر جي انهن آفتن تي غالب اچي ۽ ڪائنات جي تسخير ڪري. قرآن حڪيم جي هن آيت پاڪ تي غور ڪريو:

وَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا مِّنْهُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۱۳﴾ (جاثيه؛13)

”اي انسانو! جو ڪجهہ زمين ۾ آسمانن ۾ آهي سڀ جو سڀ (خدا) توهان جي لاءِ مسخر ڪيو آهي بيشڪ ان پيغام ۾ سوچڻ واري قوم لاءِ ضرور ڪيترين ئي هدايتون آهن.“

Gul Hayat Institute

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقي ۽ ڀاڃي پائيوار

باب اٺون

# محبت جي ميدان ۾

محبت جي ميدان ۾، ڪڏي ڀؤُ ڪاهي،
ڇڏ آسانگا ارواح جا، لاهوتي لاهي.

”محبت جي ميدان ۾ ڪڏي ڀؤُ ڪاهي“ اهو آهي سيد لطيف جو اصل سبق. اچو ته ڀهريان اهو سمجهون ته محبت آهي ڇا؟

ڪائنات ۾ نور ئي نور يعني خدائي خدا آهي. محبت نور جو روحاني ذائقو آهي. ڪامليت، محبت جي سرزمين مان رس چوسي ٿي. محبت جو مقصد عظيم آهي؛ يعني ”سڀني انسانن جي نشوونما جو عمل“. محبت ڪمال ڏانهن اپاريندڙ قوت آهي. يعني ارتقا جي اصل خوراڪ. ارتقائي (نوراني) قوت پاڻ ڪي، انساني محبت جي طور تي نوع انساني ۾ آشڪار ڪري ٿي. محبت اها توانائي آهي جيڪا اسان کي بطور فرد ۽ بطور پوري نوع انساني جي، اسان جي پنهنجي غفلت جي خلاف اُڀاري ٿي. محبت کي دل ۾ دائمي طور آباد ڪرڻ، توسيع ذات يعني روحاني ارتقا جو ئي عمل آهي. محبت زير عمل ارتقا آهي. اسان محبت ڪرڻ سان ئي جلدي نشو ونما پائي، ارتقا جي آسمان تي چڙهي سگهون ٿا يعني محبت جي ذريعي ئي اسان خود افروزي حاصل ڪريون ٿا. جنهن انسان جي دل ۾ محبت مهڪي ٿي، اها دل هر وقت محبتي (نوراني) عمل سان ماحول کي آسماني ڪندي رهي ٿي. محبت جو هر عمل محبت آهي. محبت صرف محبت لاءِ ئي هجي. محبت بقا آهي. محبت زندگي آهي ۽ محبت جو ڪو به ڪنارو ڪونهي.

محبت انسان جي هستي هجڻ گهرجي. انسان کي گهرجي ته محبت جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو يعني زنده وجود ٿي پوي. جيڪو انسان



محبت جي داخلي مسرت سان فيضياب ڪو نه ٿيو آهي سمجهو ته اهو فضول زندگي گذاري ٿو. جن انسانن جي دلين تي نفساني غلاظتن جو پهرو هوندو آهي، اهي محبت جو ذائقو چکڻ کان بغير مري ويندا آهن. اهڙيءَ طرح انهن جي زندگي، آسماني مقصد سان بغاوت ۾ گذري ٿي. محبت جي رنگ ۾ ٻڏل وجود ئي آسماني آهي.

محبت ئي اهو دروازو آهي، جنهن مان جنت (زندگي) ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. بهادري محبت جي صفت آهي. محبت جي لاءِ بهادريءَ جي ضرورت ٿيندي آهي، تڏهن ته سيد لطيف چيئي ٿو:

محبت جي ميدان ۾ ڪڏي ڀؤ ڪاهي،
ڇڏ آسانگا ارواح جا، لاهوتي لاهي.

الله تعاليٰ انسان جو محبوب، مقصود ۽ مطلوب آهي. انهيءَ حقيقي محبوب سان دل لڳائڻ، هر وقت محبوب جي طلب ۾ رهڻ عاشق جو آسماني فرض آهي. سيد لطيف محبت ڪرڻ بابت چوي ٿو:

عاشق، معشوقن جو وٽي ويهه دڪاڻ،
ڀئج پيش پرين جي پٽي وجهي پاڻ،
ته تون تنين ساڻ، سدا رهين سرخرو.

*

عاشق، معشوقن جو وٽي ويهج رند،
پيارينديءَ پاٺهي، ميخاني جو منڊ،
ڪيم ڪيج ڪنڊ، اوڏو ٿيءُ ان ڪي.

*

عاشق، معشوقن جو وٽي ويهج گهٽ،
جم ورچي ڇڏئين، موڪيءَ سندو مٽ،
ڪري سرست، پيج ڪي پيالين.

*

عاشق، معشوقن جي وٽي ويهه ٻري،

Gul Hayat Institute
Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جهه ورپي ڇڏئين، سندي دوست دري،
ڏيندا ٻڪي ٻاجهہ جي ويندئي ٽپ ٽري.

❋

عاشق، معشوقن جي وٺي ويهج سير،
اڇي پڇندا سپرين، پرتان پري پير،
پلائن سندو پير، رهبر ٿيندءُ راهہ ۾.

خدا (نور) انسان جو مقصد حيات آهي. خدا جي محبوبانہ اطاعت بندن سان محبت جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي. محبت جي راهہ ئي خدا جي راه آهي. جنهن انسان وٽ ڪو مٿانهون مقصد هوندو تہ اهو رستي جي غير ضروري معاملات ۾ پاڻ کي ڪو نہ ڦاسائيندو. ڇاڪاڻ تہ ان کي خبر آهي تہ غير محبتي يعني سطحي معاملات ۾ ڦاسڻ جي معنيٰ آهي، زندگيءَ جي مقصد کان پوئتي هٽڻ. مقصد کي حاصل ڪرڻ واري جو ڌيان مقصد تي هوندو آهي. هو رستي کان هٽي ڪاٻي ساڄي وڃي آواره گردي ڪري وقت ڪو نہ وڃائيندو. ڇو تہ ان کي خبر آهي تہ زندگي ۾، ظلمت سان ڀريل عمل، زهر جي برابر آهي. گناهہ ڪرڻ، محبت مان نڪرڻ ۽ اوندهہ ۾ وڃڻ آهي. شيطاني عمل جي زندگيءَ ۾ ڪا بہ جاءِ ڪونهي. هر باطل عمل باهہ مان نڪرندڙ هڪڙو اُلو آهي جيڪو صرف جلائڻ جو ڪم ڪري ٿو.
سيد لطيف چوي ٿو:

ڪوڙ ڪماءِ "م" ڪچ، اٿي اور الله سين،
ڪڍ تون دغا دل مان، صاحب وٺي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ،
ان پر اٿي اچ، تہ سودو ٿئي سڦرو.

❋

ٻن ڏئي ٻين کي، هلج پاسي هڪ،
ورنہ سهي ويڪ، تون ٿيڏي، ٿيڏايون ڪرين!

انسان کي گهرجي تہ هو مستقل نتيجن تي نظر رکي. ظاهر آهي تہ اهو



ڪم مستقل قدرن کي پنهنجو ڪرڻ کانسواءِ نہ ٿي سگهندو. ابديت مستقبل ۾ آهي. ان ڪري حقيقي روحاني ترقي صرف محبت جي لڳاتار استعمال سان ڪري سگهجي ٿي. محبت جو انتخاب ڪرڻ ئي زندگيءَ جو انتخاب ڪرڻ آهي. جڏهن انسان، نوراني ترقيءَ لاءِ، واقعي ئي پاڻ کي جدوجهد ۾ لڳائيندو آهي تہ ان وقت ئي زندگي با معنيٰ ٿيندي آهي. جيڪو وجود محبت لاءِ مٿجي اهو ئي ابدي زندگي لاءِ ڪم ڪري ٿو.

ڪو بہ شخص، ڪاميابي سان، پنهنجي حدن کي وسعت ڏيڻ کان پوءِ وجود جي وڏيڪ حسين منزل ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. ظاهر ٿيو تہ پنهنجي ذات کي وسعت ڏيڻ يعني ڪمال (خدا) جي طرف اپڙڻ هڪڙو ارتقائي عمل آهي. يعني محبت ڪرڻ جو عمل، پاڻ کي فروغ ڏيڻ جو عمل آهي. هن حقيقت کي ذهن نشين ڪريو تہ اسان جيستائين خود آسماني ڪو نہ ٿا ٿيئون تيستائين ٻين سان محبت ڪرڻ جي قابل ڪو نہ رهنداسين. ڪنهن ٻئي جي حق ۾ پنهنجي روحاني ترقي کي ترڪ ڪرڻ ناممڪن آهي. نور، فرد جي باطن مان اڀري اجتماعيت کي حسين ڪرڻ لاءِ تڙپي اُٿي، اها آهي محبت. ٻين انسانن سان محبت ڪرڻ جو مطلب پاڻ سان محبت ڪرڻ بہ آهي. يعني ٻيهريان پاڻ کي روحاني بڻائڻو آهي. ارتقائي (روحاني) نشو و نما جي لاءِ وقف ٿيڻ مان مراد ان نسل لاءِ وقف ٿيڻو آهي، جنهن جو اسان حصو آهيون. دنيا جو هر ماڻهو اجتماعي ٻيڙيءَ ۾ سوار آهي. ٻيڙيءَ جي سلامتيءَ ۾ ئي اسان جي سلامتي آهي.

آسماني تعليم مطابق خود توسيعي يعني جمود جي خلاف "حرڪت" کي "ڪم" چوندا آهن. اسان جي هر حرڪت نوراني هجي ڇو تہ اهڙي حرڪت ۾ ئي برڪت آهي. انسان صرف نور (خدا) جا ڪم ڪري، خدا جي ٻانهپ مان پيدا ٿيندڙ عمل ئي "حق" آهي. اهو ئي بامقصد عمل آهي.

محبت جي ميدان ۾، ڪڏي پؤ ڪاهي،
ڇڏ آسانگا ارواح جا، لاهوتي لاهي.

محبت آسماني ڪم يا همت جي ئي شڪل آهي يا اهڙو ڪم يا همت آهي، جنهن جو مقصد خود پنهنجي يا ٻين جي روحاني نشو ونما کي فروغ ڏيڻ آهي تہ جيئن انسان آسماني ٿي پوي. سڀيئي ڪم ۽ تمام همت

Gul Hayat Institute

”ڪم“ ڪونهي، بلڪ اُهي جيڪي ”محبت“ ۽ ”انسانيت“ جي نالي ۾ هوس ۽ لالچ جي تڪميل ڪندڙ هجن شيطاني آهن. محبت نور آهي. محبت جو جذبو منضبط جذبن مان هڪ آهي. ڇو تہ تنظيم نور (روح) جي فطرت آهي. ڪائنات جي نظام تي غور ڪريو. ڪيڏي ڪامليت آهي. زمين تي انساني جسمن ۾ بہ ايڏي ڪامليت هجڻ گهرجي. دنيا کي تخليقي قوت فراهم ڪرڻ لاءِ ان کي وڏيڪ تنظيم ڏيڻي پوندي. محبت جي رس ئي تخليق جي گونچن کي خوراڪ مهيا ڪندي آهي. اسان کي پنهنجي اندر ايتريقدر خود ضبطي جي قابليت پيدا ڪرڻي آهي، جيئن اسان مجسمہ نور ٿي وڃئون. ڪائنات جي نظام تي غور ڪريو. ڪائنات جو هر مجسمہ نور، تنظيم جو حصو آهي. محبت ۾ پاڻ کي فنا ڪرڻو پوندو. ڇو تہ زندگي اها آهي جا محبت جي لاءِ مٿجي.

”مان توکي سچ سچ چوان ٿو تہ جيستائين ڪڻڪ جو داڻو
زمين تي ڪري مري ڪو نہ ٿو اڪيلو رهندو آهي، ليڪن
جڏهن مرندو آهي تہ گهڻو ڦل ڏيندو آهي.“ (يوحنا 12:23)

وڻ ڇا آهي؟ هڪ ٻج جي قرباني، هڪ ٻج جنهن وقت، پاڻ کي فنا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندوآهي تہ ان کان بعد ئي، اهو ممڪن آهي تہ اهو هڪ سرسبز ۽ شاداب مقام حاصل ڪري سگهي. ٻج پاڻ کي دفن ڪري ٻين لاءِ زندگي جو سامان مهيا ڪن ٿا. هڪ ٻج کي جيڪڏهن هميشہ جي لاءِ ڪنهن سون جي پليٽ ۾ رکيو وڃي تہ اهو پنهنجي زندگيءَ جي سرچشمي سان مربوط ٿي ڪو نہ سگهندو. زندگيءَ جي سامان سان ڀريل هن ڪائنات ۾ بيڪار پيو رهندو. زرخيزيءَ جي سڀني صلاحيتن جي باوجود زرخيز هجڻ کان محروم. جيڪڏهن انسان بہ پاڻ کي، محبت جي راهہ تي آڻي، حقيقت ۾ دفن نہ ڪيو تہ اهو خدا جي هن سرسبز دنيا ۾ هڪ سڪل وڻ وانگر پيو رهندو. غور جو مقام آهي تہ ٻي ڦل وڻ کي ڪٽي ساڙيو ويندو آهي.

عمارت جي تعمير بنياد تي ٿيندي آهي. ليڪن اهو بنياد ڪنهن کي نظر ڪو نہ ٿو اچي. عمارت جي زندگي، ان جي بنياد تي مدار رکي ٿي. حقيقت ڪل، آسماني تعليم يعني محبت ۾ پاڻ کي دفن ڪرڻ ئي زنده، سرسبز ۽ شاداب ٿيڻ آهي. اها نباتات جي فطرت آهي. وڻ ۾ هڪ گهٽ حيثيت واري شيءِ، پاڙن وسيلي داخل ٿيندي آهي. وڻ ان کي جڏهن



پنهنجي اندروني نظام جي ذريعي تبديل ڪندو، تڏهن اهو داڻو، سبزي ۽ ميوو ڏيندو. يعني وڻ جو وجود انسانذات جي فائدي لاءِ پاڻ کي پيش ڪري ٿو. حيوان جي فطرت تي غور ڪريو. ڳئون پنهنجي اندروني نظام سان گهٽ حيثيت واري شيءِ يعني گاهہ کي اعليٰ حيثيت واري شيءِ يعني کير ۾ تبديل ڪري ٿي. انسان جي بدن جي مشين بہ هر وقت خوراڪ کي روح (نور، زندگي) ۾ تبديل ڪندي ٿي رهي. انسان کي گهرجي تہ هو بہ عمل جي ذريعي روح مان نڪرندڙ نور، محبت، زندگي ائين ڏيندو رهي جيئن ڳئون کير ڏئي ٿي. هر وقت نور ڏيندو رهي ۽ پنهنجي عمل تي اونداهي کي غالب اچڻ نہ ڏئي.

ڪائنات نور (محبت عشق) مان مجسم ٿي آهي. ان ۾ موجود نظم، نورجي فطرت آهي. تنظيم نور، محبت جي صفت آهي. انتشار هوندو تہ محبت ڪو نہ هوندي. ڪائنات ۾ حسن ئي حسن آهي ڇو تہ اتي نظم ۽ ترتيب موجود آهي. برائي، بي ترتيبي ۽ بي قاعدگيءَ جو نتيجو آهي. حسن پنهنجي حيثيت ۾ وسيع تر روحاني نظام جي فطرت جو عڪس آهي.

اچو تہ سيد لطيف جي هن تمثيل تي غور ڪندا هلئون. محبت جي لاءِ پاڻ فرمائن ٿا:

محبت سندو من ۾ ماڻڪ ٻارج مچ،
ان پر اٿي اچ تہ سودو ٿئي سڦرو.

”سودو سڦرو تڏهن ٿيندو جڏهن من ۾ محبت جو مچ ٻاريو وڃي“ سياري جي موسم دوران ڀهراڙين ۾ رهندڙ ”مچ“ ٻاريندا آهن. گهڻيون ڪاٺيون گڏ ڪري، باهہ ڏئي ان مان حرارت وٺندا آهن. مچ کي مرڪز ڪري اڪثر گول جي صورت ۾ ويهبو آهي. مچ زور وٺندو تہ گرمي محسوس ٿيندي، انسان بہ هڪ اهڙو مرڪز ٿئي جنهن مان هر وقت محبت جي توانائي نڪرندي رهي. ريڊيم ڌاتوءَ مان هر وقت توانائي خارج ٿيندي رهندي آهي. سج بہ هر وقت بلا امتياز روشني ڏئي ٿو. محبت انسان جي هستي ٿي وڃي. انسان جي رڳ رڳ صرف محبت لاءِ حرڪت ڪري. جيئن خالص سون ٻڪندو آهي، تيئن انسان بہ محبت ۾ ٻکي. مهڪندڙ شبنم جي قطرن وانگر پاڪيزه ٿي وڃو. چمڪندڙ موتي ٿيو. خدا تعاليٰ جي صفتن جا سڀ وهڪرا، محبت جي چشمي ۾ قرار

Gul Hayat Institute

وٺندا آهن. انسان کي گهرجي تہ محبت جو آسماني جام پيارينڌڙ ساقي ٿي وڃي. دائمي امن جا گيت ڳائيندڙ فرشتو ابديت ڏانهن آسماني انسانن جو همسفر، رفيق راهہ ٿي وڃي.

سيد لطيف جو پيغام آهي تہ "محبت سندو من ۾ ماڻڪ ٻارج مچ" اهو آهي نجات جو واحد رستو. انسان جو مصنوعي خول ۾ لڪي ويهڻ، پنهنجي نفي ڪرڻ آهي، ڇو تہ نوراني ارتقا سان ان جو ڪو بہ رشتو ڪو نہ ٿو رهي. ڪاميابيءَ جو اصل راز هي آهي تہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي حقيقت جي مطابق ناهي. هتي توهان کي سيڪجهہ صرف ان حالت ۾ ملي سگهي ٿو جڏهن توهان حقيقت کي تسليم ڪيو. جيڪڏهن توهان حقيقت ڪل سان مطابقت ۾ نہ ايندؤ، ان جون تقاضائون پوريون نہ ڪندؤ، ان جو نظام دين (آسماني بادشاهت) قائم نہ ڪندو تہ توهان کي ڪجهہ بہ نہ ملندو. غور جو مقام هي آهي تہ حقيقت سان اتحاد ان وقت ٿئندو آهي، جڏهن پنهنجي اندر، پيدا ٿيڻ واري بي اتحاديءَ جا جذبا قوي ٿي وڃن.

اتحاد صرف علم ڪلي (خدا جي معرفت) جي دائمي خوبي آهي.
يسوع مسيح جي ڏنل هنن لفظن تي غور ڪريو:

"مان توهان کي نئون حڪم ڏيان ٿو تہ هڪٻئي سان محبت
رکو جيئن مان توهان سان رکي . توهان بہ هڪٻئي سان محبت
رکندؤ تہ ان سان سڀ ڄاڻندؤ تہ توهان منهنجا شاگرد آهيو.

*(يوحنا 14؛34_35)*

هڪ اهو شخص آهي جيڪو فقط محبت جو تصور ڪري ٿو. ٻيو اهو جو خود محبت ٿي وڃي ٿو ڪهڙو بهتر آهي؟ آسماني تعليم ٻئي قسم جي انسان جي تلاش ۾ آهي. سيد لطيف جو سبق:

وري ياد ڪريو ـــ محبت جي ميدان ۾ ڪڏي پؤُ ڪاهي ــــ

محبت صداقت مطلق آهي. انسان جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ غير مشروط طور تي پاڻ کي دريافت ڪري. جڏهن محبت، زندگيءَ جو مقصد ٿي وڃي ٿي تہ انسان جو وجود آسمان طرف سفر ڪندو آهي. خدا محبت آهي ۽ ماورائيت صرف محبت جو شان آهي. ماورائيت خدا جي صفت آهي.

چاڪاڻ تہ محبت، خدا تعاليٰ جي صفات جو اظهار آهي. انسان جي



سامهون آسمانن جي ڏاڪڻ آهي. انسان ان ڏاڪڻ تي چڙهڻ لاءِ تخليق ڪيو ويو آهي. بلنديءَ جي ان چڙهائي تي چڙهڻ جو سلسلو ابدي آهي.

اسان جي محبت ڪرڻ جي استعداد، ترقي ۽ ارتقا جي صلاحيت اسان جي اندر خدا ڦوڪي آهي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي تہ محبت نور جو روح آهي.

فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ۝ (الحجر:29)

"جڏهن مان ان کي مڪمل ڪيان ۽ ان ۾ پنهنجو روح
ڦوڪيان تہ توهان ان جي سامهون سجدي ۾ ڪري پئجو."

هن حقيقت کي سامهون رکو تہ انساني دنيا ۾ ارتقا ۽ تبديليءَ جي عمل کان سواءِ دائمي ۽ ازلي صورتون وجود نہ ٿيون رکن. زندگيءَ جي آسماني نصب العين جو ڪم زندگي ۽ ارتقا جي رخ کي متعين ڪرڻو آهي. پاڪيزه نصب العين موجود ڪونهي تہ سرگرمين جو صحيح رخ متعين ٿي ئي ڪو نہ سگهندو ۽ زندگي ڪشمڪش ۽ انتشار ۾ ڦاسي پوندي.

اسان مان هر هڪ ۾ خدائي جبلت ۽ انسانيت (روحانيت) موجود آهي. صرف پنهنجي احساسن کي خدا تعاليٰ جي اطاعت ۾ آڻڻو پوندو. اسان سيني ۾ هڪ بيمار (نفس) ۽ تندرست ذات (روح) موجود آهي. اسان جو روحاني (نوراني) حصو اسان جي ترقي چاهي ٿو، تبديلي ۽ بهتري پسند ڪري ٿو. اسان جي صحتمند ذات (روح) ارتقا جي جدوجهد ۾، خدائي رتبي جي طرف وڌي ذوق ۽ شوق سان وڌي ٿي. پر روح يعني صحتمند ذات کي بيمار ذات (نفس) جي ڪاهلي کان هر وقت هوشيار رهڻ گهرجي. خبردار! توهان صرف محبت لاءِ استعمال ٿيو. جيڪو حقيقت ڪلي (خدا) جي رحمت ۾ هوندو، اهو خدا جي غضب کان پري هوندو. ان جي رحمت کي ان جي غضب تي سبقت آهي. اصل نڪتو شعور کي محفوظ رکندي حق (ڪامل) ٿيڻ آهي. خدا چاهي ٿو تہ انسان پنهنجي شعور کي معرفت ۾ تبديل ڪري. اسان جي شعوري ذات، خدائي ذهن (معرفت) سان مطابقت پيدا ڪري، اها آهي رحمت ٻيءَ حالت ۾ غضب ئي غضب هوندو ڇو تہ رحمت ڪو نہ هوندي تہ غضب جو هجڻ قانون قدرت آهي. حق ڪلي سان ڪامل مطابقت جو نالو آهي "خدا جي رحمت" ۽ خدا جي مخالفت معنيٰ آهي غضب جو پڙڪڻ.

Gul Hayat Institute

محبت ئي سڀني روحاني بيمارين جو دائمي علاج آهي. ۽ ڪوبہ شخص ”خود پرستيءَ“ جي قيد مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ئي محبت جي واديءَ ۾ لهي سگهي ٿو. ياد رکو پاڻ کي توسيع ڏيڻ ۽ حدود کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪوشش درڪار ٿيندي آهي. ارادو ۽ عمل ٻئي محبت جي رنگ سان رنگين هئڻ گهرجن. انسان جي سامهون صرف محبت ئي واحد رستو آهي جنهن سان هو پنهنجي مستقبل کي درخشان ۽ نور سان ڀريل بنائي سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سيد لطيف چوي ٿو. غور جو مقام آهي:

محبــت ســندو مــن ۾، ماڻــڪ ٻــارج مــچ،
ان پــر اٿــي اچ، تــہ ســودو ٿئــي ســڦرو.

انسان کي پنهنجي وجود جي ٻيهر تعمير ڪرڻي پوندي. ڪيس پاڻ ئي پنهنجي رڪاوٽن کي رستي تان هٽائڻو پوندو. اسان جو عرصہ حيات، آخري لمحہ تائين، اسان کي روحاني نشو نما جا غير محدود موقعا پيش ڪري ٿو. زندگيءَ ۾ موجود ارتقائي قوت، پاڻ کي، انساني محبت جي طور تي نوع انساني ۾ آشڪار ڪري ٿي. ياد رکو انسان کي نفع خور نہ بلڪ نفع بخش ٿيڻو آهي. اها ئي تقدير آهي ۽ تقدير وري فڪر جي آخري حد آهي.

جنهن جاءِ تي بہ حڪمران هوندا، اتي ڪڏهن بہ سک چين ٿي ڪو نہ سگهندو بلڪ اتي گهٽن ئي ڏکن ۽ تڪليفن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي. اسان کي صرف خدا تعاليٰ سان ئي محبت ڪرڻي آهي. جيڪڏهن انسان ياد خدا سان گڏ پنهنجي نفس جي بہ پيروي ڪري ٿو، تہ پوءِ ان جي رتبي ۾ فرق پئجي ويجي ٿو. پوءِ روح ۽ بدن (نفس)جي لڙائي شروع ٿئي ٿي. ٻنهي مان ڪو بہ هار مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي. ٻئي پنهنجي طرف ڇڪيندا رهن ٿا، ۽ روحاني ارتقا رڪجي ويجي ٿي.

هي قانون قدرت آهي تہ ”حقيقت جي دريافت“ جي صورت ۾ پراڻي ڄاڻ، تان دستبرداري ۽ ان جو خاتمو درڪار ٿيندو. وڌيڪ ڪشاده تصور کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ اسان کي تنگ تصور کي ختم ڪرڻو پوندو. حق جي دريافت کانپوءِ تڪليفن کان ڊڄي غير حقيقي رستي تي هلندو رهڻ جمود جي نشاني آهي. سيد لطيف ٿو چوي :



نانگا پنهنجي نفس کي ڪا نئين راه سونهاءِ،
تــہ ســندي دوزخ باهــہ، تــوا وڏيــائي نــہ اچــي.

نئين تصور جو مطلب آهي پراڻي تصور جو لازمي موت. پراڻي تصور کان دستبردار ٿيڻ جي تڪليف، موت جي تڪليف آهي. ليڪن پراڻي جو موت نئين جو جنم آهي. انجيل پاڪ ۾ اچي ٿو:

”۽ ڪو بہ ماڻهو پراڻي مئي پي ڪري نئين جي خواهش ڪو نہ ڪندو آهي. ڇو جو چئي ٿو تہ پراڻي ئي سٺي آهي.“

*(لوقا 6:39)*

پراڻي رستي تي هلندو رهڻ موت جي ملڪ ۾ رهڻ آهي. دنيا تي اثر انداز ٿيڻ وارؤ! آزادانہ انتخاب جي ذريعي، اسان پنهنجي بالغ ۽ آزاد مرضي کي، خدا جي مرضيءَ سان شناخت ڪري سگهئون تہ خدا جي مرضي، اسان جي شعوري انا جي توسط سان زندگيءَ جي هڪ نئين ۽ طاقتور صورت ڌاري وٺندي. اسان کي نئون جنم وٺڻو آهي تہ جيئن شعوري فرد جي طور تي خدا جي مرضيءَ جي هڪ نئين زنده صورت بڻجي وڃئون. هڪ بالغ، شعوري انا کي ترقي ڏيڻي آهي، جيڪا بعد ۾ خدا جي انا ٿي ويجي ٿي. ياد رکو هتي سواءِ خدا جي ٻي ڪنهن شيءِ جو وجود ڪونهي.

سائنس جي نزديڪ، ذهن ۽ جسم جي قانونن جو پس منظر، هن ڪائنات ۾ آهي. انساني دماغ خود اسان جي پنهنجي متعلق ۽ اسان جي چوڌاري موجود سڀني شين جي متعلق شعور جو ذريعو آهي. جبلتن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي تهذيب صرف ارتقا يافتہ شعور جي ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. شعور جو تعلق روح سان آهي. تهذيبي ارتقا، شعور جي ارتقا جو مظهر ۽ نتيجو آهي يعني جبلتن، جذبن، تخيل ۽ لاشعور، سڀني جي اهميت ۽ معنويت شعور جي ذريعي ئي حاصل ٿيندي آهي. تشڪيل نو جي ذريعي ئي اسان ترقي ماڻيندا آهيون. هڪ ٻيڙي ٽٽي پوي تہ نئين ٻيڙيءَ وسيلي پنهنجو سفر شروع ڪيو. سفر جي تياري ڪيئن ڪجي. سيد لطيف ٿو چئي:

ٻانهــپ جــو ٻيــڙين ۾ وکــر وڌائــون،
مــوتي معرفــت جــا، ســچا ســوڌيائون،
التائــب مــن الــذنب، اي کــٽ کٽيــائون،

انـين جـي آئـون، برڪـت بـار لنگهائـيـان.

محبت جو ڪم، جيڪو مرڪزي صورت اختيار ڪندو آهي اهو آهي "توجهه" "ڀلائي وارو ٻڌڻ" توجهه سان جڙيل آهي. سيد جي هن بيت تي غور ڪريو:

وحـده لاشـريـڪ لـه، ٻـڌئي نـه ٻـوڙا

ڪنهن سان محبت ڪندا آهيون ته اسان ان تي پنهنجو مڪمل توجهه ڏيندا آهيون. جيڪڏهن ڪو سياڻو ۽ سڀاجهڙو روح، سيد لطيف جي آواز سان محبت جي دعويٰ ڪري ٿو ته پوءِ "توجهه ڏيڻ" جو عمل، تقاضا ڪري ٿو ته چستيءَ سان پنهنجي شعور کي سيد لطيف جي طرف ڦيري ڇڏيئون. ياد رکو! توجهه ڏيڻ اهو فعل آهي، جيڪو اسان کي پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي معمول جي خلاف ڪرڻو پوندو. پاڻ کي وڃائڻ کان پهريان پاڻ کي حاصل ڪرڻ لازمي آهي. حق کي معلوم ڪرڻ کان بعد ئي اسان باطل جي چادر لاهي ڦٽي ڪري سگهنداسين. ياد رکو "سنو ٻڌڻ" محنت جي تقاضا ڪري ٿو. دنيا ۾ زياده تر ماڻهو حق جي آواز کي، سٺي ۽ سهڻي نموني ڪو نه ٿا ٻڌن. ڇو ته اهي آسماني محنت ڪرڻ لاءِ آماده ڪو نه آهن. جنهن حد تائين اسان، پنهنجي شعوري فيصلن جي ذريعي، دنيا تي خدا جي مرضيءَ مطابق، اثر انداز ٿيڻ جي قابل ٿي سگهئون ٿا، ان حد تائين اسان، بذات خود رحمت خداونديءَ جي هڪ صورت ٿي ويندا سين. جن سچ جو پيالو پيتو آهي اهي سدائين مالڪ جي عشق ۾ مگن رهن ٿا. اهي پنهنجي اندر مالڪ کي رسندا آهن ۽ دوئي جي ننڊ مان جاڳي پوندا آهن.

عقلمند ماڻهوءَ جو ڪم آهي ته اهو شڪايت کي نظر انداز ڪري، پنهنجي مقصد جي طرف سفر کي جاري رکي. جمود جي حالت طاري ٿيڻ سان اسان "وڏيڪ" جي شوق کان محروم ٿي وڃئون ٿا ۽ جنهن کي "زياده" (غور جو مقام آهي) جو شوق رسي وڃي اهو اتي ئي پيو هوندو.

سيد لطيف جي پيغام سان جڙڻ جي معنيٰ آهي غير خدائي ڪمن کان دستبرداري ۽ لاتعلقي. حقيقي ڌيان جي اُها لازمي تقاضا آهي. حقيقي طور ٻڌڻ ۾ جڙڻ جو عمل به شامل آهي. وري غور ڪريو. وحده لاشريڪ له، ٻڌئي ڪو نه ٻوڙا" دوست! حقيقي ٻڌڻ محبت جو عمل آهي. سيد لطيف جي پيغام



کي توجهه سان ٻڌڻ ۽ ياد رکڻ جي اهم ترين ضرورت آهي. قدرت هي قانون جوڙيو آهي ته دنيا جي سيني باشعور انسانن تي اهو آسماني فرض عائد ٿئي ٿو ته اهي محبت ڀريل فڪرمنديءَ سان ٻين جي دکن دردن ۾ شريڪ ٿين. راحت ۽ تسڪين يقيني آهي. مٿي اڀرڻ جو اهو ئي قانون آهي.

آسمان جي تعليم خود ضبطي سيکاري ٿي ڇو ته خود ضبطي پنهنجو پاڻ کي وسعت ڏيڻ جو عمل آهي. انسان اشرف المخلوقات آهي مگر صحيح راهه کان بغير اهو ئي انسان ڪنهن ڪم جو ڪونهي. اهو ئي ماڻهو ڪامياب ٿيندو آهي جنهن کي ان جي اندر جي روشني يعني (نور (خدا) جي سڃاڻپ هجي. سيد لطيف جو آسماني سڏ ٻڌ! سڏ ۾ سڏ ڏيڻ، با ادب انسان جو عمل آهي:

جي نـه سـڃاڻن سچ کـي ويهـه مَ تنـين وٽ،
املهـه کـي اڏ ڪـري، پاڻـان هڻـنـدا پـٽ،
مهـر تنـين وٽ، مـٽ جـي پـارکو پـارس جـا.

قانون هي آهي ته "خود ضبطي" ان وقت ٿي سگهندي، جڏهن اسان مسلسل، نه ختم ٿيندڙ سخت خود احتسابيءَ جي زندگي گذاريون. جنهن شخص جي اندر، خدا جي نالي جو ذڪر بي حساب ٿي رهيو هجي، خدا ان کان ڪڏهن به جدا ٿي ڪو نه سگهندو. خدا ۽ انسان جو رشتو، چنڊ ۽ چڪور جو رشتو آهي. انسان جي دل خدا جو گهر آهي. خدا مومن جي دل ۾ سمائجي ويندو آهي. ليڪن افسوس آهي جو انسان جي دل ۾ هر وقت خودپرستي نظر ٿي اچي. خدا کي ڇڏي نفس کي محبوب ڪيو ويو. انسان پاڻ کي پوڄي ٿو. هر ڪو هڪڙي خول ۾ بند آهي. سيد لطيف جي هيٺين بيت تي غور ڪريو. سيد، قدرت جي ان قانون کي پيش ڪري ٿو جنهن سان انسان ان خول مان نڪري زندگيءَ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. خودپرستيءَ جي معنيٰ آهي ڪل (حق) کان نڪرڻ، خدا (ابديت) سان رشتو ٽوڙڻ.

خـودي ۽ خـدا، ڪـين مـاڀن هـڪ مـن ۾
ٻـن تـرارن جـاءِ، ڪـانهي هـڪ ميـاڻ ۾

جنهن دل ۾ خدا (نور) جي حڪومت هجڻ گهرجي ها، اتي (خود) جي

Gul Hayat Institute

حڪومت آهي. ”خود“ کي ڇڏ، نور کي آڻ. قدرت جي قانون تي عمل ڪر. تنهنجو باطني گهر نور سان ائين ڀرجي ويندو جيئن اونده ۾ بلب ٻري پوي.

دنيا تي غور ڪريو. عبرت جو مقام آهي. هر شخص خود پنهنجي اندر جي تقاضائن جي تڪميل ۾ مصروف آهي ۽ جڏهن ضرورتون پوريون ٿي وڃن ٿيون ته پوءِ اهو (ڪڏهن به پوري نه ٿيڻ واري) هوس جي تڪميل ۾ لڳي وڃي ٿو. جڏهن توهان جي دل ۾ خودپرستيءَ کانسواءِ حقيقت جي لاءِ ڪا به گنجائش ڪونهي ته پوءِ ان ۾ ٻي شيءِ ڪيئن وجهي سگهبي. پيالو نفرت جي باه سان ڇلڪي ٿو. ان ۾ محبت جو نور ڪٿان داخل ٿئي! ان جي داخل ٿيڻ جو ڪو رستو ڳولهه. دل کي صاف ڪر ته جيئن تخت دل سينگارجي. ان تي آسمان مان پريون لهن، رقص نور ٿئي. محفل حق ڄمي، سچ توتي پوريءَ طرح ڇانئجي وڃي، تنهنجو باطن چمڪي، خدا تنهنجي مٿان پنهنجي شان سان حڪومت ڪري.

ان وقت يسوع پنهنجي شاگردن کي چيو ته جيڪڏهن ڪو منهنجي پٺيان هلڻ چاهي ته پنهنجي خوديءَ جو انڪار ڪري.

(متي 17:24)

اي ساٿيو! هن حقيقت تي غور ڪريو ته ”انا“ جي سرحدن کان عارضي آزاديءَ اسان کي نور جي هڪ تجلي ته مهيا ڪري سگهي ٿي ليڪن فنا جي گگهه اونده مان ڪڍي نه ٿي سگهي. قرآن شريف توهان کي هڪ انسان جي حالت ڏيکارڻ چاهي ٿو ته هو ڪيئن نفس جي قيد ۾ بند آهي.

اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰـهَهٗ هَوٰىهُ وَاَضَلَّهُ اللهُ (جاثيه: 23)

”پوءِ ڇا توهان ان شخص جي حالت ڏٺي آهي جنهن پنهنجي نفساني خواهشات (خودي) کي ئي زندگيءَ جو مقصد بنائي ڇڏيو آهي.

سيد لطيف جي عظمت تي غور ڪر، پاڻ فرمائن ٿا:

پـــاڻ م ڪـــڙج پـــاڻ ســـين، ريءَ وســـيلي وڏ،
لالـــن تنـــي لـــه، عشـــق جنـــين جـــي اڳ ۾.

❊

پـــاڻ مَ ڪـــڙج پـــاڻ ســـين، وســـيلا وڃـــاءِ،



عشـــق ســـاڻ انـــاءِ، پيـــر پريـــان جـــي پـــار ڏي.

❊

خـــواب، خيـــال، خطـــرا، تنـــين ڪـــريج تـــرڪ،
ڪـــرين غيـــر غـــرق، تـــه مشـــاهدو مـــاڻين.

❊

وڃـــائي وجـــود ڪـــي، پاڻـــان پاســـي ٿـــيءُ،
هڏهن ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪـــونهي هـــن ريءَ.

❊

پوڄـــا ڪـــر پـــاڻ ڪـــي، جـــوڳي رکـــج جـــوڳ،

❊

فنـــا وجهـــي نـــم ۾، ڪـــارڻ ٿـــي ڪبـــاب،
نڪـــي ڪـــٽن پـــاڻ ســـين، نڪـــو ســـاٽن پـــاڻ.

محبت جي پوشاڪ پائڻ کانسواءِ انسان آسمان جي بادشاهت (دين) ۾ داخل ٿي ئي ڪو نه سگهندو ان لحاظ کان محبت اولين ضرورت آهي.

سنڌيڪا :سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڻيهي پائيوار



**باب نائون**

# ايمان ڇو ضروري آهي؟

ان پر نہ ايمان جو، ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر ۾ آذر آهين.

هڪڙو شخص ڪنهن اڻ ڏٺل شهر ۾ پهچي ٿو. ان کي منزل تائين پهچڻ لاءِ رستي جي خبر ڪونهي. ظاهر آهي تہ رستو ڪنهن اهڙي شخص کان پڇندو، جيڪو ان رستي کان واقف هوندو. رستو معلوم ڪرڻ کان پوءِ، اهو ماڻهو منزل مقصود تائين پهچڻ لاءِ، انهيءَ ٻڌايل رستي تي ڀروسي ۽ اطمينان سان هلندو رهندو، جيڪو رستو ڄاڻ واري ماڻهو کيس ٻڌايو آهي. ان ٿڌي ۽ پرسڪون ڀروسي کي ايمان چئبو آهي.

عربي زبان ۾ ”اَمَنُ“ جي مفهوم ۾ هي اچي ٿو تہ ڪنهن کي بي فڪر ۽ مطمئن ڪري ڇڏڻ، ان جي حفاظت جي ذميداري پنهنجي سر تي کڻڻ. ”مومن“ يعني امن جي ضمانت ڏيڻ وارو، جنهن تي ڀروسو ڪري انسان بي فڪر ۽ محفوظ ٿي وڃي. ”امانت“ اها شيءِ جيڪا ڪنهن جي ڀروسي تي ڏني وڃي. ”امين“ مان مراد آهي بي خوف ۽ مطمئن ڪندڙ جنهن کي، قابل اعتماد سمجهيو وڃي ۽ جنهن تي ڀروسو ڪيو وڃي. ”بلدٌ امين“ جنهن شهر ۾ امن ۽ حفاظت هجي. ”مقام امين“ يعني جنهن مقام تي پورو پورو اطمينان ۽ حفاظت جو سامان هجي. قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

انی لکم رسول امین (شعراء: ۱۲۲)

”مان توهان جي لاءِ رسول امين آهيان.“

سورت بقره ۾ آيو آهي:

Gul Hayat Institute

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا (البقره-283)

"جيڪڏهن توهان هڪٻئي تي اعتماد ڪريو."

ٻئي هنڌ آيو آهي

كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ (البقره-285)

"يعني سڀني ايمان آندو آهي الله تي"

مٿين سڀني آيتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته "امن" جو لفظ اعتبار، ڀروسي ۽ يقين اچڻ جي مفهوم ۾ استعمال ٿيو آهي. ايمان آڻڻ ۾ هيٺين سڀني ڳالهين جو دخل ٿئي ٿو:

1. "يقين ڪرڻ" مڃڻ، تسليم ڪرڻ، انڪار نه ڪرڻ.
2. تصديق ڪرڻ يعني ان جي سچي هجڻ جو اقرار ڪرڻ.
3. تڪذيب نه ڪرڻ، اعتماد ۽ ڀروسو ڪرڻ.
4. ڳالهه مڃڻ ۽ اطاعت ڪرڻ.

انسان هن دنيا ۾ هڪ اڻ ڄاڻ مسافر وانگر اچي ٿو. ڪيس هر وقت ايمان جي ضرورت آهي. ڪائنات جي حقيقت تي غور ڪريو. ڇا توهان کي ڄاڻ آهي ته ڪائنات ڪيئن تخليق ٿي؟ ڇا توهان کي خبر آهي ته ڪائنات ۾ انسان جو مقام ڪهڙو آهي؟ ڇا توهان کي اهو پتو آهي ته زندگيءَ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ مطلب ته قدم قدم تي توهان کي هي ڄاڻڻ جي ضرورت آهي ته صحيح ڇا آهي ۽ غلط ڇا آهي. حق ڇا آهي ۽ باطل ڇا کي ٿو چئجي. ڪهڙي عمل ۾ حقيقي فائدو آهي ۽ ڪهڙي عمل ۾ نقصان. اهو علم جيڪڏهن توهان پنهنجي اندر ۾ تلاش ڪندؤ ته اتي ڪو نه ملندو. اهي ڳالهيون ڪنهن اهڙي انسان کان معلوم ٿي سگهن ٿيون جيڪو حقيقت ڪلي ڄاڻندو هجي، جيڪو راهه ۽ منزل کان واقف هجي.

انسان مختلف قوتن جي ڪشش ۾ رهي ٿو. خواهشون هڪ طرف ڇڪين ٿيون ته صحبتون ٻئي طرف. ان ڪانسواءِ مختلف موروثي ۽ ماحولياتي اثرات پنهنجو ڪم ڏيکارين ٿا. جيڪڏهن انسان پنهنجي غرضن کي محدود ۽ نصب العين کي معين نه ڪري ته اهي قوتون ڪيس منتشر ڪري ڇڏينديون ۽ نتيجي ۾ هو بي مقصد ۽ بي مراد رهجي ويندو. انڌي جو انڌي جي پويان هلڻ ٻنهي جي بربادي جو باعث ٿيندو. ان ڪري اهو ضروري آهي ته انسان جي سامهون اعليٰ مقصد هجي ۽ انسان ان کي



حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري. ان تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي سڀني عملن جو رخ ان طرف ڦيري ڇڏي. انسان هن دنيا ۾ ان ڪپتان وانگر آهي، جيڪو موج در موج، درياءَ ۾ ٻيڙي هلائيندو هجي. اهو ٻيڙي کي ان وقت تائين پار ڪو نه لڳائي سگهندو جيستائين ڪناري کان واقف نه هجي، ۽ ان تائين پهچڻ لاءِ ڪو نقشو نه تيار ڪيو هجيس. ٻيءَ حالت ۾ هو منزل کان هٽي ويندو ۽ ان جي ٻيڙي طوفان حوالي ٿي ويندي، نتيجي ۾ هو زندگيءَ ئي وڃائي ويهندو.

هر ظاهر سان هڪڙو غائب به ٿيندو آهي. انسان حاضر آهي ليڪن ان جي حقيقت غائب. پوءِ ڇا انسان جي ڪا حقيقت آهي ئي ڪو نه؟ توهان ڪائنات تي غور ڪريو. علم جي جدا جدا شاخن جو مطالعو ڪيو هر علم جي شاخ حاضر کان غيب جي طرف وڌندي آهي. انسان جي فطرت آهي ته اهو حاضر مان مطمئن ڪو نه ٿيندو آهي، بلڪ اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. ايمان شعوري ڪوجنا جي ان اطمينان بخش تڪميل جو نالو آهي. قرآن حڪيم ان ايمان جو متقاضي آهي ته انسان پنهنجي موجوده تجربي کي حقيقت ڪلي جو درجو نه ڏئي ۽ اهو ايمان رکي ته غائب، حاضر سان متضاد نه آهي ۽ هر حاضر هڪ غائب جي طرف اشارو ڪري ٿو جنهن جون ڪڙيون حاضر سان مليل آهن. تمام حڪمت، حاضر کان غيب طرف وڌڻ واري حرڪت آهي.

سائنس جي دريافت ڪيل قانونن جي صحت جو معيار به اهو آهي ته حاضر جو علم، غيب سان رشتو رکي ٿو. زندگي ۽ ڪائنات جون حقيقتون الله تعاليٰ، پيغمبرن جي سيني تي ڪلي طور نازل ڪندو آهي. عام انسان کي انهن حقيقتن تائين پهچڻ ۾ ڏاڍي دير لڳندي آهي. مثلا اڄ کان چوڏهن صديون اڳ قرآن حڪيم چيو ته مادي جي اصليت نور آهي. الله نور السموات والارض سائنسدانن تجربيگاهن ۾، ڪم ڪندي، ايتري وقت کان پوءِ اوڻويهين صديءَ ۾ انهن لفظن جي تصديق ڪئي. جڏهن ته اصحابن سڳورن ان وقت هن ڪائنات کي پنهنجي بصيرت جي نور سان ڏٺو ۽ ان آيت سڳوريءَ تي ايمان آندو، جڏهن کي به سائنسي ايجادون عمل ۾ ڪو نه آيون هيون.

سائنس ۾ استدلال، قطعيت جي طلب ڪري ٿو. هر اها ڳالهه جيڪا

Gul Hayat Institute

قطعي نہ هجي ۽ واقعات ان جي تصديق نہ ڪن تہ سائنس ان کي ناقابل ثبوت ڄاڻي رد ڪري ڇڏي ٿي. توهان ماضيءَ کي جاچي سگهو ٿا ان کي تحليل ۽ تجزيہ جي ڪسوٽيءَ تي آڻي سگهو ٿا ۽ اهڙيءَ طرح حال جو مطالعو بہ وڏي صحت سان ڪري سگهو ٿا. ليڪن توهان جڏهن بہ مستقبل تي ايندؤ تہ سائنسي تحليل جو ڪو بہ ماهر رهبريءَ جو فرض ادا ڪري ڪو نہ سگهندو يا هو اهڙا قائدا ٻڌائي ڪو نہ سگهندو جن جو بنياد يقين مطلق تي هجي. ان ڪري اهي سيئي عمل، جن جو تعلق مستقبل سان ٿيندو آهي تن ۾ ”ايمان“ جو دخل ٿيندو آهي. ايمان، ”علم ڪلي“ تي يقين ڪرڻ جو هڪڙو آسماني نور آهي.

جڏهن رسول عربي ﷺ قرآن حڪيم جو پيغام عربن جي سامهون پيش ڪيو تہ ان وقت ايمان ئي کين پنهنجن حقن سان آشنا ڪيو ۽ اهو ايمان ئي هو جنهن کين فرض کان آگاهيءَ جو سامان پيدا ڪيو. ان ڪري قدرتي طور ايمان، مسلمانن کي قوت جا خزانا عطا ڪيا. اهو ايمان ئي مضبوط بنياد هو جنهن تي مستقل ۽ پائيدار قدرن جو هڪڙو عاليشان محل تعمير ٿي سگهيو ۽ اها ئي قوت هئي جنهن مسلمانن کي چمڪايو.

ايمان، جاهل جي لاءِ، قرآن حڪيم جي علمي قوت سامهون، پنهنجي رضا کي جهڪائڻ آهي. گويا اهو الله تعاليٰ جي فطرت کي حاصل ڪرڻ جو پهريون عهد نامو آهي. ان کان بعد انسان جي زندگي معمولي زندگي ڪو نہ ٿي رهي بلڪ مومن جو هر عضوو مومن ٿي ويندو آهي. ان جو اظهار اخلاق الاهيءَ جي صورت ۾ ٿئي ٿو.

ايمان جو لازمي نتيجو اهو روحاني انقلاب هجڻ گهرجي جيڪو گنهگار فطرت جو خاتمو ڪري ڇڏي ۽ ڦلجڻ، ڦولارجڻ ۽ جيون رس چوسڻ لاءِ انسان جي نوراني ٻوٽي کي قرآن حڪيم جي ساگر سان ملائي ڇڏي. ان طرح سان انسان کي هڪ نئون جنم يعني هڪ روحاني زندگي ملندي آهي، جيڪا گناهہ جي داغ کان پاڪ ٿئي ٿي.

جيڪڏهن انسان مٿان ايمان جي نوراني گرفت نہ هوندي تہ هُو زندگيءَ جي آسماني مقصد ڏانهن وڌي ڪو نہ سگهندو. نتيجي ۾ انسان بدي ۽ شر جي ڪشش مان نڪري ڪو نہ سگهندو. اها ايمان جي آسماني قوت ئي آهي جيڪا انسان کي ان قابل بنائي ٿي تہ هو شيطان تي غالب اچي،



پنهنجي روح کي نفس تي حاڪم ڪري ۽ اهڙيءَ طرح گناهہ کي اپڙڻ جو موقعو نہ ڏئي.

ايمان جي حقيقت اها آهي تہ مومن حضور اڪرم ﷺ جي آندل ضابطہ حيات مطابق زندگي گذاري. قرآن حڪيم جي تصور ڪائنات کي صحيح سمجهي، قرآن حڪيم، انسان جو جيڪو مقام مقرر ڪيو آهي، ان کي پليءَ پٽ سمجهي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ پڪو ارادو ڪري تہ قرآن حڪيم کانسواءِ منزل تي پهچڻ جو ٻيو ڪو بہ رستو ڪونهي ۽ هو صرف قرآن حڪيم کي ئي پنهنجو رهبر سمجهي.

مولانا مودودي ايمان جي باري ۾ چوي ٿو:

”ايمان جو پهريون شرط اهو آهي تہ انسان قرآن حڪيم جي ڪلي نظريہ حيات جي برتري ۽ ان جي برحق هجڻ جو پڪو يقين پيدا ڪري تہ جيئن هو دنيا جي ٻين نظرين کان مرعوب نہ ٿئي، خواهہ اهي نظريا دنيا ۾ ڪيترا بہ مروج ۽ طاقتور ڇو نہ هجن. انهن جي باطل هجڻ تي ان جو پورو يقين هجي. انهن جي ڦهلايل فڪري، نظرياتي ۽ مادي ڄار کي هو ڪوريئڙي جي ڄار وانگر سمجهي جيڪو ڏسڻ ۾ تہ شاهڪار آهي ليڪن آهي سڀني کان ڪمزور. حالات ڇاهي ڪيترا بہ مايوس ڪندڙ هجن ۽ دنيا جو رخ ڪيترو بہ مخالف ڇو نہ هجي، پوءِ بہ ان جي دل يقين جي ان نور سان منور هجي تہ حق اهو ئي آهي جنهن تي ان ايمان آندو آهي.“

قرآن حڪيم سان ايماني محبت، عزم راسخ ۽ مضبوط ڪردار پيدا ڪندي آهي تہ جيئن اهو حق کانسواءِ باقي سڀني شين کي ٺڪرائي ڇڏي ۽ پنهنجي موقف تي پهاڙ وانگر ڄميل رهي. انسان کي گهرجي تہ حق جي راهہ ۾ رڪاوٽن جو مقابلو مڙس ٿي ڪري ۽ ڏينهن رات قرآن حڪيم جي حڪمن تي عمل ڪري، پنهنجي نوراني ڦل سان عالم انسانيت کي نوراني ڪندو رهي. قرآن حڪيم تي ايمان جو مقصد اهو ڪونهي تہ صرف قرآن حڪيم جي آفاقي حقيقتن کي رڳو زبان سان تسليم ڪجي بلڪ اصل ڪم هي آهي تہ ان جي سامهون عملي طور جهڪيو وڃي. سورت روم ۾ آيو آهي:

ط اِنۡ تُسۡمِعُ اِلَّا مَنۡ يُّؤۡمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۵۳﴾ (روم:53)

Gul Hayat Institute

”تون صرف انهن کي ٻڌائي سگهين ٿو جي اسان جي
حڪمن تي ايمان آڻن ٿا ۽ اهي انهن جي سامهون جهڪڻ وارا
آهن.“

قرآن شريف تي ايمان رڳو هڪڙي فلسفيانہ حيثيت ڪي مڃڻ نہ آهي بلڪ ايمان جو مزاج پنهنجي عين فطرت جي لحاظ کان هڪ خاص قسم جي عمل ۽ اخلاق جي تقاضا ڪري ٿو ۽ ان اخلاق جو ظهور انسان جي عملي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ٿيڻ گهرجي. يا هيئن سمجهو تہ ايمان هڪڙو ٻج آهي جيڪو نفس انساني ۾ پنهنجون پاڙون هڻي، عملي زندگيءَ ۾ هڪ پوري وڻ جي تخليق ڪندو آهي ۽ ان وڻ جي ٽڙ کان وٺي ان جي شاخن ۽ پنن ۾ نوراني رس جاري ۽ ساري تي وڃي ٿي ۽ آسمان جا فرشتا انهن تارين ۾ رهن ٿا. آسمان جا پکي اتان پرواز ڪن ٿا، ٻين آسمانن ڏانهن وڃڻ لاءِ.

ايمان جو بنياد وفاداريءَ جو جذبو آهي. وفا جي خوبي يا خرابي ان ڳالهہ تي آهي تہ ڪهڙي مقصد يا ڪهڙي هستيءَ سان وفا ڪئي وڃي. وفاداري اهڙي هجڻ گهرجي جيئن ”قبلو ڏيکاريندڙ سئي“ قبلي سان وفا ڪندي آهي. حادثات ان سئي کي، هزار دفعا هيڏي هوڏي جنبش ڏين. ليڪن اها سئي ٽڙپي وري بہ قبلي ڏانهن ئي رخ ڪندي آهي. مومن کي بہ گهرجي تہ قرآن حڪيم سان اهڙي وفاداري ڪندو رهي.

هر موقعي تي توهان جي سامهون هي سوال ايندو آهي تہ فلاڻو ڪم ڪيو وڃي يا نہ. اهڙن موقعن تي هڪ طريقو اهو آهي جيڪو اسان کي قرآن شريف ٻڌائي ٿو ۽ ٻيو طريقو اهو آهي جيڪو انسان، پنهنجي نفسياتي خواهشات، پيءُ ڏاڏي جي نهيل ريتن رسمن يا انسانن جي نهيل قانونن مطابق اختيار ڪري ٿو. هاڻي جيڪڏهن ڪو مسلمان قرآن شريف جو رستو ڇڏي ڪري ٻيو رستو اختيار ڪري جيڪو قرآني حڪمن جي ابتڙ هجي تہ اهو حق، خير ۽ حسن سان بغاوت آهي. جيڪو مسلمان بعض معاملن ۾ خدا تعاليٰ جي ڪلام کي مڃي ٿو ۽ بعض معاملات ۾ پنهنجي نفس جي خواهشات کي اوليت ڏئي ٿو يا انسان جي نهيل قانون کي، خدائي قانون تي ترجيح ڏئي ٿو يعني هو جيتريقدر الله تعاليٰ جي قانون سان بغاوت ڪري ٿو تہ اوترو شرڪ آهي؛ ڇو تہ هو حق ۾ باطل ملائي رهيو آهي.
ولا تلبسوا الحق بالباطل حق کی باطل سان نہ ملايو. اهو آهي قرآني فرمان. قرآن



حڪيم جي تعليم سراسر حق آهي، هڪ ڪامل نظريہ حيات آهي. ان جي خلاف جيڪي آهي اهو باطل آهي. ان ڳالهہ تي ڪامل يقين ۽ ايمان جنهنجو بہ هوندو تہ اهو پنهنجي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ صرف اهو ڏسندو تہ قرآن حڪيم جو حڪم ڪهڙو آهي، ۽ جڏهن ان کي معلوم ٿي ويندو تہ هو سڌيءَ طرح ان جي اڳيان ڪنڌ جهڪائيندو پوءِ چاهي ان سلسلي ۾ دنيا وارن طرفان ڪيتري بہ مخالفت ڇو نہ ٿئي، اهو انهن مان ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندو. ڇو تہ هر ڪنهن کي ان جو صاف جواب هوندو تہ ”مان قرآن حڪيم تي ايمان آندو آهي ۽ نہ ڪنهن ٻئي تي.“

خدا تعاليٰ هن دنيا کي هڪ آزمائشگاهہ ڪري خلقيو آهي، ڪو بہ اهو نہ سوچي تہ ڪيس ”مسلمان“ هجڻ جي نالي ڇڏيو ويندو ۽ سندس آزمائش نہ ڪئي ويندي پر اهو ڏٺو ويندو تہ اهو قرآن حڪيم جي تعليم تي ڪيترو عمل پيرا آهي. ۽ ان جي لاءِ ڪيتري قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. ڪنهن کي پنهنجي جان، ڪنهن کي ٻک يا مال ۽ اولاد جي نقصانن سان آزمايو ويندو آهي. مسلمان حق کان جدا ٿي ڪو نہ ٿو سگهي ۽ نہ ئي اهو ڪنهن ظاهري قوت کان مرعوب ٿي ڪري ايئن ڪندو. اهو خدائي امانت ۽ خدائي آزمائش جو حق ادا ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهي ٿو. جيڪڏهن زندگي نوراني تغير طرف مائل آهي يعني ان جو پرواز بلندين طرف آهي تہ پوءِ ان جو هر قدم مقصد زندگي، خدا (ڪامل) ڏانهن وڌندو آهي. تعمير ۽ تغير دوران فرد پنهنجي شخصيت جو نقش ماحول تي ڇڏي ٿو. فرد جي داخلي رجحان ۽ خارجي حالتن مان جيڪو بہ قوي ٿيندو آهي اهو ٻئي تي حاوي ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن نقش نوراني آهي تہ معاشري ۾ نور جو دائرو ڦهلجي ٿو ۽ جيڪڏهن نقش شيطاني آهي تہ معاشري ۾ ظلمت جون ناري پاڙون لڳڻ ٿيون. ڪمزور، قوي نقش کان مغلوب ٿي ان ۾ جذب ٿي وڃي ٿو. انساني شخصيت مستقل جدوجهد، تغير ۽ حرڪت سان تڪميل حاصل ڪندي آهي. شخصيت جيتريقدر آسماني ٿيندي اها اوتريقدر روح، نور، حسن جي غلام ۽ بد روح کان آزاد هوندي. قرآن شريف چاهي ٿو تہ هر فرد ڪامل ٿئي. ياد رکو تہ خدا ڪامل آهي ۽ اهو هر انسان کي بہ ڪامل ڏسڻ چاهي ٿو. ڪامل ٿيڻ هر انسان جو قدرتي حق آهي. سيد لطيف جي آسماني عظمت تي وري غور ڪريو:

Gul Hayat Institute

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا مئي پي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي.

نوراني عمل انسان جو زندهہ ايمان آهي. قرآن حڪيم ايمان ۽ عمل کي هڪ هنڌ رکيو آهي. ايمان کي سڃاڻڻ جي آسان نشاني عمل آهي. يعني هي ڏسڻو هجي تہ فلاڻو ماڻهو ايماندار آهي يا بي ايمان تہ ان جي عمل کي ڏسو. ياد رکو تہ اسان جو عمل جهڙو هوندو تہ اسان بہ اهڙائي ٿي ويندا سين. Henry bergson پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب Creative Evolution ۾ لکي ٿو:

”اهو چوڻ بلڪل صحيح آهي تہ جيڪي ڪجهہ اسان ڪيون ٿا اهو موقوف ٿيندو آهي ان ڳالهہ تي تہ اسان ڇا آهيون؟ ليڪن ان سان گڏ اهو چوڻ بہ درست آهي تہ اسان جيڪي ڪجهہ ٿيئون ٿا پنهنجي عملن سان ئي ٿيون ٿا. ان لحاظ کان اسان مسلسل تخليق ذات ڪندا رهندا آهيون.“ (صفحو75)

تغير، ترقي ۽ هر اها شيءِ جا زندگي کي جيئڻ جي قابل ڪري ٿي سا عمل سان ظهور پذير ٿئي ٿي. هر سٺو عمل نور آڻي ٿو ۽ برو عمل ان کي مٽائي ٿو. گهٽا سٺا عمل، گهٽو نور، گهٽي زندگي. قرآن شريف چاهي ٿو تہ انسان هڪ تخليقي قوت ٿي پوي. ان جو انسان بابت تصور اهو آهي تہ انسان هڪ آزاد عامل جي حيثيت سان تخليق، ارتقا ۽ قدرن جي تڪميل ۾ خدا سان تعاون ڪري. يعني خدا تعاليٰ پنهنجي مشيت، انسان جي وسيلي ئي ڪمال تائين پهچائڻ چاهي ٿو. تخليق مان مقصود ڇا آهي؟ اچو تہ ان سوال جو جواب بہ Henry Bergson کان ٿا پڇئون. جواب ٿو ملي:

”ان مان مقصود آهي نوع انساني جي تخليق جي تڪميل يعني ان کي اهو ڪجهہ بنائي ڇڏڻ، جيڪا اها بڻجي وڃي ها جي ان ۾ ايتري قدرت هجي ها تہ اها انسان جي مدد کان بغير پنهنجي آخري شڪل اختيار ڪري وٺي.“

(The two sources of morality and rezzgon223 صفحو)

قرآن حڪيم جي نظر ۾ مثالي معاشرو اهو آهي جيڪو شيطان جي



غلامي (بندگي) کان آجو هجي. اهڙي معاشري جا فرد ئي روح جي استحڪام لاءِ پوري ڪوشش ڪندا آهن. فرد معاشري سان وابستہ هجڻ ڪري ئي وڌندو ويجهندو آهي. جيستائين وڻ جو پن شاخ سان جڙيل آهي، تيستائين ڪيس اميد هوندي آهي تہ هو قوت حاصل ڪندو رهندو. جيڪڏهن اهو شاخ کان جدا ٿي وڃي تہ فنا لازمي آهي.

ايمان جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ استاد ۽ شاگرد جي هن فطرت تي غور ڪريو. جڏهن ڪو طالبعلم، علم حاصل ڪرڻ لاءِ مدرسي ۾ داخل ٿيندو آهي تہ اهو ايمان جو نور ئي هوندو آهي، جيڪو استاد ۽ شاگرد جو مقام ظاهر ڪري ٿو. شاگرد، استاد جي حڪمت ۽ نقطن کان ناواقف هوندو آهي، هو صرف استاد جي حڪم جي تعميل ڪندو آهي. جڏهن شاگرد جو ذهن، شعوري بلندين کي عبور ڪري استاد جي مقام کي سمجهندو آهي تہ ان وقت استاد جي عظمت ظاهر ٿئي ٿي. صاف ظاهر ٿي رهيو آهي تہ حضور اڪرم ﷺ استاد ڪامل هو. سيد لطيف چوي ٿو:

ڏيئي توڪل تڪيو، آرُ لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتي بان، وچ ۾ ڳڏين واهرو.

ايمان سان گڏ اطاعت جو هجڻ دراصل نظم جي جان آهي. ايمان جيترو راسخ ٿيندو ۽ اطاعت جيتري ڪامل ٿيندي نظم اوتروئي مضبوط ۽ طاقتور ٿيندو ۽ مقصد حيات تائين پهچڻ ۾ اوترو ئي زياده ڪامياب ٿيندو. ايمان ۾ جيتري ڪمزوري هوندي ۽ اطاعت ۾ جيترو انحراف هوندو اوتريقدر ئي نظم ڪمزور ٿيندو ۽ انهي نسبت سان هو مقصد تائين پهچڻ ۾ ناڪام ٿيندو. ايمان نہ رکڻ وارو انسان اوندهہ ۾ هلي رهيو آهي. ظاهر آهي تہ اوندهہ ۾ اندازي تي ئي هلبو. ممڪن آهي تہ ڪڏهن سڌي راهہ تي هلجي ۽ ڪڏهن هٽي وڃجي. اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪڏهن کڏ ۾ ڪري پئجي پر زياده امڪان ڪرڻ جوئي آهي.

اسلام ۾ ايمان آڻڻ جو مقصد آهي انهن امڪانات، انساني اوصاف ۽ قدرن تي ڀروسو، جي زندگيءَ ۾ مخفي آهن ۽ جي يقينن ظهور ۾ ايندا. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم حقيقت ڪلي جو رازدان هو. پاڻ ڪريمن، ايمان جي روشنيءَ لاءِ چيو تہ جنهن انسان بہ حيات حاضره کي

Gul Hayat Institute

منزل سمجهو ۽ موجوده زندگيءَ جي اخروي نتيجن (مڪافاتِ عمل) تي يقين نہ رکيو تہ ايمان جي ڪمزوريءَ سبب رستي تان ٿڙي ويندو ۽ آخرڪار مقصد (ڪمال) ڪان پري ٿيندو ويندو.

سچ هر دور ۾ هڪڙو ئي رهيو آهي ۽ هڪڙوئي رهندو. سچ هر دور ۾ هڪ ئي اصول رکيو آهي ۽ هڪ ئي ڪلام سامهون آندو آهي، هڪڙو ئي استدلال پيش ڪري ٿو. ان جو هڪ ئي روپ ٿيندو آهي ۽ باطل جي هر حملي جي جواب ۾ هڪ ئي طرح جي هٿيارن سان جنگ ڪندو آهي. حق چيو تہ الله هڪ آهي؛ ان جي مقابلي ۾ باطل گهڻا خدا ٺاهي ڇڏيا. ڪن انڌي قوت جي حڪمراني کي تسليم ڪيو ۽ ڪن وري پنهنجي نفساني خواهشن کي خدا جو درجو ڏيئي ڇڏيو. نتيجي ۾ الحاد ۽ دهريت جنم ورتو. حق هر دور ۾ سچائي، ديانت، حفظ عصمت، همدردي، انساني جان جو احترام ۽ اخلاق حسنہ کي بنيادي اصول طور مڃيو آهي. حق جو پيغام سڀني پيغمبرن کي تسليم ڪري ٿو. انهن سڀني حق پرستن ۾ هڪڙو ئي رشتو آهي جيڪي قرآن حڪيم جي سچائيءَ جا علمبردار آهن. سڀني پيغمبرن جو هڪ ئي دين هو. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

اِنَّآ اَوۡحَيۡنَآ اِلَيۡكَ كَمَآ اَوۡحَيۡنَآ اِلٰى نُوۡحٍ وَّالنَّبِيّٖنَ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ‌ ۚ وَاَوۡحَيۡنَآ اِلٰٓى اِبۡرٰهِيۡمَ وَاِسۡمٰعِيۡلَ وَاِسۡحٰقَ
وَيَعۡقُوۡبَ وَالۡاَسۡبَاطِ وَعِيۡسٰى وَاَيُّوۡبَ وَيُوۡنُسَ وَهٰرُوۡنَ وَسُلَيۡمٰنَ‌ ۚ وَاٰتَيۡنَا دَاوٗدَ زَبُوۡرًا‌ ۚ ﴿۱۶۳﴾

....... سوره نساءِ 163

”توهان جي لاءِ اهو ئي دين مقرر ڪيو آهي جنهن جي متعلق نوح کي هدايت ڪئي وئي هئي. جيڪا توهان جي طرف وحي موڪلي ويئي ۽ جا هدايت اسان ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڪئي (اها هيءَ هئي ) تہ دين کي قائم ۽ برقرار رکو ۽ ان ۾ تفرقو پيدا نہ ڪيو.“

انسان جي ذهن کي ماضيءَ مان سبق وٺڻ گهرجي تہ جيئن عمل ۾ قوت ۽ تاثير پيدا ٿئي.

عالمي تاريخ، اجتماعي روح کي برقرار رکڻ جو هڪڙو وسيلو آهي. تاريخ واقعات ۽ حادثات جو ڍير ڪونهي، بلڪ اها هڪڙو وسيلو آهي اجتماعي شعور ۽ سيرت کي لازوال ۽ قوي بنائڻ جو. قرآن حڪيم جي روشنيءَ ۾ تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان اسين موجوده زندگيءَ جي نتيجن تي



تنقيد ڪري سگهئون ٿا.

## تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي آهي

تاريخ پنهنجو پاڻ کي تيستائين دهرائيندي رهندي جيستائين انسانن جا عمل، انهن قومن جهڙا رهندا جيڪي فنا جي شعلن ۾ غائب ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن موجوده ائٽمي دور جو انسان بہ ساڳيائي عمل ڪري رهيو آهي، تہ پوءِ ان جي فنا بہ يقيني آهي ڇاڪاڻ تہ فطرت جا قانون اٽل آهن. يعني نيڪ عمل جو ڀلو نتيجو ۽ بُري عمل جو تباهيءَ وارو نتيجو. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

وَلَقَدۡ اَهۡلَكۡنَاۤ اَشۡيَاعَكُمۡ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿۵۱﴾ (قمر-51)

”۽ اسان توهان جي طريقي وارن ماڻهن کي هلاڪ ڪري چڪا آهيون، سو آهي ڪو نصيحت حاصل ڪرڻ وارو.“

ان آيت پاڪ مان صاف ظاهر آهي تہ جيڪڏهن اسان جا عمل بہ، انهن قومن جهڙا ٿيا، جي فنا ٿي چڪيون آهن تہ پوءِ اسان جي هلاڪت بہ يقني آهي. تاريخ ان وقت تائين پاڻ کي دهرائيندي رهندي جيستائين عمل ساڳيا آهن. جيڪڏهن انسان اهي عمل نہ ڪري، جن جي ڪري گذريل تهذيبون مٽجي چڪيون آهن، تہ پوءِ تاريخ جو هٿ ان چڪر کي دهرائڻ بند ڪندو. خدا تعاليٰ جو قانون، هر قوم تي اهڙيءَ طرح صادق اچي ٿو جهڙيءَ طرح سابقہ قومن تي صادق اچي چڪو آهي. ماکي اڳ بہ ماکي هئي ۽ اڄ بہ ماکي آهي. ائين ٿي ڪو نہ ٿو سگهي تہ ماکي پنهنجون خاصيتون تبديل ڪري. زهر ڪالهہ بہ زهر هيو ۽ اڄ بہ زهر آهي. اهو ٿي ڪو نہ ٿو سگهي تہ جيڪا شيءِ ڪالهہ زهر هئي اها اڄ ترياق ٿي پوندي.

غور ڪريو تہ صحيح بصيرت سان صحيح عمل ٿيندا آهن. عمل، مڪينيڪل حرڪت ڪونهي بلڪ سچ تي مبني عمل انسان جي روحاني ضرورت آهي. ڪمال (خدا) ڏانهن حرڪت سٺن عملن مان ملندڙ نوراني قوت جو نتيجو آهي: قرآن حڪيم ۾ اچي ٿو:

وَاللّٰهُ خَلَقَكُمۡ مِّنۡ تُرَابٍ ثُمَّ مِنۡ نُّطۡفَةٍ ثُمَّ جَعَلَكُمۡ اَزۡوَاجًا‌ ؕ وَمَا تَحۡمِلُ مِنۡ اُنۡثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا
بِعِلۡمِهٖ‌ ؕ وَمَا يُعَمَّرُ مِنۡ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنۡقَصُ مِنۡ عُمُرِهٖۤ اِلَّا فِىۡ كِتٰبٍ‌ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ (فاطر:
10)

”ان جي طرف پاڪيزه ڳالهيون چڙهنديون آهن ۽ عمل صالح ان کي بلند ڪري ٿو. سٺا عمل انسان کي ايئن بلندي (ڪمال) ڏانهن ڇڪيندا آهن.“

سٺو عمل عبادت آهي. سٺو عمل نور آهي. خير مطلق، اعليٰ علم ۽ اعليٰ وجود سان متحد آهي. اها منتهيٰ آهي جنهن تائين مٿي چڙهڻ لاءِ سڀ نيڪيون ڪوشش ڪنديون آهن. سيد لطيف چوي ٿو:

تتيءَ ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿيئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.

*

ڪتڻ جي ڪا نه ڪرين، سٽي ساهين هڏ،
صبح ايندءِ اوچتي، عيد اگهاڙن گڏ،
جت سرتيون ڪندءِ سڏ، ات سڪنديءَ سينگار کي.

ماضي، حال کان نه جدا ٿيندڙ عنصر آهي، ان کي الڳ ڪيو ويو ته حال جي معنيٰ باقي ڪو نه رهندي. مستقبل آزادي ۽ امڪانات سان ڀرپور آهي. روح جي اندروني آزادي، خارجي عالم جي جبري قوت کان، وڏيڪ قوت واري آهي. انساني روح ۽ ارادو خارجي قوت کي تسخير ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح اهو فطرت جي مقصد جي تڪميل ڪري رهيو آهي. تاريخ مان واقعات جو روحاني عنصر نمايان ٿيندو آهي. اچڻ واري زندگي، تاريخي واقعات مان حرڪت ۽ حرارت جون تجليون پيش ڪندي آهي. اهڙيءَ طرح گردش زماني جون اونداهيون به سامهون اينديون آهن.

سچ (ڪامل سچائي) کان هٽي ڪريماديت پرستيءَ تي بنياد رکندڙ تهذيب ضرور فنا ٿيندي، ڇو ته فنا ان جو مقدر آهي. ان جي بنياد ۾ ڪا به مضبوطي ڪونهي. انسان کي گهرجي ته ڪائنات جو روحاني نظام پاڻ تي نافذ ڪري. خدا تعاليٰ جي ٻڌايل حقيقي نظام تي پنهنجي تمدن جي گهر جو بنياد رکي ڇو ته ان کان وڏيڪ مضبوط بنياد ٻيو ٿي نه سگهندو.

جيڪڏهن انسان پنهنجي عملي زندگيءَ کي حق جي سانچي ۾ نه وڌو ته پوءِ تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي رهندي. ان ڪري. گذريل گنهگار تهذيبن وانگر موجوده ائٽمي تهذيب جي فنا به يقيني آهي. ان ڪري اڄ ئي



توجهه جي لائق ڦل پيدا ڪريو. پنهنجي اصلي حالت (مقام احسن تقويم) ڏانهن موٽي اچو نه ته ٻي حالت ۾ دنيا کان ائٽمي تباهي کي ڪا به قوت روڪي نه ٿي سگهي. آتشي نيزا ٽيون دفعو ضرور ٽڪرائيندا.

اي دوست! ذرا اک مٿي کڻي ڏس ته آباد ۽ خوشحال بستيون ڇو اجڙي ويون؟ زندگي ۽ حرڪت جا شعلا ڇو وسامي ويا؟ ان جو جواب هي آهي ته هتي هڪ عالمگير قانون ڪم ڪري رهيو آهي. يعني حق ۽ باطل جي ڪشمڪش جو قانون. حق، نيڪ عملن جو نالو آهي. ياد رکو ته حق ئي باقي رهڻ واري قوت آهي ان کي فنا ڪونهي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ۥ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِى الْاَرْضِ ؕ (الرعد: 17)

”اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ حق ۽ باطل جو مثال ڏئي ٿو. جيڪا گج آهي اها بيڪار وڃي ٿي ۽ جيڪي ڪجهه انسان جي لاءِ نافع آهي اهو زمين ۾ رهجي وڃي ٿو.“

زمين تي سفر ڪريو. آثار ۽ نشانات ڏسو. غور ڪريو. ڏسو ته قدرت جي قانون خلاف هلڻ وارن قومن کي پنهنجي مڪر و فريب، ڪوڙ ۽ بدديانتي جي ڪهڙي سزا ملي چڪي آهي. اهو سڀ ڪجهه قدرت جي اٽل قانون مطابق ٿيو آهي. مان هن حقيقت کي واضح ڪيان ته خالص باطل جي لاءِ دنيا ۾ ڪا به جڳهه ڪونهي، پر هتي حق و باطل جا مرڪبات ٿيندا آهن. انهن مرڪبات ۾ ٽڪراءُ به ٿيندو آهي؛ ڇو ته حق غلبو چاهي ٿو. هر تصادم ۾ بازي ان اصول، فلسفي ۽ نظام جي هٿ ۾ رهندي آهي جنهن ۾ باطل جو تناسب گهٽ ۽ حق جو تناسب زياده هجي. مقصد ته تاريخ اصولن، فلسفن ۽ نظامن جي تصادم جو ميدان آهي. ان تصادم ۾ ڪاميابي ۽ ناڪامي جنهن اصول تي ٿيندي آهي اهو خود گواهي ڏئي ٿو ته ڪامياب حق آهي ۽ باطل هر حال ۾ ناڪام آهي.

اي انسان! قرآن (حق) سان بغاوت جو نتيجو هن وقت به تباهي آڻڻ ۾ مصروف آهي پر تنهنجي حالت اها آهي جو تون ڏسندي به ڪو نه ٿو ڏسين ۽ ڪنن هوندي به ڪو نه ٿو ٻڌين. انسان وٽ پنهنجو عقل هجڻ گهرجي جنهن سان هو نتيجن کي سمجهي سگهي. جيڪڏهن ان کي پنهنجو عقل ڪونهي ته پوءِ صاحب عقل جي ڳالهين کي ٻڌي. ليڪن انسان جي

Gul Hayat Institute

اڪثريت نہ تہ پهرين زمري ۾ اچي ٿي ۽ نہ ئي وري ٻئي ۾. ان ڪري انهن ۽ چوپاين ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي بلڪ انهن کان بہ وَيل آهن. کنڊرات تي ڇانيل ويرانيءَ کان بربادي‌ءَ جو سبب پڇندءُ تہ جواب اهو ئي ملندو تہ حق جي مخالفت ڪري ئي قدرت اها سزا ڏني. ان ڪري جيڪي ڪجهہ گذري چڪو آهي اهو هاڻي ذخيره بصيرت آهي. قرآن شريف ٻڌائي ٿو تہ توهان پهرين قوم نہ آهيو جيڪا زمين تي موجود آهي، بلڪ توهان کان پهريان بہ ڪيترين ئي قومون گذري چڪيون آهن. انهن جون بہ آباديون هيون، قوت ۽ شان شوڪت هو، اهي بہ سربفلڪ عمارتن جا رهواسي هئا. انهن وٽ بہ فڪر ۽ عمل جون سرگرميون هيون پوءِ اهي ڇو مٽجي ويون؟ جيڪڏهن الله تعاليٰ جو قانون هر دور ۾ ساڳيءَ طرح پنهنجو ڪم ڪندو آيو آهي تہ پوءِ ڇا توهان ان خوش فهميءَ ۾ مبتلا آهيو تہ قدرت توهان جي لاءِ پنهنجو قانون معطل ڪري ڇڏيندي؟ جيڪا شيءِ ڪالهہ زهر هئي اها هاڻي توهان جي لاءِ ماکي ٿي پوندي.؟!

قرآن حڪيم چوي ٿو تہ جيڪڏهن توهان وجداني طور تي ان ڳالهہ کي محسوس ڪريو ٿا تہ نتيجن جو تسلسل ۽ انهن جو نتيجو هڪ حقيقي امر آهي ۽ ان ۾ تبديلي ممڪن ڪونهي تہ پوءِ انساني عملن بابت ائين ڇو ٿا چئو تہ هاڻي هتي ائين ٿيڻ ضروري ڪونهي جيڪو اڳين قومن سان ٿي چڪو آهي. ياد رکو تہ جيئن گناهن جي ڪري گذريل قومون ختم ٿي چڪيون، هاڻي بہ گناهن ڪرڻ جو نتيجو ساڳيو ئي نڪرندو.

گذريل قومون ان ڪري بہ ختم ٿيون جو انهن ۾ خير ۽ اصلاح جو جوهر ختم ٿي چڪو هو. اهي شر ۽ فساد، عيش و عشرت ۽ دولت جي پرستش ۾ اهڙيون تہ غرق ٿيون جو فطرت جي ڪا بہ ادا انهن کي نرم ڪري ڪو نہ سگهي. انهن تي جهالت جا تهہ ڄمي ويا. گلن جا پاڪيزه اشارا انهن کي سمجهہ ۾ نہ آيا ۽ معصوم ٻارڙن جون گلابي مسڪراهٽون انهن جي پٿر دل کي موهي نہ سگهيون.

### بقا صرف نافع لاءِ آهي

دنيا ۾ بقا ۽ قيام صرف ان جي لاءِ آهي جيڪو نافع آهي، يعني جيڪو انسان خدائي صفات جو عملي مظاهرو ڪري ٿو. جيڪو زنده ۽ مفيد هجڻ



جي صلاحيت رکي ٿو. بي فائده ۽ بي ڦل شين لاءِ دنيا ۾ ڪو بہ مقام ڪونهي. ڪائنات ۾ حسن ۽ ارتقا قائم نہ رهي سگهن ها، جيڪڏهن انهن ۾ خوبي جي بقا ۽ خرابيءَ جي ازالي لاءِ هڪ اٽل قانون سرگرم نہ هجي ها. اهو قانون ڪهڙو آهي؟ اهو آهي فطرت جو انتخاب. قدرت هميشہ چونڊ ڪندي رهندي آهي. اها هر گوشي ۾ صرف خوبي ۽ بهتريءَ کي باقي رکندي آهي. فساد ۽ نقص کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. اسان فطرت جي قانون بقاءِ اصلح کان واقف آهيون. ميوي ڏيندڙ وڻ کي باغ ۾ رکيو ويندو آهي. بي ڦل وڻ کي ڪپي اڇلايو ويندو آهي. قرآن حڪيم بقاءِ اصلح جي جاءِ تي بقاءِ نافع جو اصول پيش ڪري ٿو. نفعو ڏيندڙ اهو وجود آهي جنهن ۾ خدائي صفات هجن. قرآني عمل ڪرڻ وارو ئي صالح ۽ نافع انسان آهي. مادي شيون هجن يا روحاني، جسماني هجن يا اخلاقي بقا بهرحال نافع ۽ اصلح لاءِ ئي آهي. هن مثال تي غور ڪريو. سون کي صاف ڪرڻ لاءِ ان کي گرم ڪيو ويندو آهي. ڪوٽ سڙي ويندو خالص سون باقي رهندو. اهو ئي مثال فطرت جي انتخاب جو آهي. ڪوٽ ۾ نفعو ڪو نہ هيو، ان کي ختم ڪيو ويو، خالص سون ۾ فائدو هيو ان ڪري ان کي باقي رکيو ويو.

هر برائي نيڪي جو سهارو وٺي جيئندي آهي ۽ هر گناهہ کي ڪنهن ثواب جي اوٽ وٺڻي پوندي آهي. اڄ تائين جيترا بہ زندگيءَ جا نظام پيش ڪيا ويا آهن، يا قائم ڪيا ويا آهن، انهن مان ڪو بہ اهڙو ڪو نہ هو جيڪو خالص باطل تي مشتمل هجي. بلڪ باطل ۽ برائي جڏهن بہ ڦهليا آهن تہ اهي حق ۽ نيڪي جي سهاري هليا آهن، جن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ جز نظام باطل ۾ موجود هوندو آهي. انهن جي مقبوليت، انهن جو قيام، انهن جو استحڪام ۽ انهن جي افاديت، حق جي ان مقدار تي منحصر ٿيندي آهي جنهن جي وجود ڪري اهي زندهہ رهندا آهن. نظام سرمايہ داري ۾ بہ باطل موجود آهي ۽ اشتراڪيت ۾ بہ. غور جو مقام آهي، تہ اهو ئي حق جو مقدار آهي جيڪو انهن جي زندگيءَ جي ضمانت آهي. قرآن حڪيم چوي ٿو تہ شرڪ نہ ڪريو، مشرڪ نہ ٿيو، ڇو تہ مشرڪ اهو آهي جيڪو حق کي باطل سان ملائي ٿو.

وَلَاتَلۡبِسُوۡا الۡحَقَّ بِالۡبَاطِلِ (البقره: 42)

”۽ حق کي باطل سان نہ ملايو.“

Gul Hayat Institute

قرآن حڪيم زندگيءَ کي خالص حق جي سانچي ۾ آڻڻ چاهي ٿو ڇو تہ دائمي سرور، لازوال جواني ۽ ابدي زندگي خالص حق جو انعام آهن.

**بقا جي صلاحيت نيڪي ۾ آهي**

نيڪي اها آرزو آهي جيڪا زندگيءَ کي مالا مال ۽ ان جي لطف کي وڌائڻ چاهي ٿي. ان جي مقابلي ۾ بدي، زندگيءَ کي مفلس ڪري ٿي. قدرت جو قانون آهي تہ برائيون، نيڪين جي اثرن کي مٽائي ڇڏين ٿيون ۽ نيڪيون، برائين جي نشانن کي صاف ڪري ڇڏين ٿيون. بقا، نيڪين جي مجموعي قوت جو نالو آهي. يا هيئن سمجهو تہ برائين کي بلڪل نابود ڪري، انسان جو رشتو نور جي ساگر سان ملائڻ جو نالو بقا آهي.

حق نيڪين جو نور ۽ باطل بديءَ جي باهہ آهي. نور، باهہ کي ختم ڪري، هر طرف نور جي بهار ڏسڻ چاهي ٿو. حق ۽ باطل جي اها جنگ ان وقت تائين جاري رهندي جيستائين حق جو مڪمل غلبو ٿي وڃي. دوا مرض کي ان وقت ختم ڪري ٿي جڏهن ان ۾ قوت هجي، بيءَ حالت ۾ مرض ختم ڪو نہ ٿيندو. بيماري ۽ دوا مان جنهن جي بہ قوت وڌيڪ هوندي ان جو اثر ظاهر ٿيندو. قرآن حڪيم جي نور کان وڌيڪ طاقتور دوا بي ڪا بہ ڪونهي. گذريل قومن جون نيڪيون، برائين کان گهٽ هيون. ان ڪري باطل جو عذاب غالب اچي ويو. اڪسير قرآن حڪيم وٽ ئي آهي. قرآن حڪيم هر روحاني مرض جي دوا آهي

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ لا *(بني اسرائيل:82)*

"۽ اسان قرآن ۾ اهڙيون شيون نازل ڪيون آهن جي ايمان وارن جي حق ۾ شفا ۽ رحمت آهن."

**واقعي ۽ نتيجي جو ظهور**

مڪافات عمل جي طريقہ ڪار ۽ فطرت انساني جي خصوصيت جي باري ۾ هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ هر واقعي ۽ ظهور جو هڪڙو وقت ٿيندو آهي. انهيءَ مقرر وقت کان پهريان نہ تہ ڪوئي واقعو وقوع پذير ٿيندو آهي ۽ نہ ئي ان جو ڪوئي نتيجو نڪرندو آهي. انساني عملن جا سڀ نتيجا وقت مقرر کان پهريان ظاهر ڪو نہ ٿيندا آهن. مثال طور ڪو مريض مثاني ۾



پٿريءَ جي شڪايت ڪري ٿو. اها پٿري مثاني ۾ اوچتو ظاهر ڪو نہ ٿيندي آهي پر ٿيندو ايئن آهي تہ بيماري آهستي آهستي پاڙ هڻندي آهي. مريض کي خبر ان وقت پوندي آهي جڏهن بيماريءَ جون علامتون ظاهر ٿينديون آهن. هڪڙو بيو مثال سمجهو.هڪڙو ماڻهو صبح جو سوير ان ڪري پنڌ ڪري ٿو تہ جيئن ان جي صحت سڌري، ان لاءِ فائدو جلدي ڪو نہ ٿيندو پر آهستي آهستي وقت گذرڻ سان سٺي تبديلي محسوس ٿيندي.

موجوده سائنس ان حقيقت کي سامهون آندو آهي تہ هر سبب پنهنجو نتيجو ۽ هر علت، پنهنجو معلول ضرور پيدا ڪندي آهي، ايتريقدر جو انسان جو ڪوئي ذهني تصور ۽ خيال بہ بي اثر ۽ بي نتيجہ ڪونهي. هيءَ ڳالهہ تہ فوراً نتيجو سامهون ڪو نہ ٿو اچي، انسان کي ان ڌوڪي ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو تہ نتيجو ڪڏهن بہ ظاهر ڪو نہ ٿيندو. حالانڪ ان جو ظهور ايترو يقيني آهي جيترو سج جو اڀرڻ ليڪن جيئن تہ معاشرتي زندگيءَ ۾ متضاد سبب ۽ نتيجا ۽ مختلف علتون هڪٻئي جي اثرن کي منسوخ، معطل يا ڪمزور ڪنديون رهنديون آهن، ان ڪري ٿي ڪن سببن جا نتيجا روپوش رهندا آهن ۽ تيستائين ظاهر ڪو نہ ٿيندا آهن، جيستائين، انهن جي ظهور کي روڪڻ وارا سبب، وچ مان هٽي نہ وڃن. قومن جي اجتماعي زندگيءَ ۾ هڪڙي قوت، بي قوت کي دفع ڪندي رهندي آهي. آخرڪار ان قوت جو مظاهرو ٿيندو آهي، جيڪا مجموعي قوت سان ٽڪرائڻ بعد بچي پوندي آهي. جيڪڏهن ڪو شخص چوي تہ بيون قوتون موجود ئي ڪو نہ هيون تہ اها خطرناڪ غلطي آهي. حقيقت ۾ قوتون تہ موجود هيون انهن مان هر هڪ جو الڳ الڳ اثر هاڻي ڪو نہ رهيو بلڪ مجموعي عمل منظرعام تي اچي ويو. معاشرتي زندگيءَ ۾ ان مجموعي نتيجي جي ظاهر ٿيڻ لاءِ ڪجهہ وقت گهربل ٿيندو آهي، جيستائين نيڪي ۽ بديءَ جو حساب ڪتاب صاف ٿي بيهي. اجتماعي گناهہ بہ وقت مقرر تي انسان جي تباهي سامهون آڻن ٿا. حالات جي جهوليءَ ۾ بربادي پلبي آهي آخرڪار هڪڙي انتها تي پهچي پنهنجي آتشي زبان سان ماحول کي ايئن ساڙي ڇڏيندي آهي جيئن باهہ پنهنجي زبان سان سڪل ڪاٺين کي ساڙي خاڪ ڪندي آهي.

جيڪا قوم قرآن حڪيم تي ايمان آڻي ۽ ان جي چوڻ مطابق عمل ڪو نہ ٿي ڪري تہ اهڙي قوم لاءِ قرآن حڪيم هڪ بت جي حيثيت رکي

Gul Hayat Institute

ٿو. اهڙي زباني ايمان سان قومن ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي صفت پيدا ٿي ڪو نہ سگهندي. توهان اهڙي انسان لاءِ ڪهڙي راءِ قائم ڪندؤ جيڪو بيمار بہ هجي ليڪن دوا استعمال ڪرڻ بدران حڪيم جي لکيل نسخي کي صرف دهرائيندو ۽ چٽيندو رهي. ڇا اهڙو انسان شفا ماڻي سگهندو؟ اڄ اسان جي حالت بہ اها ئي آهي. الله تعاليٰ اسان جي سڀني بيمارين لاءِ قرآن حڪيم جي روپ ۾ ڪامل نسخو ڏنو آهي. ليڪن شيطان اسان کي اهڙو تہ بي حواس ڪري ڇڏيو آهي جو قرآن شريف کي صرف دهرايون ٿا، ان جي تلاوت ڪيئون ٿا باقي ان جي ڏنل هدايتن مطابق عمل ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪو نہ ٿا ٿيئون. جيتوڻيڪ شيطاني عملن جي نتيجن جي عذابن اسان جي حالت "سڪرات واري بيماريءَ جهڙي ڪري ڇڏي آهي."

بيماريءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽر کان دوا جو نسخو ۽ دوا کان سواءِ هڪ ضروري هدايت بہ ملندي آهي يعني پرهيز، تہ انهن شين ۽ عملن کان پاسو ڪجي، جي بيماريءَ کي وڌائڻ جو سبب ٿين ۽ انهن هدايتن تي عمل ڪيو وڃي جي مرض کي ختم ڪن. قدرت، انسان کي صحتمند يعني آسماني صحت جو مالڪ ڏسڻ چاهي ٿي.

پرهيز (تقويٰ) درحقيقت مڪافات عمل جو خوف ئي آهي. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ قرآن حڪيم تي ايمان آڻڻ جو مقصد ئي هي آهي تہ جزا ۽ سزا جي قانون کي تسليم ڪيو وڃي. هر گناهہ خود پنهنجي سزا ۽ ثواب پنهنجي جزا پاڻ آهي. ڪسوٽي عمل آهي.

هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١٤٧

"انسان کي ان جي عمل جو ئي بدلو ڏنو ويندو."

تاريخ جي هر دور ۾ جيڪي قومون دنياوي حيثيت سان ترقي ڪنديون آهن اهي بہ انهي قانون مطابق اڳتي وڌن ٿيون ۽ جيڪي قومون افلاس ۽ غربت ۾ مبتلا ٿي ڪري پستيءَ جي قبرن ۾ ڪرن ٿيون انهن تي بہ دنياوي عذاب، قانون قدرت مطابق نازل ٿيندو آهي. قرآن حڪيم ۾ فردن توڙي قومن جي عروج ۽ زوال جو اهو عمومي ۽ ڪلي قانون بيان ٿيل آهي. جنهن مطابق اجتماعي فلاح ۽ اجتماعي زوال ۽ شڪست جا تاريخي مظاهر رونما ٿيندا آهن. آئين فطرت انسان جي سامهون موجود آهي. جيڪڏهن انسان قدرت جي قانون کي سمجهي پنهنجي اندر نوراني تبديلي ڪو نہ ٿو



آڻي تہ، انهن حقائق جو ڪو بہ نقصان ڪو نہ ٿيندو. نقصان ۾ وري بہ انسان ئي رهندو. حقيقت پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. هر حالت ۾ ابتدا انسان کي ڪرڻي آهي. قدرت جو قانون هي آهي تہ :

ان الله لايغير مابقوم حتى يغيروا ما بانفسهم: (رعد: 11)

"الله تعاليٰ ڪنهن قوم جي حالت تيستائين ڪو نہ ٿو بدلائي جيستائين اها پنهنجي حالت نہ بدلائي."

سڀني تبديلين جي علت خود انسان آهي. اهو جهڙن اسباب جي تخليق ڪندو. جنهن قسم جو معاشرو قائم ڪندو. جنهن قسم جو اقتصادي ۽ سياسي نظام هوندو ان جي مطابق ان جي حالت تبديل ٿيندي. انسان پنهنجي تقدير ٺاهڻ تي خود قادر آهي. هيءَ ممڪنات جي دنيا آهي. ان ۾ تخليق جو نور هر وقت جاري رهندو. الله تعاليٰ انسان کان تخليقي جدتن جي تقاضا ڪري ٿو.

جن قومن جو عقيدو اهو هجي تہ کائو، پيئو ۽ موج ڪريو انهن ۾ قانون مڪافات عمل جو خوف باقي ڪو نہ ٿو رهي. ۽ هُو سمجهن ٿا تہ فلاح و بهبود جو ڪو بہ ظاهري ضابطو يا قانون موجود ڪونهي جهڙيءَ طرح چاهيو زندگي گذاريو. اهي ماڻهو مادي زندگيءَ جي دلچسپين ۾ ايترا تہ رڌل هوندا آهن جو آسماني ڳالهين تي غور و فڪر لاءِ انهن وٽ وقت ئي ڪو نہ هوندو آهي. اهڙي قوم جا فرد کائڻ، پيئڻ، سير ۽ تفريح ۽ ان قسم جي ٻين مادي دلچسپين کان علاوه ڪنهن روحاني يا ذهني مسئلي سان ڪو بہ تعلق ڪو نہ ٿا رکن. جمود جي ڪيفيت هر وقت انهن تي طاري رهندي آهي. اهو صاف ظاهر آهي تہ انسان جي تقليدي روش آبا واجداد جي هجي يا گردو پيش جي يا ترقي يافتہ قومن جي ان ڳالهہ جو صاف ثبوت پيش ڪري ٿي تہ انهن زندگيءَ جي بلند حقيقتن کان غافل ٿي ڪري حيات دنيوي کي ئي پنهنجو مقصد عظيم بنايو آهي.

Gul Hayat Institute

**تقليد پرستي**

عربي زبان ۾ "الاقليد" ڏاچي جي نڪ جي سوراخ کي چوندا آهن، جنهن ۾ رسي وڌي ويندي آهي. ان مان مراد اِها بہ آهي تہ ڪو پٽو جنهن کي پنهنجي ڳلي ۾ وڌو وڃي ۽ رسي ٻئي جي هٿ ۾ ڏني وڃي ۽ پوءِ ان جي پويان

ماڻهو جانورن وانگر هلندو وڃي. تقليد سبب انسان جي حريت ۽ فڪر جو جوهر سڙي خاڪ ٿي وڃي ٿو. قرآن حڪيم قدم قدم تي غور و فڪر جي دعوت ڏئي ٿو ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن ۽ بزرگن جي انڌي تقليد ڪي منڪرين جو شيوو ٻڌائي ٿو. جڏهن بہ ڪنهن پيغمبر خدا جي طرف دعوت ڏني تہ اهو چئي ان جي مخالفت ڪئي وئي تہ تنهنجي اها دعوت ان مسلڪ جي خلاف آهي جيڪو اسان وٽ نسل درنسل ابن ڏاڏن کان هلندو اچي ٿو.

وَكَذٰلِكَ مَآ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِىْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ ﴿٢٣﴾ قٰلَ اَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِاَهْدٰى مِمَّا وَجَدْتُّمْ عَلَيْهِ اٰبَآءَكُمْ ۭ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٢٤﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٥﴾

(الزخرف: 25-23)

”۽ ان طرح جيڪو اسان موڪليو توکان پهريان ڊيڄارڻ وارو ڪنهن بستيءَ ۾، چوڻ لڳا اتان جا دولتمند ماڻهو اسان ڏٺو پنهنجي پيءُ ڏاڏي کي هڪ راهہ تي ۽ اسان انهن جي ئي قدمن تي هلئون ٿا. ان چيو تہ ٻڌايان توهان کي ان کان وڌيڪ سمجهہ جي راهہ، جنهن تي ڏٺو توهان پنهنجي ابي ڏاڏي کي، چوڻ لڳا اسان توکي ڪو نہ ٿا مڃون. پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو.“

تقليد پرستيءَ تي گفتگو ڪندي آمريڪا جو مشهور مفڪر A.N Whitehead پنهنجي ڪتاب The Adventure of Ideas ۾ لکي ٿو:

”تقليد پرستيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو زندگي جامد ٿي وڃي ٿي، فطري صلاحيتون دٻجي وڃن ٿيون ۽ دل کي پستيءَ جي طرف وڃڻ جي عادت پئجي وڃي ٿي...... ياد رکو تہ فلسفہ معاشرت جو بنياد ان حقيقت تي آهي تہ ڪا بہ مڪمل شيءِ جمود جي حالت ۾ مڪمل رهي ڪو نہ ٿي سگهي. اهو اصول، فطرت جي سيني شين جي پاڙن ۾ ڪارفرما آهي. انسان جي سامهون صرف ٻہ رستا آهن: اڳتي وڌو يا پوئتي هٽو. هڪ مقام تي بيهڻ روح ڪائنات سان بغاوت آهي، جيڪو اڳتي ڪو نہ ٿو وڌي، پوءِ سمجهو تہ اهو پوئتي هٽي رهيو آهي. زندگي جي فرسوده پيڪرن کي سيني سان لڳائي رکڻ تنزل آهي. اهڙي زندگي پنهنجا ڏينهن تہ پورا ڪري ٿي ليڪن ڪڏهن بہ ڦل آڻي ڪو نہ



ٿي سگهي...... ان ۾ تهذيب جي نمائش تہ رهجي وڃي ٿي پر ان جي حقيقت باقي ڪين ٿي رهي.“ (صفحو 132)

غور جو مقام آهي تہ تاريخ جو اهو عمل ڇو ٿو واقع ٿئي جو قومون اڀرن ٿيون ۽ ختم ٿي وڃن ٿيون؟ زمين جي ورهاست هڪ گروهہ کان ٻئي گروهہ ڏانهن ڇو منتقل ٿي وڃي ٿي؟ ڇا اهو رڳو ڀاڳ ۽ اتفاق، جاگرافيائي حادثن يا معاشي حالتن سبب ٿيندو آهي؟ يا اها قدرت جي قانونن جي ڪارفرمائي آهي؟ ڇا ان عمل تغير ۽ انقلاب قيادت جو ڪو قانون آهي يا اهو ڪنهن انڌي ۽ نامعلوم علت جو نتيجو آهي؟ قرآن جي نظر ۾ ڪائنات جو ڪو بہ شعبو قانونن کان آجو ڪونهي: ان ڪري ان عروج و زوال جو بہ قانون آهي. فطرت انتخاب ڪندي رهندي آهي، جنهن ۾ بقا جي قوت وڌيڪ ٿيندي آهي. يعني جنهن قوم ۾ زنده رهڻ جون صفتون، ٻئي قوم کان وڌيڪ ٿينديون آهن، ان کي غالب ڪري ڇڏيندي آهي.

خدا تعاليٰ کي ڪنهن قوم، ملت يا مذهب سان ڪا بہ خاص نسبت ڪونهي. اهو نہ تہ ڪنهن قوم کي ان جي ”اعمال حسنہ“ جي اجر کان محروم رکندو آهي ۽ نہ ئي ڪنهن خاص مذهب يا ملت وارن کي خراب عملن جي نقصان کان بچائي ٿو. انسان جهڙا اسباب جمع ڪندو اهڙن ئي نتيجن سان منهن ڏيندو. قرآن حڪيم جو اعلان هي آهي تہ مقرر اسباب هميشہ مقرر نتيجا ڏيندا آهن. جيڪڏهن اسان ڪا مفيد يا با مقصد تبديلي آڻڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي ان جا اسباب فراهم ڪرڻا پوندا. صرف تمنائن ۽ دعائن سان ڪجهہ نہ ٿيندو.

وري غور ڪريو: هڪڙو شخص پنهنجي جذبي ۽ احساس کي، لازمي قانونن جي تابع آڻي ڪري ئي بلندين تي چڙهي سگهي ٿو. ساڳئي طرح قوم بہ بلند ٿي سگهي ٿي. جڏهن انسان جو عقل، انسان کي بلڪل صحيح راهہ تي آڻي ٿو، نيڪ انهيءَ وقت، اسان جا عمل فطرت جي قانونن سان قطعي طور هم آهنگ ٿي وڃن ٿا. شين جي حقيقت اسان جي فعلن سان مطابقت پيدا ڪندي آهي. اهي اصول اسان کي بقا ۽ استحڪام جي طرف وٺي وڃن ٿا. ٻيءَ حالت ۾ تباهي ۽ انتشار يقيني آهي.

Gul Hayat Institute

## وقت زندگي آهي

ترقي يافته معاشرن ۾ هي لفظ اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته Time is money پر قرآن حڪيم جي تعليم اها آهي ته وقت زندگي آهي.

خدا تعاليٰ انسان جي زندگيءَ جي هر پل سان هڪ اهم فرض لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. ان فرض جي ادائيگي ۾ ئي ان جي زندگيءَ جون سڀئي عظمتون پوشيده آهن. جيڪڏهن انسان ان فرض کي سڃاڻڻ يا ادا ڪرڻ کان ڪوتاهي ڪري ٿو ته اهو لمحو برباد ٿي ويو نتيجي ۾ نه صرف اهو لمحو برباد ٿيندو بلڪ اهو ٻين بربادين کي به جنم ڏيندو ان ڪري چيو ويو آهي ته جو دم غافل سو دم ڪافر.

انسان جو هر عمل پنهنجو اثر ضرور ڇڏيندو آهي. وقت برف وانگر رجندو آهي. جيڪڏهن توهان ان برف مان آب حيات جو آسماني شربت نه ٺاهيو ته پوءِ اهو بربادي ڇڏيندو. انسان کي ٻيو ڪجهه به مليل ڪونهي. ڪيس صرف هاڻوڪو وقت مليل آهي. انسان صرف ان تي ئي اختيار رکي ٿو. جيڪڏهن توهان لمحه موجود کي آسماني نور سان مهڪايو يعني خدا (حقيقت ڪل) جي غلامي ڏني، حق جي ٻانهپ ڪئي، سچ سان جڙيل رهيا ته اها توهان جي ابديت آهي. لمحه موجود جو رس چوسي (محدود هوندي) لامحدود سان اتحادي هجڻ ۽ زماني جي هر لمحه ۾ ابدي ٿي وڃڻ اصول حيات آهي. غور ڪريو! جيڪو لمحو گذري ويو اهو هميشه جي لاءِ ويو. گذريل لمحه پوئتي ڪو نه موٽندو آهي ڇو ته اها ان جي فطرت آهي.

جيڪڏهن انسان جو هاڻوڪو وقت آسماني ڪونهي ته انسان پنهنجي غفلت ۽ بربادئ تي هميشه هٿ مهٽيندو رهندو. هن حقيقت کي سمجهو ته جيڪڏهن توهان وٽ حق ڪونهي ته باطل جو هجڻ لازمي آهي. قانون قدرت هي آهي ته حق هوندو ته باطل ڪو نه هوندو. باطل هوندو ته حق ڪو نه هوندو ڇو ته عمل جي دنيا ۾ خلا محال آهي سچ نه ٿا ڳالهايو ته ان جي صاف معنيٰ اها آهي ته ڪوڙ ٿا ڳالهايو. چڱي ڪم جي جزا ۽ بري ڪم جي سزا ملندي رهندي آهي. جزا ۽ سزا جو قانون هر وقت لاڳو آهي. نيڪي، بدي جي ۽ بدي، نيڪيءَ جي اثرن کي متائيندي رهي ٿي.

غور جو مقام آهي: ٿوري وقت لاءِ وقت جي فطرت ۾ ليئو پايو. جيڪڏهن توهان لمحه موجود کي پنهنجي حق ۾ استعمال نه ڪيو ته ان جو مطلب اهو ٿيو



ته اهو لمحو توهان جي خلاف استعمال ٿيو. جيڪڏهن وقت جي هڪ هڪ لمحي جي بدلي ۾ توهان ڪو اجر ڪو نه ڪمايو ته پوءِ صرف اهو ئي خسارو ڪو نه ٿيو ته توهان پنهنجي سرمايه (وقت) مان فائدو ڪو نه ورتو بلڪ ان جو اصلي درد انگيز پهلو هي آهي ته زندگيءَ جو ضايع ٿيل هڪ هڪ پل توهان جي لاءِ وبال ٿيو. اها رائيگان ٿيل زندگي دراصل رائيگان ئي ڪو نه ٿي وڃي، بلڪ انسان تي هڪڙو ابدي گناه ٿي، مسلط ٿي وڃي ٿي. وقت شاهد آهي (جيستائين انسان جي زندگيءَ جي مقصد جو تعلق آهي) ته انسان خساري ۾ آهي يعني انسان زندگي جي مقصد جي قريب نه. بلڪ ان کان پري ٿي رهيو آهي. انسانن جا ڪيل گناه انسان کي (خدا، ڪمال) کان دور ڪري رهيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو انسان فنا ٿيندو آيو آهي. بقا صرف خدا سان اتحاد ۾ آهي. قرآن حڪيم جي شهادت آهي:

وَالْعَصْرِ ۙ ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۙ ﴿۲﴾ (والعصر: 2)

”قسم آهي زماني جو ته انسان بيشڪ خساري ۾ آهي.“

خسارو ان ۾ آهي ته انسان وقت ۽ ان جي استعمال، ٻنهي جي قيمتن ۾ پيٽ ڪو نه ٿو ڪري. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو هو ڪنڌڻ سان جهولي پري ٿو ۽ گلن کي ڇڏي ڏئي ٿو. انسان هر وقت خسارو ڪندو رهي ٿو. سواءِ نيڪ ڪم ڪندڙن ۽ حق تي هلڻ وارن صابرين جي.

وَالْعَصْرِ ۙ ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۙ ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۧ ﴿۳﴾ (سورت العصر: 3-1)

”زمانو ياد آهي ته انسان وڏي نقصان ۾ رهيو آهي پر اهي ماڻهو انهيءَ نقصان کان بچي ويا جن ايمان آندو، صالح عمل ڪيا، هڪ ٻئي کي حق جي راه تي هلڻ لاءِ تلقين ڪئي ۽ ان راه ۾ ايندڙ سڀني مصيبتن کي صبر ۽ استقلال سان سَٺو.“

زندگيءَ جو هڪڙو نالو قانون به آهي. جيڪڏهن ڪنهن انسان وٽ هڪ ماني هجي، پاڻ بکيو هجي، ان جي ٻارن کي فاقو هجي، ظاهر آهي ته اهڙيءَ حالت ۾ پنهنجي ٻارن جي ماني ڪتن کي ڏيڻ جي غلطي نه ڪندو. جيڪڏهن ڪنهن مسافر کي ريگستان پار ڪرڻو هجي ۽ ان وٽ پاڻيءَ جي هڪڙي پکال هجي ته هو پاڻيءَ سان پيرن کي ڪو نه ڌوئيندو بلڪ پاڻيءَ جو هڪڙو

Gul Hayat Institute

هڪڙو قطرو، پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ محفوظ رکندو. افسوس آهي جو انسان، انهن شين کي استعمال ڪرڻ ته ڄاڻي ٿو پر جڏهن ان جي سامهون خود پنهنجي زندگيءَ جي بي بها شي (وقت) جي استعمال جو سوال ٿو اچي ته پوءِ اهو بلڪل ئي نادان ٿي وڃي ٿو.

زندگي، جيئڻ لاءِ، صرف هڪ دفعو ملندي آهي. ان ڪري پنهنجي زندگيءَ جي بدلي ۾ يا ته ابدي ڪاميابي حاصل ڪري سگهئون ٿا يا ابدي بربادي. ياد رکو ته ابدي ڪاميابي صرف خواهشن سان ڪو نه ملندي. ان لاءِ انسان کي قدم قدم تي رڪاوٽن جا ميدان لتاڙڻا پوندا. واضح حقيقت جي باوجود، دنيا ۾ اڪثريت، انهن ئي ماڻهن جي آهي جيڪي پنهنجون زندگيون نهايت حقير مقصد لاءِ گذاري رهيا آهن، بلڪ ضايع ڪري رهيا آهن. انهن جاهلن کي هن زندگيءَ جي قدر و قيمت جي ڪا به خبر ڪونهي، حالانڪ اها ئي وڏي ۾ وڏي نعمت آهي، جيڪا انهن جي حصي ۾ آئي آهي.

هيءَ زندگي جيتوڻيڪ عارضي ۽ فاني آهي پر اها هڪ ابدي ۽ لازوال جواني واري زندگيءَ جي قيمت ٿي سگهي ٿي؛ شرط اهو آهي ته انسان ان کي حقير مشغلن ۾ ضايع ڪرڻ بدران، ان کي تعميري ڪمن ۾ خرچ ڪري، جنهن تي ان کي صرف ٿيڻ گهرجي.

اعليٰ جي مقابلي ۾ ادنيٰ کي ترجيح ڏيڻ جو هڪڙو سبب اهو به آهي ته دنيا ۾ ادنيٰ پرستن جي ڪثرت آهي. ماڻهو انهن راهن تي هلڻ پسند ڪندا آهن، ۽ پاڻ کي سلامت سمجهندا آهن، جي قافلن سان پريل هجن. قرآن حڪيم جي هن شهادت تي غور ڪريو:

قُلْ لَّا يَسْتَوِى الْخَبِيْثُ وَالطَّيِّبُ وَلَوْ اَعْجَبَكَ كَثْرَةُ الْخَبِيْثِ ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِى الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ (المائده: 100)

”چئون ته ان جي ميزان ۾ خبيث ۽ طيب برابر ٿي ڪو نه ٿا سگهن جيتوڻيڪ خبيث جي ڪثرت توکي ڪيترو به ڇو نه ڪشش ڪري، الله کان ڊڄندا رهو اي عقل وارو.“

ٻئي هنڌ اچي ٿو:

وَاِنْ تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِى الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿۱۱۶﴾ (الانعام: 116)

”۽ جيڪي ماڻهو زمين تي آباد آهن انهن مان اڪثر جو



چوڻ مڃڻ لڳئُ ته اهي توهان کي الله جي راهه کان ڀٽڪائي ڇڏيندا. اهي ته بس اٽڪل جي ئي پيروي ڪن ٿا ۽ محض گمان ۾ پيل هوندا آهن.“

انسانن جا عمل ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا نوري ٻيا ناري، هڪڙا روحاني ۽ ٻيا نفساني. روحاني عمل با مقصد ٿيندا آهن. يعني زندگيءَ جي مقصد سان مطابقت رکندا آهن، نور کي آڻيندا آهن. انهن جي مقابلي ۾ نفساني عمل، انسان کي زندگيءَ جي مقصد کان پري ڪندا آهن ۽ نتيجي ۾ انسان جي فنا جو بندوبست ڪندا رهندا آهن. ان طرح هر وقت نوراني (ملڪوتي) ۽ آتشي (نفساني) قوتن جي ڪشمڪش ٿيندي رهي ٿي. ملڪوتي قوتن مان مراد محبت، شرافت، نيڪي، سچائي، امن ۽ اطاعت حق آهي، جڏهن آتشي قوتن جو اظهار شر، خباثت، بدي حق سان بغاوت آهي. انهن ٻنهي قوتن مان جيڪا قوت غالب ايندي آهي، انساني ذهن ان طرف مائل ٿي وڃي ٿو. حق جي مڪمل غلبي تائين اها ڪشمڪش جاري رهندي، ڇو ته ”غالب اچڻ“ حق (سچ، خدا) جي فطرت آهي.

خدا (نور) هر دور ۾ پيغمبرن جي ذريعي حق جو ڪامل اظهار ڪيو آهي. آسمان هر دور ۾ انسان کي بلند ڏسڻ چاهيو ليڪن نفس هر دور ۾ انسان کي پستين ڏانهن پوري قوت سان ڇڪيندو رهيو:

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۱۷۶﴾ (الاعراف: 176)

”اسان چاهيون پيا ته پنهنجي قانون مشيت جي مطابق ان (انسان) کي بلندي عطا ڪيون ليڪن هو پستي سان چهٽي پيو. ۽ نفساني حرمن جي پيروي ڪيائين. پوءِ ان جو مثال ڪتي وانگر ٿيو. جنهن تي جيڪڏهن ڪاهه ڪبو ته به زبان ڪڍي سهڪي ۽ جي ڇڏي ڏيوس ته به پيو سهڪندو. اهڙو ئي مثال انهن قومن جو آهي، جن اسان جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرايو. تنهن ڪري هي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌاءِ ته ڪو غور ۽ فڪر ڪن.“

تاريخ روح ۽ نفس جي ڪشمڪش جو داستان آهي. تاريخ انهن عملن جو رڪارڊ آهي جنهن ۾ نفس، روح تي حملا ڪري، انسان جي

Gul Hayat Institute

پنهنجي هٿن سان ئي انسان جي فنا ۽ بربادي جو سامان تيار ڪيو. خدا تعاليٰ جا پيغمبر هر دور ۾ حق جي پيغام (اسلام) سان ايندا رهيا ته جيئن اهي انسان ذات کي نفس جي تباهڪارين کان بچائن. پرانهن جي آسماني آواز تي عوام جي اڪثريت ڪو به ڌيان ڪو نه ڏنو. قومن کي فنا کان بچڻ لاءِ روح (خدا) نوراني عملن جي تقاضا ڪئي ليڪن نفس جو وار هميشه ڪامياب رهيو. نور محمدي شروع کان ئي، نفس سان وڙهندي، انسانذات جي رهبري ڪندو رهيو ليڪن انسان هر دور ۾ نفساني خواهشن جي ظلمت مان اٽيل ڪفن پائي گهري ننڊ ۾ ستو رهيو. اسلام جي نظر ۾ زندگي هڪ وحدت آهي، ان ڪري رسول عربي ﷺ کان پهريان جيترا به حق پرست ٿي گذريا آهن انهن سيني جي حقانيت کي تسليم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. قرآن حڪيم جي عمارت سچ جي بنياد تي آهي.

جي نه سڄاڻن سچ ڪي ويهه م تنين وٽ،
املهه ڪي اڏ ڪري، پاڻان هڻندا پٽ،
مهر تنين وٽ، مٽ جي پارڪو پارس جا.

*

توبهه ڪريو سچن جو ساٿ ڏيو

توبهه ۾ غفلت ڪرڻ درست ناهي ڇو ته غفلت ۽ نفس جي خواهش هڪ هلاڪ ڪرڻ واري بيماري آهي. خدا جي قربت ۽ مرتبن جا درجا حساب کان ٻاهر آهن. مٿانهين مقام تائين پهچڻ لاءِ توبهه جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته هر مقام ۽ مرتبو مٿئين مقام ۽ مرتبي جي لحاظ کان گهٽ ۽ ناقص آهي. ناقص مان ٻاهر نڪرڻ ۽ بلندي جي ڪامل درجي تائين پهچڻ، دنيا جي هر شخص تي لازمي آهي. ان لاءِ ضروري آهي هر شخص کي خدا (حقيقت ڪل) ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ غفلت مان نڪري خدا جي ذڪر طرف اچڻ گهرجي.

ڪامل معرفت جي جستجو ڪرڻ وارن عارفن جي توبهه ان مقام کان شروع ٿئي ٿي، جتي هو پهتل آهن. ان عقل جي نور جو نالو ئي توبهه آهي، جيڪو جنگ جي حالت ۾ شيطاني ۽ حيواني عادتن جي لشڪر جي



سامهون، مقابلي لاءِ اچي ٿو ۽ انسان کي آسماني حقيقت جي تابعدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جنهن سان نجات ۽ ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي. انسان ڪهڙي به حال ۽ ڪهڙي به رتبي تي هجي پوءِ به توبهه ضروري آهي. انسان جي عضون مان ڪوئي عضوو گناهه ۾ قاتل هجي يا دل مان ڪو گناهه صادر ٿئي ته توبهه درڪار ٿيندي آهي. سيد جو هي بيت پڙهو. پاڻ فرمائن ٿا:

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وکر وڌائون،
موتي معرفت جا سچا سو ڏيائون،
النائب من الذنب، اي ڪٽ ڪتيائون،
انين جي آئون، برڪت ٻار لنگهائيان.

تابُ عنه جي معنيٰ آهي ان پنهنجي غلطيءَ جي احساس ڪري غلط روش کي ڇڏي ڏنو ۽ صحيح رستي جي طرف موٽي آيو. غلطيءَ جو احساس ۽ احساس بعد غلط روش کان پرهيز ۽ پوءِ صحيح روش جو اختيار ڪرڻ، اهي ٽيئي مرحلا توبه جي اندر شامل آهن. ائين ڪرڻ واري کي تائبُ چوندا آهن. يعني صالح عملن ۾ اها صلاحيت ٿيندي آهي ته اهي غلط عملن جي نقصان ڏيندڙ نتيجن جو ازالو ڪري ڇڏين. الذنبُ مان مراد هر اهو ڪم آهي جنهن جو انجام برو هجي.

سيو ئو جن سبحان، وير نه وڙهي تن سين،
توبهه جي تاثير سين، تري وئا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو آرُ لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو.

”جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي سؤ رڍون هجن ۽ انهن مان هڪڙي ڀٽڪي وڃي ته ڇا هو نوانوي کي ڇڏي ڪري ۽ ٻهاڙن تي وڃي ڪري ان ڀٽڪيل رڍ کي نه ڳولهيندو ۽ جيڪڏهن ڪيس اُها لڀي پوي ته مان توهان کي سچ چوان ٿو ته اهو انهن نوانوي رڍن جي ڀيٽ ۾ ان رڍ جي گهڻي خوشي ڪندو. اهڙيءَ طرح توهان جو آسماني پيءُ اهو نه ٿو چاهي ته هنن ننڍن مان

Gul Hayat Institute

هڪڙو بہ هلاڪ ٿئي." (متي 18: 12_14)

*

"يا ڪهڙي اهڙي عورت آهي جنهن وٽ ڏهہ درهم هجن ۽ هڪڙو وڃائجي وڃيس تہ اها ڏيئو ٻاري ڪري گهر ۾ ٻهاري نہ ڏي ۽ جيستائين ڪيس اهو ملي نہ وڃي ڪوشش سان ڳولهيندي نہ رهي؟ ۽ جڏهن ملي وڃيس تہ پنهنجي دوستن ۽ پاڙي وارن کي سڏي ڪري نہ چوي تہ مون سان گڏجي خوشي ڪريو ڇو تہ منهنجو وڃايل درهم ملي ويو. مان توهان کي سچ ٿو چوان تہ ان طرح هڪ جي توبهہ ڪرڻ سبب خدا جي فرشتن کي بہ خوشي ٿيندي آهي." (لوقا 15 _8 _10)

توبهہ ڪرڻ دنيا جي هر شخص تي واجب آهي. ڇو تہ گناهہ قاتل زهر ۽ برباد ڪرڻ وارو آهي. توبهہ جو پڪو ارادو هجڻ گهرجي ۽ ان سان گڏ جيترو ٿي سگهي تہ گذريل قصور ۽ ڪوتاهين جو تدارڪ ڪري. ان لاءِ ابتدا ئي طور انسان کي عبادتن ۽ ڏکويل انسان ذات جي خدمت ۾ مصروف رهڻ گهجي جيئن سندس دل تي معرفت جي نور جو شعاع پوي. غرور ۽ تڪبر جي قلعي کي فتح ڪرڻ آسان آهي مگر ان ۾ ويهي ڪري نور جي حڪمراني هلائڻ مشڪل آهي. خدا تعاليٰ جي عطا ڪيل روشنيءَ کان سواءِ ان قلعي ۾ علم الاهي کان محروم ماڻهو قدم ڄمائي ڪو نہ ٿا سگهن. هر وقت خدا تعاليٰ (ڪامل سچائي) جي ذڪر سان دل کي روشن ڪرڻ گهرجي نہ تہ زندگي ضايع ٿي ويندي. سيد لطيف چوي ٿو:

وحده لاشريڪ لہ، چئي چوندو آءُ،
فرض، واجب، سنتون، تينو ترڪ م پاءُ،
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ سان پڄاءِ،
نانگا پنهنجي نفس کي ڪا نئين راه سونهاءِ،
تاسندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.

*

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وکر وڌائون،
موتي معرفت جا سچا سو ڏيائون،



التائب من الذنب، اي ڪٿ ڪٿيائون،
انين جي آئون، برڪت بار لنگهائيان.

*

سيوئوجن سبحان، وير نہ وڙهي تن سين،
توبهہ جي تاثير سين، تري وئا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو، آرُ لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتي بان، وچ ۾ گڏين واهرو.

انسان ڪنهن جرم جي ڪرڻ سان، ابدي طور تي، زندگيءَ جي خوشگوارين کان محروم ٿي ڪو نہ ٿو سگهي. انسان جڏهن بہ خدا تعاليٰ جي قانون کي اختيار ڪندو تہ ان قانون جا خوشگوار نتيجا ان ڏانهن ايئن ڊوڙ پائي ايندا جيئن ورهين جو وڇڙيل عاشق، محبوب ڏانهن وڌندو آهي. هر شخص لاءِ باز آفرينيءَ جو امڪان موجود آهي.

جڏهن انسان غير خدائي قانونن کي ڇڏي ڪري، خدائي قانون طرف رجوع ڪري ٿو تہ اهو قانون پنهنجون سڀ رحمتون ڪٺي انسان کي مقصد ڏانهن وڌائي ٿو. قدرت جو قانون هي آهي تہ:

اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ۭ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ﴿١١٤﴾ (هود: 114)

"ياد رکو نيڪيون برائين کي ڪٽي وجن ٿيون."

يعني اعمال حسنہ (قرآني عمل) ۾ اها صلاحيت، قدرتي طور موجود آهي، جو ان سان غلط عملن جي نقصان ڏيندڙ نتيجن جو ازالو ٿي وڃي ٿو. روحاني آلودگي جي صفائي ڪرڻ ۽ گندگيءَ ڏانهن وري نہ وڃڻ، اها آهي توبهہ. عربي زبان ۾ تابَ، توباً، توبةً جي معنيٰ آهي واپس اچڻ. مثال طور توهان ڪنهن شاهراهہ تي سفر ڪري رهيا آهيو. رستي ۾ هڪ چوڏڳي اچي ٿي. توهان اتي غلطيءَ سان رستو ڀلجي ٻئي طرف هليا ويا. ٿورا قدم اڳتي هلڻ کان پوءِ توهان محسوس ڪيو تہ توهان غلط طرف هلي رهيا آهيو ۽ صحيح رستو اهو ڪونهي. هاڻي توهانکي، صحيح رستي طرف وڃڻ لاءِ ان هنڌ تائين موٽي اچڻو پوندو جتان توهان جو قدم غلط رخ طرف وڌيو هو. ان واپسيءَ کي توبهہ چوندا آهن. ظاهر آهي تہ ان لاءِ توهان کي هلي ڪري

اتي پهچڻو آهي. جتان پليا آهيو. جيڪڏهن اتي بيهندي بيهندي، توهان سڄي عمر بہ ”رستي پلجڻ“ جو افسوس ڪندا رهندؤ تہ اها توبهہ نہ ٿيندي.

توبهہ ڪرڻ هڪڙو عملي ڪم آهي، جنهن سان غلط ڪمن جي اثرن کي صاف ڪيو وڃي ٿو. ان جي خراب اثرن جي تلافي ڪئي ويندي آهي. توهان پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڪري غلط روش کي ڇڏي ڏنو ۽ راهہ حق طرف موٽي آيا. غلطيءَ جو احساس، احساس کان بعد غلط روش کان پرهيز ۽ پوءِ صحيح روش جو اختيار ڪرڻ، اهي ٽيئي مرحلا توبهہ جي اندر شامل آهن.

جيڪڏهن هڪڙو شخص ڪنهن اهڙي خوفناڪ جهنگل ۾ وڃي ڦاسي، جتي پاڻي ۽ گاهہ نہ هجي، ۽ ان شخص جو اهو گهوڙو، جنهن تي هو سواري ڪري ٿو (ان گهوڙي تي سندس کاڌي پيتي جو سامان رکيل آهي) گم ٿي وڃي ۽ هو پنهنجي گهوڙي کي ڳولهيندي ٿڪجي پوي، ٿڪاوٽ ۽ نا اميديءَ سبب ڪنهن وڻ هيٺان سمهي پوي ٿو ۽ ان دوران ان جي اک لڳي وڃي ٿي. پوءِ اوچتو سندس اک کلي ٿي ۽ ڏسي ٿو تہ ان جو وڃايل گهوڙو سامان ۽ پاڻي، ان جي سامهون بيٺو آهي. اهڙي حالت ۾ جيڪا خوشي ان کي حاصل ٿيندي سان گڏ، ان کان بہ وڌيڪ خدا تعاليٰ کي ان وقت خوشي ٿيندي آهي، جڏهن بندو خدا جي طرف رجوع ڪري ٿو. توبهہ ڪرڻ کان اڳ انسان مرده آهي. توبهہ کان پوءِ هو زنده ٿي پوي ٿو. انجيل پاڪ آسماني ڪتاب آهي. ان ۾ ڏنل هن مظهر تي غور ڪريو:

”اي منهنجا پيءُ! مان آسمان ۽ پنهنجي نظر ۾ گنهگار ٿيس. هاڻي ان جي لائق ڪو نہ رهيو آهيان جو وري تنهنجو پٽ سڏايان. پيءُ پنهنجي نوڪرن کي چيو سڀ کان سٺو وڳو جلدي ڪڍي اچي هن کي پارايو. ان جي هٿ ۾ منڊي ۽ پيرن ۾ جتي پارايوس ۽ پليل وهڙي کي ذبح ڪيو تہ جيئن اسان خوشي ملهايون ڇو تہ منهنجو پٽ مرده هئو هاڻي زنده ٿيو آهي. وڃائجي ويو هو، هاڻي مليو آهي“ *(لوقا 15: 11_24)*

قومن جي عروج ۽ زوال ۾ ”قانون مڪافات عمل“ جو وڏو حصو رهيو آهي. زندگيءَ کي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ ان قانون کان وڏ ۾ وڏ مدد ملي سگهي ٿي.

جيڪڏهن توهان ڪڻڪ جو داڻو زمين ۾ دفن ڪيو تہ توهان کي



ڪڏهن بہ اهو خدشو ڪو نہ ٿيندو تہ متان ڪڻڪ جي بدران ڪپهہ جو ٻوٽو ڦٽي نڪري. ڇاڪاڻ تہ اهو فطرت جو قانون آهي. ياد رکو تہ سٺي عمل جو نتيجو سٺو ۽ بري عمل جو نتيجو بروئي نڪرندو. اها آهي تقدير.

انسان جڏهن گناهہ ڪندو آهي تہ ان جا ٽي درجا ٿيندا آهن: آغاز، انجام ۽ انتها. جيڪڏهن گناهہ جو آغاز آهي تہ پوءِ باز اچڻ ڪافي آهي. جيڪڏهن گناهہ شروع ٿي چڪو آهي تہ پوءِ باز اچڻ سان گڏ اصلاح ۽ ان جي تلافي ڪرڻ بہ ضروري آهي. جيڪڏهن انتهائي حد کي عبور ڪري چڪو آهي تہ پوءِ نتيجن جي انتظار کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو ڪونهي.

قرآن حڪيم جو قانون هي آهي تہ هر غلطيءَ لاءِ درستگي، هر نقصان لاءِ ان جي تلافي ۽ هر لرزش کي سنڀالڻ لاءِ قدرت جي طرف کان وڏ ۾ وڏ فرصت ملندي آهي. اصلاح جي مهلت گهٽي وقت تي مشتمل ٿيندي آهي، ان جو دروازو جلدي بند ڪو نہ ٿو ٿئي. مطلب تہ توبهہ ڪرڻ جو مطلب آهي...... ”زندگيءَ جي مقصد جي نئين سر تعمير ڪرڻ“

الله تعاليٰ آدم کي جنهن جنت ۾ رکيو هو تنهن مان ”گناهہ ڪرڻ“ ڪري ڪڍيو ويو، ليڪن الله تعاليٰ انسان کي هڪ اهڙو ذريعو بہ ڏنو هو جنهن جي وسيلي اهو پنهنجي ٻهرين حالت ”مقام احسن تقويم“ ڏانهن موٽي سگهي: يعني ”توبهہ جو سهارو“. ليڪن اڄوڪو انسان گناهہ کي ”جدت پسندي“ ۽ ”فئشن“ جو نالو ڏيئي اُن کان باز اچڻ لاءِ تيار نہ آهي. انسان پنهنجي اصل حالت (ڪمال) ڏانهن ان وقت موٽي سگهندو جڏهن هو گناهہ جو ساٿ ڇڏي ڏي يعني هو سچي توبهہ ڪري.

فَتَلَقّٰٓى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ (البقرہ: 37)

”پوءِ آدم پنهنجي پروردگار کان ڪجهہ ڪلمات سکيا. پوءِ الله تعاليٰ ان جي توبهہ قبول ڪئي. اهو تہ آهي ئي وڏو توبهہ قبول ڪرڻ وارو.“

وحده لاشريڪ لہ، چئي چوندو آءُ،
فرض، واجب، سنتون، تينو ترڪ م پاءِ،
توبهہ سندي تسبيح، پڙهڻ سان پڇاءِ،
نانگا پنهنجي نفس کي، ڪا نئين راهہ سونهاءِ،

Gul Hayat Institute

تاسندي دوزخ باهہ، تہ واوڏيائي نہ اچي.

Gul Hayat Institute